[ناول]

اوت جي اندر

فيودور دوستوئيفسکي

سنڌيڪار

اصغر انور

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

اندر جي اوت

Fyodor Dostoevsky (1821-1881)

فيودور دوستوئيفسڪي

سنڌيڪار

اصغر انور

ساحل پبليڪيشن - حيدرآباد

2021ع

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو:	اندر جي اوت
ليکڪ:	فيودور دوستوئيفسڪي
سنڌيڪار:	اصغر انور
موضوع:	ناول
ڇاپو پهريون:	جنوري 2021ع
ٽائٽل ڊزائين:	مور ساگر
ڪمپوزنگ:	جاويد حسين وڏو ۽ اشرف سولنگي
ڇاپائيندڙ:	ساحل پبليڪيشن حيدرآباد
ڇپيندڙ:	ساحل پرنٽرز حيدرآباد 03332634650
قيمت:	300/- روپيا

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ارپٽو

پنهنجيءَ ماءُ جي ڏالي
جنهن جيون ڏيئي هِن دُنيا ۾،
پيارءِ پاڻوهه منجهان،
پنهنجو نور نچوڙي،
جيئڻ جوگس ڏيکاريو،

اُنهن يارن جي نانءُ،
جن جو هُجڻ،
منهنجي جيئڻ جو ڪارڻ،
بڻيو.

فهرست

* اداري پاران — مور ساگر — 06
* پيش لفظ — ساقي راجپوت — 07
* جنهن دِل پيتا عشق دا جام — منگل سنگهہ جي همتاڻي — 14
* سنڌيڪار پاران — اصغر انور — 16

پاڳو پهرين

اُبــڙڪــا — 19

پاڳو ٻيو

پــنــل بــرف — 93

اداري پاران

اندر جي اوت، نالي مان ئي هِن ناول بابت پنهنجي راءِ جوڙي سگهجي ٿي ته ناوَل جي اندر ڇا هوندو. فيودور دوستوئيفسڪي جي لِکيل ناوَل جو اصغر انور پنهنجي پوليءَ، سنڌي پوليءَ ۾ ترجمو ڪري پڙهندڙن، جي علم کي سمند سمجهن ٿا، تن جي اُڇ اُجهائي آهي.

اندر جي اوت ناول کي ٻن ياڳُن ۾ ورهايو ويو آهي، پهريون ياگو آهي "اُبڙڪا"، اُبڙڪا ۾ ناول جي ڪِردار پنهنجي اندر جيڪي رنگ ڍنگ، پيڙائون ۽ ڪَرب هئا، تن کي اُبڙڪا ڏئي ٻاهر ڪڍيو آهي. جڏهن ته هِن ناول جو ٻيو ياگو "ڀنل برف" جي نالي سان آهي. ڪڏهن ڪڏهن جبل جهڙا وجود ۽ برف ٿي ڳري پوندا آهن، ايئن ئي هِن ياگي ۾ ناول جي ڪِردار ڪِرندڙ برف وانگر نرم ۽ ٻاف جيئان هلڪيون گرم ڳالهيون ڪيون آهن ۽ زندگيءَ جي لاهن چاڙهن، حادثن ۽ واقعن کي جيئن جو تيئن بيان ڪيو آهي.

اصغر انور کي هِن قميتي ادب جي خزاني کي ڪٽي پنهنجي پياري سنڌي پوليءَ ۾ آڻڻ تي جس ٿو ڏيان ۽ ساڳي اُميد پڙهندڙن مان ۽ رکان ٿو ته ادب کيتر جي هيءَ انمول سوکڙي پنهنجي لائبريري ۾ ضرور سجائي رکندا. ۽ پڙهڻ کانپوءِ پنهنجي راءِ جو اظهار پڻ ڪندا.

اوهان جو پنهنجو

مور ساگر

03332634650

پيش لفظ

ڪنهن کي فرصت ته مون سان بحث ڪري
ءِ ثابت ڪري ته منهنجو وجود
زندگي لاءِ ضروري آهي.
(جون ايليا)

وجودي واجبيت بابت سوال هر سوچيندڙ ذهن کي چهنبڙيون هڻندا آهن. هو پڇڻ لڳندو آهي ته هو ڪير آهي؟ چو آهي؟ هن جي هڻڻ جو ڪو مقصد، ڪا معني؟ هن جي هجڻ سان ڪجهه ٿيڻ ممڪن آهي؟ نه هجڻ سان؟

ڪيئي سوال هن جي ذهن ۾ ڦٽڻ شروع ٿيندا آهن. هر سوال نيون ڳجهارتون پيدا ڪندو آهي. هو محسوس ڪندو آهي ته سمجهه جا سڀ ڪُرءِ هنر انهن ڳجهارتن اڳيان بي وس ءِ بيڪار ٿي وڃن ٿا. هن کي لڳندو آهي ته سمجهه انهن حالتن جو فقط ادراڪ ڪري سگهي ٿي، حل نه ٿي ڪڍي سگهي. هو سوچيندو آهي ته ڳالهه سمجهه جي وس ۾ ناهي ته پوءِ ڪنهن جي وس ۾ آهي؟

خود کي حالتن مطابق هيرائڻ، هنر جي هڪ انڪل ته ٿي سگهي ٿي پر اهي انڪلون پڻ وقت سر پنهنجي خالي وجود تان لبادو لاهي بيهي رهنديون آهن. انهي حالت ۾ همت جو هجڻ، خود سوال ٿي پوندو آهي. جون ايليا جي ڳالهه ته "هر وقت

خودڪشي ڪي سهولت پي جبر هي" انهي همت جي هڪ شڪل آهي پر اها همت خود بي معني آهي. اهڙي همت جي لاءِ ڪوشش ئي چو ڪجي جيڪا معمي کي سَلڻ بجاءِ تهائين منجهائي چڏي هيراکي انهي همت جو ضد ممڪن ٿي سگهي ٿي پر اهي ٻيئي ضد هڪ ئي مقصد جو پورائو ڪندي نظر اچن ٿا اهڙن ضدن جي هئڻ تي ضرب لڳائڻ گهرجي.

ماڻهو منجهي ٿو ته پلي منجهي، پر اهڙي منجهڻ کي چا ڪجي، جنهن جي هر سري مان ڪيئي سرا نڪرن ۽ هر نڪرندڙ سرو نون سرن لاءِ ٻج ڦٻت ٿئي؟ جيڪڏهن ائين ئي منجهندو هلڻ ۽ ايندڙ سرن جي ست کي سلجهائيندو هلڻ ئي حياتي جو واحد مقصد آهي ته پوءِ اهڙي سِسيفس واري حياتي جي انجام جو انتظار چو ڪجي؟ ويهي رهڻ، هار مڃڻ آهي ته پوءِ پلا ڪاهيندو هلڻ خود کي دوکو ڏيڻ ناهي چا؟ اهڙي جنگ وڙهڻ جو ڪو فائدو جنهن جو نه ڪو انت هجي ۽ نه ئي جنهن ۾ هار يا جيت جو انديشو؟ اهڙي جنگ پلا شروع ئي چو ڪجي؟

زندگي جي راند "بازيچهء اطفال" آهي ته پوءِ هيترو سارو شور چو؟ اهڙي راند ۾ نه کيڏڻ واري لاءِ ڪا گنجائش چو ناهي؟ ائين چو آهي ته جيڪو نه ٿو کيڏڻ چاهي انهي لاءِ ڪو قانون ۽ قائدو جوڙيو ئي ناهي ويو؟ اها راند به ڪيتري نه عجيب آهي، جنهن کي کيڏڻ ۾ ڪو چَس ته بعد جي ڳالهه، کيڏندڙ جي مرضي به شامل ناهي.

هي هيڏو سارو جهان ۽ انهي جهان اندر هي هيتريون ساريون حرفتون ۽ انهن حرفتن لاءِ هي سڀ جفاڪشيون صرف انهي ڪري جو ساهه ڪٽڻ واجب آهي ۽ جيڪو واجب آهي اهو اٽل آهي؟ اهڙي اٽلتا کي ڪمال هنر سمجهڻ ۽ انهي هنر جي ساراهه جا ڏُڪ پرڻ ۽ ڏُڪ پريندي اهو چوڻ ته "خوش نصيب آ اهو، جنهن کي انهي اٽلتا اڳيان اچڻ جو ۽ نِمڻ جو موقعو مليو" مزاح ۽

الميي جو ڪيترو نہ بچڻو امتزاج آهي!
نتيجي ۾ محسوس ٿيندو آهي تہ بريخت جي مايوسي سين جي مايوسي آهي ۽ اها مايوسي ئي اها واحد حقيقت آهي جيڪا رهڻي آهي ۽ جيڪا رهي ٿي پيئي:

"مان قبول ڪيان ٿو،
تہ مون کي ڪا بہ اميد ناهي،
مسئلن جي حل جي ڳالھ ڪي،
مان بيجا سمجهان ٿو،
جڏهن اسان جي آخري ساڻي طور،
سڀ غلطيون پوريون ٿي ويون آهن،
تڏهن،
بي مقصديت اسان جي روبرو موجود آهي."

***

دوستوفسڪي جو هي ناول 1864ع ۾ ڇپيو. هن ناول جي ڪري ڪجهہ مفڪر هن کي وجوديت جو بنياد رکندڙ سمجهن ٿا پر وجوديت جي بن وڏن نقادن والٽر ڪافمئن ۽ وليم بئريٽ جو خيال آهي تہ انهي فڪر جا بنياد وجهندڙ سورين ڪيرڪيگارڊ آهي.

وجوديت ڪو فلسفو ناهي پر وقت جي مروج مذهبي، سياسي، سائنسي، ادبي ۽ فلسفياڻن خيالن خلاف بغاوت ڪندڙ هڪ فڪر آهي. انهي جي اڄ ڏينهن تائين ڪا وصف طئہ نہ ٿي سگهي آهي. جنهن جو سبب شايد هي هجي تہ ان فڪر سان وابسطہ سيئي شخص ڪنهن هڪ ڳالھ تي متفق نظر نہ ٿا اچن. مثال طور سورين ڪيرڪيگارڊ مسيحيت ۾ ايمان رکندو هو ۽ هن جا وجوديت بابت خيال پڻ هن جي ايمان مطابق آهن، جڏهن تہ فريدرڪ نيٽشي ملحد هو ۽ هن جي فڪر ۾ مذهب کي ڪا جگهہ مليل ناهي. البرٽ ڪامو خود کي مذهبي ملحد

سڏرائيندو هو ۽ هن جو همعصر ۽ پنهنجي فڪر کي "وجوديت" جو نالو ڏيندڙ پهريون شخص پال سارتر سياست کي اهم سمجهندو هو. انهن اختلافن سبب مٿي ذڪر ڪيل سڀني فردن کي ڪنهن هڪ فڪر جي چٽ هيٺ ويهارڻ پڻ ڏکيو آهي. پر چاڪاڻ ته هي سڀ پنهنجي مختلف طرفن ۾ سفر ڪندڙ خيالن کي انفراديت جي گهوڙي تي چاڙهين ٿا انهي ڪري مٿي ذڪر ڪيل ۽ ڪجهه ٻيا نقاد انهن مفڪرن لاءِ وجوديت پسند جو اصطلاح استعمال ڪن ٿا.

فرد جي ذات کي مصيبتن جو شڪار قرار ڏيندڙ هن فڪر کي سمجهڻ لاءِ انهي جي اُسرڻ پٽيان موجود سببن کي سمجهڻ انتهائي ضروري آهي. هن فڪر جو جنم اوڻهين صدي ۾ تڏهن ٿيو، جڏهن دنيا هڪ نئين ۽ نه سمجهه ۾ ايندڙ انقلاب کي منهن ڏيئي رهي هئي،ماڻهو پراڻي جاگيرداراڻي دور مان آزاد ٿي، ڪوٺن جي گهٽيل ۽ غلاماڻي ماحول مان نڪري، نئين صنعتي دور جي شهرن ۾ اچي رهيو هو. پراڻي دور ۾، ڪيس سندس ذات سان وابستہ فيصلا ڪرڻ جي ڪا چوٽ نه هئي. ماڻهو جي نالي، مذهب کان وٽي شادي توڙي ڪم ڪار تائين جي چونڊ پوري قبيلي يا برادري ڪئي ٿي. نئين دور ۾ هو انهن مان گهڻن معاملن ۾ آزاد هو پر انهيءَ آزاديءَ هن کي پريشان ڪري وڌو هو، چاڪاڻ ته انهيءَ سبب، هو پنهنجي ذات جي ضرورتن لاءِ ذميوار ٿي ويو هو. ڪوٺ جي گڏيل ۽ مليل جليل ماحول جي ابتڙ شهري زندگي ۾ هو خود کي اڪيلو محسوس ڪرڻ لڳو. انهي اڪيلائي ۾ هو پنهنجي وجود بابت، پنهنجي ذات بابت سوال ڪرڻ لڳو. هن محسوس ڪيو ته ماضي جي زنجيرن مان آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ هن وٽ پنهنجي ذات کي ڪنهن دڳ لڳائڻ جو ڪو طريقو موجود ئي ناهي. بقول البرٽ ڪامو،"هو اهڙي ٻه واٽي تي بيٺل هو جتي بي معنويت هن جي سامهون هئي ۽ هن

وٽ ۾ رستا هئا. خودڪشي يا بغاوت". هن محسوس ڪيو ته هن جي زندگي نار جي ڏاند جهڙي آهي. هن کي انهي ساڳي چڪر ۾ مسلسل هلڻو آهي.

انهي بي معنويت سان پرپور زندگي کي معني ڏيڻ جا مختلف رستا ڳولهيا ويا. انهن رستن کي چوندڙ دوران فرد جي انفرادي آزادين جو تمام گهڻو خيال رکيو ويو. مثال طور ڪيرڪيگارڊ مطابق هڪ فرد پنهنجي زندگي ۾ مسيحي ايمان آڻي سڪلتا ماڻي سگهي ٿو. نيٽشي "طاقت جي حصول" کي زندگي جو مقصد سمجهيو. البرٽ ڪامو يوناني ديومالائي ڪردار سِسيفس جو مثال ڏيئي ٻڌايو ته زندگي جي معني "بي معنويت جي منهن ۾ نه ڇڏڻ ڪاهيندو هلڻ" ۾ آهي. سارتر مطابق ڪنهن ترقي پسند تنظيم جو حصو ٿي انسان پنهنجي زندگي کي معني ڏيئي سگهي ٿو.

اوڻهين صدي جي وچ ڌاري شروع ٿيندڙ هن فڪر کي ويهين صدي جي مهاڀاري جنگين وڌيڪ طاقت بخشي. پر سٺ واري ڏهاڪي ۾ سارتر پاران انهي فڪر جي نِدا ڪرڻ ڪانپوءِ ڪو اهڙو اديب يا مفڪر سامهون نه آيو جنهن خود کي هن فڪر سان سلهاڙيل ٻڌايو هجي. ٻئي پاسي اسان جو دور پهرين کان وڌيڪ انفراديت ۽ اڪيلائي کي تقويت ڏيندڙ آهي. سهيوگي دور جا ڪجهه مثال انهي جي بهتر نموني ترجماني ڪن ٿا. سئنيما گهر ماڻهن جي هڪ ميڙ پاران هڪ جاءِ تي گڏجي ساڳي فلم ڏسڻ جو ڪم ڏنو ٿي. پر جيئن ئي مشيني طاقت وڌي پيئي ۽ ٽيڪنالاجي ۾ جدت اچي پيئي، ماڻهن جو ائين هڪٻئي سان ملڻ محال ٿيندو وڃي. نيٽفِلڪس ۽ ٻين ذريعن وسيلي هر شخص پنهنجي گهر ۾ الڳ الڳ "سئنيما" ڏسي ٿو. سمارٽ فون ذريعي آنلائن خريداري انهي اڪيلائي کي وڌائڻ جو هڪ ٻيو مثال آهي. ڪورونا جي وبا سبب ماڻهن جو گهرن ۾

مقيد ٿي وڃڻ انسان کي ڪامو جي ناول "پليگ" ۾ صرف پنهنجي ذات بابت سوچيندڙ انسانن جي ياد ڏياري ٿو. لاڪ ڊائون دوران ماڻهن پاران پنهنجي لاءِ وڌ کان وڌ شيون گڏ ڪرڻ لاءِ دڪانن ۾ ٻين انسانن سان ڪيل جهيڙن هڪ پيرو وري انسان کي سارتر جي ڪهاڻي "ديوار" جي ياد ڏياري. پر موجوده دور جا ترجمان اديب سارتر يا ڪامو نہ پر هاروڪي مراڪامي ۽ انتونيو تابوشي آهن جيڪي مٿي ذڪر ڪيل حالتن جا اڪين ڏڻا شاهد پڻ آهن تہ انهن جو اظهار ڪندڙ پڻ.

***

دوستوفسڪي جي هن ناول جو ڪردار پڻ پنهنجي ذات بابت ڳالهائي ٿو. مثال طور هو چوي ٿو:

"منهنجا سائين! جي اوهان کان پڇجي تہ ڪو سڌريل ماڻهو سرهائي سان ڪهڙيون ڳالهيون ڪري سگهي ٿو؟

اوهان جو جواب هوندو پنهنجون ئي.

سو اوهان ٻڌي ڇڏيو، مان اوهان اڳيان پنهنجيون ئي ڳالهيون ڪندس."

هو ٻہ وجودي مفڪرن جيان مروج خيالن ۽ ڏاهپ جي گسن کي ڏتڪاري ٿو:

"ڏاهپ هڪ ڏکوئي ۽ من گهائيندڙ بيماري آهي. ماڻهو جي زندگي جي ڏهاڙي جي واهپي جي گهرجن جي پورائي لاءِ عام ڏاهپ ئي ڪافي آهي."

"هوند منهنجي ڏاهپ ٻہ اڄ جي سڃاڻ ۽ باعمل زندگي گهارينڊڙ ماڻهن جي ڏاهپ جيتري هجي ها."

پيٽرسبرگ جي شهري زندگي ۾ قاتل هي شخص پنهنجي نوڪري مان بيزار ٿي جان ڇڏائي ٿو وڃي پر پنهنجي واحد ڪرت مان آجو ٿيڻ کانپوءِ هن جي لاءِ زندگي اجيرن ٿي وڃي ٿي. ڪم هر انسان جي زندگي کي معني ڏيندو آهي ۽ هن شخص وٽ ڪرڻ لاءِ سواءِ پنهنجي ذات تي لعنت ملامت جي ٻيو

ڪجھ بہ نہ ٿو بچي. ھو خود کي ھڪ "تنھخاني" ۾ بند ڪري پنھنجي زندگي بابت ويچاري ٿو ۽ اسان کي پنھنجي سموري اٹ تٹ کان واقف ڪرائي ٿو.

***

ھن ناول بابت اسان جو اھو خيال رھيو آھي تہ جيڪڏھن انھي کي ڪنھن جي ھٿ يا ڪمري جي ڪنڊ ۾ ڏسو تہ انھي شخص بابت پنھنجي راءِ بھتر ڪيو. جيڪڏھن ڪو انھي ڪتاب کي پڙھي، ان تي ڳالھائي ٿو تہ ڪيس ڏيان سان ٻڌو ڇاڪاڻ تہ ھي ناول تاريخ جي انھن چند ڪتابن مان آھي جيڪي انسان جي شعور/لاشعور جي انھن اوندھن حصن کي گھرائي سان اظھاري ٿو جن حصن ۾ جھانڪڻ کان اسان اڪثر ونئون ويندا آھيون.

ھن ڪتاب جو مترجم مٿي ذڪر ڪيل ٻنھي قسمن جي ماڻھن کان وڌيڪ عزت لھٹي ڇاڪاڻ تہ ھن وٽ نہ صرف ھي ڪتاب موجود آھي ۽ نہ صرف ھن ھي ناول پڙھيو آھي پر ھن انھن سوين سنڌين کي ھي ڪتاب ميسر پڻ ڪري ڏنو آھي جن سنڌي ادب ۾ وجوديت جي جھلڪ صرف ماٹڪ جي ڪھاڻين مان پسي ھئي جيڪي ڪھاڻيون پڻ ڪامو جي چيچ جھلي لکيل ھيون ۽ جن ۾ تخليق کان وڌيڪ تقليد تي زور ڏنل ھو.

ساقي راجپوت

نومبر 2020ع

جنهن دل پيتا عشق دا جام

ڪهڙي تاريخ هئي ياد نہ اٿم! جڏ ڪالهوڪي ڳالهہ هجي! اصغر سان منهنجو جيءُ 1990 ۾ تڏهن جڙيو هو، جڏهن مهراڻ يونيورسٽي ۾ داخلا ٿي هئي. پهرين ئي پَلَ ۾ پنهنجائپ ۽ پاڻپوهہ جو اهڙو تہ احساس ٿيو، جڏ صدين جو سنگم هجي! وچڙي مليا آهيون ۽ هڪ سَڳي ۾ پوئجي وڃا آهيون. ۽ اهوسفر اڃان جاري ۽ ساري آهي. سندس ساڻ جي سڪ ۽ اُڪير ايئن آهي جيئن سچل فرمايو:

جنهن دل پيتا عشق دا جام،

سا دل مستئون مست مدام.

بس ڪيمپس جا اُهي ڏينهڙا ۽ هاسٽل جون اڻ وسرندڙ راتيون، ان عرصي دوران ڏنل ٽهڪ، جن جا پڙاڏا اڄ بہ منهنجي سماعتن ۾ گونجن ٿا. وقت جو وهڪرو پنهنجي رفتار سان وهندو ويو. ان دوران اڻ ڳڻيا دوست مليا، پر اصغر سي ڪان مٿانهون،گهڻ پاسائين شخصيت جو مالڪ، صحرا جي تتل ريت جي مسافر کي ڪنهن گهاٽي ٻڙَ جيان مليو. جنهن جي ڇانوَ ۾ ويهي اڄ روح کي راحت ۽ اکين ۾ ٺڪ آئٽ ملندي آهي.

اصغر يارن جو يار، حساس دل، اجتماعي سوچ، حالتن جو صحيح چيد ڪندڙ ۽ بنيادي طور هڪ تخليقي ذهن رکندڙ شخص آهي. هن جي بي بها دوستي ۽ محبت سدائين هڪ روشن اُميد وانگر جرڪندي رهندي آهي.

وقت جي ويڑهاند سان گڏ اسان جو ساڻ سدائين سلهاڙيل رهيو. زندگي جا گهڻ ۽ گهيڙ ڏک ۽ سک گڏجي ڏٺاسين. زندگي جا لاها چاڑها ايندا ويندا رهيا، پر مَن جي مَندر جا بُت ڪڏهن ڪين ڦُٽا! پوڄاپاٺ قائم دائم رهي، ڇڪ ۽ مُرڪ جو سڳلائتو سفر پنهنجائپ جي پالوٽ سان پَرڻجي اندر جي آبياري ڪندو رهيو ۽ سدائين ڪندو رهندو.

اصغر شهدادڪوٽ جي ڳوٺ، محمد چتل ۾ هن ڏرتي تي پير پاتو. سندس چواڻيءَ نندپڻ ادب سان سڌي ۽ اڻ سڌيءَ طرح واڳيل رهيو. گل ڦل ۾ سندس لکڻيون ڇپجنديون رهيون. اخبارن ۾ سندس مضمون پڻ ڇپيا. مهراڻ يونيورسٽي دوران ڪجهه عرصو عبرت اخبار ۾ مترجم جي طور تي ڪم ڪيائين. پوءِ جو ٽهي هنيائين تہ اسان کي وري نظر نہ آيو. پاڻ مڪينڪل انجنيئر آهي. سندس ادب سان چاهه اڃان بہ پيو پَساهه ڪٽي. اميد تہ ننڍ مان جاڳي اسان کي پنهنجي ويچارن جي هنج ۾ لوليون ڏيندو رهندو.

ساڻ سلامت ـ سدائين گڏ

منگل سنگهه جي همٿاني

سنڌيڪار پاران

سنڌو منهنجي ساھ ۾ سمايل آهي، نس نس ۾ ان جو رت پيو وهي، رونءَ رونءَ ۾ ان جو راڙو آهي، منهنجي اندر جا واڪا ۽ وراڪا سنڌو جو اهڃاڻ آهن. منهنجي ساهن جي سرهاڻ سنڌو آهي، منهنجي نيٽن جو ٺار سنڌو آهي.

مون، سنڌو جي هڃڻ ۽ سنڌو جي اهڃاڻن ۾ پاڻ کي ڦلهوڙيو آهي، پتوڙيو آهي، پروڙيو آهي. منهنجي اندر جا کنڊرات سنڌو جي سپنن جو سنيهو آهن، ٽمندڙ نيٽن جو عڪس آهن. سنڌو سان سلهاڙيل هڻڻ، پنهنجي هڻڻ جو سبب ڄاتو آهي.

اهڙي ئي پنهنجائپ جي پلر جي پالوٽ سنڌو جي اهڃاڻن مان هڪ اهڃاڻ ۾ مون پنهنجي ساڃهه آهر رنگ پرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي. مان جي پنهنجن ادڻن جو اظهار ڪري سگهان ها تہ پڪ ڄاڻو لکندو ۽ لکندو رهان هان. پر ائين نہ ڪري سگهيس. پر تنهن هوندي بہ پير کٹو هو، ڳاٽ اوچو ڪرٹو هو. جنهن ڪري هن ڪتاب جو سهارو وٺي، سنڌو جي سيند ۾ موتيي هٹڻ جي آڇ ڪئي آهي.

ترجمو ڪرڻ جيترو اوکو ڪم آهي، ان جو تصور ڪرڻ ئي ڏيل ڏکائي ٿو ڇڏي. جڏهن ترجمي ۾ ليکاري جي ويچارن، اتان جي ماحول، سماجي قدرن ۾ ڪردارن جي سوچ لوچ، لچ پچ، روين جي بيهڪ ۽ ان ۾ پنهنجي هولي جي سونهن ۽ سرت جي

بيهڪ جي حسناڪي ڪي بہ دوام ڏجي، ڏاڍو جوکم وارو ڪم آهي. ڏيل ڏکندا رهيا، ڪي بہ همٿائڻ جا ٻہ اکر بہ نہ، تنهن هوندي بہ ڪم ڪري وڏو. چريائپ ۾ پنهنجائپ جا پنهنجا ماڻ ماپا آهن. ليکا چوکا هوندا ئي ناهن.

هي ڪتاب مون 1999 ۾ پڙهيو هو، سمجهہ ۾ آيو هو يا نہ چا چئجي؟ اهي ڏينهن اهي شينهن. ڪنهن ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ يارن سان ڳالهين جو اڻ کٽ سلسلو هلي پوندو هو، ماٺهو جي ذهني اوسر ۽ زندگي جي سونهن ۽ سرت جا واهڙ وهي پوندا هئا، جيئڻ جو سبب ٻڌندا هئا. هن ڪتاب کي، پنهنجو پاڻ کي سمجهڻ، روين جي ماٺهپي وارن قدرن کي سمجهڻ ۽ سنڌي سماجي بيهڪ کي سمجهڻ لاءِ ولوڙ پيدا ڪرڻ لاءِ، سنڌي ٻولي ۾ ترجمو ٿيڻ گهرجي، سو مون ڪيو آهي.

مان تہ هنيان هاري ويٺو هئس پر جس لهي وشن ڪوهستاني، جنهن پاڻي ۾ پٿر اڇلائي، لهرن جون ويرون پيدا ڪيون ۽ ڪٻنابا ۾ هوندي، سيني يارن کي سڏي، ڪتاب جي چپائي جي ڪم کي سنڌ ۾ رهندڙ ڪنهن بہ يار جي ڪلهن تي رکڻ لاءِ آواز ڏنو. وشن جي ان سڏ کي ورنايو منهنجي اندر جي سڪ منگل سنگهہ، جنهن چپائي جي سموري وهنوار جو بار پنهنجن ڪلهن تي کنيو ۽ ڪيترائي ڀيرا امتياز علي عالماڻي سان گڏ ٽنڊو محمد خان کان حيدرآباد جا ڦير ڀريا. مان دُرگا شنڪر ۽ گردٻاري لال جي عنايتن کي بہ نہ وساري سگهندس. هونئن بہ منهنجا يار منهنجي لاءِ هيرن جي کاڻ آهن، پر کي ٿورا نالا ڪتاب جي چپائيءِ ۾ سندن هٿ هجڻ ڪارڻ کنيا آهن. لڳي ڀيو جڏ ٻين کي وساري ويٺو هجان، پر ايئن ٿئي سو تہ ممڪن ئي ناهي. مان پڻ ٿورائتو آهيان، ساقي راجپوت جو، جنهن جي قلم مهاڳ کي اهڙيءِ طرح تراشيو آهي جو ڪتاب کي پڙهڻ ۽ ان ۾ اُڪاريل خيالن جي تاجي پيٽي کي سمجهڻ ۽

چند چاڻ ڪرڻ ۾ آساني ٿي وڃي ٿي.

اسان جي بدنصيبي جو نور نچوڙ بعد ۾، هڙان وڙان ڏيئي ڪتاب ۾ پاڻ ڇپرائجي ۽ ماڻهن تائين پهچائجي ۾ پاڻ. خير سو ڪم تي پنهنجي هيرن جهڙن يار پنهنجن ڪلهن تي ڪنيو. سندن ٿورا .... ها! مون تي.

ڪتاب پڙهو ۽ پروڙيو.

سدائين سرها هجون ۽ زندگي جي رنگينين جا مزا ماڻيندا رهو.

پيرن تي هٿ.

اصغر انور

20 نومبر 2020

03337501060

یاگو پھریون

اُبڑکا

پ اکر

پڑڪ

پڪ ڇاڏو تہ هيءَ ڊائري ۾ ان جو لکاري خيالي ڪردار آهن. اهو چئجي تہ گهٽ ۾ گهٽ ايترو ضرور آهي تہ هن ڳڙ ڳوٺ واري ڊائري جي لکاري جهڙا ماڻهو نہ ڇڙو هن دنيا ۾ ٿي سگهن ٿا پر جي اسان پنهنجي حالات، جن اسان جي سماج کي جوڙيو آهي، تي نظر ڊوڙايون تہ پوءِ پوريءَ پروڙ ۾ پروسي سان اسان اهو چئي سگهون ٿا تہ اسان جي سماج ۾ اهڙا ماڻهو پنهنجو وجود رکن ٿا. مون جاکوڙي پنهنجي سماج جي ويجهي ماضيءَ مان هڪ اهڙي ماڻهو جي خيالن جي تاڃي پيٽي کي اٽي اوهان اڳيان آندو آهي. هيءُ ماڻهو اسان جي وچ ۾ اڃا سوڏو پساه ڪنڊڙ ن ل جي نمائندگي ڪندڙ ماڻهن مان هڪ آهي. هن ماڻهو جاکوڙي، پهرئين پاڳي "اپڙڪا" ۾ اسان لاءِ پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجن خيالن کي جيئن جو تيئن بيان ڪيو آهي ۽ پنهنجي اندر جي اوت جا سبب ٻڌايا آهن. هن پنهنجي هنئين جي بار کي هلڪو ڪرڻ لاءِ اسان جي وچ ۾ نڪري نروار ٽيڻ لاءِ اتساه ڪاڏو آهي. هن ماڻهو ٻئي پاڳي "ٻنل برف" ۾ پنهنجي زندگي جي سچن پچن واقعن جو بيان جيئن جو تيئن اڪيريو آهي.

ليکڪ جي اُپتار

وند پهريون

منهنجا سائين! مان بيمار ماڻهو آهيان .... مان زهر اوگاڇيندڙ ماڻهو آهيان. مون ۾ موهه آهي ئي نه. پڪ اٿم ته مون کي جيري جي بيماري آهي. تنهن هوندي به مان اهو چوندس ته مان پنهنجي بيماري جي باري ۾ ڪجهه به نه ٿو ڄاڻان ۽ مون کي پتوئي نه ٿو پوي ته مون کي ڪهڙو روگ لڳل آهي. جيتوڻيڪ مون کي دوائن ۽ ڊاڪٽرن تي پورو پروسو آهي، تنهن هوندي به اڃا سوڌو مون پنهنجو پاڻ ڪنهن ڊاڪٽر کي ڏيکاريو ئي ڪونهي ۽ نه ئي وري ڪنهن ڊاڪٽر کان پنهنجي بيماري جي باري ۾ ڪا پڇا ڳاڇا ڪئي اٿم. مان انتهائي وهمي ماڻهو آهيان، وهمي هوندي به مون کي دوائن جي ڪارائتي هجڻ تي پورو پورو پروسو آهي. (جيئن ته مان چگو پلو پڙهيو ڪڙهيو ماڻهو آهيان، تنهنڪري مون کي وهمي نه هئڻ گهرجي پر منهنجي ڳالهه پڪي اٿو ته مان وسوسن ۾ وکوڙيل ماڻهو آهيان). مان پنهنجي اندر جي ڪروڌ سبب، پنهنجو پاڻ ڪنهن ڊاڪٽر کي نه ڏيو ڏيکاريان. جيتوڻيڪ هي سڀ ڳالهيون منهنجي پنهنجي سمجهه پتاندڙ ئي آهن پر منهنجيون هي ڳالهيون اوهان جي سوجهه بوجهه کان گهٽو ئي مٿانهيون آهن. مان پنهنجا هي سور جئين اوهان سان سليان ٿو، سي ائين ئي

پنهنجو وجود رکن ٿا. مان اوهان کي اهو نہ ٿو ٻڌائي سگهان تہ اهو کهڙو ماڻهو آهي، جنهن کي مان پنهنجي اندر جي ڪروڌ جون ڳالهيون ڪري شرم پيو ڏياريان. مون کي پليءَ پٽ پتو آهي تہ ڊاڪٽر کي پنهنجو پاڻ نہ ڏيکارڻ سان مون کي ڊاڪٽر جي في پرٽي نہ پوندي ۽ ائين ڪرڻ سان مان ڪجھ پيسا بچائي سگهندم. مان ڄاڻان پيو تہ ڊاڪٽر کي پاڻ نہ ڏيکارڻ سان مان ٻئي ڪنهن جو نہ پر پنهنجو ئي هاجو ڪري رهيو آهيان. تنهن هوندي بہ مان پنهنجي اندر جي ڪروڌ سبب ڪنهن بہ ڊاڪٽر کي پاڻ نہ ڏيکاريندس. منهنجو جيرو خراب آهي، چگو اهو ئي ٿيندو تہ منهنجي جيري کي وڌيڪ خراب ٿيڻ ڏنو وڃي!

مان گهٽي ويلي کان اهڙي ئي انداز سان پنهنجي زندگي گهاري رهيو آهيان ... مان سمجهان ٿو تہ مان ڪوئي گذريل ويهن سالن کان ائين ئي پنهنجا ڏينهن گهاري رهيو آهيان. آءٌ هاڻي چاليهن سالن جو ٿي چڪو آهيان. ٿورو عرصو اڳ تائين مان سرڪاري نوڪري ڪندو هئس پر هينئر ان سرڪاري نوڪري ۾ نہ رهيو آهيان. مان پنهجي نوڪري واري عرصي دوران ڏاڍو زهر اوگاڇيندڙ آفيسر هوندو هئس. مان پنهنجي طبيعت ۾ ڏاڍو چيڙاڪ هئس ۽ ائين پنهنجي چيڙاڪپڻي ۾ ئي تسڪين ماڻيندو هئس. مان پنهنجي نوڪري دوران رشوت نہ وٺندو هئس، تنهنڪري پنهنجي رشوت جي ڪوٽ جو پورائو مان ٻين سان چڙي ڪري پورو ڪندو هئس. (هيءُ مون هڪ هوائي پوگ ڪيو آهي، پر تنهن هوندي بہ مان هن پوگ کي هتان نہ ڌاهيندس. مون اهوئي سوچيندي هيءَ ڳالهہ لکي هئي تہ هيءَ ڪا ڏاهپ پري ڳالهہ هوندي پر هاڻي مون کي پاڻ کي لڳي ٿو تہ مون هلڪڙائپ ڏيکاري آهي، هاڻي مان پنهنجي چيڙاڪپڻي واري ڳالهہ کي ڪنهن خاص مقصد جي ڪري نہ مٽائيندس).

جڏهن ڪي بيواها ماڻهو منهنجي ميز تي، جتي مون

سرڪاري ڪم ٽي ڪيو. پنهنجي ڪم سانگي پهچندا هئا تہ مان انهن سان تپي باھ ٽي ويندو هئس. جڏهن ب مان ڪنهن ويچاري ماڻهوءَ کي ائين ڏڪ ور چاڑهڻ ۾ سوپارو ٽيندو هئس تہ مون کي املھ لذت ملندي هئي. يقين ڄاڻو تہ ڪمين ڪارين پير پائڻ وارن اهڙن ويچارن ماڻهن ۾ گهٽائي ڏيڻن ماڻهن جي هوندي هئي. گهڻو ٿنو اهي اهڙا ئي موڳا ماڻهو هوندا هئا، جي ڪجھ ب ڪنين ٻڌي پنهنجو وات نہ کوليندا هئا. منهنجي مٿين آفيسرن ۾ هڪ اهڙو آفيسر ب هو، جنهن کي مان برداشت نہ پئي ڪري سگهيس. منهنجي هن بالا آفيسر ۾ سياڻ ئي نہ هو ۽ هو پنهنجا لفظ اسان جي بي عزتي ڪرڻ لاءِ اسان جي جسم ۾ تيرن جيان کپائيندو هو. انهيءَ آفيسر سان منهنجو ارڙهن مهينن تائين جڙ تہ تلوار جي ڌار تي قدّو هلندو رهيو هو. جيتوڻيڪ مون هي قدّو پنهنجي جواني ۾ ڪيو هو. آخر ڪار مون هن آفيسر مان پلائي ڳولهي ورتي هئي. هن مون سان قدّو ڪرڻ چڏي ڏنو هو.

منهنجا سائين! چا توهان کي پتو آهي تہ مون ۾ ڪروڌ چا جي ڪري پريل هو؟ ساريون ڳالهيون سموهي چئجي تہ منهنجي اندر جو هي ڏنگ اهڙن ئي ڏيڻن ماڻهن جي پؤ ۾ سمايل هو. ويندي ڪاوڙ جي انتها ويل ب مون اندران ئي اندران شرمساري ٽي محسوس ڪئي تہ مان نہ چڑو ڪروڌي ۽ زهر اوڳاڇيندڙ ماڻهو هئس پر ائين ب هو تہ مون جهڙڪين جهڙن ماڻهن کي پئي ڏيڇاريو ۽ مون کي ان ۾ پئي مزو آيو. مان پنهنجا ڏند صاف ڪري چمڪايان، مون کي کيڏڻ لاءِ گڏڙي ڏيو، مون کي پيئڻ لاءِ مٺي چانهن جو ڪوپ ڏيو ۽ مان انهن سيني شين مان ائين تسڪين ماڻي سگهان ٿو، هي سڀ شيون مون کي سچ پچ موهي چڏيندیون، پوءِ گهڻو ٿنو ائين ب ٽي سگهي ٿو تہ مان انهن ڪين جهڙين سرهاين جيڪري پنهنجو پاڻ تي ڏند ڪرٽيندو رهان ۽

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

مهينن تائين شرمساري کان راتيون جاڳندي، ننڊ لاءِ سکندي ليٽندو رهان. مان اهڙوئي ماٺهو آهيان.

مون اوهان سان هاڻي اهو ڪوڙ ٽي ڳالهايو، جڏهن مون هينئر ئي چيو ٽي ته مان ڪروڙي سرڪاري آفيسر هئس. مون اوهان سان پنهنجي ڪروڙ ڪري هيءُ ڪوڙ ڪيو آهي. ائين ئي چئجي ته پاڻ وٽ ڪمين ڪرين ايندڙ ماڻهن ۽ پنهنجي آفيسر جو ذڪر ڪري، مون پنهنجو پاڻ کي ٽي لياپو. پڪ ڄاڻو ته مان ڪروڙي ٽي ئي نه ٿو سگهان. مان پنهنجي ڪيترن ئي، ائين ڪئي چئجي ته گهڻن ئي ڳڻن کان واقف آهيان جي ڏاڍو موهيندڙ آهن. مون کي پنهنجي اندر موجود اهڙن ڳڻن جي گهڻائي هميشه موهيو آهي. مون ڄاتو ٽي ته مون ۾ انهن ڳڻن جي گهڻائي ٽي موجون هنيون ۽ انهن موجن جي چولين رڪاوٽ جا بند ٽي ڀڳا پر مون انهن موجن جي چولين اڇيان ور ور بند ٽي ٻڌا. مون پنهنجي پاڙيائپ کارڻ انهن چولين اڇيان ٽي بند ٻڌا. ائين بندن جي ٻڌڻ مون کي ٽي ڏنو، ڏنائين تان جو مون کي پنهنجي بندن ٻڌڻ جي وارتا تي شرم اچڻ لڳو. مون کي انهن موجن جي چولين ڀچي پورا ڪري ڇڏيو ۽ مان پاڻ کان تنگ ٽي پيس. نيٺ انهن چولين اڇيان مون پنهنجا گوڏا کوڙي ڇڏيا! منهنجا سائين! هاڻي اوهان مون سان هڪ اهڙي ٻيڙي ۾ سوار ٿيا آهيو، جتي اوهان يار ڄاڻڻ چاهيندا ته مون اوهان کي پنهنجي کهڙي درد جي کهاڻي ٻڌائڻ ٽي چاهي؟ اوهان ان درد جي کهاڻي جي جاري رهڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ آتا هوندا ۽ مان اوهان جي هنئين جي هري اچڻ ۽ ڪن لاتار ڪري منهنجي کهاڻي ٻڌڻ جو گهرجاؤ آهيان. مون کي پڪ آهي ته اوهان هن ٻيڙي جي سٹائي سفر لاءِ آتا آهيو ... اوهان پڪ ڄاڻو ته اوهان جي ڪن لاتار ڪري

منهنجي ڪهاڻي جي ٻڌڻ جي مون کي پرواھ ئي ناھي ....

منهنجا سائين! مون هيءَ اپتار ان لاءِ نہ ڪئي آهي تہ مان ڪو ڪروڙي ماڻهو نہ ٿيان ٿي سگهيس. اوهان کي اهو ٻڌائي ڇڏيان تہ مون ڇاتو ئي نہ ٿي تہ ماڻهو ڪهڙي نموني پنهنجي زندگي ۾ ڇا ڇا ٿي سگهي ٿو. مون ڇاتو ئي نہ ٿي تہ ماڻهو ڪيئن ڪروڙي يا ڀاجھ پريو، شيطان يا ايماندار سرواڻ يا ڪين جھڙو ڪيڙو ٿي سگهي ٿو. هاڻي مان ڪروڙ سان هڪ ڪنڊ ۾ پنهنجو پاڻ کي پتيندي، ان ڀهاني سان پنهنجا ڏينهن پيو گهاريان تہ ذهين ماڻهو ڪو ڳاٽيٽي جوڳو ڪم نہ ڪري سگهندا آهن ۽ جڏهن تہ بيوقوف ماڻهو پنهنجي زندگي ۾ ڪجھ بہ ڪري سگهندا آهن. ها! اخلاقي آڌار تي اٽويهين صدي ۾ ماڻهوءَ جي لاءِ ضروري آهي تہ ڪيس ڪنهن بہ ڳاٽيٽي جوڳي ڪردار جو مالڪ نہ هئڻ گهرجي. هاڻوڪي دور ۾ اڳ ۾ ئي ڪردار وارو ۽ زندھ ماڻهو اڻ لڀ ٿي چڪو آهي. منهنجي چاليھ سالن جي زندگي جو اهو ئي نچوڙ آهي. مان هاڻي چاليهن سالن جو ٿي چڪو آهيان ۽ توهان ڇاڻو ٿا تہ چاليھ سال ڪنهن بہ ماڻهو جي لاءِ پوري زندگي جو عرصو آهي. توهان ڇاڻو ٿا تہ چاليھ سالن کان پوءِ جا ڏينهن ماڻهوءَ جي پوڙهاپ جا پچاڙڪا ڏهاڙا هوندا آهن. ڪنهن بہ ماڻهوءَ لاءِ چاليهن سالن کان وڌيڪ جيئڻ غير اخلاقي، ڪڏو ڪرتوت ۽ واهياتپڻو آهي. هڪ سوال آهي تہ چاليهن سالن جي عمر کان پوءِ ڪير ٿو جيئي؟ جواب آهي ....! مان پنهنجي پوري سچائيءَ ۽ ايمانداري سان اوهان کي ٻڌائيندس. تہ چاليهن کان پوءِ چريا ۽ بي ملھ ماڻهو جيئندا آهن. مان سيني پوڙهن جي سامهون سندن منهن تي اهو ئي چوندس تہ چريا ۽ بي ملھ ماڻهو چاليھ سالن کانپوءِ بہ جيئندا آهن. مان اوهان کي

ٻڌايان ٿو ته اهي سڀ ڪراڙا، اڇن وارن وارا ۽ مانائتا وڏڙا اڄايا ماڻهو هوندا آهن! مان پوري دنيا جي سامهون، چاليهه سالن وارن لاءِ اهو ئي چئي ڏيندس! مون کي ائين چوڻ جو پورو پورو اختيار آهي، مان پاڻ ست سال، ستر سال، اسي سال جيئندس. ٿورو ترسو، ڏاڍو ٽڪجي پيو آهيان، مون کي ٿورو ساهه کڻڻ ڏيو...

منهنجا سائين! اوهان سڀ پنهنجي چيتي تي ٿورو زور ڏيو، ڇا مان اوهان کي لياڻ ٿو چاهيان؟ جي اوهان ائين سوچيو تا ته پوءِ ان سوچ سان به اوهان پليل آهيو. جيئن اوهان لياڄڻ جو سوچي چڏيو آهي، تيئن مان اوهان کي ڪو لياڻ وارو نه آهيان. جي اوهان منهنجي هن بڪ بڪ جيڪري تنگ ٿيو تا (۽ مون کي پورو پروسو آهي ته اوهين منهنجي هيئن ڇاڙي هٽڻ مان ٽڪي پيا هوندا)، اوهان کي پورو پورو حق آهي ته مون کان پڇاڙو ڪيو ته مان ڪير آهيان؟ پوءِ اوهان کي ٻڌائڻ لاءِ منهنجو جواب آهي ته مان ارڙهين گريڊ جو عامل آفيسر هئس. مان پاڻ گذاري لاءِ نوڪري ڪندو هئس (۽ ڇڙو پاڻ گذاري جي گهرجن جي پورائي لاءِ نوڪري ۾ ڦاٿل هئس) ۽ جڏهن پوءِ گذريل سال منهنجي ڪنهن ڏورانهين مائٽ جي ڪيل وصيت مان، مون کي ڇهه سو روبل ملڻا ته مون ان وقت ئي نوڪري مان رٽائرمينٽ ورتي ۽ پنهنجي رهائش جي هن ڪنڊ ۾ اڳ ئي پيو هوندو هئس پر هاڻي ان کي پنهنجو وڻاڻ بڻايو آهي. منهنجو ڪمرو شهر کان ٻاهر، ٻڳل ٽڪل ۽ ڪن ڦٽ جو ڊير آهي. منهنجي ملازمياڻي ڳوٺاڻي ڪراڙي مائي آهي جا چيڑاڪ، بيوقوف آهي ۽ وڌيڪ اهو به چئجي ته هن جو ڏس سندس جسم جي پگهر جي بوءِ ڏور کان پئي ڏيندي آهي. مون کي چيو ويندو آهي ته پيٽرسبرگ جو ماحول منهنجي لاءِ نا

مناسب آهي ۽ منهنجي رهڻ لاءِ منهنجي معمولي اپت سبب پيٽرسبرگ تمام گهڻو مهانگو شهر پڻ آهي. مون کي پليءَ پت ڄاڻ آهي ته مون کي انهيءَ مهانگائيءَ واري ڳالهه جو ڪنهن به ڄاڻو ۽ سياڻي ماڻهو کان بهتر پتو آهي ... ٻڌي ڇڏيو، مان پيٽرسبرگ ۾ ئي رهندس، مان پيٽرسبرگ ڇڏي ڪو نه پيو وڃان! هيءُ شهر مان ڇا جي لاءِ ڇڏي نه پيو وڃان؟... ڇو ته اهو اوهان جي لاءِ بي ملهه آهي ته مان پيٽرسبرگ شهر ڇڏي وڃان پيو يا نه.

منهنجا سائين! جي اوهان کان پڇجي ته ڪو سڌريل ماڻهو سرهائيءَ سان ڪهڙيون ڳالهيون ڪري سگهي ٿو؟

اوهان جو جواب هوندو، پنهنجيون ئي.

سو اوهان ٻڌي ڇڏيو، مان اوهان اڳيان پنهنجيون ئي ڳالهيون ڪندس.

❑

وند ٻيو

منهنجا سائين! پلي اوهان منهنجي ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏيو. هاڻي مان اوهان کي اهو ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته ڇا جي ڪري ويندي مان کو ڪيڙو به نه ٿي سگهيس؟ مان اوهان کي ساک تي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته مون کيترائي ڀيرا کيڙي ٽيڻ لاءِ به جتن ڪيا هئا. اوهان کي اها پروڙ هئڻ گهرجي ته مان ڪيڙو ڇو نه ٿي سگهيس؟ ان لاءِ منهنجو جواب آهي: ڇو ته مان ڪنهن ڪيڙي ٽيڻ جي لائق به نه هئس. منهنجا سائين! مان ساک تي چوان ٿو ته ڏاهپ هڪ روگ ڀريل بيماري آهي.... ڏاهپ هڪ ڏکهي ۽ من گهائيندڙ بيماري آهي. ماڻهوءَ جي زندگيءَ جي ڏاڙي جي واهپي جي گهرجن جي پورائي لاءِ عام ڏاهپ ئي ڪافي آهي، سا به من ڏکوئيندڙ اٽويهين صدي جي مهذب ماڻهوءَ جي ڏاهپ جي اڌ يا چوٿائي پتي جيتري ڏاهپ ئي گهٽي آهي، سا به ان بدقسمت ماڻهو جي لاءِ جنهن ڏرتي جي هن گولي تي سوچي سمجهي اڏيل شهر پيٽرسبرگ جهڙي شهر ۾ زندگي جا ڏينهن گهارڻ جي چونڊ ڪئي هجي. (ڏرتي جي هن گولي تي ڪي شهر سوچي سمجهي اديا ويندا آهن ته وري ڪي شهر پاڻمرادو ٺهندا رهندا آهن). منهنجي پاڻ وهيٽي ٽيڻ لاءِ ايتري ئي سوجهه پوجهه ڪافي هجي ها. ڪاش! هوند منهنجي ڏاهپ به اڄ جي سڄاڻ ۽ باعمل زندگي گهارينڊڙ ماڻهن جي ڏاهپ

جيتري هجي ها. اوهان مون سان شرط لڳايو ته مان هي سڀ ڳالهيون ڪو ڏاهپ مان، پاپوھ مان يا جاکوڙي ماڻهن جي واهپي لاءِ نه لکي رهيو آهيان. ائين بلڪل نه آهي ته مان ڪو جاکوڙي ماڻهن جي لاءِ هي ڳالهيون لکي رهيو آهيان ۽ جي سولو ڪري چئجي ته سو هيئن آهي ته مان هي سڀ ڪجھ پنهنجي لاءِ ڪنهن پاروٽي ساروٽي ڪيي جي هٿ ڪرڻ جي چاھ مان لکي رهيو آهيان. مان پنهنجي آفيسر جيان تيز ڌار تلوار پيو هلايان. منهنجا سائين! ڪهڙا ماڻهو پنهنجين اهڙين ذهني بيمارين ۾ پنهنجو ماڻ پائي، ڪنڌ ڪٽي هلندا آهن؟

اهڙين ذهني بيمارين هوندي به هر ڪو پنهنجو پاڻ تي ماڻ ڪندي، ڪنڌ ڪٽي گهمندو آهي. ماڻهو پنهنجين بيمارين تي ناز ڪندا آهن ۽ مان به ائين ئي پنهنجي بيماري تي پڻ ناز ڪريان ٿو. ٽي سگهي ٿو ته منهنجو پنهنجو پاڻ تي ماڻ ڪرڻ ۾ين ماڻهن کان ڪجھ سرس هجي. اسان ان ڏڻي ۾ الجهنداسي ئي نه ته منهنجي ائين ماڻ جي پچار ڪرڻ سجائي آهي به يا نه، پر تنهن هوندي به منهنجو پڪو ويساھ آهي ته ڏاهپ جي انتها، اهو چوندس ته هر طرح جي ڏاهپ، هڪ روڳ آهي. مان به اهڙي ئي سوچ رکندڙ ماڻهن منجهان آهيان جن جو خيال آهي ته ڏاهپ هڪ روڳ آهي. هاڻي اچو ته ڏاهپ جي هن وارتا کي به هڪ پل لاءِ ڏتاري پاسي تي ڪري ڇڏيون ٿا. اوهان ئي مون کي ٻڌايو ته ڇو ائين ئي مون جيان هر ماڻهو جيئڻ لاءِ هٿوراڙيون هٽندو آهي. مون تنهن ويلي به جيئڻ لاءِ هٿوراڙيون ٽي هنيون، جنهن ويلي مان پنهنجو پاڻ کي تازو توانو ٽي سمجهيو ۽ سونهن جي موھ جي منڊ جو مانڊاڻ ماڻي پئي سگهيس. مان پنهنجي چاھ جي چونڊ ڪرڻ جي ڪري ئي نه ڇڙو اهڙيون برايون ڏسان ٿو، پر اهڙيون ئي بريون شيون ڪريان ٿو ... منهنجي لاءِ پلو اهو ئي آهي ته اجائي ڊيگھ ڇڏي ڏيان ۽ چئجي ته شايد مان ئي ائين

سوچيان پيو تہ ڪنهن مقصد جي ڪارڻ ئي مون سان اهڙين سوچن جو ويڑهو وسي ٿو. مان جيترو گهٽو چگائي ۽ "سونهن ۽ سرت" جي ويجهو ٿيندو ويس، مان ايترو ئي وڌيڪ ڏهٻ ۾ ڦاسندو پئي ويس ۽ ان ڏهٻ ۾ منهنجا پير گوڏن تائين گچندا ٿي ويا. پر منهنجي لاءِ اهم ڳالهہ اها ئي آهي جا اڳ ۾ هئي تہ ڪنهن ۾ حدڏي سواءِ ئي ائين ئي اوس ٿيٽو هو تہ مان ڏهٻ ۾ ڦاسان. جيتوڻيڪ منهنجي اها اڳ جيان ئي واري عام حالت هئي، جا ڪنهن ۾ هلڪي بيماري يا ڪنهن ۾ ڪوٽ جي ڪري مون کي لڳل هئي. ائين منهنجي اندران مهاڏو اٽڪائڻ جي سگهہ پنهنجو ست وڃائي ويٺي. منهنجي ان پروسي (شايد منهنجو پختو يقين هئڻ ڪري) نہ اهڙي حالت منهنجي صحيح حالت آهي، جيڪري منهنجي جستجو ڪرڻ جي سگهہ مري چڪي آهي.

پهرئين ڳالهہ تہ شروع شروع ۾ مون جياپي جي ويڑهہ ۾ جن ۾ اهنجن کي منهن ٿي ڏنو، اهڙن اهنجن لاءِ مون اندازو ٿي هنيو تہ مون ڪانسواءِ ٻين ماڻهن جا اهڙا هنج ٿي ئي نہ ٿا سگهن ۽ مون پنهنجي پوري زندگي، انهن اهنجن کي ڇڙو پنهنجي زندگي جو هڪ ڳجهہ سمجهي لوڪ کان ٻي لڪايو. مون کي انهن اهنجن کي ڪنهن ٻئي سان اورڻ تي لڄ ٿي آئي (شايد! هاڻي تائين لڄ پئي اچيم). مان ان وچور تي پهچي چڪو هئس، جتي مون ائين ئي ٿي پانيو تہ اهي اهنج منهنجي زندگي جا ڪاڙهيندڙ ڳجهہ آهن ۽ تن کي ڪنهن سان سلڻ نہ گهرجي. مان انهن اهنجن ۾ اهڙي اجائي خوشي ماڻيندو هئس جهڙي پيٽرسبرگ جهڙي شهر جي بي جان رات ۾ پنهنجي گهر پيڙو ٿيندي ماڻبي آهي. مون ائين ٿي پانيو ڇڻ مون ڏينهن جو ڪو اهڙو جيءَ جلائيندڙ ڪم ڪيو هجي جيڪو مون کي ڪرڻ نہ جڳائيو هو. مان پنهنجو پاڻ کي اندران ئي اندران اهڙي ڪنهن ڏوهہ ڪرڻ ڪري چڪ پائيندو

هئس، پنهنجو پاڻ کي پٽڻ لڳندو هئس ۽ پنهنجي پٽ کوھ کندو هئس، تان جو منهنجي اندر جي کوڙاڻ شرمساري ۾ گهيرجي ڏاڙهيندڙ ميڻاج جو مزو ڏيندي هئي ۽ نيٺ ... اتساهيندڙ سرهائيءَ جو کارڻ بڻجندي هئي. ها! مان ورجائي ورجائي چوان پيو ته اهڙي ئي اتساهيندڙ سرهائي جو کارڻ بڻجندي هئي. مون هيءَ ڳالھ چڙو ان لاءِ چيڙي آهي ته مان ڄاڻي سگھان ته ٻيا ب ماڻھو ائين مون جيان اهڙي خوشي ماڻيندا ب آهن يا نہ؟ مان اوهان لاءِ چٽو ڪري ٿو چوان ته اهڙي خوشي ڏاهپ جي انتها جي ڪري ماڻھو پنهنجي پاڻ تذليل ڪرڻ مان ماڻيندو آهي. هيءَ خوشي چڙو ان ڪري هوندي آهي ته ماڻھو پنهنجي لاءِ محسوس ڪندو آهي ته هو لچاين جي آخري چيڙي کي چھي سگھيو آهي، جو چيڙو انتهائي پوائتو هوندو آهي، ماڻھوءَ لاءِ تن لچاين مان جند ڇڏائڻ جي ٻي ڪا واھ ئي نہ بچندي آهي. تنهن ڪري ماڻھو کي ماڻھپي وارو ب نہ ٿي سگھندو آهي. ائين جي مهل ۽ موقعو ڪنهن کي سڏي ٿيڻ جي اجازت ڏئي ب ها ۽ جي ڪوئي چاهي ها ته ب پاڻ وهيٽو ٿيڻ جو ست ساري نہ سگھي ها. سو ائين چئجي ته ماڻھو جي ڪجھ ٿيڻ چاهي ب ها ته ب هو ڪجھ ب نہ ڪري سگھي ها، چاڪاڻ ته حقيقت ۾ اهڙي ماڻھوءَ وٽ موٽ ڪائڻ لاءِ ڪجھ ب نہ بچيو هجي ها. منهنجي هار جو بنياد اهو ئي آهي ته ائين گيھ ڪرڻ بي انتها ڏاهپ جي بنيادي گهرجن پٽاندڙ هئي، تهان وڌ ان ۾ جوت وقت جي گهرجن پري ڇڏي هئي جا سڀ کان وڌيڪ پيانڪ ڳالھ آهي. ان ئي سببن جي ڪري ڪوئي ماڻھو نہ صرف پنهنجو پاڻ کي تبديل نہ ٿي ڪري سگھيو پر پاڻ کي تبديل ڪرڻ هن جي وس ۾ ئي نہ رهيو هو. هن ويچار جو لاپ اهوئي آهي ته ڪنهن ب بي انتها ڏاهپ جي ڪري ڪنهن تي بچڙي هڻڻ جو الزام ڏربو وڃي، جيتوڻيڪ بچڙائپ ڪوئي ماڻھو پنهنجي مرضي سان نہ چونديندو آهي. هاڻي اوهان سان گهڻيون ڳالھيون ٿيون .... هاڻ

اڙي ...! مان گهڻو ڪجهه بڪواس ڪري چڪو آهيان. سوال ٿو ايري ته مان اوهان کي چا ٿي چوڻ چاهيو؟ مون کي جو چوڻو آهي سوئي چئي ڏينندس. مان اوهان کي پنهنجي ڳالهه جي ته تائين پهچي ڏيکاريندس. اهوئي ڪارڻ آهي جو مون هٿ ۾ قلم کنيو آهي ...

ائين ڪٽي سمجهو ته مون کي پنهنجو پاڻ تي بي بها ماڻ آهي. مان جلد ئي ڪنهن ڪهي يا ڪنهن ديندي ماڻهوءَ جيان ٽوڪ جي ور چڙهي ويندو آهيان جي اوهان منهنجي ڳالهين تي پروسو ڪريو ٿا ته پوءِ ٻڌو! منهنجي زندگي ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا به پل ايندا آهن، جي مون کي تنهن پل ڪوئي منهن ۾ چماٽ وهائي ڪڍي ته به مان ان جي هنيل چماٽ مان سرور ماڻيندو آهيان. مان سنجيدگيءَ سان اوهان کي ٻڌايان پيو ته گهڻو ڪري مان تنهن هنيل چماٽ مان به ڪا خاص خوشي ماڻي وٺندو آهيان. ها! سا بيوسي جي خوشي هوندي آهي .... بيوسي ۾ به بي انتها خوشي سمايل هوندي آهي، خاص ڪري تڏهن، جڏهن ڪو بي انتها ڏاهپ جي هٿاران پنهنجي نا اميدي جي گهٽ گهيڙ کي پروڙي سگهندو آهي. تڏهن ڪنهن ڏاهي کي جي منهن ۾ چماٽ وهائي ڪڍي ويي .... پوءِ جو سندس ضمير کي باهه لڳي ۽ هو پنهنجي تنهن بي وسي کي ائين ئي بهتر انداز سان واڳ وجهي ٿو. انهن ڳالهين ۾ سڀ کان وڏي بچڑائي اهائي آهي ته انهن ڳالهين تي ڪنهن به پسي کان نظر ڏوڙائبي ته اهوئي چٽو چيٽ ٿيندو ته هر هنڌ مان ئي پاڻ موجود هئس، جنهن تي سارا الزام اچڻ گهرجن. انهن سڀني ڳالهين جو سڀ کان وڌيڪ توهين آميز جوڙ اهو آهي ته مون پنهنجي ڪوتاهي جيڪري ڪو به ڏوهه نه ڪيو آهي پر مون کي دنيا جي مروج ريتن رسمن جي ڪري سارو بار پنهنجي ڪلهن تي کڻڻو پوي ٿو. منهنجو سڀ کان پهريون ڏوهه اهو آهي ته مان پنهنجي چوڌاري

وسندڙ ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ ڏهين ماڻهو آهيان (مون همیشہ پنهنجو پاڻ کي پنهنجي چوڌاري وسندڙ ماڻهن کان وڌيڪ ڏهين سمجهيو آهي، يقين ڪريو ته ڪڏهن ڪڏهن ته مون کي پنهنجي ڏهين هئڻ تي شرم ايندو آهي. جو به ڪارڻ هجي، ائين ئي ٿيو آهي ته مان پنهنجي پوري زندگي ۾ ماڻهن جي نظرن سان نظرون ملائڻ کان لنوائيندو رهيو آهيان ۽ پنهنجو منهن ماڻهن جي نظرن کان ڦيرائيندو رهيو آهيان). منهنجو آخري ڏوهه اهو به آهي ته جي سڀ ڪجهه منهنجي هٿ وس هجي ها ته به مان پنهنجي اڪارتي هئڻ جي احساس جي هيٺان اڇي وڌيڪ بري انداز سان چيپاڙجي وڃان ها. پڪ ڄاڻو مان ته سڀ ڪجهه پنهنجي هٿ وس هوندي به ڪجهه نه ڪري سگهان ها ... نه ئي پنهنجي مٽان وار ڪندڙ کي معاف ڪري سگهان ها. ان ماڻهوءَ کي به معاف نه ڪري سگهان ها جنهن دنياداري جيڪري مون کي منهن ۾ چماٽ وهائي ڪڍي هجي ها ۽ ڪو به فطرت جو قانون ڪنهن به ڪيل ڏوهه کي وساري نه ٿو سگهي، نه ئي فطرت جي قانون کي ڪنهن ڏوهه کي وساڙ جڳائي ته ڪو ماڻهو جي ائين ئي تذليل ڪندو رهي، جيتوڻيڪ هيءُ سارو وهنوار پلي فطرت جي قانون پتاندڙ ئي ڇو نه هجي. سو پچاڙي ۾ اهو ئي چوندس ته مون جي ڪا به ڪارائتي شيءِ ڪرڻ ٿي چاهي ته سا هئي پاڻ تي وار ڪندڙ جي تذليل ڪرڻ بجاءِ پنهنجي ئي تذليل ڪندو رهڻ. پڪ ڄاڻو ته ڪنهن کان به مون پنهنجو پاڻ پلاند نه ٿي ورتو، چاڪاڻ ته مون پاڻ کي ذهني طور قائل ڪري ورتو هو ته مان ڪجهه به نه ڪندس، ويندي ڪجهه به ڪرڻ جي قابل هوندي به ڪجهه نه ڪيان ها. مان پاڻ کي ويڑهه لاءِ ڇو نه تيار ڪري سگهيو هئس؟ مان اوهان آڏو پنهنجي زندگي جي اهڙي لاڙي کي بيان ڪرڻ لاءِ، پنهنجو وات کولينڊس.

❑

وند ٽيون

اهي ماڻهو، جي پنهنجو پلاند وڻي ڇاڏين ٿا ۽ جي هوند اڻ هوند ۾ پنهنجي پيرن تي بيهي ڇاڏين ٿا، سي ماڻهو اهو ڪيئن ڪري سگهندا آهن؟ ائين چئجي ته اهڙا ماڻهو جنهن ويلي پنهنجي پلاند وڻڻ جي باهه ۾ هرندا آهن، تنهن ويلي سندن وجود ۾ پلاند جي آڳ الائن سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هوندو آهي. اهڙو ئي پاڻ وهيٽو ماڻهو پنهنجي پلاند جي نشاني ڏانهن ڪنهن جوشيلي ڏاند جيان سگ ايا ڪيو، سڏي وار ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪر ساهيندو آهي ۽ ڪيس سواءِ ٻت يا باهه جي ڪو به روڪڻ جو ست ساري نه سگهندو آهي. (ائين ٻي ٻت سان مهاڏو اڏڪائيندڙ ست ساهيندڙ ۽ پاڻ وهيٽا ماڻهو بنيادي طور وڪ وڏائيندڙ ماڻهو هوندا آهن. اهڙن ماڻهن لاءِ ٻت ڏکا رستي روڪ هوندي ئي نه آهي، جيئن اسان جهڙن ماڻهن جي لاءِ ٻت ڪا اوکي، پار نه پئجي سگهجڻ جهڙي رڪاوٽ هوندي آهي. اسان جهڙا ماڻهو پوري زندگي سوچيندا ئي رهندا آهن ۽ ڏکو به لاپائتو ڪم نه ڪري سگهندا آهن. اسان جي منهن موڙڻ جي بهاني لاءِ بس ائين ئي ڪنهن ٻت جو بهانو ڪافي هوندو آهي ۽ اسان سڏائين اهڙي ئي ٻت جهڙي ڪنهن رستي روڪ جي بهاني سان سرها رهندا آهيون، جيتوڻيڪ اسان جو پنهنجو پاڻ ۾ گهير ۾ گهڙندي جهاڳڻ جو پروسو لڙزندڙ هوندو آهي. جڏهن ته مهاڏو اڏڪائيندڙ ماڻهو پنهنجي اندر جي پوري سچائي سان مهاڏو اڏڪائيندڙ ئي

هوندا آهن. انهن لاءِ رڪاوٽ واري پت ڪا راحت ڏيندڙ شيءِ جيان هوندي آهي، رواجي طور انهن لاءِ اهڙي پت ٺڏي چپر چانو، ويندي ڪنهن گس جو ڏس هوندي آهي .... پر تهان پوءِ ئي انهن لاءِ اها ڪا رستي روڪ سندي پت هوندي آهي.) سو ائين چئجي ته مان اهڙي جاکوڙي ماڻهو کي پاڻ وهيٽو ماڻهو سمجهان پيو، جو پت کي پت نه سمجهندو آهي. جيئن ته اهڙي ماڻهو کي جنهن ويلي مهربان قدرت هن ڏرتي تي اماڻڻ ٽي چاهيو، تنهن ويلي کيس ائين ئي پاڻ وهيٽو ٽي ڏسڻ چاهيو. اهڙي ماڻهوءَ سان مون سڙي باھ ٽيڻ جي حد تائين ساڙ ٽي ڪيو. منهنجو اهڙي ماڻهو تي ڪو بہ اعتراض نہ آهي، هي پاڻ وهيٽو ماڻهو بيوقوف ماڻهو هوندو آهي، اچو ته ڏسون اسان اهو ڪيئن چئي سگهون ٿا ته دنيادار ماڻهوءَ کي بيوقوف ئي ٽيڻ گهرجي؟ حقيقت ۾ هيءَ هڪ انتهائي ليائيندڙ وارتا آهي ۽ اوهان کي جي اهو ڏسڻ ۾ اچي پيو ته مان ڪنهن اهڙي تجسس ۾ قاتل آهيان، جي اوهان ائين سمجهو ٿا ته پوءِ اسان ائين ئي ڪٽي وٺون ٿا ته عام رواجي ماڻهوءَ جو متضاد انتهائي ڏاهو ماڻهو هوندو آهي، جيڪو هن دنيا ۾ قدرت جي پيار پري ٽپڪي ۾ اوڙهجي اچڻ بدران پڇي پري پنهنجو پير پائيندو آهي (هيءَ ڪا صوفياڻي ڪٿا آهي ۽ مان بہ ائين ئي پانيان ٿو). هيءُ پڳل پريل ماڻهو اهڙو ئي هوندو آهي جو پاڻ وهيٽي ٽيڻ جي سوچ جي اڻ هوند سبب، ڏاهپ جي سيني گڻن هوندي بہ پنهنجو پاڻ کي ماڻهوءَ بدران ڪوئو پائيندو آهي. هي ماڻهو پوري طرح ڏاهو ڪوئو ته ٽي سگهي ٿو، پر تنهن هوندي بہ ماڻهو بدران ڪوئو ئي هوندو آهي. جڏهن ته هي ماڻهو پاڻ وهيٽي بدران ڏاڏو ڏڇٽو ماڻهو هوندو آهي. سڀ کان وڌيڪ من گهائيندڙ ڳالھ اها آهي ته هن ماڻهوءَ لاءِ پنهنجو پاڻ کي ڪوئي جيان ڏسڻ ڪا اوکي ڳالھ نہ هوندي آهي. هيءُ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي ڪوئي جيان ئي پائيندو آهي ۽ سڀ کان اهم ڳالھ اها بہ آهي ته کيس پيو ڪو بہ ائين سوچڻ لاءِ زور نہ

پريندو آهي. هاڻي اچو تہ هن ڪ٦ئي کي زندگي جي جوت جوٽيندي ٿا ڏسون. اچو تہ اسان ائين ٿا سمجهون تہ هي ڪوئو بہ پنهنجي بي عزتي محسوس ڪندو آهي (ء هيءُ ڪوئو سچ پچ ائين سڀائين پنهنجي بي عزتي کي محسوس ڪندو آهي) ء پنهنجو پلاند بہ وٽڻ چاهيندو آهي. هن ۾ پاڻ وهيٽي ماڻهوءَ (قدرت ء حقيقت جي ماڻهو) کان وڌ ڪروڌ پريل هوندو آهي. هيءُ ڪوئو پاڻ تي حملو ڪندڙ تي پاڻ وهيٽي ماڻهو کان وڌيڪ زهر اوڳاڇڻ جي باه ء تمند رکندو آهي. جيئن تہ پاڻ وهيٽو ماڻهو پنهنجي تز هئڻ سبب پلاند کي نجو پجو انصاف جي گهرج سمجهندو آهي ء اها ئي سوچ هن پاڻ وهيٽي ماڻهو جي پلاند وٽڻ کان ڪافي هوندي آهي، جڏهن تہ پنهنجي ڏاهپ جي انتها ڪارڻ ڪوئو اهڙي ڪنهن بہ انصاف جي گهرج تي پروسو نہ رکندو آهي.

هاڻي پاڻ ڦرندي گهرندي اچون ٿا پلاند جي عمل جي ڪارستاني تي. اياڳو ڪوئو رڳ رڳ ۾ بچڙائپ ساڻ پنهنجي چوڌس ڪيترن ئي ڪروڌن، ڪيترن ئي حل نہ ٽيندڙ سوالن ء شڪن جيڪري زندگي جا ڪيئي گهيڙ گهڙڻ ۾ ڪيهائي ٿو. هي اياڳو ڪوئو، ڪنهن هڪ سوال مان پنهنجي سر ڪيئي نہ حل ٽيندڙ سوال جوڙيندو وڃي ٿو، سي سوال هڪ جند نہ چڌيندڙ زهريلي ٽري، بدبودار گند، الجهڻن جي ڇار، جذبن جي ايار ء مٽائنس رواجي ماڻهو جي توهين آميز چيڙ جي ڀؤ سان پريل هوندا آهن، جڏهن تہ پاڻ وهيٽا ماڻهو، پاڻ جج ء پاڻ ئي مفاهمت ڪار بڻيو جبل جيان جميو بيٺل هوندي، هن ڪوئي تي ڪلندا رهندا آهن تان جو سندن جياڙيون سور ڏکڻ لڳنديون آهن. سو هن ڪوئي لاءِ صرف اهوئي بچندو آهي تہ هن سيني بيان ڪيل اهنجن کي منهن ڏيڻ لاءِ هٿوراڙيون هٽندو رهي ء پنهنجي هٿان جوڙيل اهڙي توهين، جنهن ۾ هو پاڻ بہ يقين نہ رکندو آهي سان

مسڪرائيندي، شرمساري سان ريڑهيون پائيندي پنهنجي ۾ هليو ويو. جتي گندي، بد بودار ۾ اسان جو بي عزتو ٽيل، پچي پورا ٽيل، ڪلڻ جوڳو ڪوئو سڙي ڳري ڪينسر ۾ وڃي، اڃا به ائين چئجي ته ڪروڙ جي روگ ۾ وڃي ويندو آهي. هيءُ ڪوئي جهڙو ماڻهو پورن چاليهن سالن جي زندگي جي ذري ذري جي ڪک برابر ڏڪ جو نشان ياد رکندو آهي، ائين چئجي ته ويندي پنهنجي ٽيل هر توهين جو تفصيل ميڙي، هر ويلي تنهن ۾ واڌارو ڪندو رهي ٿو، هر وارتا جو ڪک پن ميڙڻ هن لاءِ اڃا به وڌيڪ توهين ڪندڙ هوندو آهي، سندس زندگي جي ڪار گذارين جي ميڙي چوندي، ڪروڙ سبب سندس سوچ جي حد تائين ڪيس چيري ڦاڙي رت جي درياءَ ۾ ٻوڙي ڇڏي ٿي.

هيءُ ڪوئي جهڙو ماڻهو پنهنجي سوچ جي ڏارائن جي ڪري شرمسار هوندو آهي پر شرمساري هوندي به هيءُ ڪوئو پنهنجين سوچن جي سيني ڏارائن کي سموهي ياد ڪندو رهندو آهي، انهن جي هر باريڪ ور وڪڙ تي بار بار نظر وجهندو رهندو آهي، تان جو ائين هو اڻ ٻڌل شيون به پاڻمرادو جوڙيندي ائين سوچيندو آهي ته هيئن ۽ هونئن به ٿي سگهي ٿو ۽ هيءُ ڪوئو ڪنهن به شيءِ کي اڻ ڇهيو نه ڇڏيندو آهي. هن طرفان ائين پلاند وڻڻ پاڻ مرادو هلي پئي ته ٺيڪ ور نه هيءُ ائين ئي اٽپورو، معمولي ماڻهو بڻجي، ڪنهن اڏيءَ پويان پنهنجو پاڻ کي لڪائي، پنهنجي هٿان پلاند وڻڻ جي سگهه نه ساري يا پنهنجي سوچ ۾ شڪ هئڻ سبب، اهو ساڻ ستيندي ته پلاند جي لاءِ سڀ لڪ لتاڙڻ کان پوءِ به ممڪن آهي ته پلاند وڻڻ جي ملهه کان سوين پيرا وڌيڪ ملهه ادا ڪرڻ کان پوءِ به هار کي منهن نه ڏيڻو پوي. هن جي اندر جي اهڙي ئي ڦ سبب مان اهو چوڻ جي همت ڪندس ته شايد هي ماڻهو پنهنجو پاڻ کي چهنبڙي ئي نه پائي سگهي. هيءُ ويچارو ڪوئو مرڻ ڪنڊي تي پهچندي به سالن

كان گڏ ٿيندڙ پنهنجي پلاند جي خواهش کي هو بار بار ورجائيندو رهندو ۽ ...

هيءُ ڪوئو بس اهڙي ئي هار ۾، مايوسي ۾ ڪڙهندي، پنهنجو پاڻ تي پاڻ بدران لڏندي لمندي، پنهنجي اهڙيءَ سوچ جو ماتم ڪندي پنهنجو پاڻ کي چاليهه سالن جي لاءِ زير زمين زندگي گهارڻ لاءِ جيئرو پوري چڏي ٿو، جنهن ۾ هو پنهنجو پاڻ کي رواجي طور عام ماڻهو رکندي ب، ڪنهن حد تائين پنهنجي حيثيت کي نا اميدي ۾ بدلائيندي، نامڪمل خواهشن جي بار هيٺ پيسجندي، دهڻ ڏهڻ جي ويڑهه ۾ لتڪندي، ڪر ساهڻ جا نوان واعدا ڪندي ۽ منٽن ۾ ئي تن کي مليا ميٽ ڪندي پساهه ڪندو رهي ٿو ..... پنهنجو پاڻ کي اهڙين ئي عجيب خوشين جو محافظ سمجهندو آهي، جهڙيز خوشين جي باري ۾ مون اوهان اڳيان ڪوڙ ٿي بڪيو. هيءُ انتهائي نازڪ معاملو آهي، جنهن جي چند چاڻ ناممڪن آهي. اهي ماڻهو جن جو سوچ پوري پني آهي، ويندي رواجي سخت جان ماڻهو ب هن ڪيفيت جو هڪ اکر ب سمجهي نه سگهندا. "ائين ممڪن آهي" اوهان ڏند شيڪيندي پنهنجي ڪٿا شامل ڪندي چئو، "اهڙا ماڻهو هن ڳالهه کي هونئن ب نه سمجهي سگهندا جن ماڻهن پنهنجي منهن ۾ ٽڦ نه جهلي آهي" ۽ ائين ئي اوهان نوڙت سان اهو ورجائيندا ته مان ب پڻ ڪين ڄاڻان ٿو، شايد! مون زندگي ۾ منهن ۾ ٽڦ ڪائڻ جو تجربو ماڻيو آهي، تنهن ڪري ئي مان اهڙيون ڳالهيون ڪري رهيو آهيان، جيئن ٽڦ جو سور سهندڙ ڪو ب ماڻهو ڪندو آهي. مان اوهان سان شرط ٿو لڳايان ته اوهان اهو ئي سوچي رهيا آهيو. پر منهنجا سائين! ٿورو پنهنجي متي تان بار هٽايو، گهٽي زور ماري نه ڪيو، مون منهن ۾ ڪڏهن ب ٽڦ نه ماڻي آهي، جيتوڻيڪ اهو منهنجي لاءِ بي معنيٰ معاملو آهي ته اوهان ڇا سوچي رهيا آهيو. ٽي سگهي ٿو ته

مون کي ان ڳالهه جو افسوس هجي ته مون پنهنجي زندگي ۾ ايترين ٿوريون ٿڦون ڪاڏيون آهن. هاڻي گهڻو ٿيو..... هاڻي اوهان جي دلچسپي واري هن معاملي ۾ ڪو هڪ اڌ لفظ به وڌيڪ نه چئبو.

مان چيڙهي متيءَ مان جڙيل اهڙن ماڻهن، جي خوشيءَ جي ڪا مخصوص گهرائپ سمجهي نه ٿا سگهن، تن جون ڳالهيون هينئون لائي ڪندو رهندس. جيتوٽيڪ ڪنهن مخصوص حالات ۾ اهي باعزت ماڻهو ڪنهن گوبر ڏاند جيان ٽڏندا آهن، اچو ته ائين ٿا وٺون ته جيتوٽيڪ سندن اهو ٽڏڻ ڪنهن اچاتري ڪارڪردگي جي ڪري هوندو آهي، تنهن هوندي به، جيئن مان اڳ ئي چئي چڪو آهيان ته ناممڪن واري سوال کي هو يڪدم ٽڏو هڻي پاسي تي ڦٽو ڪندا آهن. ناممڪن مان مراد پٿر جي ديوار آهي! ڪهڙي پٿر جي ديوار جي ڳالهه ڪجي ٿي؟ ائين ئي ڪا اهڙي ديوار، جيئن قدرتي قانون، نيچرل سائنس جا اخذ ڪيل نتيجا يا رياضي وغيره، جن کي ٽيڙي نه ٿو سگهجي. اهڙا ماڻهو جيئن ئي ڪو دليل ڏيئي اوهان آڏو پاڻ کي سچو ثابت ڪندا، جيئن چئجي ته ماڻهو پولي مان ترقي ڪئي آهي، پوءِ ان ڳالهه کي رد ڪرڻ لاءِ اوهان کي ڳلي ڦاڙڻ جي ڪا به ضرورت نه آهي، ان کي حقيقت ئي مڃڻو پوندو. جڏهن ڪنهن ماڻهو لاءِ اهو ثابت ٿي وڃي ته حقيقت ۾ هن جي لاءِ پنهنجي چوڌاري جو هڪ ٽيپو به ٻين لکين گڏ گهاريندڙ مخلوقات کان وڌيڪ پيارو آهي ۽ هن جو اهڙو ڪيل نتيجو عام قدرن، ذميدارين، تعصبات ۽ خيالات جو هڪ ميل آهي ۽ ان لاءِ پوءِ ماڻهو کي هيءَ سڀ قبول ڪرڻو پوندو، ان سواءِ ٻيو ڪو حل ئي نه آهي. به ۽ به برابر چار رياضي جو طئي ٿيل هڪ قانون آهي، اوهان صرف ان کي غلط ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ڏيکاريو.

منهنجي ان ئي ڳالهه ۽ ۽ ۽ چار کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ چوڻ تي اهڙا ماڻهو پنڊي هاري ڏيندا، انهن جي اهڙي رويي تي اعتراض ڪرڻ مان ڪو به لاپ نه ملندو آهي: ۽ ۽ ۽ برابر چار! قدرتي وهنوار کان به پڇا ڪرڻ جي ڪا به ضرورت نه آهي، قدرت کي ڪنهن جي خواهشات جي ڪا به پرواه نه هوندي آهي ته ڪو ان جي قاعدن ۽ قانونن کي پسند ڪري يا نه. اها اسان سڀني جي مجبوري آهي ته اسان قدرت کي جيئن آهي تيئن قبول ڪريون ۽ ائين قدرت جا سارا ڪيل نتيجا به جيئن جو تيئن مڃيون. ڏسو! هڪ ديوار. ديوار ئي هوندي آهي... ۽ ائين ئي ٻيون گهڻيون ساريون شين پٽيان شيون پنهنجو وجود رکنديون آهن. مهربان ڪائنات! پر مان تنهنجي قانونن ۽ سادي رياضي جي ڇو پرواه ڪيان، جڏهن ته پنهنجن ڪن سببن جي بنياد تي مان قدرت جي قانونن ۽ ۽ ۽ چار جي ڳڙ ڳوت تي سوال اٺاري سگهان ٿو؟ يقينن پت سان مٿو ٽڪرائيندي مان ان کي ڪيرائي ته نه ٿو سگهان ۽ جيتوڻيڪ مون وٽ ان کي ڪيرائڻ جي سگهه نه آهي، پر تنهن هوندي به مان آساني سان آڻ نه مڃيندس ته اها هڪ پٿر جي ديوار آهي ۽ مون ۾ ان کي ڪيرائڻ جي سگهه نه آهي.

جيتوڻيڪ منهنجي لاءِ اهڙي پٿر جي ديوار هٽ تي هٽ رکي ويهڻ سبب هڪ آسيس جو سبب هئي ۽ منهنجي لاءِ حقيقت ۾ منجهس مفاهمت جو ڪو لفظ سمايل هو، منهجي لاءِ پٿر جي هيءَ ديوار بلڪل ائين حقيقت هئي، جيئن ۽ ۽ ۽ چار هڪ حقيقت آهي. اوهه! هيءَ ته بيوقوفين مان به هڪ بيوقوفي جي ڳالهه ڪئي ويئي آهي! اهو ڪيترو نه بهتر ٿيندو ته هي سارو سٽاءُ سمجهي سگهججي. جي سهيڙي سيني ناممڪنات ۽ پٿر جي ديوار جي ڳالهه ڪجي ۽ ان سڀ جي به جنهن سان اوهان کي سهمت ٿيڻ سان پنهنجي بي عزتي لڳي، هن ڪنڌ نه

ڪيائي سگھجندڙ بار جي هيٺان اچڻ سبب، منطقي ڪٽ جوڙ جنھن جي ڪري ڪنھن دائمي موضوع جي گھٽن تٽن چرڪائيندڙ نتيجن تي پھچجي تہ ويندي پٽر جي ديوار جي بھاني لاءِ ماڻھو پاڻ ئي ذميوار آھي، جنھن ڪري مٽس آڻ مڃڻ جو الزام ھٽي سگھجي ٿو. جيتوڻيڪ ھڪ پيرو وري ٻيھر سڄ جيان عيان آھي تہ گھٽ ۾ گھٽ هيءُ اھو ماڻھو نہ آھي، جنھن تي ھينئن آڻ مڃڻ جو الزام ھٽجي ۽ تنھنڪري خاموشي سان اھڙو ماڻھو پنھنجا ڏند ڪرٽيندي، بيڪار بنجي، درياءَ جي وھڪري ۾ وھي، اھڙي حقيقت کي مڃي ڪڪڙ جيان آري تي ويھي رھي، جو ڪيس لڳي تہ اھڙو ڪو وجود ئي نہ آھي جنھن کان پلاند وٺجي. پلاند وٺڻ جي لاءِ ھن وٽ ڪو بہ وجود نہ ھوندو آھي ۽ شايد! اھو بہ تہ وٽس پلاند وٺڻ لاءِ ڪو بہ وجود ھن جي ڪراھت جي نشاني جي شڪار ٿيڻ لاءِ پڻ نہ ھوندو آھي. ائين چئجي تہ هيءُ ھٽ جو ڪمال آھي، ڪوئي جادو، تاش جي پتن جي راندیگر جو ڪمال آھي، نہ ڄاڻڻ تہ ڇا ڪجي ۽ نہ ڄاڻڻ تہ ڪنھن کان بدلو وٺجي، بس ھڪ مونجھارو آھي. انھن سيني بي يقينين ۽ مونجھارن جي ھوندي بہ اھڙي ماڻھوءَ ۾ ڪو درد آھي ۽ جيترو ماڻھو درد کي نہ ڄاڻيندو، اوترو اھڙي ماڻھوءَ لاءِ درد وڌيڪ گھائيندڙ ھوندو.

❑

وندڻ چوٽون

"ها، ها، ها! ويندي ماڻهو ڏند جي سور ۾ ٻه سرهائي ماڻي سگهي ٿو، ماڻهو سور جي هوندي ٻه دل اندر کل ڪجڪي سان پيو ڪرڪندو رهندو آهي."

منهنجا سائين! ائين ئي آهي. ماڻهوءَ لاءِ ويندي ڏند جي سور ۾ ٻه خوشي پريل هوندي آهي، مان ائين ئي ياڻيان ٿو. مان اوهان کي ٻڌائي چڏيان ته مون کي پورو مهينو ڏند ۾ سور هو ۽ آءٌ ڄاڻان ٿو ته ڏند جي سور ۾ ٻه مون سرور ٿي ماڻيو. اهڙيءَ طرح، ائين ئي چئجي ته ماڻهو اجايو زهر اوڳاڇيندڙ نه هوندا آهن پر ڪنجهندي ڪرڪندي ٻه اهي سنئون سڌو ڪنجهندا ڪرڪندا نه آهن. انهن جو ڪنجهڻ ڪرڪڻ ناسور جيان هوندو آهي ۽ ناسور ئي ماڻهو جو بنيادي مسئلو آهي. عذاب ۾ پيڙهجندڙ ماڻهوءَ جو اظهار ئي ڪنجهڻ ڪرڪڻ ۾ آهي، جي ماڻهوءَ کي ائين ڪنجهڻ ڪرڪڻ ۾ تسڪين محسوس نه ٿئي ته پوءِ ڇو ائين اجايو هو ڪنجهندو ۽ ڪرڪندو رهي؟ ماڻهوءَ جي تڪليف ۾ مزو ماڻڻ واري ساري مامري کي سمجهڻ جو هيءَ ڳالهه هڪ سهڻو مثال آهي. مان ان مثال کي ئي بنياد بنائي پنهنجي ڳالهه اڳتي وڌائيندس. پهريائين ته ائين ڪنجهڻ ڪرڪڻ ڪنهن ماڻهوءَ جي سور جي اجائپ وارو اظهار هوندو

آهي. ائين ڪنجهڻ ڪرڪڻ ماڻهو جي ضمير جي لاءِ توهين آميز هوندو آهي. هيءُ قدرت جي قانون جو هڪ تاجي پيٽو آهي، اهڙي قدرت جي قانون تي اوهان ڪراهت مان ٽڪون هٽندا. مان يقين سان چوان ٿو ته ائين ٽڪڻ سان ۽ قدرت بدران ماڻهوءَ کي ئي ساڻئي انداز سان پوڻٽو پوندو آهي. ماڻهو ڏاها ٻڌجي اهو اظهار ڪندا آهن ته سندن ڪو ۽ دشمن نہ آهي، جنهن کي هو سزا ڏين. بس سائين! اهو ته رڳو ڏند جو سور ئي آهي، جنهن کيس پنهنجي ڄار ۾ وکوڙي سوگهو ڪيو آهي. اهڙو ممڪن توهين آميز ٽڪساڻ ڄاڻندي ۽ ماڻهو پنهنجي ڏند جي پوري طرح غلامي ڪرڻ ۾ ڪامياب هوندو آهي، ائين چئجي ته اگر جي ڪوئي ٻيو اهو چاهي ته هن جا ڏند سور نہ ڪن ته ماڻهو جا ڏند سور ڪرڻ ڇڏي ڏيندا ۽ جي هو نہ چاهي ته هن جا ڏند ايندڙ ٽن مهينن تائين سور ڪندا رهندا ۽ پوءِ جي ايجا ۽ ماڻهو ضد ڪندي ڏند جي سور خلاف پنهنجو احتجاج جاري رکندو يا ديوار کي پنهنجي پوري سگهه سان مڪون هٽندو رهندو ته هو بس اهو ئي ڪري سگهي ٿو نہ ڪي ٻيو ڪجهہ. ائين ماڻهو جون اهڙيون گهائينڊ بيعزتيون، ڪنهن اڻ ڄاتي ڏسا کان هن مٽان توهين آميز ٽهڪ ڏيندي ڏيندي، پوءِ هن جي خوشي ۾ بدلجي پنهنجي پڃاڻي کي پهچنديون آهن، ماڻهوءَ جي دل جي اهڙي خوشي، ڪڏهن ڪڏهن دل جي انتهائي ليائينڊ حد کي ڇهڻ لڳندي آهي.

منهنجا سائين! مان اوهان کان پڇان ٿو، ڇا ڪڏهن اٽويهين صدي جي ڪنهن پڙهيي لکيي ماڻهوءَ جي ڏند جي سور کان ڪنجهڻ ڪرڪڻ کي ڪن لائي ٻڌو اٿو؟ جڏهن ماڻهو، ڏند جي سور جي ويڑهي وسائڻ جي ٻئين يا ٽئين ڏهاڙي ڪنجهڻ جاري رکيو ويٺو هوندو آهي، سو جي اوهان ٻڌندا ته اهو ڪنجهڻ هن جي پهرئين ڏينهن جي ڪنجهڻ کان گهٽو متيل هوندو آهي،

ڪنجهڻ جو اهڙو نئون انداز ان ڪري هوندو آهي ته جيئن ٻين کي پتو پوي ته نہ صرف هن ماڻهوءَ کي ڏنڊ جو سور آهي، جيئن ڪنهن عام جٽ هاريءَ کي ڏنڊ جو سور ٿي سگهي ٿو پر هيءُ سور هڪ اهڙي عام يورپي ماڻهوءَ جي سور جيان آهي، جيڪو "پنهنجي ڌرتي ماءُ کان دربدر ٿي ۽ پنهنجا سڀ قومي ڏاڳا سڳا چني ويٺل آهي." هيءُ ڏنڊ جي سور جو اظهار اهڙو ئي هوندو آهي، جيئن اڇلهه اهي دربدر ٿيل يورپي ماڻهو پنهنجي سور جو اظهار ڪندا آهن. هن ماڻهو جو لاڳيتو ڏينهن رات ڏنڊ جي سور کان ڪنجهڻ ڏکوئيندڙ ڪراهت آميز ناسور جيان هوندو آهي ۽ ڪيس پوري پروڙ هوندي آهي ته هو ائين ڪنجهڻ سان پنهنجي لاءِ ڪو لاڀ يا ڪو سڪون ماڻي نہ سگهندو. هر ماڻهوءَ کي ٻئي ڪنهن ٻ ماڻهو کان وڌ پنهنجي لاءِ اهو پتو هوندو آهي ته ائين ڪنجهڻ سان هو چڙو پنهنجو پاڻ ۽ ٻين کي اجايو پريشان ڪري اهنج ڏيئي رهيو آهي. هو ڄاڻندو آهي ته جن ماڻهن اڳيان هو همدردي ماڻڻ لاءِ ڪنجهندي پنهنجو جتن جاري رکيو ويٺو آهي، اهي ۽ سندس سارو ڪٽنب ٻ هن کي ڪراهت مان پيو ڏسندو آهي ۽ انهن تي هن جي ڪنجهڻ جو ٽڪي برابر ٻ اثر نہ ٿيندو آهي، تنهنڪري ڪيس لڳندو آهي ته هن کي ڪنهن ٻئي نئين انداز سان ڪنجهڻ کپي. وڌيڪ سولو ڪري چئجي ته هن کي پنهنجي اندران ئي اندران سڪل تارون کي زبان سان چهڻ ۽ ڦڪي سواد جهڙو اونو پيو ڪائيندو رهندو آهي ته هو اجائي مشڪري ۽ ناسور جهڙي حرڪتن سان چڙو پنهنجو پاڻ کي پيو ليائي. ها! هيءُ ماڻهو اهڙي ئي انداز سان ڪنجهندي، پنهنجي سيني بيعزتين ۽ ڏڪار جو جسم ۾ سيسراٽيون وجهي ڇڏيندڙ جهڙي خوشي ماڻيندو آهي. جيتوڻيڪ هي ماڻهو پيو چوندو آهي: "مان اوهان کي اجايو پريشان ڪري رهيو آهيان، مان اوهان جي هينئڻ تي لوڻ ڀرڪي رهيو آهيان، مون گهر ۾ سيني ماڻهن جي ننڊ ڦٽائي ڇڏي آهي. پر چگو اهو آهي! ٿورو اوهان ٻ

جاڳيل رهو پوءِ اوهان کي به لڳندو ته مون کي ڏند جو سور آهي. مان هاڻي به اڳ جيان ڪنجهڻ ڪرڪڻ جا جتن ڪندي به اوهان لاءِ تر جيترو به اهم نه بڻجي سگهيو آهيان، پوءِ اهوئي چگو آهي ته مان هڪ ڏوکيباز ۽ ٺيڙو ماڻهو سڏجان! مون کي خوشي آهي ته منهنجي ائين ڪرڻ ڪري اوهان سور جي پيڙا کي پسي سگهو. اوهان لاءِ به اهو ڏاڍو اوکو ڪم آهي ته منهنجي ڪراهت آميز ڪنجهڻ کي ائين ئي ٻڌندا رهو: چگو آهي ته ان سور کي منهنجي لاءِ ايذائيندڙ ئي رهڻ ڏيو، هينئر ئي هڪ منٽ ۾ مان اوهان کي ان کان به وڌيڪ ايذائيندڙ سور کي منهن ڏيارينديس ....”

منهنجا سائين! ويندي هاڻي به اوهان کي منهنجي ڳالهين مان ڪجهه به پلئي نه پوڻو آهي؟ نه يارو نه! مون کي لڳي پيو ته منهنجي هنن ڳالهين جي گهڙاءُ ۽ ڏاهپ جي ڏنگ کي اڳتي وڪ وڌائڻ گهرجي، تان جو هن نموني جي ايذائيندڙ تسڪين جون نزاڪتون اسان سيئي سمجهي سگهون. اوهان ڏند ڪيو پيا؟ مار ايڏي خوشي! منهنجا سائين! منهنجا پوڳ به بيهودا، هوائي، ڪوکلا ۽ خود اعتمادي جي ڪوٽ جو اهجاڻ آهن. پر هي سڀ توائي ڳالهيون ان ڪري ائين آهن جو مان پاڻ به پنهنجي عزت ڪو نه پيو ڪريان. چا ڪو به سياڻو ماڻهو ڪنهن به نموني پنهنجي عزت ڪري سگهي ٿو؟

❑

وندِ پنجون

ڏسو نہ سائين! جو ماڻهو پنهنجي بي عزتي جي احساس ۾ خوشي ڳولهڻ جا جتن ڪندو هجي سو ماڻهو پنهنجي عزت جو ڪو ڏيئو ڪيئن ٻاري سگهي ٿو؟ مان هيءَ ڳالهه ڪو ڪنهن کيل بچڑائي جي پچتاء جي پورائي ڪرڻ لاءِ ڪو نہ ٿو چوان. ۽ حقيقت ۾ مان ڪنهن بچڑائيءَ جي پچتاء جي پورائي ڪرڻ لاءِ ائين چئي ٻہ نہ سگهان ها. "بابا، مون کي معاف ڪريو. مان وري ٻيهر اهڑي ڳالهه نہ ڪندس." نہ، ان لاءِ نہ تہ ڪو مان اها ڳالهه ڪرڻ جي قابل نہ آهيان ... شايد! مان ان ڪري ٻہ ائين نہ ٿي چيو، جو تہ ڪنهن مناسب اندز ۾ ائين چوڻ ۽ ڪرڻ منهنجي لاءِ انتهائي سولو آهي. جڏهن تہ منهنجو ڪو ڏوهہ ئي نہ هوندو هو تڏهن ٻہ مان پاڻمرادو ڏاڍين ڏکاين جي ڇار ۾ ڦاسندو رهندو هئس. ائين بيڏوهہ ماڻهوءَ جو ڪنهن ڇار ۾ ڦاسڻ بي عزتي جي احساس جو گهائيندڙ پاسو هوندو آهي. ساڳئي ويلي مان بنيادي طور ڏيل ڏکويل ۽ همت هار جي پچتاءَ جي ڏبڻ ۾ ڦاٽل هوندو هئس. مان ڳوڙها ڳاڙيندو رهندو هئس ۽ يقينن ڳوڙها ڳاڙي مون پنهنجو پاڻ کي ڏوکو ٿي ڏنو. جيتوڻيڪ، گهٽ ۾ گهٽ تنهن ويلي، مون ڪا اداڪاري نہ ٿي ڪئي ۽ تڏهن ٻہ منهنجي اندر

گهائيندڙ دونهون دکندو رهندو هو ... انهيءَ دونهين دکڻ جي لاءِ قدرت جي قانونن کي ب کا ميار نہ ٿي ڏيئي سگهجي، جيتوڻيڪ قدرت جي قانونن ۾ئي ڪنهن ب شيءِ کان وڌيڪ، سدائين منهنجي زندگيءَ ۾، مون تي پئي چڙهايون ڪيون آهن. اهي سڀ ڳالهيون ياد ڪرڻ ڏاڍو من گهائيندڙ آهن، پر اهي ڳالهيون هتي بيان ڪرڻ کان اڳي ب ائين ئي هينئڙي تي لوڻ ہرکيندڙ ئي هوندیون هيون. پڪ ڄاڻو تہ هڪ منٽ يا ائين ڪي ٿورو وڌيڪ وقت گذرڻ کان پوءِ مان ڪنهن ڏهکاءَ ۾ اچي وري اهو چوندس تہ منهنجو هي ڳالهيون ائين بڪڻ سڀ ڪوڙ آهي، چيري ڦاڙي چيهون چيهون ڪندڙ ڪوڙ من گهائيندڙ ڪوڙ چو تہ هيءُ سڄو سارو ڪوڙ جو وايو منڊل، ڪنهن اوٽائي جو پڇتاءُ، ڪو جيءَ جهروڪي جو جذبو، ڪنهن بهتري جو ڏيئو آهي.

اوهان پڇندا تہ چو ائين ہاراٽيون ڪري مان پنهنجو پاڻ کي پريشان ڪريان ٿو: منهنجو جواب آهي تہ پنهنجون ہانهون ہڏي ويهڻ اجايو هو، تنهن ڪري کي گل ميڙي، خوشبوءِ ڦهلائڻ، واندي ويهڻ کان بهتر ئي آهي. ها! هي ڳالهيون ڪرڻ گل ميڙڻ ئي تہ آهي. منهنجا سائين! پنهنجو پوري ڏيان سان منهنجو جائزو وٺو، پوءِ ئي اوهان کي منهنجي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويندي تہ هي جا مان گل ميڙڻ جي ڳالهہ ڪيان پيو سا ئي ڳالهہ ٺيڪ آهي. مون پنهنجي لاءِ کي ڪارائتيون ڳولهائون جوڙي پنهنجي زندگي کي ڪو رنگ ڏنو آهي تہ جيئن گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن نموني تہ زندهہ رهي سگهجي. مون سان زندهہ رهڻ لاءِ جتن ڪرڻ واري اهڙي وارتا ڪيترا ئي پيرا ٿي آهي .... چگو، هن ويلي مثال ٿا وٺون تہ جي ڪنهن ڏاڍ کي ڪو مطلب ڏجي، بي مقصد ئي سهي، ۽ اهو ب تہ هر ماڻهو پنهنجو پاڻ کي چگيءَ ريت سجاٽيندو

آهي. يقينن، جي ڪوئي بي ڏوهي ڏاڍ جي گهاٽي ۾ پيڙهيو وڃي، ڪوئي ائين ساڻس ڏاڍ ڪندو هجي. سو گهٽ ۾ گهٽ ائين ئي ڪوئي ماڻهو پنهنجو پاڻ کي ان جيڙي تي پسندو آهي، جتي ساڻس سچ مچ ڏاڍ ڪيو ويندو آهي. مون پنهنجي زندگي ۾ اهڙائي ڪيترائي پاڻ سان ڪيڏ ڪيا آهن جو آخر ۾ مان انهن کيڏن تي پنهنجو ضابطو وڃائي ويهندو آهيان. ڪنهن ٻئي ويلي ان جو ذڪر ڪبو. حقيقت ۾ مون ۾ پيرا پيار ڪرڻ جي لاءِ سر ڏرَ جي بازي لڳائي ڇڏي هئي. منهنجا سائين! مون تي پروسو ڪريو، پيار ڪرڻ ۾ ۽ مون ڏاڍو پوڳيو آهي. منهنجي دل جي گهرائيءَ ۾ پيار جي لاءِ پوڳڻ جو تصور ئي نه هو. بس جي ڪجهه هو ته اها هئي اجائي لٻاڙ جي هلڪي ڦلڪي ريکا، پر تنهن هوندي ۽ مون پوڳيو آهي ۽ سچ پچو ته روايتي طريقي طور مان پنهنجو پاڻ سان ساڙيلو هئس .... ۽ ائين هيءَ مون سان منهنجي ذهني حالت جو ٿيڻ، منهنجي بوريت جيڪري هو. ها منهنجا سائين! منهنجي بوريت جيڪري ئي ڪاهلي منهنجي اندر ۾ پنهنجا پير جمايا هئا. اوهان جاڻو ٿا ته ڏاهپ جو سنئون سڌو، املهه لاپ ڪاهلي آهي، سو ڏاهو ماڻهو هٿ تي هٿ ڏريو ويٺو رهندو آهي. مان اهڙو ذڪر اڳ ئي ڪري چڪو آهيان. مان بار بار ورجائي ان ڳالهه تي زور ڏيئي رهيو آهيان ته روايتي ۽ جاکوڙي ماڻهو چست هوندا آهن. سندن چستي ان ڪري آهي جو اهي اياڻا ماڻهو هوندا آهن ۽ سندن سوچ ۽ ڏاڍي محدود هوندي آهي. هن ڳالهه جي ڪيئن وضاحت ڪجي؟ همت نه هاريو، مان ئي اوهان کي ٻڌائيندس: اياڻا ماڻهو پنهنجي سوچ جي محدود هئڻ ڪري، اهي بنيادي سببن بدران، اهي ڏيڪ وارن ۽ تراکڙن سببن جو سهارو وٺندا آهن ۽ اهڙي طرح سياڻن بدران تمام

تيزيءَ ۽ سولائيءَ سان ڪجھ ڪم جوڳي ڪرڻ لاءِ پنھنجو پاڻ کي جلدي قائل ڪري وٺندا آھن ۽ ائين سندن ذھن پرسڪون ٿي ويندا آھن ۽ اوھان ڇاڪو ٿا ت ذھن جو پرسڪون ھئڻ ماڻھو جي ڪجھ ڪرڻ جي سگھ لاءِ بنيادي گھرج آھي. توھان کي يلييءَ پت پروڙ آھي ت ڪنھن بہ ڪم ڪرڻ لاءِ سڀ کان پھريائين اھو ضروري آھي ت ماڻھوءَ جو چيتو ھر حال ۾ چين سان ھجي ۽ ان ۾ ڪنھن بہ شڪ جو ڪو بہ اھجاڻ موجود نہ ھجي. مثال طور پاڻ کان سوال ڪجي ت مان پنھنجي ذھن کي ڪيئن پرسڪون بنائي سگھان ٿو؟ اھي ڪھڙيون بنيادي گھرجون آھن، جنھن جي بنياد تي مون کي ذھن جي پرسڪون پيڙھ جو پٿر رکڻ گھرجي؟ مان پنھنجي ذھن کي پرسڪون رکڻ جون بنيادي گھرجون ڪيئن پوريون ڪري سگھان ٿو؟

مان پنھنجي سوچ جي عڪس جو اظھار ڪندو آھيان ۽ نتيجي طور منھنجو ذھن ۾ ھر سبب پنھنجي پٽيان ھڪ ٻيو بنيادي سبب ڳولھي لھي ٿو ۽ ائين ھڪ سوالن جي نہ ڪٽندڙ ڏرين ڏکھي سفر تي ھلي پئي ٿي. اھوئي ڏرين جو نہ ڪٽندڙ سفر تي ھلي پوڻ، ڏاھپ جو اھجاڻ ۽ ان جو عڪس آھي. تنھن ڪري ڏاھپ وري ٻيھر قدرت جي قانونن جو ضروري آڏر بنجي پوي ٿي. آخر ۾ ان جو ڇيھ ڪھڙو آھي؟ ڇاڪاڻ ت اھو ئي ساڳيو نتيجو اسان جي اکيان آيو، جنھن جي مون اڳ ڳالھ ڪئي ھئي. ياد ڪريو، مون ٿورو اڳ ئي پلاند وٺڻ جي ڳالھ ڪئي ھئي. (مون کي پڪ آھي ت اھا ڳالھ اوھان نہ وساري ھوندي.) مون چيو ھو ت روايتي ماڻھو پنھنجو پلاند پاڻ ان ڪري وٺي ٿو ڇو ت ائين ڪرڻ ۾ ڪيس انصاف ٽيندي نظر اچي ٿو. تنھن ڪري روايتي

ماڻهو هر طرح پرسڪون هوندو آهي ۽ اهڙي طرح نتيجي ۾ هو سولائيءَ سان پنهنجو پلاند وڻي سگهي ٿو ۽ ته ڪيس پروسو هوندو آهي ته هو انصاف ۽ ايماندري وارو ڪم ڪري پيو. پر مون کي ان جي ڪيل اهڙي عمل ۾ انصاف نظر نه ٿو اچي، ويندي مون کي ڪنهن به طرح اهڙي عمل ۾ ڪو اخلاقي قدر به ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي، تنهن ڪري جي مان اهڙي انداز سان پلاند وڻندس ته منهنجي لاءِ اهو انصاف بدران منهنجي اندر جو ڪروڌ يا ڪنهن کي اهنج ڏيڻ جو ڪڏو ڪرتوت هوندو. ڪنهن کي اهنج ڏيڻ جو ڇو، يقينن ٻي هر شيءِ تي ڳورو پئجي ويندو ۽ ٿي سگهي ٿو ته منهنجا شڪ بنيادي گهرجن جي جاءِ تي ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏين، جي سهيڑي چڪجي ته جيئن ته اهنج ڏيڻ ڪنهن چگهائيءَ جو بنياد نه هوندو آهي. تنهنڪري جي مون وٽ ڪنهن کي اهنج ڏيڻ جي تمنا ئي نه آهي ته پوءِ نيٽ چا ڪرڻ گهرجي؟ (اوهان چاڻو ٿا ته مون هاڻي اهڙي ڳالهه ڪرڻ شروع ڪئي آهي). ڏاهپ جي ڏنگيندڙ قائدن ۽ قانونن موجب، منهنجي اندر جي ڪاوڙ هڪ ڪيميائي ڀڃ ڊاهه آهي. اوهان منهنجي ڪاوڙ تي نظر ڊوڙايو، منهنجي ڪاوڙ جو بنياد مليا ميٽ ٿي ويندو آهي، اوهان جا منهنجي لاءِ گهڙيل دليل ڀاڪ بڻجي هوا ۾ اڏامي ويندا، جي مون کي ڪو ڏوهي نظر ئي نه ايندو ته پوءِ اجائي ڏنڊ جي سور جيان منهنجي ڪاوڙ نه چڙو اجائي پر هڪ خيالي ڳالهه ٿي رهجي ويندي، جنهن جي لاءِ ڪنهن تي به الزام نه ٿو ڏري سگهجي ۽ نتيجي ۾ ٻيهر ساڳيو هڪ خال رهجي وڃي ٿو، سو اهو ته جيترو زور سان ٿي سگهي، ماڻهو ديوار کي ڪون هڻي پر ديوار تي ان جو اثر نه ٿيندو. اهڙيءَ طرح ماڻهو پنهنجو هٿ هوا ۾ لهرائيندي همت هاري

ويهندو آهي، چاڪاڻ تہ ديوار سان مٿو ٽڪرائڻ جو ڪيس بنيادي سبب نہ ملي سگھندو آهي. پنهنجي محسوسات ۾ سواءِ ڪنهن عڪس جي، سواءِ ڪنهن رڪاوٽ جي، سواءِ ڪنهن بنيادي سبب جي، ٿوري ويلي لاءِ ڏاهپ کي پاسي تي ڦٽو ڪري، پيار يا نفرت کان مٿانهون ٿي، جي پنهنجا هٿ هٽ تي رکي ويهڻ کان آجو هجي تہ پوءِ پنهنجو پاڻ کي لڑهي وڃڻ ڏجي. ائين نہ ٿئي جو سياڻي نہ تہ ٻئي ڏهاڙي گهٽ ۾ گهٽ ماٺهو شرمساري کان پنهنجو ڪنڌ جهڪائي تہ هن پنهنجو پاڻ کي ڏوڪو ڏنو هو. نتيجو: اهڙي ماٺهوءَ وٽ ڪاوڙ صابڻ جي جهڳ جهڙي ۽ هن جي پنهنجي جي ڪاهلي آهي. اوهو! منهنجا سائين، چا اوهان چاٽو ٿا، شايد! مان پنهنجو پاڻ کي ذهين ماٺهو سمجهان ٿو. فقط ان لاءِ تہ مون پنهنجي پوري زندگي ۾ نہ ئي ڪنهن شيءِ جي شروع ڪرڻ يا تنهن کي پورو ڪرڻ جي قابل رهيو آهيان. اوهان ڏسو تہ مان ٻين سيني ماٺهن جيان لٻاڙي ماٺهو آهيان، ڪراهت ڏيارينڊڙ هڪ لٻاڙي. پوءِ نيٽ چا ڪجي؟ جي هر ذهين ماٺهو جو ڏنڊو چڙو لٻاڙ هجي، اهو ئي تہ شعوري طور پاڻي کي گيچڻ منجهاران چاڻڻ جيان آهي؟

❑

وند ڇهون

اوهان ساڪ تي چوان ٿو ته جي ڇڙو ڪاهلي جي ڪري مون ڪجهه به نه ڪيو هجي ها! پوءِ سوال اٿاريو وڃي ها ته مان پنهنجي پاڻ ڪهڙي بنياد تي عزت ڪري سگهان ها. سائين ٻڌو! پوءِ مون کي پنهنجي عزت ضرور ڪرڻ گهرجي ها. چاڪاڻ ته مان گهٽ ۾ گهٽ ڪاهل چوائڻ جي قابل ته هجان ها. ماڻهن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ منهنجي ڪاهليت جهڙي ڪا ته قابليت هجي ها. ائين ئي مون منجهه ڪاهليت جهڙي ڪا ته مثبت ڳڻڻ جوڳي قابليت هجي ها. تنهن قابليت ۾ منهنجو پنهنجو پورو پورو پروسو هجي ها. منهنجي لاءِ سوال اٿاريو وڃي ها: هي ڪهڙو ماڻهو آهي؟ ان سوال جو سادو سودو جواب هجي ها: هي هڪ بيڪار ماڻهو آهي. پنهنجي باري ۾ اهڙو جواب ٻڌي مان چا ته نه لذت ماڻيان ها! ان جو مطلب آهي ته منهنجي حيثيت کي مثبت انداز سان بيان ڪيو وڃي ها. ان مان ظاهر آهي ته منهنجي باري ۾ ڪجهه ته ڳاڻيٽي جوڳو چيو وڃي ها ... "هڪ ڪاهل ماڻهو" ... سوال ٿو اٿي ته ڇو اهڙو نانءُ منهنجي لاءِ ڪو لذت پريو هجي ها؟ مون کي ان مان لذت ان ڪري ملي ها ته منهنجو به ڪو نانءُ ڪا ڪرت هجي ها. بيڪاريت به ماڻهو جي هڪ ڪرت آهي. ڏند نه ٽيڙيو، مان صحيح پيو چوان. انهيءَ ڪري مون وٽ ماڻهن جي ڪنهن ميڙ

جي ميمبر ٿي سگهڻ جو حق هجي ها ۽ ائين مان لاڳيتو پنهنجي عزت ڪندي ڪندي پنهنجي زندگي کي مقصد ڏيڻ لاءِ ڪو ڏنڏو ڏاڙي ڳولهي لهي سگهان هان. آءٌ هڪ اهڙي ماڻهو کي ٿو سڃاڻان جيڪو پنهنجي پوري زندگي ڪنوئسيور آف لافٽ (فرينچ ريبز وائن) جي نانءَ سان سڏجڻ ڪري پنهنجو پاڻ تي ناز ڪندو رهيو هو. هن ماڻهو جو خيال هو ته هيءُ نالو سندس ڪنهن سٽي گڻ جو اهجاڻ هو ۽ هن پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجي قابليت تي ڪڏهن بہ تر برابر شڪ نہ ڪيو هو. اهو ماڻهو نہ صرف پر سڪون ضمير سان موت مري ويو هو پر پنهنجو پاڻ کي ان نانءَ جي ڪري ڪامياب ماڻهو سمجهندو رهيو هو ۽ هن جو پنهنجو پاڻ کي ائين ڪامياب ماڻهو سمجهڻ بلڪل صحيح ۽ مناسب هو. پوءِ بيڪار ماڻهو جي اهڙي نانءَ سان مون پنهنجي زندگي جي حاصلات جو دڳ چونڊيو هجي ها، جيتوڻيڪ وقتي ئي سهي پر منهنجي جياپي جو مقصد بيڪار ۽ نہ ڊاپنڊڙ (پيٽو) وارو ڪو ته مقصد هجي ها. تنهنڪري مون وٽ ائين من جي سونهن ۽ سرت لاءِ ڇڪ ۽ سياءَ هجي ها. ڪيئن ٻڌائجي، سونهن ۽ سرت اوهان کي بہ ليائيندين هونديون؟ مون وٽ سونهن ۽ سرت جي لوڙ جي ولوڙ رهي آهي. انهيءَ "سونهن ۽ سرت" جي خيال، چاليهہ سالن کان منهنجي چيتي تي سدائين راڄ ڪيو آهي، پر اها منهنجي عمر جي چاليهہ سالن واري گذر جي ڳالهہ آهي؛ پوءِ، پوءِ، ..... اوهہ! پوءِ منهنجي اندر ۾ اهو ڪو ٻيو ئي احساس هجي ها. مان پنهنجي لاءِ ڪو نہ ڪو ڪرڻ جوڳو ڪم ڳولهي لهي وٺان ها. تنهن ڪم ۾ مان ٻڏل هجان ها. جي ڪم جي ڳالهہ ڪجي، مان "سرت ۽ سونهن" جي واڌ ويجهہ لاءِ دل ڪولي پيئندو رهان هان. مان ڪو بہ موقعو هٿان وڃڻ نہ ڏيان هان ۽ پنهنجي گلاس ۾ پنهنجا ڳوڙها ڪيرائي، تنهن "سرت ۽ سونهن" جي ڳوڙهي ڳوڙهي ڪي مٺ سان ملائي چڏيان هان. پوءِ مان هر شيءِ ڪي سونهن ۽ سرت ۾ بدلائي چڏيان هان؛ گندي ۾

گندي گندگي جي هر ديرِ اڻ ميي خاڪ ۾ ٻہ سونهن ۽ سرت ڳولهي وڻان هان. مان نيساري جيان نيٽين نير وهايان هان. جيئن ئي ڪو فنڪار دل کي ڏڙڪن ڏيندڙ تصوير ٺاهي وڻي هان، مان هڪدم تنهن فنڪار جي نانءَ تي، جنهن خوشي ۾ جهومائي ڇڏيندڙ تصوير چٽي هجي ها، پنهنجا سي ڳوڙها پي وڃان هان. جا ٻہ شيءِ "سونهن ۽ سرت" آهي، سا مون کي ڏاڍي پياري لڳندي آهي. ليڪڪ لکيو آهي ***تون جيئن ئي ٺاهي وڻين ها:*** مان تنهن نانءَ تي "جو ٻہ ڪا تصوير ڪشي ڪري ها" مٿ جا ٻہ ڏڪ پي وڻان هان. چاڪاڻ تہ مان انهن سيني شين سان پيار ڪريان ٿو جي سونهن ۽ سرت جو اهڃاڻ آهن.

مان ائين سونهن ۽ سرت جي تلاش ڪارڻ، پاڻ پتوڙي پنهنجي عزت ڳولهي لهان ها. مان ان هڪ ماڻهوکي ٻہ ڦاهي چاڙهي ڇڏيان ها، جو منهنجي عزت ڪرڻ کان ڪترائي ها. ائين مان سڪون سان پنهنجي زندگي جيئي سگهان ها ۽ پوءِ مان وڏي شان سان مري سگهان هان، چو تہ سرت ۽ سونهن من موهيندڙ آهن، زندگي کي جياپو بخشيندڙ آهن. ها، ائين ئي چئجي تہ انتهائي من موهيندڙ! ۽ چا تہ نہ منهنجو گول متول پيٽ هجي هان، چا تہ نہ منهنجي سنهڙي سڪلڙي ڪاڏي هجي هان، چا تہ نہ مان پنهنجي لاءِ سونهن پريو گس گهڙيو هجي هان. هر ماڻهو مون تي نظر وجهندي ئي چئي ڏئي ها: "هي اڻو املهہ ماڻهو! هيءُ ئي آهي ملهہ مهانگو سپرين." ۽ اوهان جيترو ٻہ اتانهون ڪنهن ماڻهوءَ جي لاءِ سوچي سگهو ٿا سو پڻ مون کي سڏيو وڃي ها. هن ٻيائي جي دور ۾ پنهنجي باري ۾ اهڙا چيد ٻڌڻ منهجي لاءِ ڏاڍو ليائيندڙ هجن ها.

❑

وندڻ ستون

پر اهي سڀ سهڻا سونا سپنا آهن. اوهه! اوهان ئي مون کي ٻڌايو، اهو ڪير هو جنهن سڀ کان پهريائين وڏي واڪ چيو هو ته ماڻهو بيوقوف هوندو آهي، جنهن سڀ کان پهريان دعوا ڪئي هئي ته ماڻهو نه صرف ان ڪري بيوقوفيون ڪندو آهي جو ڪيس پنهنجي مفادن جو پتو نه هوندو آهي، پر ماڻهو نشي جي اگهور نند جيڪري به بيوقوفيون ڪندو آهي. جي ڪيس نشي جي نند مان جاڳائي، هن جون اکيون پٽائي، ڪيس آگاهي ڏني وڃي ته هن جا پنهنجا ذاتي مفاد ڇا سان سلهاڙيل آهن. پنهنجي مفادن جي ڇاڻ ڪانپوءِ ماڻهو يڪدم بيوقوفاڻيون حرڪتون ڪرڻ ڇڏي ڏيندو. ائين ماڻهو هڪدم ئي پلوڙ ۽ چگيرڙو ٽي پوندو، ائين چئجي ته زندگي جو ڇاڻو ۽ پاڻيرو ماڻهو ٽي پوندو ۽ پنهنجن ضروري فائدن جي پوئواري ڪندو ۽ ائين هو پنهنجي ئي مفاد کي سڀ کان مٿاهون رکندو ۽ ٻيون سڀ شيون هن لاءِ پنهنجي گر ۽ رس وڃائي ويهنديون. اسين سڀ ڇاڻون ٽا ته هن ڪائنات ۾ اهڙو ڪو به ماڻهو نه آهي جو پنهنجي مفادن جي ڇاڻ رکندي، پنهنجي مفاد ماڻڻ جي ابتڙ ڪم ڪندو هجي. تنهنڪري ائين ئي چئجي ته پنهنجي ضرورت جيڪري، ماڻهو سڃائي ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو؟ اوهه، هاڙي جهڙي پياري! اوهه، ڏوتل پوتل هار جهڙي ڪري ڳالهه ڪئي ويئي اٿم!

سوال ٿو پيدا ٿئي: هزارين سالن کان ڪڏهن پهريون پيرو ڪو اهڙو وقت آيو هجي، جنهن وقت ماڻهو پنهنجي مفاد جي برعڪس ڪو ٻيو گس ورتو هجي؟ جي ها، منهنجا سائين! ائين ٻ ٿيندو رهيو آهي. انساني تاريخ جي انهن لکين شاهدين جو ڇا ڪجي، جيڪي اهو ڏس ڏيئي رهيون آهن ته ڪيترن ئي ماڻهن شعوري طور پنهنجا ذاتي مفاد سڃاڻندي، تن کي پٺي ڏيندي، ڏکيائين ۽ اهنجن جي ڪنهن ٻئي رستي تي ڪندا لتاڙيندي، پنهنجي جيئڻ لاءِ ويساه جا نئين سر جوڙا جوٽيا آهن. ائين انهن ارڏن ماڻهن، نئين گس تي گوڏا ان ڪري نه گسايا آهن جو ڪنهن ٻئي ماڻهوء يا ٻئي ڪنهن شيءِ کين پنهنجو گس ائين نئين سري چونڊڻ ۽ ان تي پير ڏرڻ لاءِ ڪو مجبور ڪيو هو، اهڙو اوکو رستو چونڊڻ هنن جي پنهنجي ئي مرضي سان هو. اهڙن ماڻهن پنهنجي سر صرف نوان گس جوڙڻ ٽي چاهيا ۽ پنهنجي چاهه جي چاهت ۾ اچي هڪ نئون اوکو لهنوارو رستو چونڊيندي، اونداهي ۾ روشني لاءِ هٿوراڙيون پئي هنيون آهن. تنهنڪري مان سمجهان ٿو ته اهڙي چاهت رکڻ ۽ روايتي گس جي ابتڙ چارا ڳولهڻ انهن جي لاءِ فائديمند هئڻ کان وڌيڪ تسڪين مهيا ڪندڙ هوندو هو .... ان جو کين ڪهڙو فائدو ملڻو هو! ... اهڙن ماڻهن لاءِ ذاتي فائدو ڇا ٿيندو آهي؟ ذاتي فائدو انهن جي لاءِ بي معنيٰ هوندو آهي. ڇا اهو بار اوهان پنهنجي ڪلهن تي ڪٽي، اوهان سواءِ ڪنهن ب هڪ جي اهو ڇئي سگهو ته ماڻهوءَ جو فائدو ڇا ڇا ۾ جڙيل آهي؟ ۽ پوءِ ڇا ٿو ڪري سگهجي، جي ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو جو ڪو فائدو نه فقط ڪنهن رواجي جاکوڙ ۾ ٽي سگهي ٿو پر پڪ جاڻو ته ڪڏهن ڪڏهن سندس فائدو هن جي خواهش يا ائين چئجي ته سندس چاهه جي چوند ته ڇا هن جي لاءِ فائديمند آهي ۽ ڇا هاڃيڪار آهي ۾ سمايل هوندو آهي. جي اهڙي فائدي يا هاڃي جي ڪا ب اڳواٽ خبر ملي وڃي ته پوءِ هيءُ چوند جو پورو اصول مليا ميٽ ٽي ويندو.

اوهان جو ڇا خيال آهي؟ ... ڇا ڪي اهڙا ٻ ماڻهو آهن جن جا لاپ ۽ ڇاھ جون چوندون ساڳيون هونديون آهن؟ اوهان کلو پيا، ائين ئي ڏند ٽيڙيندا رهو پر مون کي جواب ڏيو: ڇا ماڻهوءَ جا پاڻ پوريءَ ڪاريگريءَ سان جوڙي سينو ڇڄهن اوٽاين کان ڌار ڪيا ويا آهن؟ ڇا ڪي اهڙا لاپ نہ آهن، جيڪي ماڻهوءَ جي پاڻ ۾ نہ ڇڙو ممڪن طور شامل نہ ڪيا ويا آهن پر ائين ٻ آهي تہ ڪيترائي لاپ ڪنهن ٻ درجي بندي هيٺ ماڻهو جي پاڻ ۾ شامل ئي نہ ٿا ڪري سگهجن؟ منهنجا سائين! اوهان پنهنجي چوڌاري نظر ڊوڙايو، پنهنجي چوڌاري اوهان کي نظر وجهڻي ئي پوندي. جيتريقدر مان ڄاڻان ٿو، ٿورو اوهان ٻ انساني فائدن جي ڪتاب کي سراسري شماريات، سياسي ۽ معاشي فارمولن هيٺ ڦلهوڙيو. اوهان کي ماڻهوءَ جا ڪيترائي فائدا ڳولهي طئي ڪيل ڏسڻ لاءِ ملي ويندا، جهڙوڪ هن جي خوشحالي، هن جي دولت، هن جي آزادي، هن جو امن سان جيئڻ ... ۽ اهڙا ڪي ٻيا ڳاڻيٽي کان وڌيڪ ماڻهو کي ملندڙ فائدا. تنهنڪري اهڙو ماڻهو، جنهن لاءِ ڇئي سگهجي تہ هو دل کولي ۽ پنهنجي لاءِ سڀ مناسب فائدا ڄاڻندي، ٻين ماڻهن ۽ اوهان جي سوچ ۾ اچي سگهندڙ ٻين لاتعداد فائدن جي مخالف راھ وٺي رمندو رهي ٿو ۽ حقيقت ۾ منهنجي ويساھ وارو اهڙو ماڻهو منجهيل ۽ ڪل ٽڙيل ئي ڪوٺبو: ڇا هي ماڻهو منجهيل ۽ ڪل ٽڙيل نہ ڇئبو؟ پر اوهان چگي نموني ڄاڻو ٿا تہ اهڙي ڪنهن ماڻهو جي هيءَ ئي ڳالھ آهي جا اسان کي ڏنڊين آگريون ڏيارڻ ٿي ڇڏرائي: اسان کي ائين ڇو پيو سجهي جو شماريات / ڳڻپ جا ماهر، درويش ۽ ماڻهپي سان پيار ڪندڙ سڀ ماڻهو، جڏهن انساني فائدن کي پسن ٿا تہ نہ ڇاهيندي ٻ هڪ نہ ٻئي فائدي کي هٿ مان ڇڏي ٿا ڏين؟ ويندي اهي پنهنجي سمجھ کي ڪنهن ٻ حالت ۾، جيئن جو تيئن نہ ٿا ويس پارائن ۽ جيتوڻيڪ ڪيترن فائدن جو لاپ ان تي ئي مدار رکندو آهي. هيءُ ڪو ايڏو وڏو ڇڄھ ٻ نہ آهي انهن

کي بس اهڙو ئي فائدو چوندي، پنهنجي ڳڻ ڳوت ۾ شامل ڪرڻو هوندو آهي. پر مسئلو اهو آهي جو سوجھ ٻوجھ ڪان مٿانهون فائدو ڪنهن بہ ڇيڊ جي دائري ۾ نہ ٿو اچي، تنهن ڪري ڪنهن بہ ماڻهو جي لاءِ، جنهن جي لاءِ ڪو فائدو لاپائتو نہ آهي سو ان جي چوند ڪيئن ڪري ٿو؟ مثال طور، منهنجو هڪ يار آهي ... هش! منهنجا سائين، ائين چئجي تہ هو اوهان جو پڻ يار آهي ۽ اهڙو ڪو بہ ماڻهو نہ آهي جنهن سان هن جي ياري نہ هجي! هو جڏهن بہ ڪنهن وعدي جي پورائي لاءِ تيار ٿيندو آهي تہ هي سڀاجهڙو ماڻهو اوهان اهو چوندو رهندو تہ هو شاندار ۽ واضح نموني، ذري پرزي تي نظر رکندي، سچ ۽ حق جي اصولن پٽاندڙ عمل ڪندو. وڌيڪ اهو بہ تہ هي ماڻهو اوهان سان جوش ۽ جذبي سان ڳالهيون ڪندو رهندو ۽ ماڻهوءَ جي ذاتي عام مفادن جو ذڪر ڪندو؛ بدقسمتيءَ سان هو انهن تنگ نظر چرين جي، جيڪي پنهنجا مفاد نہ ٿا سمجهي سگهن، تن جي تڏا ويڙهہ ڪندو، حقيقي انساني قدرن جو ذڪر ئي نہ ڪندو ۽ ٻئي ڪنهن جي مداخلت سواءِ ئي، پنهنجي اندر جي ڪنهن مفادن کان مٿانهين سگهہ سبب مني گهنٽي اندر ئي، هي ماڻهو ڳالهين جو هڪ ٻيو گس پڪڙيندو .... جو گس سندس هاڻي ئي ڪيل ڳالهين جي ابترڻ هوندو آهي، جيڪي هن هينئر ئي پنهنجي باري ۾ ٿي چيون، سيني قاعدن قانونن جي برعڪس، پنهنجي مفاد جي ابترڻ حقيقت ۾ هر شيءِ جي ابترڻ ڳالهيون ڪرڻ لڳندو .... منهنجا سائين! مان اوهان کي آگاهہ ٿو ڪريان تہ منهنجو هيءُ يار ڪچڙي قسم جو ماڻهو آهي ۽ تنهنڪري اهو ڏاڍو اوکو آهي جو مٽس ڪنهن هڪ فرد جي سچاڻپ جي نانءَ ڏيئي مٽس ڪو الزام مڙهجي. منهنجا سائين! حقيقت اها آهي تہ ڪا اهڙي شيءِ ڏسجي ٻئي جا پنهنجو وجود رکي ٿي، سا ڪن ماڻهن کي پنهنجي ذاتي فائدن کان وڌ پياري آهي يا (غير منطقي نہ ٿجي) کي ماڻهو پنهنجي ذاتي مفادن کان مٿاهان ٿي، (هڪ

ڪوتاهي، جنهن جو اسان هاڻي ذڪر ٿي ڪيو) جا ڳالهه هنن جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ اهم آهي، تنهن جي حصول کان سيني مروج قاعدن قانونن جي ابتڙ پنهنجي مفادن کي لت هڻي، هڪ نئين گس تي جاکوڙڻ جي لاءِ تيار هوندا آهن، سا جاکوڙ روايتي ڪپت، عزت، امن، آسودگي جي راه جي ابتڙ هوندي آهي ... اهڙا ماڻهو حقيقت ۾ انهن سيني اڻ مين ۽ ڪارائتن شين کي ڇڏي، ڪنهن الڳ گس تي جاکوڙيندا آهن. هو ان بنيادي، فائدن مان به وڌيڪ فائديمند شيءِ، جا هنن جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ ملهائتي هوندي آهي، تنهن جو پيرو ڪندا آهن. "هائو! سندن اهڙي چوند به هنن جي لاءِ ايتروئي فائديمند هوندي آهي، جيئن ٻين لاءِ سندن ذاتي مفاد هوندا آهن." اوهان زور ڏيئي چوندا.

مون کي اميد آهي ته اوهان منهنجي ڳالهه دل ۾ نه ڪندا، مان پنهنجي سوچ بيان ڪندو هلان ٿو ۽ هيءَ ڪا لفظن سان کيڏڻ جي راند نه آهي. جا ڳالهه سڀ کان وڌيڪ اهم آهي ته هيءُ نئين سري چونديل گس تي نڪري پوڻ ان ڪري املهه آهي جو هيءُ اسان جون سيئي طئي ڪيل درجي بنديون پڄي پورا ڪري ڇڏي ٿو ۽ هر ان قاعدي قانونن جي طئي ڪيل سرشستي کي ڏوڏي ڇڏيندو رهي ٿو، جي اڳ ئي ماڻهپي سان پيار ڪندڙ ماڻهن جي فائدي لاءِ جوڙيا ويا آهن. حقيقت ۾ هيءُ گس هر شيءِ کي لوڏي ڇڏي ٿو. ان کان اڳ جو مان هن فائدي جو بيان اوهان سان ڪريان، مان ذاتي طور پنهنجا هٿيار ڦٽي ڪري ڇڏيان ٿو ۽ تنهنڪري بهادري سان چوندس ته سڀ املهه سرشستا، سيئي نظريا، جي انسانن جي ذاتي مناسب دلچسپين ۽ فائدن کي واضح ڪرڻ لاءِ جڙيا آهن، جنهن جي پوئواري ڪندي ماڻهو غير ارادي طور پنهنجي سٽن ۽ املهه مفادن جي ماڻڻ لاءِ جاکوڙي ٿو ... جي منهنجي خيال ۾ چڙو منطقي ڪوششون آهن! هائو، منطقي جتن ئي چئجن. جو ته انسانذات

جي نئين سر جياپي جي، پنهنجي لاءِ نئين راه جي جستجو جي، هينئن قائم دائم رهڻ سندي ڪهاڻي منهنجي ذهن پٽاندڙ ئي آهي ... جيئن اهڙي جاکوڙ ڪئي، وقتي طور ئي سهي، براين جي بگاڙ جو پيڇو ڪيو وڃي ته جيئن سا جاکوڙ ساري انسانذات جي فائدي لاءِ سولو ٻڌجي ۽ نتيجي طور ماڻهو گهٽ رت پياڪ بنجي، جنگ و جدل جي تان هٽ ڪئي وڃي ٿي. اسان کي منطقي طور ماڻهوءَ جي دليلن مان ائين ئي لڳي ٿو پر ماڻهو ڪن سرشستن جي پروڙ لاءِ، ڪن چاهتن ۽ ڪن خيالي گهڙائن جي سهاري، هو سچ کي ٽوڙڻ مروڙڻ لاءِ تيار هوندو آهي، هو پنهنجي سوجهه پوجهه جي سچ هٿ ڪان انڪار ڪرڻ ۽ پنهنجي منطق کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي. مان هن ئي مثال کي ڪئي اڳتي وڌندس، چاڪاڻ ته اهو ماڻهو جي لاءِ سڀ وڌيڪ ملهائتو موقعو هوندو آهي. منهنجا سائين! اوهان پنهنجو پاڻ تي نظر ڦيرايو: رت ڏاڍي سرهائيءَ سان، ڇٽڪ شراب هجي، دريائي وهڪرن جيان وهايو وڃي ٿو. پوري اٽويهين صدي جو احاطو ڪريو، جنهن ۾ سچ جي شڪل جو بگاڙ ڪيو ويو آهي. نيپولن جو مثال وٺو ... هيءُ هڪ عظيم ۽ هاڻوڪي دور جو دل آزارينڊ مثال آهي. اتر آمريڪا جو مثال وٺو .... جا هاڻي هڪ نہ ٽٽندڙ ايڪائي آهي. شليسوگ ... هولسٽين جي مشڪرين جو مثال وٺو. اها ڪهڙي ڳالهه آهي جا اسان جي اندر کي ميڙ جيان نرم ڪري ڇڏي ٿي؟ انسانذات جو هڪ ئي لاپ آهي، سو آهي سندس پرجوش هٿ جي ڪئين قسمن جو هجڻ ... ۽ ٻيو ڪجهه به نہ. ۽ انسان جي هن ئي قسم جي گهڻ ڏسائين واڌ ويجهه رتو چاڻ ۾ خوشي ڳولهي لهي سگهي ٿي. حقيقت ۾ انسان سان ائين ئي ٿيندو رهيو آهي. جا اوهان ڪڏهن ائين ٿيندي ڏٺو آهي ته انتهائي نفيس ماڻهو به قاتل هوندا آهن، جنهن جي اڳيان هلاڪو ۽ چنگيز به بي معنيٰ ٿي وڃن ٿا، پر اسان کي انهن جو هلاڪو ۽ چنگيز جهڙو وحشيپڻو ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي. ائين انهن

جي وحشيپڻي جو نظر نہ اچڻ صرف ان ڪري آهي جو اسان جي انهن ماڻهن سان ايتري گهڻي ميل جيل آهي جو اهي اسان لاءِ ايترا گهڻا معمولي ٿي ويا آهن جو اسان سندن وحشت کي ڏسڻ ويڙ جي ور چاڙهي چڏيو آهي. ماڻهو جي جا به حالت هجي، تنهن اگر انسانذات کي گهڻو رت پياسو نہ بنايو آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪيس ماڻهپي مان گهلي ڪڍي وڌيڪ بچڻو ڪري، گهڻو ٿو ڪراهت پريو رت پياڪ بنايو آهي. اڄوڻي دور ۾ انسان کي رتوچاڻ ۾ انصاف ٿيندي نظر ايندو هو ۽ هو پنهنجي ضمير جي تسڪين لاءِ ٻين ماڻهن جو وجود مٽائي چڏيندو هو. هن رتو چاڻ ڪندڙ ماڻهو، انهن کي قتل ڪرڻ وارو اهڙو سلوڪ مناسب ٿي سمجهيو. هاڻوڪي دؤر ۾ اسان سمجهون ٿا تہ رتوچاڻ انتهائي نفرت انگيز شيءِ آهي ۽ تنهن هوندي بہ اسان نفرت جي هن ساگر ۾ ٽٻيون هٽون ٿا ۽ اسان جي سڳهہ هن دڳ تي هلندي جيئن ٽڏ تيئن وڏ جيان اڳاهين آهي. ماڻهوءِ جي لاءِ ڪهڙي شيءِ خراب تر آهي؟ اوهان پنهنجو پاڻ فيصلو ڪريو. ماڻهو چون پيا تہ قلوپطره (مون کي رومن تاريخ جي ذڪر ڪرڻ ڪري معاف ڪجو) پنهنجي ٻانهين چورين جي ببن ۾ سونيون سيون ٽنبڻ جي شوقين هوندي هئي ۽ انهن چورين جي ايذاءَ مان رڙين رنين ۽ سور جي پيهہ مان وٺ ڪائڻ منجهان پنهنجي لاءِ تسڪين ڳولهي لهندي هئي. اوهان چوندا تہ اها تہ وحشي دور جي ڳالهہ آهي؛ منهنجا سائين! هاڻي بہ وحشي دور جو پڇاڙو نہ ٿيو آهي، چاڪاڻ تہ هاڻوڪي دور جي بہ، جي پراڻي دور سان پيٽ ڪجي تہ اڄ بہ ماڻهن جي جسم ۾ سيون ٽنبيون وجن ٿيون؛ جيتوڻيڪ هاڻوڪي دور ۾ ماڻهو وحشي دور کان گهڻو وڌيڪ واضح ڏسي ۽ سمجهي سگهڻ جي ڄاڻ ماڻي چڪو آهي، تنهن هوندي بہ اڄا بہ هو سائنس ۽ سبب جي گهرج موجب عمل ڪرڻ کان ڪوهين ڏور آهي. پر تنهن هوندي بہ اوهان کي پورو پروسو آهي تہ ماڻهو پڪ سان ان وقت سکي وٽندو جنهن وقت هو ڪن

مخصوص پرائين عادتن مان پنهنجي جان ڇڏائي وٺندو ۽ جڏهن عقل عام ۽ سائنس ماڻهو جي فطرت کي نئين سر پوري طرح نئين ڍاهپ سيکاري، هڪ نئين سرت پري ڏسا ۾ لاڙي وٺندي. اوهان کي پورو پروسو آهي ته پوءِ ماڻهو ارادتن غلطي ڪرڻ ڇڏي ڏيندو ۽ ائين چئجي ته ضرور غلطي ڪرڻ ڇڏي ڏيندو. اوهان کي ائين ئي چوٽو هوندو، مفاد پرست ماڻهوءَ کي مجبور ڪيو ويندو ته هو پنهنجي خواهش، پنهنجن عام مفادن جي تابع نه ڪري. اهو سڀ ڪجهه ٽيڊ ايڊو سولو نه آهي، پوءِ به اوهان اهو ئي چوندا ته سائنس پاڻ ئي ماڻهو کي سڀ ڪجهه سيکاري ڇڏيندي (جيتوڻيڪ منهنجي خيال ۾ اها اجائي اميد آهي). ماڻهو جي پنهنجي ڪا به تبديلي جي لچ يا پنهنجي ڪا به خواهش نه آهي. ماڻهو ويچارو پاڻ تنبوري تار جيان يا ڪنهن ساز جي آواز جيان آهي. ٻيون ماڻهن ساڻ ڪي اهڙيون شيون به سلهاڙيل هونديون آهن، جن کي قدرت جا قانون چيو ويندو آهي. تنهنڪري ڪي شيون، جيڪي ماڻهو ڪندو آهي سي سندس خواهش پٽاندڙ نه هونديون آهن، پر قدرت جي قانون موجب پاڻمرادو ٿيندیون آهن. نتيجي ۾ اسان قدرت جي تن قانونن جو سهارو وٺندا آهيون ۽ پوءِ ماڻهو کي پنهنجن عملن جو جواب نه ڏيڻو پوندو آهي ۽ هن جي لاءِ زندگي انتهائي سولي ٿي پوندي آهي. پوءِ ائين پڪ سان ماڻهو جا سڀ عمل قدرت جي انهن قانونن تحت ئي ترتيب ڏنا ٿا وڃن، جيئن رياضي جي لاگرٿم جون 108000 تائين جون فهرستون ترتيب ڏنل آهن، اڄا به بهتر ته قدرت جا دانشوراڻا ڪم انسائڪلوپيڊيا ۾ پويا وڃن، جنهن ۾ هر شيءِ وڏي مهارت سان ڳٽي ڳوتي بيان ڪئي وڃي ته جيئن دنيا ۾ پوءِ ڪي به حادثا ۽ اڳرايون نه ٿين.

پوءِ ... ته هيءَ اهائي ڳالهه ٿئي جا اوهان چوڻ پئي چاهي ... نوان معاشي رشتا جڙندا، ٺهيا ٽڪيا ۽ ڪارائتا رياضي اصول

پنهنجو وجود رکندا، تنهنکري هر ڏکيو ترين سوال اک چنپ ۾ حل ٿي ويندو، بس اهوئي چئجي ته سيني مسئلن جو هر ممڪن جواب اڳ ئي تيار پيو هوندو. پوءِ "شيشي جا محل" جوڙي سگهبا. پوءِ ... حقيقت ۾ اهي ڏهاڙا پر امن ۽ خوشين سان ٽمڙار ٿي پوندا. يقينن ڪا به خاطري نه ٿي ڏئي سگهجي (هي منهنجو خيال آهي) ته ائين نه ٿو ٿي سگهي. مثال طور، پوءِ واندڪائي وارا ڏينهن ديڃاريندڙ حد تائين ماٺهو کي ماري وجهندا. (چو ته جي ڪنهن ماٺهو کي ڪجهه ڪرڻو هوندو سو اڳي ئي ڳڻي ڳوتي ترتيب ڏنل هوندو)، پر ٻئي طرف ماٺهن جي لاءِ هر شيءِ غير معمولي حد تائين طئي ٿيل هوندي. يقينن پوءِ بوريت ماٺهو کان ڪجهه به ڪرائي سگهندي. اها بوريت ئي آهي جا ڪنهن ماٺهوءَ کي ٻين ماٺهن جي جسم ۾ سونيون سيون ٽنبرائي ٿي. پوءِ ان ۾ ڪهڙي خرابي آهي (هڪ پيرو وري منهنجو هڪ خيال آهي)، مان اهو چوڻ جي همت ڪندس ته پوءِ ماٺهو واندڪائيءَ جيڪري انهن سونين سين لڳڻ جي لاءِ، سونين سين ٽنبڻ وارن جا ٿورائتا رهندا. ماٺهو بيوقوف يا ائين چئجي ته ڪميني مخلوق آهي. اوهان چاڻو ٿا ته ماٺهو انتهائي ڪمينو آهي؛ يا ائين ته ذرو به بيوقوف نه آهي، پر هو ايترو ته ناشڪرو آهي جو توهان کي پوري مخلوق ۾ هن جهڙو ٻيو ڪو به ڏسڻ ۾ نه ايندو. مثال طور، مان ڪڏهن به ٿوري به حيرت ۾ نه پوندس جي اوچتو ئي اوچتو ڪنهن به سبب سواءِ عام خوشحالي جي پڙ مان ڪو بدنام ماٺهو يا ائين چئجي ته اڃا به انتهائي بنياد پرست ۽ منافق ماٺهو، پنهنجي ذهن تي سوين سوال ڪٽي ۽ هٽ ڏاڪن تي رکي، اسان سيني کي چئي ڏئي: "منهنجا سائين! مان چوندس ته اهو بهتر ٿيندو ته اسان انهن سيني طئي ٿيل اصولن کي ٽڏي، آزاد سوچ کي هوا ۾ اڏاري ڇڏيون، بس ائين ئي انهن لاگرٿمن کي شيطان حوالي ڪري ڇڏيون ۽ پنهنجو پاڻ کي ان جي قابل ڪريون ته جيئن اسان هڪ پيرو وري پنهنجي من موهيندڙ ڇري خواهش

پٽاندڙ جيئي سگھون!" ھڪ پيرو وري اھو حاصل ڪيل لاڀ اڪارتو ٽي پوندو، پر جا ڳالھ ڇھنڊڙيون ٽي پائي، سا اھا آھي تہ ماڻھو پوءِ ۾ پنھنجا پيروڪار ڳولھي لھندو .... اھائي ماڻھوءَ جي فطرت آھي. ۽ سڀ کان وڏي چريائي جي سبب ڪري ڪوئي ۾ ماڻھو اھو سوچيندو تہ اھا ڳالھ ڪرڻ لاءِ ڪو وت نہ ٽي رکي: سو ائين تہ ڪھڙو ۾ ماڻھو ھجي، ماڻھوءَ ھر سدائين، ھر ھنڌ ۽ ھر ويلي، اھوئي ڪرڻ چوندیو آھي، جنھن کي ھن ترجيح ڏني آھي ۽ ھن چاھ جي چوند سبب پنھنجي مفاد ۽ گھرج ۽ وقت جي ضرورتن جي ابترڻ ڪم ڪيو آھي. ۽ جي ڪوئي ماڻھو ائين پنھنجي ذاتي مفادن جي ابترڻ ڪجھ ڪرڻ جي چوند ڪري ٿو تہ ھو دل جي سچائيءَ سان ائين ڪري ٿو (اھو منھنجو خيال آھي). ماڻھو پنھنجي نہ ڏڏندڙ چوند، ھن جي خواھش جي ھيٺ، جا پل ڪھڙي ۾ جھنگلي ئي ھجي، ھن جي پنھنجي ئي گھڙيل تصور جي عين مطابق جوش جي انتھائي حد کي پھچي سگھي ٽي .... چا اھو سڀ "فائدن مان فائدو" جنھن تي اسان نظر وڏي آھي، جنھن کي ڪنھن ۾ درجي بندي ۾ نہ ٿو ماپي سگھجي ۽ جنھن جي مخالفت ۾ سڀ مروج قدر ۽ نظريا لڪاتار ننڍن ذرات ۾ ڙي پکڙجي ويندا آھن. ۽ اھي سياڻا ماڻھو ڪيئن ڄاڻي سگھندا تہ ماڻھو رواجي ۽ گٽن پري چوند رکي ٿو؟ انھن سياڻن کي ڪنھن ڳالھ اھو سوچڻ تي مجبور ڪيو آھي تہ اھي ائين سمجھن تہ ڪو سياڻپ سندي فائدي واري چوند ڪندو؟ ماڻھو رڳو ايترو چاھي ٿو تہ سندس چوند *آزاد* ھئن گھرجي، اھا آزاد چوند جي ماڻھوءَ کان سر گھري ۽ ڪنھن ۾ ڪندائين رستي تي وڃي وڃي تہ ۾ ھن کي پرواھ نہ ھوندي آھي. ۽ تنھن چوند! کي يقينن ڪوئي جوشيلو جوان ڄاڻي سگھي ٿو تہ اھا ڪھڙي چوند آھي ۽ ان جو ملھ چا آھي.

❑

وندڀ اٿون

"ها! ها! ها! پر تون ڄاڻين ٿو تہ حقيقت ۾ ماڻهو جي زندگيءَ ۾ پنهنجي مرضي جي چونڊ ڪرڻ جهڙي ڪا بہ شيءِ نہ آهي، تون جو بہ چوڻ چاهين ٿو، سو چئي ڏي." اوهان کلندي پنهنجي ٽنگ اڙائيندي چونداڙ: "سائنس اڄا سوڌو ماڻهو جي چونڊ ڄاڻ ڪرڻ ۾ ايترو ئي ڪامياب ماڻي سگهي آهي جيترو اسان اڳ ئي ماڻهو جي چونڊ ڪرڻ جي سگهہ جي باري ۾ ڄاڻون ٿا ۽ تنهن چونڊ ڪرڻ جي سگهہ کي من جي آزادي چيو وڃي ٿو، سا ڀيو ڪجهہ بہ نہ آهي ..."

منهنجا سائين! ٿورو ترسو، منهنجو من وٽ ٿو ڪائي، ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي چونڊ ڪرڻ جي سگهہ جي اها ڳالهہ، مان پنهنجي اعتراف سان شروع ڪيان ٿو. مان چونڊ ڪندڙ نہ بلڪ ڊڄڻو ماڻهو هئس. مون اوهان کي اهو چوڻ ٿي چاهيو تہ فقط ڳيرو، سر جو سانگو نہ ڪندڙ نوجوان ئي ڄاڻي سگهي ٿو تہ چونڊ ڪهڙي شيءِ تي پنهنجو دارومدار ٿي رکي ۽ شايد اها ئي جوان جو چونڊ بابت ڄاڻڻ ئي سڀ کان پلي ڳالهہ آهي. پر مون سائنسي سبق ٿي ياد رکيا ... ۽ وک وڌائڻ لاءِ پنهنجا ور ٿي ڪنجيا. ۽ وري هاڻي اوهان، ائين ماڻهو جي پنهنجي چاهہ جي چونڊ ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي. حقيقت ۾، جي سچ پچ ڪنهن ڏينهن خواهشن ۽

تمنائن جا ڪي تاجي پيٽا ڳولهي لڌا ويا ... جن جي بنياد تي ماڻهن جي خواهش جو دارومدار هجي تہ اهي ڪهڑي قانون هيٺ اڳتي وڌڻ لاءِ ور ڪنجن، اهي پاڻ کي ڪيئن اڳاهون وڃي وڃن، هڪ حالت کان ٻئي حالت پٽاندڙ گهرجن ۾ ڪين ڪهڑي مقصد جي پويان وڃڻ گهرجي ۽ ائين هڪ هلي پوندڙ سلسلوشروع ٿي وڃي ٿو، لڳي ٿو تہ هيءُ واقعي رياضي جو ڪو فارمولو آهي ... پوءِ گهٽو تڻو ائين ئي ٿيندو تہ ماڻهو هڪدم خواهش جي ختم ٿيڻ کي محسوس ڪندو، ائين چئجي تہ حقيقت ۾ هو خواهش جي خاتمي جو يقين ڪري وڃندو. اهو ڪهڑو ماڻهو هوندو جو طئي ٿيل قاعدي قانون موجب پنهنجي جياپي جي لاءِ جي چونڊ ڪندو؟ انهيءَ سان گڏوگڏ، اهو بہ چئجي تہ ماڻهو طئي ٿيل قاعدي قانون موجب پنهنجي چونڊ ڪرڻ سبب هڪدم ئي انسان مان ڪنهن ساز جي هڪ پرزي يا اهڙي ٻئي ڪنهن مشيني پرزي ۾ بدلجي ويندو؛ سو اهڙو ماڻهو خواهشن سواءِ ئي وقت گهاريندو رهندو، جنهن وٽ آزاد تمنا ۽ چونڊ ڪرڻ جي سگهہ نہ رهندي. جي ماڻهو طئي ٿيل قاعدي قانون جي پوئواري ڪندي، ڪنهن ساز جو پرزو نہ ٿئي تہ بہ هيءُ ڪائنات ۾ اجايو ماڻهو ٿي پوندو. اوهان ڇا ٿا سمجهو؟ اڇو تہ ڪنهن اهڙي ٿيندڙ ممڪنات تي نظر ٿا وجهون ... ڇا اهڙي ڪا شيءِ ٿي بہ سگهي ٿي يا نہ؟

"هش..! اوهان ئي فيصلو ڪيو." اڪثر اسان جي زندگي گهارڻ جي چونڊ ڪرڻ اسان جي فائدي جي ڪوڙي ڏيک سبب غلط هوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن اسان تہ بلڪل اونداهي واٽ چونڊي وڃندا آهيون، ڇاڪاڻ تہ اسان کي پنهنجي بيوقوفي جيڪري، ان اونداهي واٽ ۾ نظر ايندڙ فائدي ماڻڻ جو سولو گس پنهنجو ڏيک ڏيندو آهي. پر جڏهن اهڙي ممڪن فائدي ۽ نقصان کي واضح ڪري پني تي لاٿو ويندو (جو پوري طرح

ممڪن آهي، جي من گهاڻ ۾ ايٽاپ سان فرض ڪجي ته ڪي قدرتي قانون ماڻهو ڪڏهن به نه سمجهي سگهندو، پوءِ يقينن نانءَ ڪوٽيون خواهشون پنهنجو وڌيڪ وجود رکي نه سگهنديون. جي، ڪا خواهش سبب جي ضد ۾ اچي، پاڻ وڃائي ويهي ته پوءِ اسان سبب جو پاسو ونڊاسون ۽ خواهش ڪرڻ ڇڏي ڏيندا سون. چاڪاڻ ته اسان جو سبب يا ائين چئجي ته منطق اسان جي خواهشن ۾ بي معنيٰ ٿي پوندو ۽ ائين اسان طئي ٿيل سبب ڇاڏندي، اسان منطق ۽ خواهش جي برعڪس عمل ڪندي، پنهنجو پاڻ کي ڏڪي ڦٽي وجهنداسون ... چاڪاڻ ته ڪنهن ڏاڙي، اسان جي نانءَ ڪوٽيي آزاد خواهش جا قاعدا ڳولهي لڌا ويندا ... تنهنڪري ڪنهن به وڌاءَ سواءِ چئجي ته جي ڪنهن ڏاڙي جياپي لاءِ هر ڪا شيءِ حساب ڪتاب جي ڪوڙن جيان جوڙي وئي ته سچ پچ اسان ان قاعدي موجب پنهنجي جيئڻ جي چوند ڪنداسون. جي چئجي ته ڪنهن ڏاڙي ماڻهو ڪڙ ڳوت ڪري، ثابت ڪن ته مون کي ڪيئن ٻئي جي لتاڙ نه ڪرڻ گهرجي چاڪاڻ ته مون کي ان انداز سان هن جي لتاڙ نه ڪرڻ گهرجي، جنهن انداز سان مان ڪري ٿي سگهيس، ڪهڙي آزادي مون کي ائين ڪرڻ ڏنو. خاص طور اگر جي مان پڙهيل ڪڙهيل ماڻهو آهيان ۽ ڪنهن به هنڌان ڊگري ورتي آهي؟ تڏهن مان ٽيهه سال اڳواٽ ئي پنهنجي زندگي کي ڪٽي ڳوتي سگهندس. ٿورن اکرن ۾ چئجي ته جي ائين زندگي جي وهنوار جو ڪاٿو ڪري سگهجي ها ته پوءِ اسان وٽ ڪنهن به طرح ڪرڻ لاءِ ڪجهه به نه بچيو هجي ها؛ اهوئي اسان کي سمجهڻو آهي. ۽ حقيقت ۾، اسان نه چاهيندي به پنهنجو پاڻ سان دهرايون ها ته فلاڻي فلاڻي ويلا ۽ فلاڻي فلاڻي حالات ۾ قدرت کي اسان جي اجازت نه گهرجي؛ اسان کي قدرت کي ائين ئي سمجهڻ گهرجي، اها جيئن آهي ۽ ان ۾ اسان جي تصورات کي پورو ڪرڻ لاءِ گل نه پوئجن، ۽ جي واقعي اسان فارمولن ۽ قاعدن جي ڪوڙن

جي گهرج محسوس ڪريون ٿا. ۽ چگو، تنهن هوندي ... ڪيميائي پڄ ڌاھ هوندي، اهڙي ڪا بہ مدد اسان لاءِ موجود نہ آهي، اسان کي پگ ٽوٽ کي قبول ڪرڻ گهرجي، نہ تہ هونئن ئي اسان جي مرضي سواءِ ان کي قبوليو ويندو ....”

هائو! ائين ئي چئجي پر هتي مان ٿورو ساھ پٽيندس! منهنجا سائين، اوهان مون کي حد کان وڌيڪ فلسفي ٿيڻ ڪري معاف ڪندا، هي فلسفو چاليھ سال پر ۾ زندگي گهارڻ جو نتيجو آهي! مون کي منهنجي پنهنجي تصورات ۾ الجهڻ ڏيو. منهنجا سائين! اوهان ڏسو تہ منطق هڪ اعلىٰ شيءِ آهي، منطق سان ڪنهن جو بہ ڦڏو نہ آهي، پر منطق ہيو ڪجھ بہ نہ پر فقط منطق آهي ۽ جيڪو ماڻهو جي فطرت جي مناسب پاسي کي ريجهائي ٿو، جڏهن تہ خواهش پوري زندگي جو تاجي پيٽو آهي. تنهنڪري ائين چئجي تہ خواهش ماڻهو جي پوري زندگي ويندي سونهن جي ڳولها ۽ هنيانءَ جون اچلون آهي. جيتوٽيڪ اسان جي زندگي پنهنجي ڳڻ ڳوت جهڙي تاجي پيٽي ۾ اڪثر بي معنىٰ هوندي آهي، پوءِ بہ اها زندگي آهي ۽ جا نہ رڳو دائرن ٽاهڻ جو نانءُ آهي. مان ائين، هن خواهش لاءِ جيئڻ چاهيندس تہ جيئن مان نہ رڳو پنهنجي منطق جي قابليت کي پر پنهنجي زندگي جي سيني ڳرن کي سڪ چين ڏيئي سگهان، جا فقط منهنجي زندگي جي قابليت جي ويهين پتي آهي. منطق کي ڪهڙو پتو؟ منطق ڇڙو اهوئي ماڻي سگهي ٿو جو ڪجھ سکڻ ۾ منطق سوپ ماڻي آهي (شايد! ڪي شيون منطق ڪڏهن بہ نہ ڄاڻي سگهندو، پر ائين ڪليل دل سان چو نہ چئجي تہ هيءَ اسان جي سوپ جي اجائي مرڪ آهي؟) ۽ انساني فطرت مجموعي طور جاکوڙي هوندي آهي. انسان پنهنجي فطرت ۾ سمايل سيني اچلن تي سوپ ماڻڻ لاءِ هٿ پير هڻندو آهي. انسان ڄاڻيندي واڻيندي يا اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ڪنهن جاکوڙ جي ميدان ۾

جوڙا جوڙيو هلندو رهندو آهي ۽ جي ڀڳڪي وڃي تہ بہ ساري سگھ سهيڙي پيو پير کڻندو آهي. منهنجا سائين! مون کي اڻ تڻ گھائي رهي آهي تہ اوهان پنهنجون اکيون همدردي منجهان مون ۾ کوڙي ڇڏيون آهن. اوهان ئي مون کي ٻڌايو تہ روشن خيال ۽ ترقي يافتہ ماڻهو، جي ٿورن اکرن ۾ چئجي تہ جيئن ايندڙ وقت جو ماڻهو هوندو، ڄاڻندي ٻجهندي پنهنجي لاءِ ڪنهن بہ غير فائديمند شيءِ، جنهن کي رياضي جي مدد سان ثابت ڪيو ويو هجي، تنهن جي هو خواهش نہ رکندو. مان ان ڳالهہ سان پوري طرح سان سهمت آهيان تہ رياضي جي مدد سان ائين گھڻو ڪجهہ اڳواڻ ئي طئي ڪري سگھبو ... رياضي جي مدد سان ائين اڳواڻ گھڻو ڪجهہ ڪري سگھبو. پر مان هڪ سئون دفعو وري دهرايان ٿو تہ هڪ اهڙو معاملو آهي، فقط هڪڙوئي، جڏهن ماڻهو شعوري طور پنهنجي مقصد سان، اهڙي خواهش ڪندو آهي جا رياضي جي طئي ٿيل اصولن هيٺ هن جي لاءِ هاجيڪار هوندي آهي. جيتوڻيڪ هن جي اهڙي جاکوڙ احمقائي، انتهائي احمقائي هوندي آهي ... ماڻهو اهڙي جاکوڙ ان ڪري ڪندو آهي تہ جيئن ڇڙو هن کي پنهنجي خواهش جي پورائي جو حق هڻڻ کپي، ويندي سا جاکوڙ انتهائي احمقائي ۽ ڪنهن بہ طئي ڪيل پابنديءَ کان آزاد هجي، جا فقط هن جي پنهنجي سمجهہ لائق هجي. منهنجا سائين! يقينن اهڙي ئي بيوقوفائي شيءِ، اهڙي ئي اسان جي جوش پري خواهش، ٿي سگھي ٿو تہ سچ پچ ڪن مخصوص حالتن ۾ هن ڌرتيءَ جي ٻئي ڪنهن بہ شيءِ کان وڌيڪ اسان لاءِ مفيد هجي ۽ خاص طور ڪنهن بہ فائدي کان وڌيڪ مفيد ٿي سگھي ٿي، ويندي اها اسان کي ڏسڻ ۾ ايندڙ ڪو نقصان پهچائيندي بہ اسان جي فائدي سان واڳيل منطق جي لاءِ انتهائي مناسب نتيجن سان تضاد رکندي بہ مفيد ٿي سگھي ٿي ... اسان لاءِ ڪنهن بہ حال ۾ جو انتهائي اهم ۽ انتهائي املهہ آهي ... سو آهي اسان جي شخصيت ۽

اسان جي انفراديت. اوهان جاڻو ٿا تہ ڪي ماڻهو چوندا تہ جا حقيقت انسانذات لاءِ انتهائي املهہ آهي؛ سا آهي چوندہ ڪرڻ. پڪ جاڻو اگر جي منطق سان سهمت ٿيندي ماڻهو چوندہ ڪري ٿو؛ ۽ خاص طور جڏهن چوندہ جو غلط استعمال نہ ڪيو وڃي ۽ ان کي طئي ٿيل حدن اندر رهڻ ڏنو وڃي تہ اهڙي ڪنهن بہ عمل ڪرڻ جي چوندہ لاپائتي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ ساراه جوڳي پڻ آهيہ پر ڪهڙو ڪري ۽ ايڏا بہ ڪهڙي ڪان ڪهڙو ڪري چوندہ مڪمل طور هوڏ سان منطق جو ضد هوندي آهي ... ۽ ... ۽ ... چا اوهان جاڻو ٿا تہ ائين چوندہ ڪرڻ پڻ ڪنهن بہ ماڻهو لاءِ نفعي واري هوندي آهي، ڪڏهن ڪڏهن تہ ويندي ساراه جوڳي بہ هوندي آهي.

منهنجا سائين! اچو تہ فرض ڪريون ٿا تہ ماڻهو چريو نہ آهي. (حقيقت ۾ ڪو بہ ماڻهو ائين فرض ڪرڻ کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهي، پر جي جڏهن هڪ ڳالهہ جي بنياد جيڪري انڪار ڪجي تہ اگر ماڻهو بيوقوف آهي تہ پوءِ اهو ڪير آهي جنهن کي ڏاهو چئجي؟) پر جي ماڻهو بيوقوف نہ آهي تہ هو بلا جي حد تائين ناشڪرو ضرور آهي! ها لاحد تائين نا شڪرو آهي. حقيقت ۾ منهنجو پروسو آهي تہ ماڻهو بہ پيرو نا شڪرو جانور آهي. پر هرو ڀرو ائين سڀ ڪجهہ نہ آهي، اها ماڻهو جي خراب ترين خامي آهي؛ سڀني خراب ترين خامي سندس نہ ڪٽندڙ اخلاقي ڏيوالپڻو آهي، نہ ڪٽندڙ ... شيلسوگ-هولسٽين دور جي ڏاهڻ جي هوڏ کان ائين ئي آهي. اخلاقي ڏيوالپڻي ۽ ان جي نتيجي ۾ ڏاهپ جي ڪوٽ جا انبار لڳا پيا آهن؛ ڪهڙي عرصي کان اهو سمجهيو وڃي ٿو تہ عقل جي ڪوٽ پئي ڪنهن سبب جيڪري نہ پر اخلاقي ڏيوالپڻي جيڪري آهي. اوهان انسان جي اخلاقي ڏيوالپڻي کي جاچيو ۽ پنهنجيون نظرون انساني تاريخ تي وجهو. اوهان کي چا ٿو ڏسڻ ۾ پرکڻ ۾ اچي؟ چا اها لامحدود دنيا آهي؟

اوهان جي چاهيو ته لامحدود ئي ڏسڻ ۾ ايندي. مثال جي لاءِ هيلس خدا جي بت تي نظر ڊوڙايو، جو ڪا معنيٰ رکي ٿو. ڪنهن مناسب سبب ساڻ مسٽر اينائفسڪي ان ڳالهه جي شاهدي ٿو ڏئي ته ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته هي بت انسان جي هٿن جوڪمال آهي، جڏهن ته وري ٻين جو خيال آهي ته هن بت کي قدرت پاڻ گهڙيو آهي. چا هن ڳالهه جا ڪيترائي رنگ نه آهن؟ ها ٿي سگهي ٿو ان جا پڻ ڪيترائي رنگ هجن: جي اگر ڪوئي وڃو، شهري ۽ فوجي يونيفارم، هر دور جي سيني ماڻهن جا وڃا ... انهن کي ئي ڪو ملهه آهي ۽ جي اوهان نه پهريل يونيفارمن کي ڪنداتہ توهان ان جي قدر جي پڃاڻي کي نه پهچي سگهندا، ڪو به تاريخدان هن ڪم کي پڃاڻي تي پهچائڻ لائق نه رهندو. هي ڳالهين جو جامد ورجاءُ ٿي سگهي ٿو: هيءَ هڪ نه ڪنندڙ ويڙهه آهي؛ هاڻي ماڻهو وڙهي رهيا آهن، اهي پهريان به وڙهندا رهيا هئا، اهي پوءِ به وڙهندا رهندا ... اوهان اهوئي اعتراف ڪندا، جو پڻ تقريبن جامد ورجاءُ يا پراڻين ڳالهين جو دهراءُ آهي، ٿورن لفظن ۾ائين ئي چئجي ته هر ڪو ماڻهو دنيا جي تاريخ جي باري ۾ ائين ئي چوندو ... حيئن ڪا به شيءِ انتهائي ڇڪل انداز ۾ هن جي تصور ۾ سمائجندي رهندي. بس ماڻهو سبب جي بنياد تي جڙندڙ ڳالهه نه ٿو ڪري سگهي. اهوئي لفظ ماڻهو جي نڙي ۾ اٽڪي ڦاسي پوي ٿو. ۽ حقيقت ۾ هيءَ ئي هڪ ڳالهه تي سهمت نه ٿيڻ عجيب شيءِ آهي جا ٿيندي رهي ٿي: زندگي ۾ هميشه بدلجندڙ معيار رهيا آهن ۽ دنيا ۾ سياڻا ماڻهو رهن ٿا، درويش ۽ انسانيت سان پيار ڪندڙ ماڻهو رهن ٿا، جي پنهنجي زندگي ممڪن حد تائين ڪنهن اخلاقي معيار ۽ سچ جي بنياد تي گهارڻ چاهين ٿا. ائين ڪرڻ لاءِ، ائين ڪي چوڻ لاءِ، پنهنجي پاڙي وارن لاءِ روشني جو ڪرڻو ٻڌڻ لاءِ، اهڙا ماڻهو ائين زندگي گهارين ٿا تہ جيئن ويڙهي ۾ وسندڙ ماڻهو سمجهي سگهن تہ هن دنيا ۾ ڪنهن اخلاقي معيار ۽ سچ جي

بنياد تي زندگي گهارڻ ممڪن آهي. ۽ تنهن هوندي به اسان سيئي ڄاڻون ٿا ته اهڙا سپ ماڻهو جلد نه ته دير ئي سهي پنهنجو پاڻ سان سچا نه رهندا آهن، بس لڪ ڇپ ۾ ڪا جادوگري ڪندا رهندا آهن، جا اسان کي اڪثر ڏسڻ ۾ نه ايندي آهي.

مان هاڻي اوهان کان پڇان ٿو: ماڻهوءَ مان ڪهڙي توقع رکي وڃي، جڏهن هو عجيب و غريب گڻ سان پريو پيو هجي؟ اهڙي ماڻهو مٿان دنيا جي هر رحم و ڪرم جو وسڪارو ڪريو، ڪيس خوشي جي ساگر ۾ ٻوڙي لوڙهي ڇڏيو، اهڙي طرح جو ٻيو ڪجهه به نه پر خوشي جا ابڙڪا پاڻي جي سطح تي ڏسڻ ۾ اچن، ڪيس معاشي خوشحالي ڏيو، جو ڪيس سواءِ سمهڻ جي ٻيو ڪجهه به نه ڪرڻو پوي، ڪيڪ کائيندو رهي ۽ پنهنجو پاڻ کي، پنهنجن پالتو ڳاڻاٽي کان ٻاهر جمندڙ ٻارن سان کيڏڻ ڪڏڻ ۾ سوگهو رهي ۽ عجيب و غريب حرڪتون ڪندو رهي. ماڻهو پاڻ کي مليل تيار ماني کي لت هڻي داءَ تي لڳائي ڇڏيندو ۽ پنهنجي مرضي سان چاهيندي هاڃيڪار ۽ بيڪار خواهش پويان ڪاهي پوندو. اها ئي ته ماڻهو جي سپ کان وڏ ڇيهو پڃائيندڙ بيوقوفي آهي، بس ماڻهو جي خواهش ته پنهنجو پاڻ کي ڪنهن سٽي سوڻ سان متعارف ڪرائجي ۽ جي ڪجهه هن ماڻهوءَ جي لاءِ پر خطر هجي ته به پرواهه نه آهي. هيءَ ساري جاکوڙ صرف ماڻهو جي پنهنجي سهاڻن سپنن ماڻڻ ڪارڻ هوندي. ماڻهو جي واهيات چريائپ اها ئي آهي ته هو ڪجهه ماڻڻ جي خواهش رکي ٿو، صرف ان لاءِ ته پنهنجي حيثيت ثابت ڪري ڏيکاري ... جا حيثيت ثابت ڪرڻ جڏهن لاءِ تمام گهڻو ضروري آهي ... ته ماڻهو اڃا سوڌو ماڻهو آهي ۽ تنبوري جي تار نه ٿيو آهي. جنهن تار کي قدرت جي قانونن جڪڑي پوري ريت پنهنجي ضابطي هيٺ آڻي ڇڏيو هجي. جي ائين ماڻهو تنبوري جي تار ٿيو ته پوءِ جلد ئي، ڪو به ماڻهو سواءِ ڏينهن ڳڻڻ جي ٻئي ڪا به

خواهش رکي نہ سگھندو. ۽ ماڻھوءَ لاءِ اھا سموري ڳالھ قطعي مڃڻ لائق نہ آھي تہ ھو تنبوري جي تار يا مشيني پرزو ٻڌجي: اگر جي ھو تنبوري جي تار سواءِ ٻيو ڪجھ ٻہ ھجي ھا، اگر جي اھو وجود ٻہ ڪيس قدرتي سائنس ۽ رياضي جي اصولن طرفان مھيا ڪيو وڃي ھا، تڏھن ٻہ ھو ان سان سھمت ٿيڻ جوڳو سبب ڳولھي ھٿ نہ ڪري سگھي ھا، پر ڪنھن مقصد ھيٺ نا شڪري ڪندي، بس پنھنجي خواھش لاءِ جاکوڙي ھا. ماڻھو ھر قسم جي دکن دردن کي ماڻڻ لاءِ جاکوڙيندو تہ جيئن ھو فقط پنھنجو مقصد ماڻي سگھي. اگر جي ڪنھن ماڻھو کي پنھنجي مرضي جو ڪجھ ٻہ ڪرڻ لاءِ نظر نہ ايندو تہ ماڻھو تباھي ۽ ڏڪيڙ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رھندو، اھڙو ماڻھو دنيا ۾ رڻ ٻاري ڏيڻ لاءِ پنھنجا گھوڙا ڇيڪ ڇوڙي ڇڏيندو ۽ جيئن ڪو ٻہ ڏاڍو ماڻھو دنيا ۾ رڻ ٻاري سگھي ٿو (اھا ھن ماڻھوءَ جي ئي خصلت آھي، ھن ۽ ٻين جانورن ۾ بنيادي فرق ڪندڙ ڳالھ پڻ اھا ئي تہ آھي). ٿي سگھي ٿو پنھنجي بکواس جيڪري ھي اڪيلو ماڻھو پنھنجو مقصد ماڻي سگھي ... جيڪو مقصد آھي تہ ماڻھو پنھنجو پاڻ کي قائل ڪري تہ ھو تنبوري جي تار نہ پر ماڻھو آھي! اگر جي اوھان سڀ پڻ ھيءَ ڳالھ چئو ھا تہ اھڙي ڳڻ ڳوت ۽ ترتيب ڏيئي سگھجي ھا ... تنھنڪري ڏڪيڙ ، انڊوڪار ۽ ظلمات کي پرکڻ جون اکلون اڳ ئي ان تباھي کي روڪي سگھن ھا ۽ سوچ جو بنياد پنھنجي سگھ مجائي سگھي ھا. مون کي ان ۾ ئي يقين آھي تہ پوءِ ماڻھو ڄاڻ رکڻ ڪري چريو ٿي پوي ھا تہ جيئن سوچ سمجھ کان جان ڇڏائي پنھنجو مقصد ماڻي سگھي! مان ان جو جواب ڏينداس، انسان جي پوري ڪارستاني حقيقت ۾ لڳي ٿو ڪنھن ٻہ شيءِ تي مشتمل نہ آھي پر پنھنجو پاڻ کي ھر ويلي ثابت ڪرڻ لاءِ تہ ھيءُ تنبوري جي تار نہ پر ماڻھو آھي! ھيءِ پنھنجي سڃاڻپ جي ويڑھ، ماڻھو پنھنجي سر جي سودي تي ڪري سگھي ٿو، ائين سوپ ماڻڻ جي

سجاڻپ جو سودو پنهنجو گوشت پان کائڻ جي قيمت تي ٻ ٿي سگهي ٿي! ۽ ماڻهو ائين ئي پاڻ پتوڙي ٿو. ڇا ڪوئي ماڻهو، ڪنهن ٻئي جي ان خوشي ايارڻ ۾، جنهن خوشي اڃا سوڏو پير نہ پاتو آهي، مدد ڪري سگهي ٿو ۽ ماڻهو جي اهڙي خواهش، اڃا تائين ڪنهن اهڙي شيءِ تي مدار رکي ٿي جا اسان نہ ٿا ڄاڻون؟

اوهان مون تي رڙيون ريهُون ڪندا (اهو ان لاءِ تہ اڳر جي اوهان **پنهنجي خواهش ماڻڻ لاءِ پنهنجي همت هاري ڇڏيندا) تہ ڪو ٻ ماڻهو پنهنجي آزاد چاھ يا خواهش تي بند نہ ٿو ٻڌي سگهي. انهن سيني ماڻهن کي اها پرواھ آهي تہ سندن چاھ يا خواهش نجي پجي هجي، ماڻهو جي پنهنجي آزاد خواهش، جا ماڻهو جي پنهنجي عام مفاد جي هٿ وس هجي، جا قدرت جي قانونن ۽ رياضي جي حساب ڪتاب پٽاندڙ هجي.**

منهنجا سائين! ڇا تہ نہ شاندار ڳالھ اوهان سوچي آهي، جڏهن اسان کوڙن جي فهرست ۽ رياضي جيان حساب ڪتاب جي ڳالھ ڪريون ٿا، جڏهن ڳالھ ٻ ۽ ٻ چار جي هجي تہ پوءِ ماڻهوءَ جي لاءِ پوئتي ڪهڙي قسم جي آزاد خواهش بچي ٿي؟ ٻ ۽ ٻ چار منهنجي خواهش بغير ٻ ٿيندا. ڇا اهوئي آزاد خواهش جو نالو آهي!

❑

وندر نائون

منهنجا سائين! مان پوڳ ڪري رهيو هئس، مون کي چگيءَ ريت پتو آهي ته مان ڪو مزيدار پوڳ نه ٿو ڪري سگهان پر اوهان کي پروڙ آهي ته ڪو ڪو ماڻهو هر شيءِ کي پوڳ ئي سمجهندو آهي. شايد مان اوهان سان هيءُ هلڪو ڦلڪو پوڳ پيو ڪريان. منهنجا سائين! مون کي سوالن هٽي يڇي پورا ڪري اڇلائي ڦٽو ڪيو آهي. منهنجي پلائي ڪارڻ، اوهان منهنجي انهن سوالن جا جواب ڏيو. جي چئجي ته اوهان ڪن ماڻهن جي پراڻين عادتن مان جان ڇڏائڻ ۽ انهن ماڻهن جي پلي لاءِ سائنس ۽ عقلمندي وسيلي بهتري ڪرڻ چاهيو ٿا، پر اوهان کي ان جي پروڙ ڪيئن پوي ته نه صرف ماڻهن جي پلائي ڪرڻ ممڪن آهي پر ائين سندن پلائي ڪرڻ وقت جي سڀ کان اهم گهرج آهي؟ ۽ اها ڪهڙي شيءِ آهي جا اوهان کي اهو سوچرائڻ تي مجبور ڪري، اهو نتيجو اخذ ڪرائي ٿي ته ماڻهو جي فائدي وارن لاڙن کي بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي؟ ٿورن اکرن ۾ چئجي ته اوهان کي ڪيئن پتو پوندو ته اهڙي بهتري آڻڻ ماڻهو جي لاءِ مفيد هوندي؟ ۽ جي معاملي جي ته تائين وڃي پهچجي ته اوهان ان ڳالهه جا ڪيئن قائل ٿيا آهيو ته ڏسڻ ۾ ايندڙ مفادن جي برعڪس، رياضي جي اصول ۽ سبب جي بنياد تي ماڻهو جا فائدا ڳڻيا ڳوتيا ويا آهن، سي سدائين پڪا ماڻهو جي

فائدي ۾ هوندا آهن ۽ هميشہ جي لاءِ انسانذات جي لاءِ هڪ قانون ٻڌجي وڃن؟ اوهان ايڏا سوڌو اهو چاڻو ٿا تہ اهڙو فائدو اوهان جو فرض ڪيل هڪ فائدو آهي. اهو فائدو منطق جو قانون تہ ٿي سگهي ٿو پر انسانيت جو قانون نہ ٿو ٻڌجي سگهي. منهنجا سائين! اوهان سمجهو ٿا تہ شايد مان چريو آهيان؟ مون کي مهلت ڏيو تہ مان پنهنجي سوچ جي ڏال ٻڌجي ان جو بچاءُ ڪريان. مان ان ڳالهہ سان سهمت آهيان تہ انسان بنيادي طور تي تخليقار جانور آهي، جنهن جي طئي ٿيل منزل، ڪنهن مقصد ڪارڻ پنهنجي ڏاهپ سان جاکوڙ ڪرڻ هوندي آهي ۽ ڪنهن ستاءَ ۾ پاڻ کي محو رکڻ ... جو ستاءُ هوندو آهي سواءِ ڪنهن رڪاوٽ جي دائمي رستا جوڙڻ جو، **پل سي رستا هن کي ڪيڏانهن ٻہ وٺي وڃن**. پر سوال ٿو اٿي تہ ڇو ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو جي ڪل ڙڙي پوندي آهي جو هو پنهنجي رستي تان ڙڙي ويندو آهي، سو ٻہ ان لاءِ جو هو صرف اهوئي ڪري ڏيکاري تہ **هن جي طئي ٿيل منزل هڪ نئون رستو جوڙڻ** آهي ۽ شايد اهو پڻ ٻہ تہ اڳ جيئن "سڌو" هلڻ وارو ماڻهو بيوقوف ٿي سگهي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن اهڙي سوچ، هن جي مٿي ۾ پنوانٽيون وجهي ڇڏيندي آهي تہ رستو سدائين ۽ پوريءَ ريت ڪنهن منزل تي وٺي ويندو، جنهن منزل ڏانهن رستو ماڻهو کي لاڙي ويندو آهي سا منزل پاڻ ڏانهن نيندڙ رستي کان گهٽ اهم نہ هوندي آهي ۽ سڀ کان اهم ڳالهہ اها هوندي آهي تہ هڪ سٹي لڇڻ واري ڳولهاؤ کي حقارت واري جوڙجڪ جهڙي انجنيئرنگ کان بچائجي ۽ ائين هاجيڪار واندڪائي کان بچڻ کي رستو ڏجي. اسان سڀ چاڻون ٿا تہ حقارت پري زندگي سيني بچڙاين جي ماءُ آهي. اها حقيقت ڪنهن ٻہ شڪ جي گنجائش کان مٿاهين آهي تہ ماڻهو رستا ڳولهڻ ۽ ٺاهڻ چاهي ٿو. پر سوال آهي تہ ماڻهو جي اندر ۾ چو ڏڪيڙ پيدا ڪرڻ ۽ ڇڄ ڀاڻ ڪرڻ جو جذبو موجود هوندو آهي؟ (ان ڳالهہ تي ڪوئي اعتراض نہ ٿو ڪري سگهي تہ ڪڏهن

ڪڏهن ماڻهو ڏڪيڙ ۽ بربادي سان پيار ڪندو آهي). ڪير ڇاڻي؛ ائين چئجي ته ماڻهو انساني جبلت ۾ پنهنجي مقصد ماڻڻ ۽ پنهنجي گهر اڏي تيار ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيڻ کان دٻل هوندو آهي. شايد! ان ڪري جو هو فقط پاڻ ئي ائين ڏور کان گهر اڏڻ جي سڌ رکي ٿو ۽ ڪنهن به قيمت تي، هن جو گهر اڏڻ سان ڪو چاهه آهي. شايد! هو گهر ئي اڏڻ چاهي ٿو نه ڪي ان ۾ رهڻ جي تمنا رکي ٿو، تنهنڪري ائين چئجي ته جيئن ئي اهو گهر جڙي راس ٿيندو ته هيءُ ماڻهو پنهنجي اڏيل گهر کي وساري، انهيءَ گهر کي ڪولين، رڍن، ٻڪرين ۽ ڪتن ٻلن جي استعمال لاءِ خالي ڇڏي ڇڏيندو آهي.

جيئن ته ڪولين جي پنهنجي پسند آهي. ڪولين کي اهڙو گهر گهرجي جو سدائين سلامت رهي. جيئن ڪولين جي لاءِ هنن جو پنهنجو ٺاهيل ٻر هوندو آهي. ڪولين جو مانائتو نسل ڪولين جي ٻر ۾ ئي شروع ٿئي ٿو ۽ تنهن ۾ ئي ختم ٿئي ٿو، اهڙي ڳالهه ڪولين جي سهپ ۽ ڏاهپ جي ڪاتي ۾ وڃي ٽي. ٻر ماڻهو غير سنجيدهه ۽ اوپرائپ واري مخلوق آهي ۽ شايد شطرنج جي کيڏاري جيان راند کيڏڻ جي عمل کي چاهي ٿو نه ڪي راند جي ختم ٿيڻ کي. ۽ ڪير ٿو ڇاڻي (ڪا به ڳالهه پڪي ويساهه سان نه ٿي چئي سگهجي)، شايد ڏرتي تي فقط جاکوڙ ئي آهي، جنهن جي ماڻڻ لاءِ ماڻهو ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏي ٿو. سو ائين ڪنهن حصول جي جتادار ڳولها ۾ ئي ماڻهو پنهنجو وجود رکي ٿو. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته ماڻهو زندگيءَ جي تاجي پيڙي ۾ ئي پنهنجو وجود رکي ٿو ۽ نه ڪي ٻئي ڪنهن به شيءِ جي اهڙي لاءِ ۾، جنهن لاءِ کي سدائين هڪ "فارمولي ۾ بيان ڪري سگهجي. اهڙي لاءِ جو تاجي پيڙو به ۽ به چار ٽيڻ جيترو ئي آهي. منهنجا سائين! اهڙي چڙي به ۽ به چار واري لاءِ زندگي نه آهي، ٻر ماڻهو جي هڻڻ جي موت جي شروعات آهي. ڪجهه به

هجي، ماڻهو سدائين اهڙي سڌي حساب ڪتاب جهڙي پڪ کان ڊڄندو رهيو آهي ۽ مان هاڻي ٻه اهڙي سڌي پڪي پختي خاطري کان ڊڄان ٿو. اهو چئجي ته ماڻهو ساگرن جا رستا موڙي ٿو چڏي، ڳولها جي جاکوڙ ۾ هو پنهنجي زندگي قربان ڪري ٿو چڏي، پر مان اوهان کي يقين ٿو ڏياريان ته ماڻهو لاءِ ڪامياب ٽيڪ يا حقيقت کي ماڻڻ ڏاڍو پوائتو هوندو آهي. ماڻهو کي لڳندو آهي ته جڏهن هو پنهنجو مقصد ماڻي ويهندو ته پوءِ هن وٽ جستجو ڪرڻ لاءِ ڪجهه ٻ نه بچندو. جڏهن مزدور پنهنجو ڪم پورو ڪري وڃندا آهن ته گهٽ ۾ گهٽ ڪين پورهئي جي اجرت ملي ويندي آهي، اهي مڙس خاني هليا ويندا آهن، پوءِ سندن پير وڃي پوليس ٽاڻي ۾ ڪپندا آهن ... ۽ اتي ڪين هڪ هفتي گذارڻ لاءِ ڏنڏو ڏاڙي ملي ويندو آهي. پر پنهنجي چاهه جي چوند ڪنڊ ويچارو ماڻهو ڪيڏانهن وڃي؟ جڏهن ماڻهو ڪنهن ٻه طرح پنهنجي ڳولها يا پنهنجو هوت ماڻي وڃي ٿو ته پوءِ پنهنجي اندر ۾ ڪي مونجهارا پسي ٿو. ماڻهو منزل جي جستجو سان هينئون هاري پيار ڪري ٿو پر حصول کي نه ٿو چاهي ۽ يقينن ماڻهو جي اهڙي روش من کي ڏاڍو الجهائيندڙ آهي. حقيقت ۾ ماڻهو هڪ مسخرو آهي، لڳي ٿو هن اندر مسخري ڪٽي ڪٽي پري ويئي آهي. پر تنهن هوندي ٻه زندگي گهارڻ لاءِ حسابن جهڙي سڌائي هن جي برداشت کان ٻاهر آهي. ٻه ۽ ٻه ٽين چار جهڙي سڌائي هن جي لاءِ پنهنجو پاڻ کان منهن موڙ آهي. شين جي اهڙي ٻه ۽ ٻه چار جهڙي سڌائي، ماڻهوءَ جي رستي روڪ ڪرڻ ۽ ڪيس منهن ۾ ٽڪن هٽڻ لاءِ ڏاڪن تي هٿ ڏيو بيٺي آهي. مان اهو مڃيان ٿو ته جي ماڻهو اهو ڪجهه ڪري جيڪو ڪرڻ هن جي لاءِ مناسب آهي ته پوءِ جيئن ٻه ۽ ٻه ٽين چار جهڙي ڳڻ ڳوت هن جي زندگي گهارڻ لاءِ هڪ بهترين مثال آهي، تيئن ڪڏهن ڪڏهن ٻه ۽ ٻه ٽين پنج جهڙي سوچ جي ڳولها پڻ ڏاڍو من لپائيندڙ هوندي آهي.

۽ اوهان جو ايتري پختي يقين، ايتري دل جي گهرائيءَ سان اهو سمجهو ٿا تہ هڪ رواجي ۽ مثبت جاکوڙ ... ۾ چڙو اهڙوئي عمل جو ماڻهوءَ جي بهتري لاءِ گهربل آهي ... سو ئي ماڻهو جي انفرادي مفاد ۾ آهي؟ ڇا ماڻهو جي ڪا غلطي هن جي ڪنهن فائدي جي پيشنگوئي نہ آهي؟ ڇا ماڻهو پنهنجي بهتري سان گڏوگڏ ٻيو ڪجهہ ماڻڻ نہ ٿو چاهي؟ شايد ماڻهو کي يوگا جو ڏاڍو شوق آهي. شايد يوگا هن جي لاءِ هن جي بهتري جيان تمام گهڻو فائديمند آهي. اها ئي هڪ حقيقت آهي تہ ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن غير معمولي طور، وڏي صبر سان پنهنجي يوگا سان چاهہ رکندو آهي. هن ڪائنات جي تاريخ کي اهڙي ماڻهو جي يوگا جي چاهہ جي سچ کي ثابت ڪرڻ جي ڪا بہ گهرج نہ آهي؛ جي اوهان ماڻهو آهيو ۽ جي ٿورو بہ جيئرا رهيا آهيو تہ پنهنجو پاڻ کان ان سوال جو جواب پڇو. جيتريقدر منهنجي ذاتي راءِ جو تعلق آهي ۽ جي فقط بهتري جي پرواهہ ڪرڻ جي ڳالهہ آهي تہ سا مون کي ماڻهو جي اڻ سڌريل ۽ اڻ گهڙيل حالت پئي لڳي. هيءَ ڳالهہ اوهان کي بري لڳي يا سٺي، ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو جي لاءِ شين جو ڇڻ پورڻ پڻ تسڪين ڏيندڙ هوندو آهي. مون وٽ ماڻهو جي پيڙ جي بيان يا بهتري جي وڪالت لاءِ ڪيڏ بہ دليل نہ آهن. مان پڻ پرائي ڪريان ٿو ... اپرندڙ خواهش جي ۽ جڏهن مون کي پنهنجي ڪنهن اپرندڙ خواهش جو ڪو ڪرٽو نظر ٿو اچي تہ منهنجي ڪوشش هوندي آهي تہ پوءِ اهو ضرور ٽئي تہ منهنجي خواهش جيئن جو تيئن پنهنجي جوت ڏيکاري سگهي. مان جاڻان ٿو، وقتي طور راڳ رنگ جي محفل ۾ پيڙا پنهنجو اثر وڃائي ويهندي آهي. "شيشي جي محل" ۾ ويهي پيڙا جي پيڙ محسوس ڪرڻ، سوچڻ ڪان پرانهين آهي؛ پيڙا مان مراد آهي شڪ ڪرڻ، ناڪار ڪرڻ ۽ جي شيشي جي محل جي جڙاءَ تي ٿورو بہ شڪ هجي تہ پوءِ شيشي جي محل جي ڪهڙي ڳالهہ ڏاڍي سٺي ٿي سگهي ٿي؟

منهنجو خيال آهي تہ ماڻهو پنهنجي تباهي واري ۾ رولاڪ پوڻ مان ڪڏهن ب هٿ نہ ڪڍندو. چو تہ پوڻ ئي اڪيلي سر ڏاهپ جو بڻ بٽيادِ آهي. جيتوڻيڪ شروع کان منهنجو خيال آهي تہ ڏاهپ ئي ماڻهوءَ جي سڀ کان وڏي بدقسمتي آهي، تنهن هوندي ب مان ڄاڻان ٿو تہ ماڻهو ڏاهپ لاءِ سر ڪٽائي سگهي ٿو ۽ ڏاهپ تان هٿ ڪٽي ڪڏهن ب سڪون نہ ٿو ماڻي سگهي. ڏاهپ سدائين ب ۾ ب ٽين چار سندي سوچ کان گهٽو گهٽو مٿانهين حيثيت واري رهي آهي. جڏهن حساب ڪتاب جي حد تائين ماڻهو کي خاطري هجي تہ پوءِ ماڻهو وٽ ڪرڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ڪجهہ ب نہ ٿو بچي. ائين تہ ماڻهوءَ وٽ پنهنجن پنجن ئي حواسن کي ڇڏيئي شيشي ۾ بند ڪرڻ ۽ پنهنجي سوچ کي پاڻ ٻوڙڻ سواءِ ڪجهہ ب نہ رهندو. اگر جي ماڻهو ڏاهپ کي چنبڙيو رهندو، ويندي جي ڪيس ساڳيوئي نتيجو ملندو رهي، تڏهن ب ڪهڙ ۾ ڪهڙ ماڻهو ڪيترن ئي موقعن تي پنهنجو پاڻ کي سزا ڏيڻ لاءِ چهبڪ هٿي سگهندو ۽ ائين ڪرڻ ڪنهن نہ ڪنهن طرح ماڻهو کي جيئرو رکندو. جيئن ڪنهن ب جرم جي رد عمل ۾ سزاءِ موت ڪنهن ب سزا جي اٿوند کان بهتر آهي.

❑

وندڻ ڏهون

اوهان شيشي جي ڪنهن اهڙي گهر ۾ پروسو رکو ٿا، جنهن کي ڪنهن به ويل ۽ ڪنهن به طرح ٽوڙي مروڙي نه سگهجي ... شيشي جو هڪ اهڙو گهر، جنهن ۾ ڪنهن به پٿ پولي سواءِ، ماڻهو ڪاوڙ مان پنهنجي منهن ۾ سوندڻ وجهي، زبان مرڪائي ڏيئي چيڑائي سگهي ۽ پنهنجو نڪ چاڑهي ڏين جي لتاڙ ڪري سگهي. نه ائين ڪرڻ ممڪن ئي نه آهي. شايد! ان ڪري ئي مان اهڙي شيشي جي گهر اڏڻ کان ڊنائو هوندو آهيان، جو ته اهڙي گهر ۾ ويهي، ان جي ڌهڻ جي هاڃي جو سوچي نه ٿو سگهجي. شيشي جي گهر ۾ رهندي، ڪو به ماڻهو منهن ۾ گهنڊ وجهي، ڪاوڙ نه ٿو ڏيکاري سگهي ۽ نه ئي وري ان گهر ۾ رهندي ڪنهن جي لتاڙ ڪري سگهجي ٿي.

اوهان کي پتو هئڻ گهرجي ته منهنجي لاءِ اهڙي شيشي جي گهر بدران، جي ڪڙين جي ڪڏي هجي، تنهن هوندي به بارش ۾ پڇڻ کان، پاڻ بچائڻ لاءِ مان بانبڑا ڏئي، ان ڪڏي ۾ گهڙي ويندس. جيتوڻيڪ ائين ڪرڻ سان، مان منهن ۾ پڇڻ کان بچي ويندس. تنهن هوندي به مان ڪڙين جي ڪڏي جو، پڇڻ کان بچائڻ جو ٿورو لاهڻ لاءِ، تنهن ڪڙين جي ڪڏي کي وري به ڪو گهر نه چوندس. اوهان مسڪرايو ٿا ۽ چئو ٿا ته مينهونگي ۾ بارش کان بچڻ لاءِ ڪڙين جي اهڙي ڪڏي هڪ

سڀي گهر سمان آهي. سائين اوهان پنهنجي ڳالهه چڏيو ۽ منهنجو جواب ٻڌو: اوهان ٽيڪ ٿا چئو، اگر جي ڪنهن کي صرف مينهونڪيءَ ۾ بارش کان بچڻ لاءِ ڪڪڑين جي ڪڏي ۾ گهرٽو پوي ته پوءِ اوهان ٽيڪ پيا چئو.

پر نيٺ چا ڪجي، جي ڪنهن ماڻهو پنهنجي دل ۾ اها ڳالهه ويهاري چڏي هجي ته سندس زندگي جو مقصد فقط مٽو لڪائڻ نه آهي ۽ اهو به ته جي ڪيس جيئرو ئي رهڻو آهي ته بهتر آهي ته هو ڪنهن سڀي گهر ۾ رهي؟ اهڙي منهنجي به خواهش آهي ته مان ڪنهن سڀي گهر ۾ رهان، اهڙي ئي منهنجي دل جي چوندڙ آهي. اوهان منهنجي اهڙي خواهش کي تڏهن ئي پاڙان پٽي ڦٽو ڪري سگهو ٿا، جڏهن اوهان منهنجي چاهه جي چوندڙ کي بدلائي سگهو. چگو! اوهان منهنجي چاهه سندي چوندڙ کي بدلائي چڏيو، مون کي ڪنهن ٻئي شيءِ جي نشي ۾ نهوڙي چڏيو، منهنجي زندگيءَ جي حاصلات لاءِ ڪا ٻئي چوندڙ جوڙيو. پر تنهن ويلي تائين مان ڪڪڑين جي ڪڏي کي هڪ سڀي گهر جي جاءِ تي پنهنجو مسڪن نه بنائيندس. شيشي جو گهر هڪ سهڻو خواب ٿي سگهي ٿو. اهو به ٿي سگهي ٿو ته هيءُ گهر قدرت جي قانون سان ٽڪراءَ ۾ ئي هجي ۽ اهو به ممڪن آهي ته مون اهڙو گهر پنهنجي لهندڙ سج جهڙي نسل جي غير مناسب عادتن جي ئي مطابق جوڙو پنهنجي بيوقوفين ڪري جوڙيو هجي. پر منهنجي لاءِ اهو بي معنيٰ آهي ته اهڙو گهر قدرت جي قانون سان ٽڪراءَ وارو آهي؟ ان سان ڪو به فرق نه ٿو پوي. چو ته اهو گهر منهنجي خواهشن ۾ پنهنجو وجود رکي ٿو يا ائين به چئجي ته اهڙو گهر، ان ويلي کان پنهنجو وجود رکي ٿو، جنهن ويلي کان منهنجي اهڙي هڪڙي گهر جي خواهش منهنجي ذهن اندر پنهنجو وجود جوڙيو هو، يا ان جو وجود تيستائين رهندو جيستائين منهنجي اهڙي خواهش پساه ڪڍندي رهندي. مون کي

لڳي ٿو ته اوهان وري ڪلو پيا؟ سائين! ڪلندا ئي رهو. مون کي اوهان جي ڏند ٽيڙڻ جي ڪا بہ پرواه نہ آهي؛ مان اهڙو ئي ماڻهو آهيان، پڪ ڄاڻو ته جڏهن مان بکيو هوندس ته اوهان اڳيان پنهنجو پاڻ کي سرهو ڏيکارڻ بدران، پنهنجي بک جي اڻ تڻ کي ئي بيان ڪندس. مون کي پتو آهي ته هر حال ۾ مان ٻيائيءَ جو سهارو نہ وٺندس، ويندي ننهن جي چوٽي يا تر جيترو بہ ٻيائي جو سهارو نہ وٺندس. چو ته ٻيائيءَ جو سهارو وٺڻ، قدرت جي قانون سان هڪجهڙائي رکي ٿو. مان قدرت جي قانون کي مڃڻ وارو نہ آهيان. مان پنهنجي خواهشن جي تاج کي موهن جي دڙي جهڙي ڪنڊرن جي ويراني ۾ بہ مٽاهين هنڌ تي لٽڪائي رکندس. اوهان منهنجي خواهشن کي ماري ڇڏيو، منهنجي زندگي جي ماڻ کي ختم ڪري ڇڏيو، مون کي ڪجهه وڌيڪ بهتر جو ڏس ڏيو ۽ مان توهان جي پيرن پويان هليو ايندس. اوهان چوندا ته تنهنجو هيءُ اهنج ڪو بہ ملهه نہ ٿو رکي؛ پر انهيءَ ڳالهه تي بہ مان اوهان کي ساڳيو ئي جواب ڏينندس. مان سنجيدگيءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪري رهيو آهيان، پر جي اوهان ڄاڻي ٻجهي مون ڏانهن ڏيان نہ ڏرينداتہ مان اوهان سان پنهنجي ڏيٹ ويٹ وڌائڻ جي تمنا کي پاڙان پٽي، اچلائي ڦٽو ڪري ڇڏيندس. مان وري زير زمين پنهنجي پر ۾ واپس هليو ويندس.

پر جيستائين مان جيئرو آهيان ۽ منهنجون خواهشون آهن، مان اهڙي ڪنهن شيشي جي گهر اڏڻ لاءِ ڪا سر ڪٽي اچڻ بجاءِ پنهنجن هٿن جي سڪي ڪمزور ٽي وڃڻ کي ترجيح ڏينندس! مون کي ياد نہ ڏياريو ته مون هينئر ئي شيشي جي گهر کي صرف ان هڪڙي سبب جيڪري رد ڪيو آهي جو ڪو بہ ان ۾ پنهنجي منهن ۾ سوند وجهي ڪاوڙ جو اظهار نہ ٿو ڪري سگهي، چو ته مخالف ماڻهو کي، تنهن محل کي ٽوڙي، پٽ ڪرڻ ۾ دير نہ لڳندي. اها ڳالهه مون ان ڪري نہ ڪئي آهي ته ڪو

مان پنهنجي منهن ۾ سونڊ نہ ٿو وجهي سگهان. مون شيشي جي گهر کي ان کري رد کيو آهي ته ماڻهوءَ جي جڙيل سيني محل ماڙين مان کا هک به اهڙي ماڙي نہ آهي، جنهن ۾ رهندي، ماڻهو پنهنجي منهن ۾ سونڊ وجهي، پنهنجي زبان مرکائي، کنهن سان پنهنجي کاوڙ جو اظهار کري سگهي. کنهن تي پنهنجي زبان مرکائڻ بدران مان پنهنجي زبان کي کنهن ٿوري لاهڻ کارڻ کٽيو وڃڻ ڏيندس. جي منهنجي لاءِ اهو ٿي سگهي جو مان پنهنجي خواهش جي پورائي لاءِ زبان جو هليدان ڏيئي پنهنجو کڃڻ پڃڻ وڃائي ويهان ته ڏاڍو پلو ٿيندو. ان ۾ منهنجو کو به ڏوهه نہ آهي جو شين کي اهڙي ترتيب نہ ٿي ڏيئي سگهجي ۽ اهو کو ضروري به نہ آهي ته ماڻهو مادل فليٽن مان مطمعن ٿئي. پوءِ منهنجي اندر ۾ اهڙيون خواهشون ڇو ٿيون موجون هڻن؟ ڇا مان بس کا اڏاوت کرڻ ٿي گهري ته جيئن مان ان نتيجي تي پهچي سگهان ته منهنجي پوري اڏاوت ڏوکو آهي؟ ڇا منهنجو فقط اهو ئي مقصد آهي؟ مان اهڙي سوچ تي يقين نہ ٿو رکان.

ڇا اوهان اهو ڄاڻو ٿا: مان پوري طرح ان ڳالهه جو قائل آهيان ته جي اسان زير زمين رهندڙ ماڻهن کي هڙڻ مان ڇڪي کڏي ٻاهر آڻي، واٽ تي بيهاريو ويجي ته پوءِ اسان لاءِ وات بند رکڻ ڏاڍو اوکو کم آهي. جيتوڻيڪ اسان چاليهه سال زير زمين سواءِ ڳالهائڻ جي رهي سگهون ٿا. اسان جڏهن ڏينهن جي سوجهري ۾ ٻاهر پير پايون ٿا ۽ پنهنجو وات کوليون ٿا ته پوءِ اسان وات هڻون ٿا ۽ وات هڻندا رهون ٿا ۽ وات هڻندا رهون ٿا .....

❑

وندِ يارهون

منهنجا سائين! ٿورن گهڻن اکرن ۾ ائين چئجي ته ماڻهوءَ جي لاءِ اهو ئي بهتر آهي ته هو کجهه به نه ڪري! ڏاهپ جي سگهه ئي هن ڪاڻ ڪافي آهي! ۽ مان اهو ئي نعرو هٽندس ته هڙڻن ۾ ڏينهن گهاريندڙ ماڻهن جي واکاڻ سدائين قائم ۽ دائم رهي! جيتوڻيڪ مان چئي چڪو آهيان ته مان پنهنجي رت جي آخري ڦڙي تائين رواجي ماڻهوءَ جي پلي سان ساڙ ڪندو رهندس، پوءِ به اڄ جو روايتي ماڻهو جيئن آهي تيئن مان هن جي جاءِ وٺڻ نه چاهيندس (جيتوڻيڪ مان روايتي ماڻهو سان کڏهن به ساڙ ڪرڻ چڏي نه ڏينندس). نه .... نه، کڏهن به هن جيئان زندگي نه گهاريندس. مان اهو ئي چوندس ته هڙڻ ۾ زندگي گهاريندڙ ماڻهو جي زندگي هن روايتي ماڻهو جي زندگي کان هر طرح گهٽو بهتر آهي. اتي هڙڻ ۾ رهندي، کنهن به حالت ۾، ماڻهو کجهه ڪري سگهي ٿو... اوهه! مان ويندي هاڻي به اوهان سان ڪوڙ بکي رهيو آهيان. مان ان ڪري ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهيان، جو ته مان پنهنجو پاڻ کي سچاڻان ٿو، هڙڻ ۾ زندگي گهارڻ بهتر نه آهي، پر تنهن زندگي ۾ ٻيو کجهه ضرور آهي، بلڪل انوکو، مان تنهن انوکي پاڻيءَ لاءِ اچايل آهيان پر تنهن پاڻي کي مان ڳولهي لهي نه ٿو سگهان! هڙڻ واري زندگي وڃي جهنم ۾ پوي!

مان اوهان کي هڪ ٻئي ڳالهه ٻڌائيندو هلان، جا بهتر هوندي ۽ سا اها آهي ته مون جو ڪجهه هاڻي لکيو آهي، تنهن مان ڪنهن هڪ اکر تي به پاڻ يقين نه ٿو رکان. منهنجا سائين! مان اوهان کي ساک تي چوان ٿو، منهنجي ڪا به هڪ لکيل اهڙي شيءِ نه آهي، جنهن تي يا ان جي ڪنهن هڪ اکر تي، مون سچ مچ ڪو پروسو رکيو هجي. هاڻي ئي ڪيل ان ڳالهه تي مان پروسو رکان ٿو، پر ساڳئي وقت مان محسوس ڪريان ٿو ۽ مون کي شڪ پوي ٿو ته مان ڪنهن ڊاڙيءَ جيان ڪوڙ بڪيان ٿو.

"ته پوءِ هيءُ سڀ تو چو لکيو آهي؟" اوهان مون کان اهوئي پڇندا. "ان ڳالهه کي سمجهڻ لاءِ، مون کي اوهان کي چاليهه سالن جي لاءِ هڙڏ ۾ رکڻو پوندو، جتي اوهان واندا هجو ۽ پوءِ مان اوهان جي هڙڏ ۾ اوهان وٽ اچان، اهو معلوم ڪري سگهڻ لاءِ ته اوهان ڪهڙي حال کي پهتا آهيو! ماٺهو کي ڪجهه به ڪرڻ کان پاسيرو ڪري، ڪيئن چاليهه سالن لاءِ واندو ويهاري سگهجي ٿو؟"

"ڇا اهو شرمناڪ عمل نه آهي؟ ڇا اهو عمل ڪنهن جو پٽڪو لاهڻ جي برابر نه آهي؟" گهٽو ڪري اوهان پنهنجو ڪنڌ ڪهي سڄي لوڏي طنز مان چوندا: "تنهنجي پنهنجي زندگي لاءِ چاهت آهي ۽ جاکوڙين ٿو ته زندگي جا اونا منطقي انداز سان پڇاڙي تي پهچائي سگهجن. ۽ ڪيترو نه تنهنجا جملا گهائيندڙ ۽ اڻ ڪٽ آهن ۽ ساڳئي ويلي تون ڪيترو نه اندران ڏنل آهين! تون بڪواس ئي ڪرين ٿو ۽ ان ۾ ئي خوش آهين؛ تون گاريون ڏئين ٿو ۽ ان ڪري لاڳيتو ڇٽتي ۾ ورتل آهين. تون ان ڳالهه جو وڏي واڪ پچار ڪرين ٿو ته تون ڪنهن به شيءِ کان نه ٿو ڊڄين ۽ ساڳئي مهل جاکوڙين ٿو ته اسان جي نظر ۾ پنهنجو شان سهيڑي سگهين. تون چٽو ڪرين ٿو ته تون پنهنجا ڏند ڪرٽين ٿو ۽

ساڳئي وقت جتن ڪرين ٿو تہ تون اسان کي ليائڻ لاءِ پوڳ سوڳ ڪري سگھين. تون چاڻين ٿو تہ تنھنجي مشڪري اسان کي ڪلائي ڪيرو ڪندڙ نہ آھي، پر تون ظاھر ڪرين ٿو تہ تون انھن پوڳن جي ادبي حيثيت لاءِ سرھو آھين. ائين ب ٽي سگھي ٿو تہ سچ مچ تو پوڳيو ھجي پر تو کي پنھنجي پوڳنا جي ب ڪا پرواھ نہ آھي. تنھنجي ڳالھين ۾ پوري سچائي ٽي سگھي ٽي پر تو کي پنھنجي پاڻ تي ماڻ ۽ آزادي نہ ھجي، ائين نہ ٿو ٽي سگھي؛ نالي ماتر ماڻ مان تون پنھنجي سچائي کي مشھوري ۽ شرمساري جي ور چاڑھي ڇڏين ٿو. ڪنھن ب شڪ سواءِ، تو جو ڪجھ چوڻ چاھيو، سو چيو پر پنھنجي ڳالھ کي سھيڙڻ وارا لفظ ڏجي، لکائي ڇڏين ٿو، چاکاڻ تہ انھن لفظن کي اچارڻ جي تو ۾ جرئت ئي نہ آھي ۽ تون صرف پاڙيائي جي تازگي سان پريو پيو آھين. تون ڏاھپ جو ڏيک ڏئين ٿو پر تو کي پنھنجي پيرن ھيٺان زمين ھٽڻ جي پڪ نہ آھي، جيتوٽيڪ تنھنجو ذھن ڪم ڪري ٿو، تنھن ھوندي ب تنھنجي دل ۾ گھگھ اوندھ ۽ ڪوٽ پري پئي آھي ۽ تو وٽ مڪمل، سچي ڏاھپ سواءِ ڏوتل پوتل دل جي ڪوٽ آھي. ۽ تون گھٽيون ئي حدون اورانگھيندڙ ماڻھو آھين، ڪيئن نہ تون پنھنجي ڳالھ تي زور ڏئين ٿو ۽ پنھنجن تاثرات کي لکائي ڇڏين ٿو! ڪوڙ! ڪوڙ! ڪوڙ! بس ڪوڙ بڪين ٿو."

اوھان چوندا تہ مون پنھنجو ڳالھيون پاڻ گھڙيون آھن. نہ يار اھي ڳالھيون پڙ ھڙ ۾ گھاڙ جو نتيجو آھن. مان چاليھ سالن کان اوھان کي فرش ۾ پيل ڏار مان ھڏندو رھيو آھيان. انھن ڪيل ڳالھين کي مون پنھنجو پاڻ جوڙيو آھي، ھا ڳالھين سواءِ ٻئي اھڙي ڪا ب شيءِ نہ ھئي جو مان جوڙي سگھان ھا. ان ۾ ڪا ب اچرج جي ڳالھ نہ آھي جا مون ياد ڪئي ھجي ۽ ان ڳالھ ادبي شڪل ورتي ھجي....

پر واقعي اوھان منھنجي ھر ڳالھ تي پروسو ڪري، سمجھو

ٿا تہ پنهنجي هيءَ لکڻي مان چپائيندس ۽ اوهان کي پڙهڻ لاءِ پڻ ڏيئي ڇڏيندس؟ ۽ ٻيو مسئلو اهو آهي: مان اوهان کي "منهنجا سائين" چئي چا جي ڪري ڪوٺيان ٿو، مان اوهان سان ائين چو مخاطب ٿيان ٿو ڇڻ واقعي اوهان مون کي پڙهندا هجو؟ اهڙا اعتراف، جيڪي مان ڪرڻ جي سوچ رکان ٿو سي ڪڏهن ٻہ چاپيا نہ ويندا آهن ۽ نہ ئي وري ماڻهن کي پڙهڻ جي لاءِ ڏنا ويندا آهن. ڪنهن ٻہ طرح، مان ايتري مضبوط ذهن جو مالڪ نہ آهيان جو پنهنجا ويچار چاپڻ ۽ پڙهڻ لاءِ ڏئي ڇڏيان. پر اوهان ئي پاڻ ڏسو، مون منجهہ هڪ تصور جنم ورتو آهي ۽ مان ان تصور جي سنيال هر قيمت تي ڪندس. اوهان مون کي وضاحت ڪرڻ جي اجازت ڏيو.

هر ماڻهو جون ڪي يادون هونديون آهن جي هو هر ڪنهن سان وندڻ ورڇڻ نہ چاهيندو آهي پر سي يادون هو چڙو پنهنجي يارن سان اوري سگهي ٿو. ماڻهو جي ذهن ۾ ٻيا ٻہ ڪيترائي اهڙا معاملا هوندا آهن جي هو ويندي پنهنجن يارن سان ٻہ ناهي اورينڊو ۽ چڙو پنهنجو پاڻ سان اورينڊو آهي ۽ اهوئي هن جي دل جو راز هوندو آهي. منهنجا سائين! ٿورو ترسو، پر ڪي اهڙيون شيون ٻہ هونديون آهن جي ماڻهو پنهنجو پاڻ سان ٻہ ناهي اورينڊو ۽ هر مانائتي ماڻهوءَ جي زندگي ۾ اهڙيون ڪيئي ڳالهيون هونديون آهن جي هن جي ذهن ۾ مدفن هونديون آهن. جيترو وڌيڪ ماڻهو مانائتو هوندو، ايتريون گهڻيون اهڙي قسم جون ڳالهيون هن جي ذهن ۾ مدفن هونديون. چا ٻہ هجي، مون صرف ايترو ڪيو آهي جو ٿوري دير سان ئي سهي پنهنجي شروعاتي جستجوئن کي ياد ڪرڻ جي ٿوري همت ميڙي آهي. ايا سوڌو انهن ڳالهين کي سيني سان سانڍڻ ڪري مان پنهنجي

اهڙين ڳالهين کي پڻي ڏيندو رهيو آهيان. ويندي مون کجھ اهنجن کي ب منهن پئي ڏنو آهي. هاڻي، جڏهن ن صرف مان انهن ڳالهين کي پنهنجي هنئين تي هرکائي رهيو آهيان پر سچ مچ انهن کي کهاڻي جي روپ سروپ ۾ لکڻ جو فيصلو کري چکو آهيان، مان هک تجربو کرڻ چاهيان ٿو، سو ائين چوندس ت جي کوئي ماڻهو ويندي پنهنجو پاڻ سان تجربو کرڻ گهري ٿو ت پوءِ کيس پوري ايمانداري سان پنهنجي دل کليل رکڻ گهرجي ۽ پوري سچ تي هلکو پردو ب تاڻي ن اوڍي. مان ڏنگين جي اندر ان ڳالھ جو ذکر کندي چوندس ت هيئن (Heine) جو چوڻ آهي ت سچي آتم کٹا سچ مچ ناممکن آهي ۽ اهو ب ت ماڻهو اعتراف کندي پنهنجي عزت جو خيال رکندو آهي، تنهن کري ماڻهو پنهنجي باري ۾ کوڙ ڳالهائڻ مان کنڊ ن ٿو کڏائي سگهي. هيئن سمجهي ٿو ت يقينن روسو پنهنجي اعترافن ۾ کوڙيون ڳالهيون ڻنبيون آهن ۽ ويندي پاڻ پڏائڻ جي ارادي سان کوڙ ب ڳالهايو آهي. مون کي پورو پروسو آهي ت هيئن صحيح ڳالھ کئي آهي؛ مان چگي طرح سمجهي سگهان ٿو ت کيئن کيئن ۽ کڏهن کڏهن ماڻهو پاڻ پڏائڻ لاءِ کي عام الزام پنهنجي سر تي هٹندا آهن ۽ حقيقت ۾ مان اهڙي قسم جي پاڻ پڏاءَ جو کاٿو کري سگهان ٿو. هيئن (Heine) انهن ماڻهن جي تور تک کئي آهي جن پنهنجا اعتراف ماڻهن اڳيان رکيا آهن. مان فقط پنهنجي لاءِ لکان ٿو ۽ مان هک دفعو سدائين جي لاءِ پنهنجي هنئين تي لوڻ ٻرکي لکان ٿو ت مون کي ائين پيو لڳي جڻ مان پنهنجن پڑهندڙن سان مخاطب هجان، لکڻ جو

اهو انداز فقط ان ڪري آهي جو ان انداز سان لکڻ منهنجي لاءِ سولو آهي. هيءُ منهنجي لکڻ جو انداز آهي، هڪ ڪوڪلو انداز ... منهنجا ڪڏهن ب پڙهندڙ پيدا نه ٿيندا. مان اڳ ب اوهان کي اهو ئي ٻڌائي چڪو آهيان ...

مون کي پنهنجن خيالن کي لکڻ، ميڙي جهول پرڻ ۾ ڪنهن ب پابندي جي ڪا ب رڪاوٽ نه هئڻ گهرجي. مان لکڻ لاءِ ڪنهن ب انداز يا اسلوب جي لاءِ جاکوڙ نه ڪندس. مان شين کي ائين ئي سهيڙيندس، جيئن اهي مون کي ياد آهن.

پر هتي گهٽو ڪري، ڪوئي ماڻهو ڪنهن هڪ اڏ لفظ ۾ ڦاسي پوندو ۽ مون کان پڇندو: پڙهندڙن جي لاءِ سڀ خوف لتاڙي تو سڀ جي ڳڻڻ کي نه کوليو آهي، تو اهڙي ڳالهه پنهنجو پاڻ سان ڇو چيڙي آهي ... ۽ اها ب. پني تي ... اها ڳالهه ب ته تو ڪنهن ب لکڻ جي انداز يا اسلوب جو سهارو نه ورتو آهي، تو شين جو ذڪر ائين ئي ڪيو آهي جيئن اهي تو کي ياد آيون آهن ۽ اهڙائي سوال، اهڙائي ذڪر ڪيا اٿئي؟ تون ڇو پيو وضاحت ڏئين؟ تون ڇا لاءِ ٿو معافي گهرين؟

چگو منهنجا سائين! اچو ته ان سوال جي جواب ۾ مان پنهنجو جواب ڏيان.

جيتوڻيڪ هن پوري ڳالهه ۾ ماڻهو جي پوري نفسيات سمايل آهي پر مون صرف ان ڪري ائين ڳالهه ڪئي آهي جو مان گيدي ماڻهو آهيان ۽ شايد ان ڪري ب ته مون ڪنهن مقصد سان پنهنجي سامهون هڏڻ وارن جو تصور ڪيو آهي ته

جيئن لکندي مان اڃا وڌيڪ مانائتو ٿي پوان. شايد! ائين لکڻ جا هزارين سبب آهن. وري بہ چئجي تہ ائين لکڻ ۾ منهنجو ڪهڙو مقصد سمايل آهي؟ هيءَ لکڻي عام ماڻهوءَ جي فائدي جي نہ آهي، مان اهي واقعا پني تي اڪارڻ بدران پنهنجي ذهن ۾ چو نہ ٿو ميڙيان يا ياد ڪريان؟

ائين ئي چئجي؛ پر پني تي انهن ڳالهين کي اڪارڻ ۾ وڌيڪ لست آهي. پني تي اڪارڻ ۾ ڪا شيءِ وڌيڪ متاثر ڪندڙ آهي؛ مان پنهنجي لاءِ وڌيڪ عزت جي قابل ٿي پوندس ۽ پنهنجي لکڻ جو انداز سڌاريندس. شايد انهيءَ سان گڏوگڏ مان لکڻ سان دل تي پيل سارو بار هلکو ڪندس، ائين ئي چئجي تہ مان خاص طور هڪ پراڻي ياد جي گهاڻي ۾ پيو ٿو پيڙهجان. جا ياد ڪي ڏينهن اڳ روشنيءَ جو ڪرٽو ٻڌجي، منهنجي ذهن ۾ گهر ڪري، گهري آئي هئي ۽ مون کي ڪنهن جيءُ جلائيندڙ ڏن جيان تڙپائيدي رهي ۽ اهڙي ڏن کان ڪو بہ ماڻهو پنهنجي جان آجي نہ ٿو ڪري سگهي. ۽ تنهن هوندي بہ ڪنهن بہ طرح سان، مون کي ان ڏن مان جان ڇڏائي آهي. منهنجيون اهڙيون هزارين يادون آهن پر انهن هزارن جي سون مان گهٽو ڪري ڪا هڪ اڌ ياد، ڪر ڪٽي بيهي ٿي ۽ مون کي ستائڻ لڳي ٿي. مون کي يقين آهي تہ ڪنهن بہ سبب جي ڪري، مان جي ان ياد کي لکندس تہ مان تنهن ياد مان پنهنجي جند ڇڏائي سگهندس.

چو نہ اهڙي جاکوڙ ڪجي؟ جو ماڻهوءَ جي جند آجي ٿي پئي.

ٻيو تہ مان زندگي ۾ ڏاڍو ٽڪجي پيو آهيان ۽ مون وٽ ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ بچيو آهي. لکڻ منهنجي لاءِ هڪڙو ڪم ٿي پوندو. ماڻهو چون ٿا تہ ڪم ماڻهو جي دل ۾ جهہو

پيدا ڪري ٿو ۽ ڪيس ايماندار بنائي ڇڏي ٿو. ٺيڪ آهي، ڪجھ ٻ هجي، مون کي ٻ شفيق ۽ ايماندار بنجڻ جو موقعو هٿ لڳو آهي.

اڄ پيلي ۽ پَيلي برف ڪري رهي آهي، اها ڪالھ پڻ ڪري هئي ۽ ٿورا ڏينهن اڳ ٻ ڪري هئي. مان تصور ٿو ڪريان تہ اها پناڻي برف ئي آهي، جنهن مون کي اهو واقعو ياد ڏياري ڇڏيو آهي، تنهن واقعي کان، مان هاڻي پنهنجي جند نہ ٿو ڇڏائي سگهان ۽ تنهن ڪري ان کي هڪ مناسب پنل برف ڪرندڙ ڪهاڻي ٿيڻ ڏجي ٿو.

❑

پاگو پیو

پنل برف

آلي برف جو مناسب موقعو

جڏهن انڌ جي غلاميءَ مان،
جوت جو سڏ ڏيندڙ منهنجا لفظ،
منهنجا هٿ، جهٽڪو ڏيئي زنجير ٽوڙي،
ءِ ور وڪڙ ڪائي اوهان جي ڏک درد جو سهارو بنجي،
ان انڌ کي ٽوڙي، جنهن وهان کي وکوڙي ڇڏيو آهي،
جڏهن ماڻهن جي اکيون نند پيل ضمير جهنجهوڙي:
يادون ٽامي ٽيل ڏرتي تي،
سارا ڳجهه ٽوڙي نڪري نروار ٽين،
مان وقت کان پهريان زندگيءَ جا اهجاڻ ڪئي:
جڏهن منهنجي بيمار روحن تي نظر پئي،
جي ڳوڙها ڳاڙيندي، پنهنجي چهري تان درد جا نشان لڪائي،
انقلاب آڻي، جذبا جاڳائي، ڏهڪاءُ ڦهلائي،
چيبائيل يادن ساڻ وڌن پيا.
(نيڪراسوف)

پهريون وند

هيءَ انهيءَ ويلي جي ڳالهه آهي، جنهن ويلي مان مس مس سان چوويهن سالن جو ٿيو هئس. زندگي جي جوپن هوندي به منهنجي زندگي ڪنهن هارايل جوئاري جيان اجهاٽي، ٽڙيل پکڙيل، وياڪل ۽ ڏکن سان پريل هئي. ڪنهن به ماڻهوءَ سان منهنجي ياري نه هوندي هئي ۽ نه ئي وري ڪنهن ماڻهوءَ سان ڪا ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي ۽ مان جيئن ٿڌ تيئن وڌ جيان ڏينهون ڏينهن پنهنجو پاڻ کي پنهنجي ٻرڙ ۾ ٿي ويس لڪائيندو. آفيس ۾ ڪم ڪندي، مون ڪنهن ڏانهن به اک کڻي نه ٿي نهاريو، مون کي پليءَ پت پروڙ هئي ته منهنجي آفيس جي ساڻين نه صرف مون کي شڪ جي نگاهه سان ٿي ڏٺو ... پر مون کان حقارت پڻ پئي ٿي ڪئي ... مون کي هميشه ائين ئي لڳندو هو. ڪڏهن ڪڏهن مون کي ان ڳالهه تي ڏندين آگريون اچي ويندیون هيون ته ائين چا جي ڪري هو جو سواءِ منهنجي ٻيوڪو به ماڻهو پنهنجو پاڻ کي ڪراهت جي نظر سان نه ڏسندو هو؟ هڪڙي ڪلارڪ جو منهن انتهائي بيڙو هو، هن جو منهن ماتا جي نشانن جيڪري ڪنهن سونهن وڃايل ماڻهوءَ جو ڏيک ڏينندو هو. مون کي پنهنجو پاڻ تي پورو پورو پروسو آهي

ته اهڙي ڪوجهائپ ساڻ مان ڪنهن ڏانهن به اک ڪني نهاري نه سگهان ها. هڪ ٻئي ڪلارڪ جو يونيفارم تمام گهٽو پراڻو ۽ ميرو هوندو هو جو ان يونيفارم مان ايندڙ نڪ ڪي ساڙي چڏيندڙ اڳند هن جي چوڦير ڦهليل هوندي هئي. تنهن هوندي به هنن ٻنهي مان ڪنهن هڪ به پنهنجي پاڻ سان بچان جي پنهنجي جاڻ جي هلڪي ريکا به نه ٿي ڏني ... نه ئي وري ڪنهن به طرح ٻين کي پنهنجي ڪپڙن ۽ پنهنجي ڪوجهائپ يا پنهنجي قد ڪاٺ جي ڪمزوري جو ڏس ٿي ڏنو، نه ئي وري انهن اهو تصور ٿي ڪيو ته ڪين ڪراهت سان ڏٺو وڃي ٿو، جي هنن ٻنهي مان ڪنهن هڪ به پنهنجي دل ۾ اهڙو تصور ڪيو به هجي ها ته به ان ڳالهه کي پنهنجي مٿي تي سوار نه ڪيو هجي ها ... ايستائين مٿن ڪو به اثر نه پوي ها، جيستائين ساڻن مٽيان آفيسر اهڙي ڳالهه جو اظهار نه ڪن ها. هاڻي منهنجي لاءِ اهو واضح ٿي ويو آهي ته منهنجو پنهنجو پاڻ کي جاچڻ لاءِ جڙيل ماڻ لاحد ۽ اعليٰ معيار هو، تنهن ماڻ ۽ معيار جي اٿوند ڪري مان اڪثر پنهنجو پاڻ کي من گهائيندڙ بي چيني سان ڏسندو هئس ۽ مون اندران ئي اندران اهڙي احساس جو هٽ، پنهنجي زندگي جي ماڻ ۽ معيار سان ٿي جوڙيو. مون پنهنجي منهن مهاندي کان نفرت ٿي ڪئي ۽ پاڻ تي شڪ ٿي ڪيو ته منهنجي بيان جي اظهار ۾ ڪا بنيادي بري شيءِ ڳنديل آهي. تنهنڪري مان ڏهاڙي جڏهن آفيس پهچندو هئس ته مون کان جيترو ممڪن ٿي سگهندو هو آزاد نموني جو رويو رکڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو هئس ۽ ڪنهن اعليٰ معيار جو انداز ڏارينڊو هئس ته جيئن مون تي اهو شڪ نه ڪيو وڃي ته ڪو مان ترس کائڻ جي لائق ماڻهو آهيان. "منهنجو منهن بچڙو ٿي سگهي ٿو،" مون ٿي سوچيو، "پر مون کي ان ڪري اعليٰ اقدار جو مالڪ هٽ، پنهنجائپ وارو ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته مون کي

انتهائي **ذهين** ماڻهو ڏسڻ ۾ اڇڻ گهرجي. پر مون کي پڪو پروسو ۽ گهائي ڇڏيندڙ لڪا هئي ته منهنجو ذهين لڳڻ منهنجي منهن مهاندي مان ناممڪن هو. ان ڪري منهنجو خيال هو ته پوءِ مون کي اعليٰ اقدار جو مالڪ هڻڻ گهرجي. پنهنجائپ واري رويي جو ڏيڪ ڏيڻ گهرجي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته مون کي انتهائي **ذهين ماڻهوءَ** جهڙين خاصيتن جو اظهار ڪري سگهڻ گهرجي ۽ منهنجي اندر سڀ کان وڌيڪ بچڑائي اها هئي ته مان اعليٰ اقدار کي بيوقوفاڻو ڏيکاءِ ٿي سمجهيو ۽ جي مان ٻين ماڻهن کي ذهين ڏسڻ ۾ اچان ها ته مان پنهنجو پاڻ کان پورو پورو مطمعن هجان ها. حقيقت ۾ مان ذهانت جي ڏيک سان پنهنجي منهن مهاندي تي ڪو چاپڙ ڏيئي پنهنجي ڪوجهائپ کي لڪائي ڇڏيان ها. ائين منهنجو منهن مهاندو ٻين ماڻهن جي ذهن کي منهنجي ذهانت جي آڙڄي وڃڻ واري ڏيک ڏئي ها.

پڪ جاڻو پنهنجي ساڻي ڪلارڪن سميت آفيس ۾ ڪم ڪندڙ هر هڪ ماڻهوءَ سان مون نفرت پئي ڪئي ۽ انهن سيني سان ساڙ ٿي ڪيو. تنهن هوندي به ساڳئي مهل مان ائين هوندي به انهن سيني کان ٿي ڊنم. سچ پچو ته ائين ڪيترائي پيرا ٿيو هوندو جو مون انهن کي پاڻ کان مٿيرو يانيون هوندو. ائين تمام تيزي سان ٿيندو هو جو ڪڏهن انهن کان نفرت ڪندي ته وري ڪڏهن کين پاڻ کان گهٽو اتم سمجهندي مان هيڏي هوڏي ٿيڙ کائيندو هئس. هڪ مهذب ۽ سلجهيو ماڻهو پنهنجي لاءِ انتهائي اعليٰ معيار جوڙڻ سواءِ پنهنجو پاڻ تي غرور نه ڪري سگهندو آهي ۽ ڪن خاص پلن ۾ سواءِ ڪروڌ جي پنهنجو پاڻ سان نفرت ڪرڻ سواءِ نه رهي سگهندو آهي. مون پنهنجن ساڻين سان حقارت ٿي ڪئي يا انهن کي اتم ٿي يانيو. پر جي مان انهن مان ڪنهن به هڪ سان جڏهن به ملندو هئس ته پنهنجيون اکيون جهڪائي ڇڏيندو هئس. ويندي مون

پنهنجي وڪريل وجود کي سهيڙي ڪر ساهيا ٿ مان ڪيئن هن هن کي پنهنجي اکين سان اکيون ملائيندي ڏسان ۽ مون کي اهو وهم ٻ ورائي ويندو هو ٿ انهن جي اکين سان اکيون ملائڻ جي قابل هئس ٻ يا نہ. پوءِ مون ڏٺو ٿ اهو مان ئي هوندو هئس جو پنهنجيون اکيون اڳ ئي جهڪائي ڇڏيندو هو. هيءَ اکيون هيٺ ڪرڻ جي ڳٽتي منهنجو ڏيان هٿرائي ڇڏيندي هئي. مان بيعزتي ٿيڻ جي ڀؤ ڪري انتهائي ڊڄٽو پڻ هئس ۽ تنهنڪري هر هڪ خارجي شيءِ ڏانهن منهنجو لاڙو غلاماڻو هوندو هو. مون جيئن آهي تيئن واري حال سان پيار ٿي ڪيو ۽ منهنجي پنهنجي اندر جي عجيب و غريب رويي جي ڪري منهنجو هينئون خوف ور چڙهيل رهندو هو. ان خوف کي سيني سان ساندي مان ڪيئن ٿي جيئندو رهيس؟

اڄوڪي دور جي ماڻهو جيان مان ذهني مريض جي حد تائين حساس هئس. اهي سڀ ماڻهو بيوقوف هئا ۽ رڍن ٻڪرين جيان هڪ ٻئي جهڙا هئا. شايد آفيس ۾ مان فقط اڪيلو ئي هئس جنهن جو خيال هو ٿ مان ڊڄٽو ۽ غلام ماڻهو هئس ۽ ان ڪري مون ائين ئي ٿي پانيو چو ٿ مان ٻين کان وڌيڪ سلجهيل ماڻهو هئس. فقط ايترو ئي نہ هو ٿ مون ائين پنهنجو پاڻ کي سلجهيل ٿي پانيو، پر حقيقت ٻ اهائي هئي ٿ مان انهن سيني کان وڌيڪ سلجهيل هئس. مان من اندران گيدي ۽ غلام ذهن جو مالڪ هئس. هيءَ گيديپٽي ۽ غلامي واري سموري ڳالهہ مان ڪنهن ٻ هلڪي شرمساري سواءِ چئي رهيو آهيان. اسان جي دؤر جي هر مهذب ماڻهوءَ کي ضرور گيدي ۽ غلام ذهن جو مالڪ هئڻ گهرجي. اهائي اڄوڪي ماڻهو جي ٺيڪ ۽ گهربل حالت آهي. مان پنهنجي انهيءَ ڪيل ڳالهہ جو پوري طرح قائل آهيان، ماڻهوءَ کي ننهن کان چوٽيءَ تائين ائين ئي ٺاهيو ويو آهي. نہ فقط هاڻوڪي دور جي ڪنهن مخصوص وقتي

گهرجن جيڪري ائين آهي پر مهذب ماڻهو جي منزل سدائين گيدي ۽ غلام ٿيڻ ۾ آهي. سيني مهذب ماڻهن لاءِ اهڙو ئي هن ڌرتي تي قدرت جو قانون آهي. جي انهن مان ڪوئي به جي ڪنهن شيءِ جي باري ۾ بهادري جو مظاهرو ڪندو ته ڪيس اهنجن سان منهن ڏيڻو پوندو ۽ سولائيءَ سان بهادري ۾ سوپارو نه ٿيندو؛ هن کي ڪو هٿيار استعمال ڪرڻ کان اڳ آڻ مچيندي جهنبو جهڪائڻو پوندو. مون سان گهڻو ٿڻو اوس ائين ئي ٿيندو هو. اوهان کي ٻڌائي ڇڏيان ته فقط گڏهه ۽ خچر همت نه هارائندا آهن ۽ سي تڏهن ٽنگون ٽيڑي ڇڏيندا آهن جڏهن انهن کي باهه ۽ پٽ و چ ۾ اڇلايو ويندو آهي. انهن گڏهن ۽ خچرن جي ڪا اهميت ئي نه آهي جو انهن ڏانهن ڌيان ڏريو وڃي، انهن جي ڳالهين مان ڪجهه به نه ورڻو آهي.

۽ انهن ڏهاڙن ۾ هڪ ٻي حالت به مون کي پريشان ڪندي هئي: ته مون جيان ڪو به نه هو ۽ مان ٻين سيني جيان نه هئس. "مان اڪيلو آهيان ۽ اهي هرهڪ آهن،" مان سمجهندو هئس ... ۽ سوچيندو هئس.

ان سوچ مان واضح آهي ته مان اڃا سوڌو ٻار هئس ۽ وڌي ويجهي وڏو نه ٿي سگهيو هئس.

ڪڏهن ڪڏهن مون سان انهن ڳالهين جي بلڪل التو ورتاءُ ٿيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن مون کي آفيس ڏانهن وڃڻ التيون ڏيارينڊو هو؛ شيون وڃي ان توڙ کي پهتيون هيون جو ڪڏهن ڪڏهن مان آفيس مان بيمار بنجي گهر پهچندو هئس. پوءِ يڪدم گهٽو ڪري، ڪنهن به شيءِ جي الڻ، مون کي پاڻ تي شڪ ۽ پنهنجي مئل هئڻ جو دور پوندو هو (مون ۾ هر شيءِ مختلف طرح جي دورن ۾ ٿيندي هئي) ۽ مان پنهنجي ليکي پنهنجي اسهپ ۽ اڃي اجري هجڻ تي ڪلندو هئس، مان پنهنجي پاڻ کي رومانوي ٿيڻ تي نندينڊو هئس. مان هڪ وار ته ڪنهن

سان ۾ ڳالهائڻ لاءِ تيار ئي نه هوندو هئس، وري جڏهن ته ٻي ويلي مان نه فقط ڳالهيون ڪندو هئس پر انهن ماڻهن سان وڃي ايترو ويجهو ٿيندو هئس جو انهن سان پنهنجي ياري جو پيچ پائيندو هئس. منهنجي سموري ياري جي ويجهڙائي ۽ پنهنجائپ اوچتو ئي اوچتو ڪنهن ۾ سبب يا پنهنجائپ سواءِ اڏامي هوا ۾ هلي ويندي هئي. اهو ڪنهن ٿي ڄاتو؟ گهٽو تنو مون وٽ پنهنجائپ هوندي ئي نه هئي ۽ بس ان ڪنهن جي پنهنجي نه هئڻ جو اثر ٿي ڇڏيو. مون کي ان سوال جو جواب اڃا تائين نه مليو آهي ته مون سان ائين ڇو ٿيندو هو؟ مون بلڪل هڪ پيري انهن سان ياري جوڙي، انهن جي گهر جا پيرا نه پڳم، انهن سان گڏ ووڊڪا پيتم، نوڪري ۾ ترقي جون ڳالهيون ڪيم ... انهن ڳالهين کي ڇڏيو، هتي مون کي هيءُ موضوع ڇڏي ٻئي ڳالهه ڪرڻ ڏيو.

جي سادي ڳالهه ڪجي ته اسان روسين وٽ ڪڏهن ۾ فطرت کان هٽي "رومان" نه رهيا آهن ... جرمنن ۽ وڏيڪ چئجي ته فرانسيسين جهڙا ... جن تي ڪا ۾ شيءِ پنهنجو اثر نه ڪندي آهي؛ جي زلزلو اچي وڃي، جي پورو فرانس ڪنهن پنيٽ ۾ سڙي راک ٿي وڃي، اهي فرانسيسي پوءِ ۾ ساڳيا رهندا، انهن ۾ ايترو ۾ پاڻي نه هوندو آهي ته هو تبديلي تي پنهنجو اڻ لکو اثر ڏيکارين، پر تنهن هوندي ۾ هو اڃا سوڏو پنهنجو ساڳيو ڳائڻ وڄائڻ، پنهنجي مرڻ گهڙي تائين جاري رکيو ايندا، ڇاڪاڻ ته اهي ايائا آهن. اسان وٽ روس ۾ چريا ماڻهو نه آهن، اهو ئي هر ماڻهو ڄاڻي ٿو. اهوئي لڇ آهي جيڪو اسان ۽ ٻاهرين دنيا ۾ فرق وجهي ٿو. نتيجي طور اهي غير فطري رويا پنهنجي پوري رنگ ۾ اسان ۾ نه ٿا ملي سگهن. اهو خيال ته اهي يورپي اسان جي اڃوڪي دؤر جا "حقيقي" صحافي ۽ تنقيد نگار آهن، تن سدائين ڪوستان شوگلوس ۽ ڪاڪو پيوٽر اوانچ کي ڳولهڻ لاءِ جاکوڙيو آهي ۽

پنهنجي چريائي مان انهن کي اسان جا سرواڻ سمجهن ٿا؛ انهن اسان جي رومانويت کي جاڻي ٻجهي بگاڙي ڇڏيو آهي. اسان جي رومانوي رويي کي جرمن ۽ فرانسيسي رومان جهڙو غير فطري رنگ ڏيئي ڇڏيو آهي. ان جي ابتڙ اسان جا رومانوي ڪردار پوري طرح ۽ سنئون سڌو يورپ جي غير فطري يورپي انداز جي رومانويت جي معيار کان الڳ آهن ۽ ڪو به يورپي معيار اسان جي رومانويت تي لاڳو نه ٿو ڪري سگهجي. (مون کي هن لفظ "رومانوي" جي استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏيو ... هڪ پراڻي انداز جو لفظ ۽ وڏي مان مرتبي وارو لفظ. جنهن ماڻهوءَ جي ڏاڍي خدمت ڪئي آهي ۽ سيني ماڻهن جي زندگيءَ سان واڳيل آهي.) اسان جي رومانويت جا اقدار هر شيءِ کي سمجهڻ ۾ آهن. **هر هڪ شيءِ کي پسڻ ۽ ان کي بار بار سواءِ ڪنهن سان پيٽڻ جي وڌيڪ چٽو ڏسڻ آهي. اسان جي پنهنجي ذهن کان به گهٽي مناسب انداز سان ان رومان کي وڌيڪ چٽو پسڻ.** ان معيار سواءِ ڪنهن ٻئي شيءِ يا ڪنهن کي به مڃڻ کان انڪار ڪرڻ پر ساڳئي ويلي پنهنجي انداز سان ڪنهن به شيءِ سان ڪراهت نه ڪرڻ. رستو ڏيڻ. لاپ پائڻ آهي؛ ڪڏهن به مفيد مناسب مقصد کي نظر کان اوجهل ٿيڻ نه ڏيڻ (جيئن حڪومت جي خرچ تي ڪرائي کان سواءِ جو ڪوارٽر هجي. پينشن. خطاب و القاب هجن). پنهنجي نظر مقصد تي جمائي رکڻ پنهنجي پوري جوش جذبي سان ۽ موسيقيت سان پرپور بي تحاشا نظم ۽ ساڳئي مهل "سرت ۽ سونهن" جو خيال رکڻ. ان جي حفاظت ڪرڻ. مرڻ ڪنڌي تائين ان ۾ ڪجهه به نه ٽنبڻ ۽ انهن معيارن جي پڻ حفاظت ڪرڻ. ٿوري گهاڻ ته ڪنهن املهه هيري جيان ڪيهه جي ڏاڳي ۾ ويڑهي فقط سونهن ۽ سرت جي فائدي لاءِ ولوڙڻ. مان اوهان کي پروسو ڏياريان ٿو ته اسان جو "رومانوي ماڻهو" وڏي گهرائيءَ وارو ماڻهو آهي ۽ هو اسان جي چالن مان به وڏو چالباز

ماڻهو آهي ... مان اوهان کي حقيقت ۾ پنهنجي زندگي جي تجربي مان يقين ڏياريان ٿو. ائين ئي آهي ته اسان جو رومانوي ماڻهو ذهين ماڻهو آهي. رومانوي ماڻهو سدائين ذهين هوندو آهي ۽ منهنجو مطلب آهي ته اوهان به فقط ان جو مشاهدو ڪيو. جيتوڻيڪ اسان وٽ چرين رومانوي ماڻهن جو وجود پڻ آهي پر اهي نه هڻ جي برابر آهن ۽ اهي چريا ان ڪري آهن جو اهي فقط پنهنجي جواني جي جوپن ۾ جرمنن جي هٿ لڳي خراب ٿيا آهن ۽ پنهنجي املهه هيري جو بچاءُ آساني سان ڪري نه سگهيا آهن. هو اتي ئي پنهنجا پڪا کوڙي رهي پيا ... انهن ويئمار يا بلئڪ فاريسٽ کي ترجيح ڏيندي، ائين ڪيو آهي.

پڪ سان پنهنجي سرڪاري ڪم کان مون حقارت ٿي ڪئي ۽ نه چڙو ان ڪم کي ڪلي عام گاريون ٿي ڏنيون، ائين ئي چئجي چو ته مان پنهنجو پاڻ ان ڪم ۾ رڌل هوندو هئس ۽ ان جي بدلي مون کي پگهار ملندي هئي. چا ٻ هجي؟ هڪ ڳالهه ڏيان ۾ رکو، آفيس جي ڪم کي مان سڀ اڳيان گاريون نه ڏيندو هئس. اسان جو رومانوي يار سنئون سڌو پنهنجو چيتو وڃائي ويهندو آهي ... ڪيئن ٻ هجي، هڪ ڳالهه جا تمام ٿورائي ۾ ٿيندي آهي ... ڪلي عام گاريون ڏيڻ جي پيٽ ۾، جيستائين ماڻهو جي ذهن جو ڪو ٻيو مقصد نه هجي ۽ هن کي ڏڏا نه هنيا ويا هجن، اڪثر ڪري هو هن رومانوي ماڻهو کي پاڳل خاني جي پناه ۾ "اسپين جي بادشاهه" جيان وڻي ويندا جتي هو پنهنجا حواس بلڪل وڃائي ويهندو. پر ائين روس ۾ انهن تمام ٿورن ماڻهن سان ٿيندو آهي جي پنهنجو چيتو وڃائي ويهندا آهن. ڳاٽيٽي کان گهٽا رومانوي ماڻهو زندگي جي پچاڙڪن ڏهاڙن ۾ رومانويت ۾ مٽانهون مقام ماڻيندا آهن. انهن جي زندگي جي گهڻ پاسائين ڏاهپ ليائيندڙ هوندي آهي! ۽ انهن جي ذهن جي پهچ وڏي حد تائين جذباتي ايارن جي ابتڙ هوندي آهي! اهڙي ئي

سوچ جي ڳالهه آهي جنهن انهن نوڪري وارن ڏاڙن ۾ مون کي سڪ جو ساه کڻڻ ٿي ڏنو ۽ مان هاڻي هينئر ٻه ان سوچ جو ماڻهو آهيان. اهوئي ڪارڻ آهي جو اسان وٽ ڪيترين ئي فطرتن جا ماڻهو موجود آهن جي پنهنجو پيار ڪڏهن ٻه نه وڃائيندا آهن، ويندي بي عزتيءَ جي ڪاهي ۾ ڪرڻ ڪانپوءِ ٻه پنهنجو پيار هٿيڪو رکندا آهن؛ ۽ جيتوڻيڪ اهي پنهنجي پيار جي ماڻڻ لاءِ ڪڪ پڇي ٻيٽو نه ڪندا آهن، جيتوڻيڪ اهي وڏا چور ۽ ٺوٽي ماڻهو هوندا آهن، تنهن هوندي ٻه اهي پنهنجي پهرئين پيار لاءِ ڳوڙها ڳاڙيندا رهندا آهن ۽ دل ئي دل ۾ انتهائي ايماندار يا ائين چئجي ته باوفا ماڻهو هوندا آهن. ها! اها ئي ڳالهه اسان روسين جي من ڪي لپائي ٿي ته اهي منجهائن وڌيڪ فرمانبردار ٻه چاپڙا هوندي ٻه اندر جي انتهائي سچائيءَ سان اهي پورا ايماندار هوندا آهن ۽ پنهنجي اندر جي ٻيائي ڪرڻ جي سگهه وڃائي ويهندا آهن. مان هڪ پيرو وري دهرايان ٿو ته اسان جا رومانوي ڦري گهري پڪا پختا شيطان ٿي پوندا آهن (مان شيطان لفظ پنهنجائيءَ مان استعمال ڪيو آهي)، اهي هڪدم اهڙي ته پڪي ۽ حقيقي جاڻ جو مظاهرو ڪندا آهن جو انهن تي تورينڊ ۽ تڪينڊ نظر رکندڙ ۽ عام ماڻهو سرهائيءَ مان کل ۾ ٻڏي ويندا آهن.

انهن رومانوي ماڻهن جي گهڻ پاسائين زندگي واقعي شاندار هوندي آهي ۽ خدا ئي ڄاڻي ٿو ته پوءِ اهڙي زندگي ڇا ۾ بدلجي ويندي ۽ مستقبل ۾ تنهن زندگي ۾ اسان جي لاءِ ڇا سمايل هوندو. اهي ڪو اجايو يا بيڪار ماڻهو نه هوندا آهن! مان هي ڪو ايڊپ يا پنهنجي ڏرتي سان پيار جي ڪري نه پيو چوان. پر مون کي پورو پورو پروسو آهي ته اوهان وري ٻه اهو سمجهو ٿا ته مان اوهان سان ڪو پوڳ ڪري رهيو آهيان يا شايد هي ساري سوچ منهنجي ڳالهين جي ابتڙ آهي ۽ اوهان پوريءَ طرح قائل

آهيو ته مان ائين ئي ڄانيان ٿو. منهنجا سائين! ڪجهه به هجي، مان اوهان جي ٻنهي خيالن جو پنهنجي لاءِ عزتِ افزائي ۽ اوهان جي منهنجي لاءِ عنايت طور آڏر ياءُ ڪندس ۽ ائين اوهان منهنجي ٻڪ ڪي معاف ڪندا رهو.

پڪ ڄاڻو ته مان پنهنجي ساڻين ساڻ ياراڻا برقرار نه رکي سگهندو هئم ۽ سگهو ئي انهن سان مهاڏو اٽڪايو ويٺو هوندو هئم ۽ پنهنجي جوين ۽ ناتجربيڪاري جي ڪري مان انهن اڻيان پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيندو هئم. ائين لڳندو هو ڇٽڪ مون انهن سان پنهنجا سارا لڳ لاڳاپا لاهي ڇڏيا هجن. ائين جيئن جو تيئن مون سان هڪ ٻيرو ٿيو هو. ائين ئي مان سدائين اڪيلو ئي رهجي ويندو هئس.

ڦهريون ته گهٽو ٿئو پنهنجو وقت مان پنهنجي گهر ۾ پڙهندي گذاريندو هئس. مان لاڳيتو جاکوڙيو ٿي ته پنهنجي ڪاوڙ ٻاهرئين ڏيک ويڪ سان پنهنجي اندر لڪائي ڇڏيان. ۽ ٻاهرين وسيلن مان، مون وٽ فقط اهو ئي هو ته مان پڙهندو رهان. ائين ئي پڙهندو رهڻ منهنجي لاءِ ڏاڍو مددگار هو ... مان پنهنجي جوش جاڳائڻ، پاڻ کي تسڪين ڏيڻ ۽ پاڻ کي زندگي جو احساس ڏيارڻ لاءِ پڙهندو رهيس. وقتي طور ماٺهو پنهنجي لاءِ ڪنهن به دلچسپي کي جاڳائي وجهندو آهي، مان سيني سورن هوندي هڪدم ٻاٽ اوندهه، ٻرڙ جي سوڙهه، ڪراهت ڏينڊڙ ننڊين وڏين شين جي رليءَ ۾ ويڙهجي ويندو هيس. منهنجا هارايل جذبا، منهنجي لاڳيتي ڪوڙه ور چڙهيل ۽ مرڪهي ورتل جوت سبب، منهنجي اکين ۾ ايندڙ ڳوڙهن ۽ مونجهارن ڪري ٿورڙا ۽ هينئڙي تي لوڻ ٻرڪيندڙ ٽيندا ويا. مون وٽ پڙهڻ سواءِ جيئڻ لاءِ ٻيو ڪجهه به نه بچيو هو، اهو ان ڪري جو مون وٽ منهنجي هٽ ڪرڻ لاءِ باقي ڪجهه به نه رهيو هو، جنهن کي مان مٽانهون مان ڏيان ها ۽ جنهن جي ڪرڻ لاءِ مون ۾ چڪ هجي ها. مان

مايوسي جي ور چڙهي ويو هئس، مون کي ڪنهن ڏڪار واري ۽ رواج جي متضاد خواهش جيڪري هيسٽريا جا دورا پوندا هئا، تنهنڪري مان ڏيوالپٽي جي ور چڙهي ويم. مان هيءَ ڳالهه ان ڪري نه ڪئي آهي ته مان پنهنجو بچاءُ ڪريان ... پر نه مان ڪوڙ پيو ڳالهايان. مون پنهنجو بچاءُ ڪرڻ ٿي چاهيو. منهنجا سائين! مان هيءَ هڪڙي ننڍڙي وت پنهنجي فائدي لاءِ گهڙي آهي . مان ڪوڙ ڳالهائڻ نه ٿو چاهيان. مون پاڻ کان ڪوڙ نه ڳالهائڻ جي ساک ورتي آهي.

۽ ائين ئي هڪ رات جو لڪ ڇپ ۾، ڏڇندي، اڪيلائيءَ ۾ هلندي هلندي مان شرمساري جي احساس سان ڀرپور انتهائي گندي ڏيوالپٽي ۾ ڦاسجي ويس، تنهن احساس مون کي ڪڏهن به اڪيلو نه ڇڏيو آهي، ويندي انتهائي حقارت آميز گهڙين ۾ به منهنجي جان نه ڇڏي اٿس ۽ منهنجو پيرو ڪنيو اٿائين. تنهن اخلاقي ڏيوالپٽي سدائين مون کي ڪنڌ ڪٽي هلڻ وارن موقعن تي مارايو آهي. ان کان اڳ ئي مون وٽ منهنجي روح ۾ زير زمين ڪائنات هئي. مان ڏاڍو ڏناڻو هوندو هئس ته مون کي ان هڙ جي جڳ ۾ ڏٺو نه وڃي، مون سان مليو نه وڃي. مان ويران هنڌن تي پير پريندو هئس.

مان هڪ رات جيئن ئي منهن خاني جي پرسان ٽپي رهيو هئس ته مون ڪڙڪيءَ جي روشني مان ڏٺو ته ڪي ماڻهو بليئرڊ جي اسٽرائيڪرن سان پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا ۽ مون ڏٺو ته انهن مان هڪ ڇٽي کي پڪڙي ڪڙڪي مان ٻاهر اڇلايو ويو. جي ٻيو ڪو مهل موقعو هجي ها ته مون کي ڏاڍي بچان لڳي ها پر هينئر منهنجي اندر احساس جو ڪو اهڙو ايار هو جو مون کي ڪڙڪيءَ مان ٻاهر اڇلايل ويچاري ماڻهو تي ڏاڍو جهپو آيو ... مون کي ايترو جهپو آيو جو مان منهن خاني جي اندر هليو ويس ۽ اتان بليئرڊ جي ڪمري ۾ گهڙي پيس. "شايد!" مون سوچيو، "منهنجو

هنن جانئن جوانن سان جهڳڙو پڻ ٿيندو ۽ اهي مون کي ب ڪڙڪيءَ مان اچلائي ٻاهر ڦٽو ڪندا." مان نشي ۾ ٻڏل نہ هئس ... پر ڪنهن جي اهڙي بيوسي ڏسي، ڪو ماڻهو ڪري ب ڇا ٿو سگهي ... مونجهه ماڻهو کي دوري جي ان انتها تي پهچائي ٿي ڇڏي؟ پر اتي ت جهيڙي ٿيڻ جهڙو ڪجهه ب نہ ٿيو. مون کي لڳو ت مان انهن جي لاءِ ايترو بي ملهه هئس جو مون کي ڪڙڪي مان ٻاهر اچلائڻ جو ڪنهن سوچيو ئي نہ ۽ مان انهن سان ڪنهن ڦڏي ڪرڻ سواءِ ئي اتان نڪري هليو ويس.

انهن مان هڪ آفيسر پهرئين ئي پل کان مون کي منهنجي وت ۾ رکيو.

ٿيو هيئن جو مان پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ ۾ بليئرڊ جي ٽيبل پرسان رستو روکيو بيٺو هئس ۽ هن آفيسر اتان گذرڻو هو؛ هن مون کي ڪنهن ب لفظ چوڻ سواءِ، ڪلهن کان پڪڑي مٿي ڪنيو ... ڪنهن ب هڪل ڪرڻ يا وضاحت ڏيڻ سواءِ ئي ... مان جتي بيٺو هئس، هن مون کي ڪلهن کان پڪڑي، اتان کٽي، پاسي تي ڪيو ۽ پنهنجي لاءِ رستو خالي ڪري گذري ويو، جڻ هن مون کي ڏٺو ئي نہ هو. مان پنهنجي منهن ۾ لڳل مڪون ت معاف ڪري ٿي سگهيس پر هن آفيسر جو مون کي ائين نظر انداز ڪندي، مون کي ائين هٽائي پاسي تي ڪري ڇڏڻ، مان معاف نہ ٿي ڪري سگهيس.

خدا ئي ٿو ڄاڻي ت مان هڪ هوائي جهيڙي جي لاءِ پنهنجي ڪهڙي وڏي قرباني ڏيان ها؟ ... ائين ئي چئجي ت مون هيءُ هڪ ڏاڍو چگيرڙو، هڪ وڏيڪ ادبي جملو لکيو آهي. مون سان مک جهڙو سلوڪ ڪيو ويو هو. هن آفيسر جو قد ڇهن فوٽن کان وڌيڪ هو، جڏهن ت مان هڪ جيتامڙو هئس. پر هن سان جهيڙو جوٽڻ ت منهنجي هٽ وس هو. مون کي صرف هن جي رويي تي احتجاج ڪرڻو هو ۽ پڪ ڄاڻو ت مان ب ڪڙڪيءَ

مان ٻاهر اڇلايو وڃان ها. پر مون انهيءَ ويلي ئي پنهنجو ارادو بدلائي ڇڏيو ۽ پنهنجي پاڙيائيءَ جيڪري، پچتائيندو رهڻ لاءِ، پنهنجا پير هٽائڻ کي اهميت ڏنم.

منجهاٽو ۽ ڏڪارو ٻڌجي مئہ خاني مان نڪري، مان سڌو گهر هليو آيس ۽ ٻئي رات جو بدلي وڻڻ جا ساڳيا ارادا ڪئي وري گهران ٻاهر نڪري ويس. مان پنهنجو مان بچائڻ لاءِ، اڳي کان وڌ ماٺهن کان منهن لڪائيندو، هارايل ۽ اپاڳو ٻڌجي، جو اڳ ئي مان هوندو هئس، پنهنجي اکين ۾ بيوسي جا ڳوڙها آڻي ٻاهر نڪري ويس ... بس ڳوريءَ دل سان، مان وري بہ ٻاهر نڪري آيس. اوهان پنهنجا ڪي بہ گهاٽ نہ گهڙيو، اوهان کي ٻڌائي ٿو ڇڏيان تہ جيتوٽيڪ اهو منهنجي اندر جو ڊ.ج ئي هو جنهن آفيسر جي اڳيان ٽڙي وڃڻ تي مون کي همٿايو هو؛ مان دل اندران گيدي نہ هئس، جيتوٽيڪ مان هميشہ عمل جي ميدان ۾ پاڙيو رهيو آهيان. اوهان کلڻ ۾ ايڏي بہ تڪڙ نہ ڪريو ... مان اوهان کي پروسو ٿو ڏياريان تہ هن سموري گيدپيٽي جي، مان اوهان اڳيان وضاحت ڪري سگهان ٿو.

هيٺ وڙهڻ چاهيندا آهن يا
گوگو جي ليفٽيننٽ پيروگوف جيان، ويڙهہ بدران پوليس کي سڏائي وٺندا آهن. اهي عزت ڪارڻ ويڙهہ ناهن وڙهندا ۽ انهن لاءِ مون جهڙي شهري سان عزت جي ويڙهہ (ڊيوئل) جي آڇ ڪرڻ ئي ناممڪن هئي ... ۽ انهن لاءِ ڊيوئل جو سوچڻ مڪمل طور ناممڪن هو، انهن جي زندگي جو بنياد ڪنهن فرانسيسي جيان، بندن کان ڪا آزاد سوچ هئي ۽ بس اهڙي ئي سندن

زندگي هئي. پر اهڙا ماڻهو خاص ڪري جڏهن ڇهن فوٽن کان ڊگها هوندا آهن تہ سدائين مون جهڙن نهاڻن ماڻهن تي پنهنجا ڇوهه چندبيندا آهن.

مان پنهنجي پاڙيائي جي ڪري هتان لڪي ترڪي نہ ويو هئس پر پنهنجي لاحد انا جي ڪنهن تسڪين جيڪري ترڪي نڪري ويو هئس. مان هن جي ڇهن فوٽن جي قد کان ڊنل نہ هئس ۽ نہ ئي وري هڏ ڳڏ پيجائي ڳڙڪي مان ٻاهر اڇلائي ڇڏيو وڃڻ کان ڊنل هئس؛ منهنجو پروسو ڪريو تہ ايترو سور سهڻ لاءِ مون وٽ ايتري تہ گهربل جسماني سگهہ ضرور هئي؛ پر مون وٽ ڊيوئل جي اخلاقي جرئت ئي نہ هئي. مان جنهن ڳالهہ کان ڊنل هئس سا هئي تہ انهن مان هر هڪ ماڻهو، ويندي ٽڪاٽي اسڪورر کان هيٺئين درجي جي ڳريل سڙيل ماڻهو تائين، گندي ڪالر واري بچڙي ڪلارڪ تائين، هرڪو مون تي ٽٽول مان ٽهڪ ڏيئي ڪلي پوي ها ۽ جڏهن مان احتجاج ڪندي، انهن کي ادبي زبان ۾ ڳالهايان ها تہ اهي منهنجو احتجاج نہ سمجهي سگهن ها. جيستائين عزت جي معيار جو تعلق آهي ... عزت ڪارڻ نہ پر عزت جي معيار ڪارڻ ... سواءِ ادبي ٻولي جي اسان مان ڪو بہ ان معيار جي باري ۾ ڳالهائي نہ ٿو سگهي. اوهان عام ٻولي ۾ "عزت جي معيار" جو ڪاٿو ئي نہ ٿا ڪري سگهو. مان پوري طرح قائل هئس منهنجي سموري رومانوي انداز باوجود بہ مون وٽ حقيقت کي سمجهڻ جو احساس آهي،) تہ اهي منهنجيون ڳالهيون ٻڌي ڪري، سيئي پاڻ ۾ ملي کل ۾ ڀڏي وڃن ها ۽ اهو بہ تہ نہ چوڻو آفيسر منهنجا هڏ ڳڏ پيجي ڇڏي ها پر ائين بہ چئجي تہ مون کي بي عزتو ڪرڻ سواءِ ئي مون کي پنهنجي گوڏي هيٺ ڏيئي، بليئرڊ ٽيبل جي ٻئي پر ڏکي ڇڏي ها ۽ پوءِ شايد! مون تي ٽورو ڪري، مون کي ڳڙڪي مان ٻاهر اڇلائي ڇڏي ها.

ائين چئجي ته يقينن هي معمولي واقعو منهنجي ڪري ئي ڪنهن عزت پري پچائيءَ کي نه پهچي سگهيو هو. پوءِ به ساڳيو آفيسر گهٽو ڪري گهٽي ۾ منهنجي منهن پوندو رهندو هو ۽ مان ان آفيسر جو پوري ڏيان سان جائزو ورتو هو. مان پوري پروسي سان نه ٿو چئي سگهان ته هن ڪڏهن مون تي نظر وڌي هئي به يا نه. منهنجو خيال آهي ته هن مون تي ضرور پنهنجو ڏيان ڏريو هوندو، هن جي سامهون ٽيندي، ڪجهه اهڃاڻ مان، مون اهوئي اندازو لڳايو هو. پر ... مان ڪروڌ مان ۽ نفرت مان هن ۾ اکيون وجهي ڇڏيندو هئس، منهنجي اهڙي ڪارستاني سالن تائين ائين ئي هلندي رهي! سالن گذرندي منهنجي مايوسي گهري ٽيندي ويئي. مان پهريائين لڪ ڇپ ۾ هن آفيسر جي باري ۾ ڄاڻڻ لاءِ پڇائون ڪندو وتندو هئس. هن جي باري ۾ پڇائون ڪرڻ منهنجي لاءِ ڏاڍو اوکو ڪم هوندو هو، ڇو ته مون ڪنهن کي به نه ٿي سڃاتو جو هن جي باري ۾ ڄاڻ ڏيڻ ۾ منهنجي مدد ڪري سگهي ها. پوءِ هڪ ڏينهن گهٽي ۾ دور کان هن آفيسر جو پيڇو ڪندي، ڪنهن ماڻهو کي، ڪيس هن جي ذات جي نالي سان سڏيندي ٻڌو هئم. جيئن ته مان هن جا پيرا پيو ڪندو هئس ... تنهنڪري هن جي ذات ڄاڻي سگهيم. هڪ ٻئي پيري هن جي پويان ويندي، هن جي فليٽ تائين پهچي ويس ۽ ڏٺو ڪوپيڪ پري هڪ مزدور کان اهو ڄاڻي سگهيم ته هو ڪهڙي فليٽ ۾ ٿو رهي ۽ سندس فليٽ ڪهڙي منزل تي آهي، هو اڪيلو ئي ٿو رهي يا هن سان گڏ ٻيو ڪو به رهي ٿو ۽ ائين ٻيو گهٽو ڪجهه هن جي باري ۾ پروڙي ورتم ... بس ايترو سڀ ڪجهه پروڙي ورتم جيترو هڪ مزدور کان ڪنهن جي باري ۾ ڄاڻي سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ اڄ مان ڪڏهن پنهنجي هٽ کي ڪجهه لکڻ جي تڪليف نه ڏني هئي، پر هڪ ڏينهن صبح جو، اچانڪ منهنجي دل اڇل کاڌي ته هن آفيسر جي باري ۾

توهين آميز هڪ ناول لکان، جو هن جي بچڑائپ کي وائکو ڪري. مون وڏي جوش ۽ جذبي سان ناول لکي هن جي بچڑائيءَ کي وائکو ڪيو، ويندي مون ان ناول ۾ وڏاءَ کان ۽ ڪم ورتو؛ مان هن جي ذات کي ائين جوڑيو هو جو ڪو ۽ آساني سان هن کي سچائي سگهيو پئي، پر هيو خيال ايندي ئي مون ان جي ذات کي بدلائي ڇڏيو ۽ ان ناول نما ڪهاڻي کي ڇپائي لاءِ **آنچس ٽوينيا زيپسڪي** رسالي کي موڪليو. پر انهن ڏهاڙن ۾ اهڑيون ڪل لاهڻ واريون ڪهاڻيون رسالن ۾ نه ڇاپيون ويندیون هيون. ائين منهنجي ان لکڻي جي نه ڇاپجڻ مون کي چيڑائي وڌو هو.

ڪڏهن ڪڏهن مونجهارو مون تي پنهنجو مثبت تاثر ڇڏيندو هو. آخرڪار مون پڪو پهه ڪيو ته پنهنجي دشمن کي عزت ڪارڻ ڊيوئل ويڑهه جي لاءِ اتساهيو. مون هن ڏانهن تڪڑو ۽ ڪيس ويڑهه لاءِ قائل ڪندڙ هڪ خط لکيو، تنهن خط ۾ مون ڪيس مجبور ڪرڻ جو سٽاءُ اٽيو ته جيئن هو مون کان معافي گهري ۽ جي معافي لاءِ راضي نه ٿئي ته پوءِ سڏو ڊيوئل ويڑهه جي مقابلي لاءِ تيار ٿئي. مون خط کي اهڑيءَ طرح اٽيو هو جي آفيسر کي ٽورو ۽ سونهن ۽ سرت جو پتو هجي ها ته هو ٽپو ڏيئي اڻي پئي ها ۽ منهنجي ڳلي سان لڳي. مون ڏانهن ياري جو هٽ وڌائي ها. جي ائين ٿئي ها ته من جو اهو ورتاءُ ڪيترو ته نه عمدو ٿئي ها! اسان ڪيئن ته نه هڪٻئي سان پنهنجائپ جي ناتي ۾ جوڙجي وڃون ها! "هو پنهنجي مٿاهئين مرتبي جي ڪري منهنجي لاءِ ڇپر ڇانو ٿي وڃي ها. جڏهن ته مان پنهنجي مهذب هٽ ڪري هن جي ذهن تي سٺو اثر ڇڏيان ها ۽ اسان ٻنهي لاءِ اهو ئي ڏاڍو پلو ٿئي ها ... هڪ ته منهنجا خيال ۽ هيو ويڑهه جو نه ٿيڻ، هن لاءِ ضرور چگو ٿئي ها." هيءُ منهنجي هڪ خواهش هئي، هيءَ ڳالهه هن جي هٿان بي عزتو ٿيڻ کان ۽ سال پوءِ جي آهي ۽ منهنجي طرفان ايترو دير هن کي ڊيوئل ويڑهه جي نيندِ ڏيڻ

بيوقوفائي ۽ ڪمهلي ڳالهه هئي. منهنجي خط جي اکرن جي اڻاءَ جي سيني خوبين سان مهل ۽ موقعي کي لکائڻ ۽ وضاحتن ڏيڻ جي باوجود، هيءَ بيوقوفائي ڳالهه هئي. پر ڏٺيءَ جو مون تي ٿورو ٿيو (هاڻوڪي ڏهاڙن ۾ اکين ۾ نير آڻي ڏٺي جو ٿورو مڃيان ٿو) جو مون هن ڏانهن خط نہ اماڻيو هو. هاڻي جڏهن مان هن کي خط اماڻڻ جو سوچيان ٿو تہ تڏهن ٿڏ جي هڪ سيسرائي منهنجي پٺي جي ڪنڊي مان و ج جيان گذري وڃي ٿي.

پوءِ ٿيو ائين جو هڪدم ئي مان پنهنجي سادي ترين انداز سان هن کان پنهنجي بيعزتي جو بدلو وٺي چڏيو. ائين چئجي تہ پنهنجي ذهانت جي انتها جي هڪ ڏڪ سان مون هن کان پنهنجي بيعزتي جو بدلو ورتو! ٿيو ائين جو منهنجي ذهن ۾ هڪ بهترين خيال ايريو. ڪڏهن ڪڏهن مان موڪلن وارن ڏهاڙن ۾ نيوسڪي جي ڪناري شام جو چئين ڏارين سج نڪتل هوندي، اس ۾ سير ڪارڻ پير ڏرينڊو هئس. جيتوٽيڪ اهو نالي ۾ سير ڪرڻ هوندو هو. جيئن تہ منهنجي ميڃالي ۾ ڪٽپ کان وڌيڪ اياڳ، بيعزتيون ۽ پڇتاءَ پنهنجو واسو ڪندا هئا؛ پر ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ مان بہ پنهنجي ذهن ۾ اهڙو ئي واسو ڇاهيندو هئس. مان رستي تي هلندي عجيب انداز ۾ اڪٽي وڌندي، گوج (مڇي) جيان ور وڪڙ ڪائيندو هئس. لڳاتار هڪ پاسي کان ٻئي پاسي ٽيندي، ڪڏهن جنرل جي لاءِ ڪڏهن گاربن جي لاءِ تہ وري ڪڏهن فوج جي آفيسرن يا عورتن جي لاءِ رستو خالي چڏيندي، هيڏانهن هوڏانهن پيو ٽيڙ ڪائيندو هئس. مان اهڙن ئي پلن ۾ پنهنجي مجبوريءَ تي دل ئي دل ۾ پيو ڪڑهندو هئس ۽ مون کي پنهنجي غريباڻي پوشاڪ سبب، پنهنجي بيوسي جي سوچ جيڪري، پوري پٺي ۾ گرميءَ جي لهر محسوس ٽيندي هئي. مون کي پنهنجي وياڪل ڇهري جيڪري بيوسي ۽ لاچاري محسوس ٽيندي هئي. هيءُ ڏهاڙي

منهنجو سوليءَ تي چڑهڻ هوندو هو. سوچي سگهڻ جي برداشت کان وڌيڪ توهين، جا نہ ختم ٿيندڙ هئي ۽ سنئون سڌو منهنجي ضمير کي چهنڊڙيون پائيندي هئي تہ مان هن دنيا جي نظر ۾ هڪ مک برابر آهيان، هڪ ڪراهت آميز ۽ توهين آميز مک ... يقين سان چئجي تہ مان ئي انهن سيني ماڻهن مان هر هڪ کان وڌيڪ ذهين، وڌيڪ سلجهيو، وڌيڪ زندگي جي واس ۾ پويل هوندو هئس... پر مان هڪ اهڙي مک هوندو هئم جا لاڳيتو انهن سيني مان هر هڪ لاءِ رستو خالي ڇڏي رهي هئي، مان انهن هٿان عزت لتاڙيل ۽ زخمي ڪيل هڪ مک هئس. مون کي پتو ئي نہ آهي تہ ڇو مان پنهنجي مٿان، نيوسڪي ڪناري اهڙو ظلم ٿيڻ ڏيندو هئس. مون کي اڃا اهو محسوس ٿيندو هو تہ منهنجي رت ست هر طرح چاٹي ڪڍي ويئي آهي.

ان کان پوءِ، مون پاڻ وٽ ٽهيل ٽوڪيل گهٽين ئي ايندڙ خوشين جو مزو ماڻيو، جنهن جو مان پهرئين وند ۾ ذڪر ڪري چڪو آهيان. آفيسر سان جهيڙيندي، ويندي مان پهريان کان بہ گهٽو ساٹو ٹي پيو هئس: نيوسڪي ڪناري ٽهلندي، جتي هن آفيسر سان گهٽو ڪري ايندي ويندي منهنجو ٽڪراءُ ٿيندو هو، جتي مان هن جي ساراھ ڪري ٹي سگهيس. هو پڻ، اتي خاص ڪري موڪلن جي ڏهاڙن ۾ نظر ايندو هو. هو پڻ جنرلن ۽ مٹاهين مرتبي وارن ماڻهن لاءِ، مون جيان رستو خالي ڇڏي ڏيندو هو ۽ هو پڻ گوج جيان انهن جي وچ ۾ پيو ور وڪڙ کائيندو هو، پر مون جهڙن ماڻهن، ويندي لٹي ڪپڙي ۾ مون کان بهتر ماڻهن، سامهون کٹي سڌي گد هٹندو هو. بس ائين چئجي تہ اپوجهہ ماڻهن ڏانهن وک وڌائيندي، هو سڌو اڳتي وڌندو هو؛ هو سڌو اڳتي ائين وڌندو هو جڏهن هن جي سامهون رستو خالي پيل هجي ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ هو پنهنجو رخ نہ موڙيندو

هو. مان هن جي اهڙي پاڙيائيءَ واري حالت کي ڏسي، پنهنجي مايوسي تي پيو خوش ٿيندو هئس ۽ ... هميشہ ڪروڌ مان هن جي لنگهڻ لاءِ رستو خالي ڇڏي ڏيندو هئس. ان ڳالھ مون کي بي چين ڪري ڇڏيو هو تہ ويندي گھٽي ۾ ٻہ مان هن جي برابري نہ ٿي ڪري سگھيس.

"ائين ڇو آهي جو هر دفعي ڪنهن هڪ ماڻهو کي ئي، نہ چاهيندي ٻہ ٻئي لاءِ پھريائين وات جو هڪ پاسو ونڻو پوي ٿو؟" رات جو ٽين ٽين بجي ننڊ مان جاڳي ڪاوڙ جي دوري واري حالت ۾ مان پنهنجو پاڻ کان پڇندو رهيس. "رستو هن جي لاءِ خالي ڇڏڻ وارو مان آهيان ۽ هو منهنجي لاءِ رستو خالي ڇڏڻ وارو ڇو نہ آهي؟ ائين ڪنهن ماڻهوءَ جي لاءِ رستو خالي ڪرڻ لاءِ ڪو ٻہ قانون جڙيل نہ آهي؛ اهڙو ڪو ٻہ قانون، جنهن ۾ هڪ ماڻهو ٻئي لاءِ رستو خالي ڇڏي، لکت ۾ موجود نہ آهي. وات جو وچ ڇڏڻ سينې جي لاءِ برابر هئڻ گھرجي، جيئن مهذب ماڻهو هڪٻئي جي سامهون ايندي هڪٻئي لاءِ وات جو ڪنارو وٽندا آهن؛ ٻنهي طرفن کان ايندڙ ماڻهو اڌ اڌ رستو خالي ڪندا آهن؛ هر هڪ ٻئي جي عزت ڪندي گذري ويندو آهي."

پر اسان جي وچ ۾ هڪٻئي کي ائين اڌ رستو ڏيئ ڪڏهن ٻہ نہ ٿيو، سدائين مون کي ئي هن جي لاءِ رستو ڇڏڻو پوندو هو، ويندي هن ايترو ٻہ محسوس نہ ڪيو هو تہ ڪو مان هن جي لاءِ رستو ڇڏي رهيو هئس ۽ پوءِ هڪ ڇڻو عڪس منهنجي ذهن ۾ اڪريو! مون سوچيو، "ڇا ٿيندو جي مان هن جي سامهون ايندي، هن جي لاءِ رستو نہ ڇڏيان؟ ڇا ٿيندو جي مان ڇاڻي ٻجهي هڪ پاسي نہ ٿيان، ويندي منهنجو هن سان ٽڪر ٿيئ جو امڪان ڇو نہ هجي؟ ڇاڻي ٻجهي منهنجو هن ساڻ ٽڪر ڪيئن ٿي سگھي ٿو؟" هن سان ٽڪرائجڻ جي هن بي باڪ خيال منهنجي ذهن ۾ پنهنجو اهڙو گھر بنايو جو منهنجي ننڊ ئي

ڏٺي ويئي. مان سڀائين ائين رستي نہ، ڇڏڻ بابت بي صبري سان سوچيندو رهندو هئس ۽ انهيءَ مقصد کارڻ ڇاڻي ڀڄهي نيوسڪي ويندو رهيس تہ جيئن مان وڌيڪ سولائيءَ سان اهو طئي ڪري سگهان تہ مان هن جي سامهون ڪيئن ٿيان. پنهنجي ذهن ۾ هن جي لاءِ رستو نہ ڇڏڻ جي خيال پيدا ٿيڻ ڪري مان ڏاڍو سرهو هئس. هيءَ ارادو منهنجي لاءِ بدلي وڃڻ جي باھ کي وسائڻ لاءِ وڌ کان وڌ سولائيءَ سان پڇاڻي تي پهچائڻ ۽ ائين ڪرڻ سڀ کان گهٽو پلو ۽ ممڪن هو.

"يقينن مان هن کي ٿيڑي نہ سگهندس،" مون سوچيو. اڳيئي پنهنجي نهٺي طبيعت جي مالڪ ٿيڻ، پنهنجي خوش طبع هڻڻ ڪري، مان ائين نہ ڪندو هئس. "بس مان پنهنجو رستو ڇڏي ڪيس پاسو نہ ڏيندس، مان هن جي سامهون سواءِ ويڑهہ جي وڃي ڏيکاريندم ۽ ڪلهو ڪلهي ساڻ رهڙي گذرندم ... ايترو ئي ويجهو ٿي گذرندم جيترو ماڻهپو اسان کي اجازت ڏيئي ٿو. مان هن جي خلاف ايترو ئي زور لائيندم، جيتري زور سان هو مون کي ٿيڑ ڏيندو." آخرڪار پنهنجي ان فيصلي تي عمل ڪرڻ لاءِ مون پنهنجو پاڻ کي تيار ڪري ورتو پر ئين ڪرڻ لاءِ منهنجي تيارين ۾ تمام گهٽو وقت لڳو هو. ائين ڪرڻ جي لاءِ، جڏهن مان پنهنجي پلان تي عمل ڪريان تہ مون کي گهٽو، هاڻي کان ٻہ وڌ مهذب ڏسڻ ۾ اچڻ گهرجي ۽ تنهنڪري مون کي پنهنجي ڏيڪ ويڪ تي سوچي ان کي بهتر بنائڻو هو. "ڪنهن ٻہ طرح مان مٽاهون رکڻ واري حالت ۾: مثال طور، ماڻهن جي ڪنهن ٻہ ڏيڪاءَ (ڏيڪاءَ واري حالت ۾ عام ماڻهو خاص طور مهذب هوندو آهي: شهزادي اچي پيئي؛ شهزادو الف اتي چڪر هڻي پيو؛ اهڙا سڀ سڀا ادبي اکر ڳالهايا ويندا آهن) لاءِ مون کي سٽي پوشاڪ پهرڻ گهرجي؛ جا عزت جي معيار جو سهارو ٿئي ۽ ماڻهو کي پاڻمرادو سماج جي نظرن ۾ ٻين جي برابري ۾ آڻي بيهاري."

مهذب ڏسڻ ۾ اچڻ جي مقصد جي پورائي لاءِ مون پنهنجي پگهار اڳواٽ وٺڻ جي درخواست ڏني ۽ هٿن تي پهرڻ لاءِ ڪارن جورابن جو هڪ اعليٰ جوڙو ۽ هڪ سٽي هيٽ خريد ڪيم. هٿن جي لاءِ ڪارا جورابا مون کي هلڪي ڦڪي رنگ جي جورابن کان وڌيڪ اعليٰ ۽ نئين فيشن وارا لڳا. جي وٺڻ لاءِ مون اڳ ئي سوچيو هو. "رنگ پٽ پنهنجو اثر چڏيندو آهي، رنگ مان پتو پوندو آهي ته ڪو ماڻهو پنهنجي ڏار سڃاڻپ رکڻ چاهي ٿو." ۽ ائين مون هلڪي ڦڪي رنگ وارا جوراب نه خريد ڪيا. گهٽو اڳ ئي مون پنهنجي لاءِ هڪ سٽي شرٽ، هڏن جي ٺڻ واري ڊگهي ڪوٽ ساڻ تيار ڪري رکي هئي. اهو ڪوٽ ڊگهو ڪوٽ ئي هو جنهن مون کي ڪجهه ڪرڻ کان روڪي رکيو هو. ڪوٽ ته پاڻ ڏاڍو چگو هو، جو مون کي گرم رکندو هو پر اهو گهنجيل ۽ نرم ڪپڙي جو هو، جنهن جا ڪالر لومڙي جي کل جا هئا، جيڪا منهنجي الڙهپن جي انتها هئي. مان جيترو به ٿي سگهيو ٿي، اوترو خرچ ڪري، هن ڪوٽ جا ڪالر بدلائڻ ٿي چاهيا ۽ ان آفيسر سان منهن منهان ٿيندي، پنهنجي ڪوٽ جا ڪالر رڇ جي کل جا هئڻ ٿي چاهيا. انهيءَ مقصد ڪارڻ مون **گوستني بوور** بزار جا چڪر هڻڻ لڳم ۽ ڪيترن ئي پيرن پرڻ ڪانپوءِ، مون کي رڇ جي کل جو هڪ سستو ٽڪر هٿ لڳي ويو. جيتوڻيڪ رڇ جي کل جا وار گهٽو تيزيءَ سان چٽي، وڃي ڪنهن ڳريل سڙيل چمڙي جو ڏيک ڏيندا آهن، تنهن هوندي به شروع ۾ رڇ جي کل شاندار ڏيک ڏيندي آهي ۽ سا مون کي صرف آفيسر سامهون ٿيڻ جي موقعي جي لاءِ گهربل هئي. مون رڇ جي کل جي ملهه جي پچا ڪئي؛ مون کي پتو پيو ته رڇ جي کل معمولي هوندي به گهٽو مهانگي هئي. ان جي ملهه تي سوچيندي سوچيندي مون پنهنجي لومڙي جي کل وارن ڪالرن کي وڪڻڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. باقي گهربل رقم ڪٽان

ايندي؟ ... منهنجي حال آهر ريچ جي، کل گهنو ئي مهانگي هئي، تنهنڪري مون فيصلو ڪيو ته پنهنجي مٽان سڏو ويٽل آفيسر، سباجهي ماڻهو انتون انتونچ کان ڪجهه پيسا اڌارا وٺان. جيتوٽيڪ انتون انتونچ شوم ۽ ذري پرزي جو حساب ڪتاب رکندو هو. هو ڪنهن کي به هڪ روبل به اڌارو نه ڏيندو هو. هڪ خاص ماڻهو، جنهن نوڪري ڏيارڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي هئي، تنهن انتون انتونچ سان منهنجي ڏيٺ ويٺ ڪرائي هئي. مان پوائتي حد تائين انتون انتونچ کان ڊنل هئس. انتون انتونچ کان اوڏر گهرڻ منهنجي لاءِ شرمناڪ ۽ بي غيرتي وارو ڪم هو. مان اوڏر وٺڻ جو سوچيندي سوچيندي ڀڻ يا ڻ راتين لاءِ سمهي نه سگهيو هئس. حقيقت ۾، ان ڪري به مان سمهي نه سگهيو هئس جو مون کي تنهن ويلي تپ به هو؛ منهنجي دل هلڪو هلڪو ڌڙي تري رهي هئي يا مون کي هي ڪا بيماري وکوڙي ويئي هئي. اوچتو ئي اوچتو منهنجي دل ڏڙڪي، ڏڙڪ ... ڏڙڪ ... ڏڙڪي رهي هئي! پهريون ته اوڏر گهرڻ تي انتون انتونچ اچرج ۾ پئجي ويو پر پوء هن پنهنجي منهن ۾ سوند وجهي، گهرو سوچيو ۽ آخرڪار هن ڪجهه ڏوڪڙ مون کي اڌارا ڏنا، هن مون کان لکت ۾ ساڪ ورتي ته هن مون کي جيترا ڏوڪڙ اڌارا ڏنا آهن سي پندرهن ڏينهن ۾ منهنجي ايندڙ پگهار مان ڪٽندو.

اهڙيءَ طرح آفيسر سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ مون پنهنجي هر شيءِ تيار ڪري ورتي هئي. ريچ جي سهڻي کل، لومڙي جي کل جي جڪ والاري ۽ مان دل لائي تياري ڪرڻ شروع ڪئي. پنهنجو رستو وٺي رمندو رهڻ، ڪنهن به تياري سواءِ تڙ تڪڙ ۾ نه پئي ڪري سگهيس؛ مون کي پنهنجي وٽ جي ننڍي وڏي ڳڻ ڳوت مهارت سان ڪرڻي هئي. پر مان ايترو ضرور مڃيندس ته ڪيترين ئي ڪوششن کان پوءِ به مان پنهنجي اميد ڇڏي ڏيڻ جو سوچيو: اسان سولائيءَ سان هڪبئي سان نه ٽڪرائجي

سگھون ها. مون هر نندي وڏي تياري ڪئي ۽ پنهنجو پاڻ ۾ جبل بنجي بيٺم ... ائين پئي لڳو. جڻ اسان سنئون سڏو هڪبئي سان ٽڪرائجي ويندا سون ... ۽ پوءِ ان کان اڳ جو مان ڇاٽي سگھان ته مان هي ڇا پيو ڪريان، ان کان اڳ ئي مان ٻيهر هن جي رستي تان هٽي ويس ۽ هو مون تي ڪنهن ڏيان ڏرڻ سواءِ ئي منهنجي پرسان لنگهي ويو. هڪ ٻيرو وري پوءِ، جيئن ئي هو منهنجي ويجهو ايندو ٿي ويو ته مون ڏٺيءَ کي همت ڏيارڻ لاءِ ٻاڏايو. مون پنهنجو پاڻ کي همت ڏياري، هن جي سامهون ٿيڻ جي لاءِ تيار ڪيو پر نتيجو اهو نڪتو جو پوءِ ٻ مان ڏڙندي ٽاپڙجندي ۽ هن جي پيرن ۾ ڪرندي ڪرندي بچي ويس. هن جي سامهون ٿيندي، جڏهن مان هن کان بس ڇهه فوٽ پري هئس ته منهنجي همت جواب ڏيئي ڇڏيو. مان کينهوڙي جيان هڪ پاسي تي ڪري پيس ۽ هو خاموشيءَ سان مون کي اورانگهيندي لنگهي ويو. پوءِ پوري رات منهنجي لاءِ عذاب بنجي ويئي هئي، مان تپ ۽ ذهني مونجهاري ۾ ڇڙهي ويو هئس.

۽ پوءِ اوچتو ئي هن معاملي جو خوشي ڀرئي پڇاڙي جي اميد جي ريکا نروار ٿي. ٿيو هينئن جو، جنهن رات هن جي سامهون مان پنهنجا پير جهلي نه سگهيو هئس، تنهن رات مان پنهنجي هن ڏڪئي پلان تان هٽ ڪئي، سدائين لاءِ هن معاملي کي پوري ڇڏيو هو. ان رات کان هڪ رات پوءِ پنهنجي هٽ ڪٽ واري ڳالهه کي ذهن ۾ رکي، مان آخري ٻيرو اوچتو نيوسکي هليو ويس، صرف اهو ڏسڻ لاءِ ته مان هن معاملي کان سدائين جي لاءِ ڪيئن جان ڇڏائي سگھان ٿو. اتي پنهنجي دشمن کان ٿي وکون پري هوندي، مان غيرمتوقع طور فيصلو ڪري وڌو ... مون پنهنجيون اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ تيز تيز وکون کنيون، تيز وکن جيڪري اسان جا منهن پوريءَ طرح هڪبي ڏانهن مڙيا، اسان هڪبئي سان ڪلهو ڪلهي سان ٽڪرايو! مان هڪ انچ به پنهنجي

جڳھ تان نہ ھٽيم ۽ ھن سان برابريءَ جي بنياد تي، مان ھن آفيسر جي پرسان لنگھيم! ھن اک ڪٽي نھاريو ۽ نہ ۽ ائين لکا ٿي ڏنائين جڙ ھن کي ان ٽڪر سان ڪجھ ۽ محسوس نہ ٿيو ھو؛ مون کي پڪو يقين آھي تہ ھن ڇڙو ٻھانو ٿي ڪيو. مون کي اڄ ۽ ان ڳالھ تي پورو پروسو آھي تہ ھن وات ويندي ڪجھ ۽ نہ ٿيڻ جو ٻھانو ڪيو ھو! يقينن، مان ھن جي اھڙي رويي جي ڪري ڪلھو ڪلھي سان ملائڻ مان تسڪين ماڻي نہ سگھيو ھئس ... ھو سگھارو ھو پر ھن جي سگھي ھڻ واري ڳالھ اھم نہ ھئي. اھم ڳالھ اھا ھئي تہ مان پنھنجو مقصد ماڻي چڪو ھئس، مان پنھنجي عزت جو مان مٿانھون رکي سگھيو ھئم. مان ھڪ قدم ۽ پوئتي نہ ھٽيو ھئس، ۽ پنھنجو پاڻ کي سينيءَ جي سامھون آفيسر سان برابريءَ جي بنياد تي آڻي ڏيکاريو ھو. مان دلي سڪون سان پنھنجي گھر ڏانھن موٽ جا پير کنيا ھئا. مون کي خوشي ھئي تہ مان پنھنجي ھر شيءِ جو بدلو وٺي اوڏر لاھي چڪو ھئس. مان ڏاڍو سرھو ھئس. مان سوپارو ٿيو ھئس ۽ مون اطالوي جنگي گيت ڳايا ھئا. ٻڪ ڇاڻو تہ مان اوھان اڳيان بيان نہ ٿو ڪري سگھان تہ ٿي ڏينھن پوءِ مون سان ڇا ٿيو؛ جي اوھان **منھنجو پھريون پاگو پڙھيو ھوندو** تہ اوھان پاڻ ئي اندازو لڳائي سگھندا. پوءِ ان آفيسر جي بدلي ٿي ويئي ھئي؛ مان ان کي چوڏھن سالن کان نہ ڏٺو آھي. ھاڻي ھي پيارو آفيسر ڇا ڪري رھيو آھي؟ ھو ڪنھن کي لتاڙي رھيو آھي؟ ڪير ٿو ڇاڻي.

❑

وندڀيو

جيئن ئي منهنجي اندر جي ڇڄ ڊاهه ختم ٿي ويندي هئي تہ پوءِ سدائين مان پاڻ کي ٽڪاٽو محسوس ڪندو هئس. ان کان پوءِ پڇتاءُ منهنجو پيڇو ڪندو رهندو هو ... مون رڻ ڇاڏيو تہ ڇڄ ڊاهه مان پنهنجي جند ڇڏائي سگهان؛ مون کي بيماري پڻ محسوس ٿيندي هئي. جيئن تيئن ڪري مان آهستي آهستي انهن شين جو عادي ٿي ويس يا ائين چئجي تہ مان پاڻمرادو همت هاري ٽڪاوٽ ۽ پڇتاءَ کي برداشت ڪرڻ شروع ڪيو. پر مون وٽ فرار جا ذريعا هئا جن جي سهاري، هر اوٽائيءَ سان منهنجو صلح ٿي ٿيو ... پڪ ڄاڻو تہ اهو فرار سرت ۽ سونهن جي خوابن ۾ پناهه گولهي لهڻ ۾ هو. مان وڏا وڏا خواب ڏسندو هئس، ڪنهن بہ ويڑهه جي پڇاڻي ڪانپوءِ، مان ڏڻ ڏڻ مهينن جي لاءِ خواب ڏسندو رهندو هئس، پنهنجي ٻرڙ ۾ هٿ ٻڏي ويهي رهندو هئس. سچ ٿو چوان ۽ اوهان منهنجو پروسو ڪري سگهو ٿا. انهن گهڙين ۾ منهنجي ان شخص سان ڪا بہ هڪجهڙائي نہ هوندي هئي جو پنهنجي دل جي مايوسي ۽ نا اميدي ۾ رڇ جي ڪل جو ڪالر پنهنجي ڊگهي ڪوٽ کي هٽائيندو هجي. مان اوچتو ڏٺ ڏانگر وارو ٿي پوندو هئس. مان پنهنجي ويري ڇهه فوٽ ڊگهي ليفٽيننٽ اڳيان ڪنڌ نہ جهڪايان ها جي هو مون سان راهه ويندي ملي وڃي ها. مان هن کي پنهنجي سامهون هڪ ڪک جيتري اهميت بہ نہ ڏيان ها. منهنجا ڪهڙا خواب هئا ۽ مان

انهن جي پورائي لاءِ پاڻ کي ڪيئن مطمعن ڪري ٿي سگهيس ... هاڻي ان باري ۾ ڪجھ به چوڻ ڏاڍو اوکو آهي، پر ان ويلي مان پنهنجن زندگي جي اهڙن خوابن سان سرهو هئس. جيتوٽيڪ حقيقت ۾ ويندي هڻي به مان انهن خوابن مان ڪنهن حد تائين مطمعن آهيان. خواب خاص طور مايوسي جي گهري بادل ٽٽڻ کانپوءِ ڏاڍا پيارا ۽ زندگيءَ جي خوشي سان پرپور هوندا هئا، خواب پڄاڻ ۽ اکين جي ڳوڙهن ٽمڻ مان ڦٽي نڪتا هئا، خواب من گهائيندڙ جذبن جي وهڪرن ۽ نا اميدي مان نڪتا هئا. ڪي لمحا انتهائي دل لبائيندڙ هوندا هئا، اهڙين خوشين سان پرپور، جنهن ۾ منهنجي عزت تي ڪو هلڪو معمولي تر جيترو داغ ڳولهڻي نه ملندو هو. مون ۾ اعتماد، اميد، پيار پيو چوليون هڻندو هو. اهڙن لمحن ۾ مان پنهنجو پاڻ تي اکيون ٻوٽي اعتبار ڪندو هئس ته ڪنهن ڪرشمي سان، ڪنهن ٻاهرين حالات جيڪري، هن بند ٽيل زندگي جو رستو اوچتو کلي پوندو، وسيع ٿيندو ويندو، زندگي ۾ ڪنهن مناسب تحرڪ جو ڪارڻ ٻڌجندو ... اهڙو تحرڪ جو فائديمند هوندو، ستي ۽ سڀ کان وڏي ڳالھ ته زندگي جو تحرڪ **ٿهيو ٽڪيو** ملي پوندو (هيءُ ڪهڙي قسم جو تحرڪ هوندو، ان جي باري ۾ مون کي ڪو به اندازو نه هوندو هو، پر سڀ کان اهم ڳالھ اها هئي ته هي سڀ ڪجھ مون کي ٿهيو ٽڪيو ملٹو هو) ... ڪنهن رستي تي منهنجي نڪري پوڻ کان پهريان ئي اتي منهنجي سرواٽي ڪندو ... ۽ هاڻي مون کي سڄ جي روشني جي ڪرڻن ۾ پنهنجي ٻرڙ کان ٻاهر نڪري اچڻ گهرجي، مون کي ڪنهن سفيد گهوڙي تي ڪو تاج پائي سوار ٿي ايندڙ ڪنهن ويڙهاڪ جيان ٻاهر نڪري اچڻ گهرجي. ڪو به ماڳ، سڀ کان اڳاهون ماڳ، مان پنهنجي لاءِ سوچي نه ٿي سگهيس ۽ انهيءَ ماڳ نه سوچي سگهڻ جي خاص سبب جيڪري مان گهٽو

ڪري مطمعن ٿي. حقيقت ۾ مان هيٺائون ئي هنڌ والارينڊو هئس. هيرو ٿجي يا متي ۾ پيو ليٽڙجي، منهنجي لاءِ انهن سواءِ ٻي ڪا بہ وڇڙي شيءِ نہ هوندي هئي. اهڙي ئي سوچ منهنجي برٻادي جو ڪارڻ هئي، جڏهن مون گپ ۾ پئي ليٽڙيو، مان پنهنجو پاڻ کي ان سوچ سان ويساھ ٿي ڏياريو تہ مان هن پيري گپ ۾ ليٽڻ کان سواءِ ٻين ڪيترن ئي موقعن تي مان ڪرو رند هوندو هئس ۽ رند جو متي ۾ هيئن ليٽڙجڻ، هن جي مهانتا هئي: هڪ عام ماڻهو لاءِ متي ۾ ليٽڙجڻ هڪ شرمساري جو داغ آهي پر ڪنهن رند جو متي ۾ ليٽڙجڻ هڪ اعليٰ اقدار آهي، تنهن ڪري رند ليٽڙجي پئي سگهيو. اهو ڏيان ۾ رکڻ گهرجي تہ مون کي اهڙا سونهن ۽ سرت جا دورا، ويندي مايوسي ۽ بيڪاريت جي ڏاڻن ۾ بہ پوندا هئا ۽ ان ويلي بہ جنهن ويلي مان ڪنهن ڪاهي جي تري ۾ ترڪي ڪري پوندو هئس. اهڙا سونهن ۽ سرت جا دورا منهنجي زندگي جي ڏار ڏار وهڪرن ۾ نمودار ٿيندا هئا، جي مون کي منهنجي پنهنجي هئڻ جو پتو ڏيندا هئا پر سي پنهنجي ظاهر ٿيڻ سان منهنجي نااميدي ختم نہ ڪري سگهيا هئا. انهن سونهن ۽ سرت جي دورن پنهنجي وجود جي ابتڙ زندگيءَ جي جوت بنجڻ بجاءِ منهنجي مايوسي ۾ واڌارو ٿي ڪيو ۽ ائين ئي پياسي ڌرتي تي رولاڪ ڪڪرن جيان پياس اجهائڻ بجاءِ تاس وڌائڻ جو ڪم ٿي ڪيو. سي ڪڪر ڪيترن ئي ڏولاون جو هجوم هوندا هئا. سرت ۽ سونهن ماڻهو جي اندر جي پيڙا جي چنڊ چاڻ هوندي آهي ۽ سيني دورن جون اهڙيون ذهني پيڙائون ۽ چهنڊڙيون ڪي ذهني جوش جذبو جيئارينا يون هيون، ويندي منهنجي مايوسي کي مارڻ جوڳيون ٿي پونديون هيون ... حقيقت ۾، هوا جي تازي جهلڪي جيان تاس کي وائيندي من ۾ ڏيئا ٻاري چڏيندیون ڏينديون هيون. ان تازي جهلڪي ۾ ڪا گهري معنيٰ لڪيل هوندي هئي. پوءِ ڪيئن مان هڪ عياش

ماڻهو جي واهيات ۽ معمولي ڳالهين اڳيان تمام سولائيءَ سان گوڏا کوڙيا هجن ها ۽ سندس هر طرح جي ڪن ڦٽ کي برداشت ڪيو هجي ها. پوءِ ڪهڙي شيءِ مون کي زندگيءَ ڏانهن قائل ڪيو هجي ها ۽ رات جي وڪڙي ۾ مون کي آٽي رڻ ۾ نہ رلايو هجي ها؟ نہ ائين نہ هجي ها، مون وٽ ان ساري گند مان جان ڇڏائڻ لاءِ هڪ اعليٰ اخلاق وارو گس هجي ها.

۽ تنهن ويلي ڇا تہ من موهيندڙ ٻاجهہ پنهنجا پرڙا ڦهلائيندي هئي، ڏٺي جي ساک تي چوان ٿو تہ ڇا تہ من موهيندڙ ٻاجهہ مون کي پنهنجي نس نس ۾ محسوس ٿيندي هئي، سا ٻاجهہ منهنجن خوابن ۾ پنهنجو آکيرو جوڙي ڇڏيندي هئي! انهن "سونهن ۽ سرت جي وادين جي اڏام" ۾ مان پنهنجو پاڻ کي وڃائي ويهندو هئس؛ جيتوڻيڪ اهو ماڻهوءَ جو پنهنجائپ پريو املهہ پيار هوندو هو، جنهن کي ماڻهپي جي حقيقي ماڻ تي نہ آزمايو ويو هو، پر تنهن هوندي بہ ان اڻ ميي پيار ۾ اڃا سوڏو ڪنهن گهوتو نہ هنيو هو ۽ ويندي ڪنهن ان جي هڪ اڇل بہ نہ ماڻي هئي؛ سا اڇل جي ماڻهو سان واڪي ڇڏجي ها تہ هن جا سمورا ٽڪ لاهي ڇڏي ها. تنهن هوندي، هر شيءِ ائين چئجي تہ هر شيءِ ٽڪاڻي ۽ پساهہ ڪنندڙ مان سرهي انداز سان، من موهيندڙ انداز ۾، فن جي دائري، زندگي جي سونهن پرين پلن ۾ بدلجي ويندي هئي، جا گهٽو ڪري شاعرن ۽ ناول نويسن جي خيالن مان چورائجي سدائين جي لاءِ سونهن ۽ سرت سان پرجي ويندي هئي. مان تنهن ويلي ٻين سڀني تي سوپارو ٽيو هئس، يقين ڪريو تہ دز ۽ خاڪ کي مان پنهنجي پيرن هيٺان ڪري ويٺو هئس ۽ مان مجبور ٽيس تہ پنهنجي مٽيري هٿ کي سجاڻان ۽ انهن سڀني ماڻهن کي معاف ڪري ڇڏيان، جن مون کي اکيون ڏيکاريون هيون. مون پانيو تہ مان هڪ شاعر ۽ اعليٰ پائي جو ماڻهو آهيان، مان پيار جي سمنڊ ۾ جهاڳي پيس، پنهنجو پاڻ کي بيشمار لهرن ۾ سموهي ۽ تيزي سان انهن لهرن کي ماڻهپي جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽

ساڳئي پل مون سيني ماڻهن اڳيان پنهنجي شرمساري واري ڪرتوتن جو اعتراف ڪيو، جي ڪرتوت پڪ سان فقط شرمساري وارا عمل نہ هئا پر انهن ۾ دل جون اڇلون، نينهن جا ناتا، نيٽن جي نهٺاءَ جا نيسارا سمايل هئا، جنهن ۾ گهٽو ڪجهه مٺن فريبن جي خيال جيان "سونهن ۽ سرت" هئي. ان جي نتيجي ۾ هر هڪ مون کي چمندو ۽ پنهنجا ڳوڙها ڳاڙيندو (ماڻهو ائين نہ ڪرڻ ڪري ڪيترا ته نہ بيوقوف هوندا)، جڏهن ته مان نئين سري سان زندگي جي نون تصورات جي واڌ ويجهه لاءِ پيٽ بکئي ۽ پيرين اگهاڙي پنڌ نڪري پيم ۽ فاتح آسٽرلز جي ڏنڏلن عڪسن جي خلاف وڙهندي وڙهندي وڪ وڏائيندو رهيس. پوءِ موسيقيءَ جو ٻيجل منهنجي پير کڻڻ لاءَ رت گرمائڻ جي ڏن وڃائيندو رهيو، عام معافي جو اعلان ڪيو ويو، پوپ ان ڳالهه سان سهمت ٿيو ته هو پنهنجي مستند تان هٽ کڻي روم چڏي برازيل هليو وڃي؛ پوءِ پوري اٽلي لاءِ ڪومو ڊنڊ ڪناري بورغيز محل تي جشن جو اهتمام ڪيو وڃي ها، ڪومو ڊنڊ جي چوند انهيءَ ڪري کئي وڃي ها جو اها روم شهر جي ويجهو آهي؛ پوءِ جهر جهنگ ۾ ٻ گلزاري ٿي وڃي ها ۽ ائين هر ڏسا سرهائيءَ جا رنگ ڦهلجن ها ۽ رنگ ڦهلبا رهن ها ... ۽ جيتوٽيڪ اوهان سڀ انهن رنگن جي رنگيني جي باري ۾ ويچاري ٻ نہ ٿا سگهو؟ اوهان چوندا ته اهڙين سيني ڳالهين کي کئي عوام آڏو آڻڻ واهيات ۽ نيچپٽي جو ڪم آهي، اوهان پنهنجي اکين ۾ ڳوڙها آڻي ۽ جذبات جي وهڪري ۾ وهي ويندا، جنهن جو مان پاڻ اعتراف ڪيو آهي. پر اهو سارو عمل نيچپٽي جو گهرجائو ڇو آهي؟ ڇا اوهان اهو تصور ڪري سگهو ٿا ته مون کي اهڙين ڳالهين ڪرڻ ڪري شرم پيو محسوس ٿئي ۽ اهڙو عمل ڪنهن ٻ ماڻهو جي زندگي ۾ ٻين سيني شين کان وڌيڪ بيوقوفاٽو آهي، منهنجا سائين! مان اوهان کي پڪ ڏياريان ٿو ته انهن مان ڪي ذهني عياشيون ڪنهن ٻ طرح بري انداز ۾

مرتب نہ ڪيون ويون هيون ... اهو سارو ميڙ ڪومو ڏنڊ جي ڪناري تي نہ ٽيو هو. ۽ تنهن هوندي بہ اوهان صحيح آهيو ... اهڙي سوچ حقيقت ۾ واهيات ۽ توهين آميز آهي. ۽ سڀ کا وڌيڪ توهين آميز ڳالھ اها آهي تہ هينئر مان اوهان اڳيان پنهنجو پاڻ کي حق بجانب ثابت ڪرڻ لاءِ جاکوڙي رهيو آهيان. ۽ ان کان بہ وڌيڪ اندر ۾ پنيٺ پڙڪائيندڙ منهنجو اهو جملو آهي، جيڪو مان هاڻي چئي چڪو آهيان. هاڻي گهٽو ٽيو يا وري ائين چئجي تہ جي ڳالھ جاري رکي ويئي تہ پوءِ ان جي ڪا بہ پڇاڻي نہ ٽيندي، هر نئين ڪنيل وک ايڏا بہ پهرئين ڪنيل وک کان وڌيڪ جيءُ جهورينڊڙ هوندي .....

مان ڪڏهن بہ ٿن مهينن کان وڌيڪ ويلي لاءِ لاڳيتو هڪ هنڌانهون ٽي خواب ڏسندي، ڪنهن روڪ ٽوڪ جي سواءِ سماج ۾ رلي ملي وڃڻ جي خواهش رکي نہ سگهندو هئس. سماج ۾ رلي ملي وڃڻ مان منهنجي مراد، آفيس اندر پنهنجي مٽان آفيسر انتون انتونچ سان ملڻ جلڻ جاري رکڻ آهي. انتون انتونچ ئي اهو ماڻهو هو جنهن سان پوري زندگي منهنجي پنهنجائپ رهي ۽ مون کي ان پنهنجائپ تي اچرج پيو ٿئي. جڏهن بہ مون تي اهڙو پنهنجائپ جو دورو پوندو هو تہ مان فقط هن سان ئي ملڻ ويندو هئس ۽ جڏهن منهنجا خواب، خوشيءَ جي ڪنهن اتاهين چوٽيءَ کي چهندا هئا تہ منهنجي لاءِ ضروري ٿي پوندو هو تہ مان پنهنجن يارن سن هڪدم ان خوشي کي وندڻيان ورڇيان. ها! گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن هڪ اهڙي ماڻهوءَ سان وندڻيان، جنهن پنهنجو وجود منهنجي جيءَ ۾ سانڊيي ٽي رکيو. مون کي پنهنجي اڄ اجهائڻ لاءِ انتون انتونچ جي در تي پير پائڻو پوندو هو، سو هر اڳاري جي ڏينهن ... اڳاري تي هو پنهنجي گهر موجود هوندو هو؛ تنهنڪري، مان هميشہ جتن ڪندو هئس تہ منهنجي اندر ماڻهپي جون جوٽون ۽ اوتون اڳاري ڏينهن ئي مون وٽ پنهنجو پير پائن تہ چگو ٽيندو تہ جيئن مان انتون انتونچ وٽ

پير ڏري پنهنجي اڄ اجهائي سگهان.

انتون انتونچ، پنج ڪنديءَ بلڊنگ ۾ چوٽين ماڙ تي، هڪڙئي سان ڳٽيل ننڍڙن چئن ڪمرن واري گهر ۾ رهندو هو. ان گهر جو هر ڪمرو ٻئي ڪمري کان ننڍو، بناوٽ ۾ پورو پنو ۽ ساهه ٻوساڻيندڙ هو. سندس ٻه نياڻيون ۽ انهن چوڪرين جي ماسي، جا جڏهن ٻه وڃ تڏهن ڪوپن ۾ چانهن ساري، پيئڻ لاءِ پئي ڏيندي هئي، هن سان گڏ رهنديون هيون. هن جي ڏيئن مان هڪ سورهن ۽ ٻئي چوڏهن سالن جي هوندي هئي، انهن ٻنهي جا نڪ ننڍا هوندا هئا، مان انهن کان انتهائي گهٽو لڇائيندو هئس، چو ته اهي ٻئي سدائين گڏجي هڪڙئي سان پٽڪنديون ۽ ڪچ ڪچ ڪنديون رهنديون هيون. گهر جو وڏو، منهنجو مطلب آهي انتون انتونچ، گهٽو تٽو پنهنجي پڙهائي ۾ ڪتل هوندو هو، هو ميز جي پرسان چمڙي جي گدين واري ڪائوچ تي ويٺو هوندو هو، سندس چوڌاري هلڪن ڪارن وارو ڪوئي سلجهيل ماڻهو ويٺل ملي ويندو هو، جو اڪثر اسان جي آفيس يا ٻئي ڪنهن ڊپارٽمينٽ جو ساڻي هوندو هو. مون کي سدائين اتي ساڳين ئي، پير پائيندڙ ٻن يا ٽن ماڻهن سواءِ ٻيو ڪو به نظر نه آيو. هو، سدائين اهي ساڳيا ماڻهو منهنجي اکين ور چڙهي ويندا هئا. اهي اڪثر ايڪسائيز ڊيوٽي جون ڳالهيون ڪندا هئا، سينيٽ ۾ ٽيندڙ بحث جو ذڪر ڇيڙيندا هئا، پگهارن جي هوند اڻ هوند تي هنن جون ڳالهيون پيون هلنديون هيون، پروموشنن جو ذڪر ڪلي پوندو هو، انتون انتونچ جي پنهنجي باري ۾ جوڙيل ڪن سياون جو بيان ٽيندو هو ۽ ٻيون اهڙيون ڳالهيون هلي پونديون هيون، جن سان انتون انتونچ جي روح کي ريجهائي سگهبو هو. مون منجهه انهن ماڻهن جي پر ۾ بيوقوف بنجي لڳاتار چئن چئن ڪلاڪن تائين ويهي سگهڻ جي وڏي سهپ هئي، مان انهن جي ڳالهين ۾ ڪو به چوٽ جوگو اکر نه ڄاڻندو هئس يا ڪو به پنهنجو لفظ، انهن جي ڳالهين ۾ شامل ڪرڻ سواءِ ئي ويٺو

رهندو هئس. مان ڪيترائي ڀيرا وات گودو ڪيو ڪانپ ڪڍيو ويٺو هوندو هئس، پگهر ۾ وڃي ويندو هئس، مون تي ڪوڙو دوروپئجي ويندو هو، پوءِ ۾ هتي اچڻ منهنجي وجود لاءِ بهتر ۽ من موهيندڙ هوندو هو. گهر موٽندي مان ماٺهپي کي پنهنجي ياڪر ۾ پيڪوڙڻ واري خواهش کي پوئتي ڌڪي، ڪنهن انڌاري گس تي چاڙهيون چڙهڻ لڳندو هئس.

هڪ ٻئي ماٺهو سمونوف سان ڪنهن نه ڪنهن طرح منهنجي ٽوري گهٽي ڊيٽ ويٺ هوندي هئي، جيڪو منهنجو پراٽو اسڪولي هو. حقيقت ۾ پيٽرسبرگ ۾ منهنجا ڪيترائي ڏنل وائٽل اسڪولي پنهنجا وڻاڻ وسايو ويٺا هوندا هئا پر انهن سان منهنجو ڪو به لاڳاپو جاري رهي نه سگهيو هو، ويندي گلي ۾ سامهون ٽيندي به مون انهن ڏانهن هٿ لوڏي ڪيڪارڻ به چڏي ڏنو هو. منهنجو خيال آهي، منهنجي اهڙي ڊپارٽمينٽ ۾ بدلي ٿي چڪي هئي، جنهن ڪري مون فقط انهن سان لاڳاپا ٽوڙڻ لاءِ، پنهنجي نندپڻ جي سڀني لاڳاپن کي جوڙڻ کان نفرت ٿي ڪئي. هاڻي مان ان اسڪول جي ئي بدقسمت ڏهاڙن ۽ اتي گهاريل ڏکوئيندڙ سالن جي ڪري ئي گهاٽي ۾ پيڙهيو ٿي ويس! ٽورن لفظن ۾ چئجي ته مون اسڪول مان نڪرڻ ڪانپوءَ جيئن ئي نئين دنيا ۾ پير پاتو هو، تيئن ئي پنهنجي اسڪول جي ساٿين کان ڏار راه ورتي هئي. بس! يارن مان ڪي به چار ئي رهجي ويا هئا، جن کي گلي ۾ هٿ لوڏي مان ڪيڪارينڊو هئس، انهن مان هڪ سمونوف به هو. سمونوف، سان اسڪول ۾ منهنجي ٻين کان وڌيڪ ڪا خاص گهرائي نه هوندي هئي، هن سان پڻ ٻين جيان ئي هڪ عام رسم و راه ئي هوندي هئي، پر مون کي هن ۾ ڪا خاص ماٺهپي جي جهلڪ ۽ ويندي سڃائي نظر آئي هئي، منهنجو خيال آهي ته مان هن يار جي شخصيت سان ڪنهن به خاص بيوقوفي کي جوڙي نه ٿو سگهان. هڪ دفعي مون سمونوف ساڻ زندگي سان پرپور ڪي گهڙيون گهاريون هيون پر اهڙيون گهڙيون ڪي گهٽن ڏهاڙن جي لاءِ هلي نه سگهيون هيون. بس اوچتو ئي اوچتو سي گهڙيون مون کان پنهنجو منهن

موڙي، مڙيوئي گهاڻن ڪڪرن پويان لڪي ويون. ڪنهن نہ ڪنهن ليائينڈڙ ريکا جي ڪري سمونوف انهن يادن جي سور سان گهائبو هو ۽ مون کي ائين ئي پاسندو هو تہ هن کي اهو پؤ کائيندو رهندو هو تہ شايد ڪٽي مان بہ انهن گهڙين جي ياد جو ساڳيو راڳ نہ آلاپيان. مون کي لڳو ٿي تہ سمونوف مون کان منهن موڙڻ ٿي چاهيو ۽ اهو ڄاڻندي بہ مون هن کان پيرو نہ ٿي پگهر، چو تہ مون کي يقين هو تہ منهنجي ڪري سمونوف ٽياس تي نہ ٽنگبو.

اهڙيءَ طرح هڪ ڏهاڙي مان پنهنجي اڪيلائي کي برداشت ڪرڻ جي سگهہ نہ ساري سگهڻ ڪري ۽ اهو ڄاڻندي تہ اڄ خميس آهي ۽ اڇوڪي ڏينهن انتون انتونچ جو دروازو مهمانن جي لاءِ ٻيڪڙيل هوندو آهي، تنهن ڪري مون کي سمونوف جي ياد ڏاڍو ستايو. سمونوف جي چوٽين ماڙ تي گهر ڏانهن وک وڌائيندي، مان سوچي رهيو هئس تہ سمونوف مون کي پنهنجي جيءَ ۾ جايون نہ ٿي ڏنيون ۽ اها منهنجي وڏي ناداني هئي جو مان تنهن هوندي بہ هن ڏانهن پيو پير پريان ۽ ساٿس ملڻ پيو وڃان. پر جيئن اڳ ئي مون سان ٿيندو هو، منهنجي ذهني ڪيفيت جي پياس جي اهڃاڻن مون کي مجبور ڪيو تہ پنهنجي اڄ اجهائڻ ڪارڻ مان اڄ هن ڏانهن پنڌ پئجي وڃان. مون پنهنجو پاڻ کي گهلي وڃي اوکي هنڌ آڻي بيهاريو هو. اهڙي ئي ڪوري دل سان مون سمونوف جي گهر اندر پير پاتو. منهنجو سمونوف ڏانهن هيءُ اوچتو پير پرڻ ڪوئي پوري هڪ سال بعد ٿيو هو.

❑

وندڻيون

سمونوف وٽ مون کي اسان جي اسڪول جي ڏهاڙن جا ٻه پراڻا ساٿي ويٺل نظر آيا. ائين ٿي ڳگو ڇڻ هو پاڻ ۾ ڪنهن اهم ڳالهه تي وچور وندي رهيا هئا. جيئن ته سمونوف وٽ ويٺلن سان منهنجي سالن کان ميل جول نه ٿي هئي، شايد تنهنڪري انهن مان ڪنهن هڪ ٻه منهنجي اندر پير پائڻ تي پنهنجو ڏيان ڏريو هو! هنن جي رويي جي اهڙي انداز مون کي ڏندين آگريون ڏيارائي ڇڏيون هيون. مون کي ائين لڳو هو ڇڻ انهن منهنجي مٿان ائين نظر وڌي هجي، جيئن ماڻهو ڪنهن گهرو مڪ کي ڏٺو اٽ ڏٺو ڪري ڇڏيندو آهي. ويندي اسڪول ۾ ٻه مون کي ائين نظر انداز نه ڪيو ويندو هو، جيتوڻيڪ انهن سيني جو مون کان جيءُ جلندو رهندو هو ۽ اهي ان وقت ٻه مون کان نفرت ڪندا هئا پر مون کي نظر انداز ڪري نه سگهندا هئا. مون ڇاتو ٿي ته منهنجي نوڪري ۾ ڪنهن سٽي سٽيب جي اٽ هوند ڪري، انهن مون کان ڪراهت ٿي ڪئي ۽ اهي منهنجي پنهنجي ٻيڙي پاڻ ٻوڙڻ ڪري ٻه ارها هئا. منهنجي جهڙن تهڙن ڪپڙن اوڍڻ ۽ اهڙين ئي ٻين گهٽين اٿهوندن ڪري، هنن مون سان حقارت ٿي ڪئي ... منهنجو ان حال ۾ هئڻ، هنن لاءِ منهنجي نالائقي ۽ منهنجي معمولي هئڻ جي علامت هئي. ان هوندي ٻه مون هنن مان پنهنجي اهڙي طرح توهين ڪرڻ جي اميد نه ٿي رکي. سمونوف کي منهنجي اوچتو پير پرڻ تي ڏندين آگريون اچي ويون

هيون. ها! ائين ئي چئجي ته ويندي اڳوٽن ڏهاڙن ۾ به منهنجي ڪنڊي اورانگهي اچڻ تي، هو سدائين حيران ئي ٿيندو هو. هنن جو اهڙو ورتاءَ مون کي ڏنب ڏيڻ لڳو هو: مان پنهنجو پاڻ کي نياڳو سمجهندي، انهن جي پر ۾ برف جيان ٺڏو ٿي ويهي رهيس ۽ اهي جيڪي ڳالهيون ڪري رهيا هئا سي ڪن لائي ٻڌڻ لڳم. اهي ڪن چتين ۽ بي چين ڳالهين ۾ الجهيل هئا، سي ڳالهيون، هنن جي هڪ ساٿي زورڪوف جي باري ۾ هيون، جنهن جي بدلي ڪنهن ڏورانهين صوبي ۾ ٿي هئي، زورڪوف فوج ۾ هڪ آفيسر هو. هي سڀ پاڻ ۾ زورڪوف جي ڪنهن ڏورانهين صوبي ۾ بدلي ٿي وڃڻ جيڪري، ڪيس الوداعي ڊنر ڏيڻ جي بندوبست ڪرڻ ۾ الجهيل هئا. زورڪوف اسڪول جي ڏهاڙن ۾ پڻ سدائين مون سان گڏ هوندو هو. مون زورڪوف سان، خاص ڪري مٿئين درجي ۾ پير پائڻ کانپوءِ، نفرت ڪرڻ شروع ڪئي هئي. هيٺئين درجي ۾ هو انتهائي چڱيرڙو، اسان لاءِ تازي هوا جو جهلڪو هوندو هو، جنهن ڪري زورڪوف سڀ ڪنهن جي جيءَ ۾ پنهنجي جاءِ بنايو ويٺو هوندو هو. ائين به چئي سگهجي ٿو ته ويندي ڪنهن حد تائين، هيٺين درجي ۾ به مون هن سان ٿوري گهڻي نفرت ٿي ڪئي، هن کي مون فقط ان لاءِ قبوليو هو ته هو چڱيرڙو ۽ زندگي سان پرپور ڇوڪرو هوندو هو. هو پڙهائيءَ ۾ جهڙو تهڙو هوندو هو ۽ وقت گذرندي پڙهائي ۾ تهائين وڌيڪ ويو ٿي پوئتي پئجندو، تنهن هوندي به هن پنهنجي ڪتنب جي گهرن لاڳاپن جيڪري سڀني گريڊ سان اسڪول مان ٻاهر پير پاتو هو. اسڪول جي آخري ڏينهن ۾ هن کي به سو ڪڙمين سان گڏ هڪ جاگير هٿ اچي ويئي ۽ اسان ٻيا سڀ غريب هئاسون، پوءِ هن اسان سان غرور ۽ ارڏائي سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو انداز ڏاريو هو. هو بي انتها ڪرناٽ هو پر ساڳئي ويلي غرور هوندي به هو هڪ سڀني سهپ واروءِ عزت ۽ وڏائي

جي هوائي، بيوقوفائن ۽ اجائي ڏيک جي لاڙن هوندي به يارن جو يار هوندو هو. اسان جي گهٽائي مان ٿورن ئي زورڪوف جي ٽٽ ڏانگر آڏو پنهنجا گوڏا ٽي ڪوڙيا ۽ جيئن جيئن ماڻهن جي گهٽائي هن جي پويان ٽي لڳي تيئن تيئن هن جي لوڏ ۾ اجائي وڏائيءَ جا واهڙ ٽي وهڻ لڳا. ۽ ائين به بلڪل نه هو جو ڪن شاگردن پنهنجي مفاد ماڻڻ خاطر اجايو هن کي گاهه ٽي وڌو، پر هن سان ائين لنئون لائڻ صرف ان ڪري هو جو هن کي قدرت طرفان ڪي خوبيون تحفي ۾ ڏنيون ويون هيون. وڏيڪ اهو ئي چئجي ته اسان سيني ائين ئي دلي طور مڃي ورتو هو ته زورڪوف وٽ سماجي رتبي ۽ ان جو مان رکڻ جو ڏاڻ هو. زورڪوف جي پنهنجي رتبي جو مان رکڻ جي ڏاڻ واري خوبي خاص طور منهنجي وجود کي ٽي ڏنگ هنيا. مان هن جي دريا جيان تارئون تار وهندڙ پاٽيري آواز جي انداز کان نفرت ڪندو هئس، هن جي پنهنجي حسِ مزاح جي ساراه جي ڏڪ پرڻ کان نفرت ڪندو هئس، چو ته هن جا چرچا ڪنهن گندي نالي جيان بدبوءِ ٻاڦيندا هئا، هن کي پنهنجي زبان جي استعمال ڪرڻ ۾ ڪو به ڦوٽ نه هوندو هو، مان هن جي سونهن پريي پر بيوقوفاڻي چهري کان حقارت ڪندو هئس (تنهن ڪري جيئن تيئن ڪري پنهنجو پورو وس هلائي مان پنهنجي ذهين چهري کي چاهيندو هئس). "چاليهين" ڏهاڪي جا آزاد، سولا ۽ سڌا فوجي جيئڻ جا انداز مون کي نه وٺندا هئا. هو جنهن انداز سان پنهنجي مستقبل ۾ ماڻ کي ماڻڻ جون ڳالهيون ڪندو هو، مون کي سي ڳالهيون نه وٺنديون هيون (جنهن وقت تائين هن ڪنهن تي آفيسر جي رئنڪ جا ستارا نه هنيا هئا، تنهن ويلي تائين هن جي جرئت ئي نه ٿيندي هئي ته ڪنهن چوڪري ڏانهن اک ڪٽي نهاري ۽ آفيسر ٿيڻ ڪانپوءِ هو انهن سهٽين چورين کي ڪچو ڪائي چڏڻ لاءِ ڏاڍي بي چيني سان انهن ۾ اکيون ڪپايو ويٺو هوندو هو) ۽ عزت ڪارڻ

جان قربان ڪري سگھڻ ڪري هن کي سدائين ڪيترين ئي ڊيوئل ويڙھ ۾ پير پائڻو پيو هو. مون کي ياد پيو پوي ته مان ڪنھن بہ طرح ڊيوئل ويڙھ واري خواهش کي اندر ۾ دٻائي رکڻ وارو ماڻھو ڪيئن زرڪوف سان عزت خاطر ڊيوئل(Duel) ويڙھ جو سندرو ٻڌي ٻيٺو هئم. جڏھن ھڪ ڏھاڙي هن پنھنجي ساڻين سان سھڻين سھاڳئين سان مزي ماڻڻ سندي پنھنجن پيڇن جو ذڪر ڇيڙيندي، ھڪ راندیگر جيان، جو ھڪ گلر جيان سڄ تاءَ هيڻان وڌندو ويجھندو رهيو هجي، هن ھڪدم پير تي ڏوکو ھڻندي واکو ڪيو ته هو پنھنجي جاگير جي ڳوٺن ۾ رهندڙ ڪنھن ھڪ بہ چوريءَ کي مٽس نظر گھمائڻ سواءِ پنھنجي اڳيان لنگھڻ نہ ڏيندو، ٻيو اهو بہ ته جاگير جو مالڪ هئڻ ڪري ائين ڪرڻ هن جو حق آهي ۽ اهو بہ ته جي هارين هن جي اھڙي رويي تي ڪڏھن احتجاج ڪرڻ جي جرئت ڪئي ته هو انھن ڏاڙهين وارن شيطانن کي ڪوڙا ھٽائيندو ۽ انھن مٽان ٽيڪس ٻيٺو ڪري ڇڏيندو. اتي موجود سيني ڇڙ و ڇڙ پالتو ڪتن هن جي ڳالھ تي تاڙيون وڄايون هيون پر مون هن جي ڪل لاھڻ شروع ڪري ڏني هئي. منھنجي هيئن زورڪوف سان ويڙھ ڪرڻ، ڪو ڇوڪرين يا انھن جي پيئرن سان پاڻھ هئڻ ڪارڻ نہ هئي. مون کي صرف ان ڪري باھ لڳي هئي جو اتي موجود پالتن ڪتن هن گندي ڪيڙي جي لاءِ تاڙيون ٽي وڄايون. مون ان مھل ڪليل ڪتاب جيان ڪيس پڙھي، هن جي نس نس کي سڃاڻي ورتو هو. جيتوڻيڪ زورڪوف واهيات ماڻھو هو، تنھن هوندي بہ هو زنده دل، گندي انداز سان جيئڻ وارو ئي سھي پر همت پريو ماڻھو هو ۽ ائين ٽھڪ ڏيئي هن منھنجي ڊيوئل ويڙھ واري ڳالھ کي ٽاري ڇڏيو ۽ هن جي اھڙي انداز جيڪري، منھنجو ڪيس ڳورو پوڻ پوري طرح اڃا پنھنجو رنگ ڏيکاري نہ سگھيو هو. اتي موجود سيني ڇورن جا ٽھڪ هن

جي طرفداري ڪري رهيا هئا. پوءِ هن مون مٿان ڪيترن ئي موقعن تي سواءِ ڪنهن ڏڪي ڏيڻ جي، سواءِ ڪنهن ٻڌل جي گهٽو ڪري سوپ ماڻي هئي. مان پنهنجي اندر ۾ هن جي لاءِ ڪو به ماڻ ميڙڻ سواءِ ئي خاموشي سان ڪاوڙ ۾ ويڙهجي، ڪنهن جي آوي جيان ڪائنس جلندو رهندو هئس ۽ ڪيس ڪو به جواب نه ڏيندو هئس. جڏهن اسان اسڪول مان پڙهي نڪتا هئاسين ته هن مون تي اڪيون ڪاڙيون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون هيون، مان تن جو ڪو به جواب نه ڏيندو هئس. مون لٻاڙ هٽڻ لڳو هئس پر دنيا جي رسم رواج موجب اسڪول مان نڪرڻ کانپوءِ اسان هڪ ٻئي کان الڳ ٿي وياسون هئاسون. گهٽو پوءِ مون هن جي هڪ ليفٽيننٽ طور ڪاميابي جون ڳالهيون ٻڌيون هيون ۽ اهو به ٻڌو ۽ ته هن جي زندگي ڏاڍو رڌل گذري رهي هئي. پوءِ مون هڪ ٻي افواه به ٻڌي ... جا هئي نوڪري ۾ هن جي ڪاميابي جي. انهيءَ ڪاميابي کانپوءِ گهٽي ۾ سامهون ٽيندي، هو مون کي لتاڙڻ لڳو هو ۽ مون کي لڳو هو ته زورڪوف مون جهڙي ڪين جهڙي ماڻهو کي ڪيڪارڻ ۾ پنهنجي توهين ٿي سمجهي، تنهن ڪري مون کي ڪيڪارڻ کان هو ڪيڻائي رهيو هو. مون کيس هڪ ٻيرو ٽيئٽر ۾ ڊرامو ڏسڻ واري ٽئين درجي جي باڪس ۾ به ڏٺو هو. هن جي ڪلهن تي آفيسري وارا ستارا لڳل هئا. هو هيڏانهن هوڏانهن ٻئي ٿي لميو، هن هڪ گهاگهه جنرل جي سياڻ وارو انداز ڏاري چورين جي نظرن ۾ پنهنجو مان مٿانهون ڪرڻ ٿي چاهيو. هو ٽن سال جي اندر گهٽو اڳتي وڌي چڪو هو، هو اڄا سوڌو سونهن پريو ۽ فنڪار ماڻهو هو. هن جي بيهڪ ڏسي هر ماڻهو اندازو لڳائي سگهيو ٿي ته ٽيهن سال جي عمر کي پڄندي هو گهٽو ٽلهو ٿي پوندو. اوهه! منهنجا سائين! هيءُ ئي اهو زورڪوف هو، جنهن کي سندس پوسٽنگ تي وڃڻ کان اڳ،

منهنجا يار رات جي ماني کارائڻ جا سانگ ستي رهيا هئا. هنن جو ساٿس اسڪول ڇڏڻ کان پوءِ جي ٽن سالن واري عرصي ۾ رابطو رهيو هو، جيتوٽيڪ انهن مان هر هڪ پنهنجي سر زورڪوف جي برابري کان ڪن هٺي رهيو هو.

سمونوف وٽ آيل ٻنهي ماڻهن مان هڪ روسي جرمن فرفيچڪن ... جنهن جو وڏي مٽي سان، پولي جهڙو ننڍڙو منهن هو، جو هر ماڻهو کي پوائنتو لڳندو هو، هيءُ اسڪول جي پرائمري درجي ۾ هئڻ واري وقت کان مون کي ڪچو ڪائي وڃڻ وارو منهنجو دشمن هو ... فرفيچڪن هڪ واهيات، واتوڙي، مڱيءَ وارو ماڻهو هو، جيڪو ٻين ماڻهن جي دل آزاري ڪرڻ جو انتهائي ماهر هو، پڪ سان چئجي تہ تنهن هوندي ب فرفيچڪن تراکڙو ۽ دل جو ڏڇٽو ماڻهو هو. هيءُ زورڪوف جي پيرن چمندڙ انهن پوئلڳن مان هڪ هو جن جا مفاد زورڪوف سان واڳيل هوندا هئا ۽ جي ڪڏهن ڪڏهن کانئس اوڏر وٺندا رهندا هئا. سمونوف جو ٻيو مهمان ٽروڊول يوبوف ڪنهن ب طرح ڪو وڏي قد ڪاٺ وارو ماڻهو نہ هو ... هي ڏڳهو نوجوان، فوج ۾ نوڪري ڪندڙ مائيٽو، ڪنهن حد تائين ايماندار هو، جيتوٽيڪ هن هر ڪاميابي جي اڳيان سر ٽي جهڪايو ۽ هي صرف پروموشنن جي باري ۾ ئي سوچي سگهيو ٽي. هيءُ زورڪوف جو پري جو مائٽ هو ۽ هيءُ چريو، جيئن ڏسڻ ۾ ايندو هو، اسان سيني کان ڪجهہ وڌيڪ اهميت زورڪوف کي ڏيندو هو. هن مون کي هرطرح سان بلڪل بيڪار ٽي سمجهيو؛ جيتوٽيڪ هن ۾ پنهنجائپ نہ هئي تنهن هوندي ب ٽروڊول يوبوف برداشت ڪرڻ جي لائق ماڻهو هو.

"چگو! پوءِ ائين تہ هر هڪ پنهنجي پتي جا ست روبس ڏيندو،" ٽروڊول يوبوف چيو، "اسان ٽنهي جا گڏائي ڪري ايڪويهہ روبل ٽيندا، جنهن سان اسان پلي ڊنر جي رٽ رڦي

سگھون ٿا. اسان جي مهمان زورڪوف کي يقينن ڪجھ به نہ پرٽو آھي."

"يقينن زورڪوف کي ڪجھ به نہ پرٽو آھي، چو ته اسان کيس نيندِ ڏيئي گھرايو آھي،" سمونوف پنھنجي ڳالھ ڪندي چيو.

"اوھان اھو ڪيئن سوچي سگھو ٿا،" فرفچڪن گرمجوشيءَ ۾ وڌائيءَ سان ڪنھن پڇ لٽڪائو جيان، جو پنھنجي مالڪ جنرل جي واڪاڻ ڪندو ھجي، وچ ۾ ٽپو ڏيندي ڳالھ ڪئي، "توھان اھو ڪيئن تصور ڪري سگھو ٿا ته زورڪوف فقط اسان کي ئي پيسا پرڻ ڇڏيندو؟ زورڪوف نماڻائيءَ مان اسان کي ائين ڪرڻ ته ڏيندو پر ھو پنھنجي طرفان ڪو اڏ درجن شيمپين بوتلن جو آرڊر ضرور ڏيندو."

"ڇا اوھان اسان چئن جي لاءِ اڏ درجن بوتلن جي آرڊر لاءِ راضي آھيو؟" ٽردول يوبوف فقط اڏ درجن بوتلن واري ڳالھ کي ڌيان ۾ رکي، پڪڙي سوگھو ڪري ورتو ھو.

"سو اسان ٽئي، چوٽون اسان سان زورڪوف، ايڪويھ روبل ، ھوٽل ڊي پئرس، سياڻي شام جو پنجين وڳي،" سمونوف، جنھن کي پورو انتظام ڪرڻ سپرد ڪيو ويو ھو، تنھن پنھنجو فيصلو ٻڌائيندي چيو.

"وري ايڪويھ روبل ڪيئن ؟" مون ٿورو تراکڙو ٿيندي چيو. مون کين اھو احساس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي ته ھنن منھنجي دل ڀچي وڌي ھئي؛ "جي اوھان مون کي به ڳٽيو ته اھي ايڪويھ نہ پر اٺاويھ روبل ٿيندا."

"ڇا تون پڻ اسان سان شامل ٿيڻ چاھين ٿو؟" سمونوف خوشيءَ جي ڪنھن به اھجاڻ جي منھن تي تري اچڻ سواءِ ئي وراڻيو. مون کي ائين لڳو جڻ ھن منھنجي اکين سان اکيون ملائڻ کان لنوايو ٿي. ھن مون کي ننھن کان چوٽيءَ تائين جاتو ٿي.

مون کي ان ڳالهه کاوڙائي وڌو هو ته سمونوف مون کي ننهن کان چونڊيءَ تائين سڃاتو ٿي.

"چو! پلا چو نه؟ مان پڻ هن جو پراڻو اسڪول جو يار آهيان، مون کي يقين آهي ۽ مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو آهي جو اوهان ڏکي ڏوٽي مون کي نکيڑي ڇڏيو آهي،" مون ٻيهر تپندي کين چيو.

"اسان تو کي ڪٽان ڳولهي ٿي سگهياسين؟" فرفچڪن مڙيوئي ڳالهه رکندي چيو.

"تنهنجا زورڪوف سان ڪي چگا لاڳاپا به نه هئا." ٽروڊبول يوبوف پنهنجي ناراضگي ڏيکارينديءَ ڪٽڪيو.

مون اڳ ئي انهيءَ ڏنر ۾ شامل ٿيڻ واري ساڻ سوڻ ۾ پنهنجا هٿ وجهي ڇڏيا هئا سو مون پوئتي پير هٽائڻ نه ٿي چاهيو.

"مون کي ائين پيو لڳي ته ڪنهن هڪ کي به اهو حق نه آهي ته ڪو ائين منهنجي لاءِ پنهنجي راءِ جوڙي،" مون ڏوڏيندڙ آواز ۾ گونجيو، جڏ ڪا اهم شيءِ ٿي هجي. "شايد! منهنجي شامل ٿيڻ لاءِ زور پرڻ جو مون وٽ اهو ئي سبب آهي جو منهنجا هن سان لڳ لاڳاپا ڪي بهتر نه رهيا آهن."

"اوهه، تو کي ڏکي ڏار نه ٿو ڪيو وڃي ... تون پنهنجي اندر جي ميڙ جهڙن بهترين سياون سان، اسان جي جيءَ ۾ جايون لهٽي،" ٽروڊبول يوبوف توهين آميز مرڪ منهن تي آڻيندي چيو.

"اسان تنهنجو نالو لکرائي ڇڏينداسون،" سمونوف مون سان مخاطب ٿيندي، پنهنجو فيصلو ٻڌايو.

"سياڻي پنجين وڳي هوٽل ڏي پئرس تي ملبو."

"پر پئسن جو چا ٿيندو؟" فرفچڪن جهيڙائيءَ سان سمونوف

کي منهنجي طرف اشارو ڪندي چيو. سمونوف چپ رهي نہ سگهيو هو ۽ پنهنجو وات ڦاڙي وڏو هئائين. هن جي اهڙي ڳالهه ڪرڻ ڪري ويندي سمونوف کي ب شرمندگي سان منهن ڏيڻو پيو هو.

"پيسا ٽي پوندا،" ٽروبول يوبوف اڻندي چيو. "جي هي اڇڻ ئي چاهي ٿو تہ ڪيس اڇڻ ڏنو وڃي."

"پر هيءُ تہ اسان يارن جي وچ ۾ هڪ ذاتي معاملو آهي." فرفچڪن، پنهنجي هيٽ ڪنڊي رک رکاءَ سواءِ سڌو چئي ڏنو. "هي ڪو ب سرڪاري ميل ميلاپ نہ آهي، جو هرڪو هليو اچي."

"اسان سڀ هر حال ۾ اهو نہ ٿا چاهيون، شايد ..."

اهي ٻئي جڻا اڃي هليا ويا. فرفچڪن ٻاهر نڪرندي مون ڏانهن نهاريو ئي ڪو نہ، ٽروبول يوبوف وڏيءِ مشڪل سان دل تي پٿر رکي هٽ لوڏيو هو. سمونوف، جنهن سان مان هاڻي اڪيلو رهجي ويو هئس، سو منهنجي هيئن ونج ڪنجي سندن وچ ۾ ٽپو ڏيئي ڪاهي پوڻ جيڪري مونجهاري ۽ ڪاوڙ جي ور چڙهي ويل هو ۽ مون کي سوال پڇندڙ نظرن سان ٽي ڏٺائين. سمونوف نہ پاڻ ئي ويٺو ۽ نہ ئي وري مون کي ويهڻ لاءِ چيو.

"هونهن ... هائو ... پوءِ سياڻي. ڇا تون پنهنجي ياگي جا پيسا هاڻي ڏيندين؟ بس اهو جاڻڻ لاءِ مون پڇيو آهي،" هو مون تي ترس کائيندي ٻڏڪيو هو.

مان ڳاڙهو ٽي ويس، مان جيئن ئي شرم کان ڳاڙهو ٽي ويس تہ مون کي ياد اڇي ويو تہ مون ڏانهن گهٽي عرصي کان سمونوف جا پندرهن روبل اڳ ئي رهتو هئا ... جي حقيقت ۾ هن کي ڏيڻ مون ڪڏهن ب نہ وساريا هئا، پر تنهن هوندي ب مان ايڏا تائين هن کي موڻائي نہ ڏئي سگهيو هئس.

"سمونوف تون ڇائين ٿو تہ جڏهن مان هيڏانهن پئي آيس تہ تنهن ويلي منهنجي وهم گمان ۾ ئي نہ هو تہ ڪو ائين پروگرام بہ ٿي سگهي ٿو ... مون کي گهٽي شرمساري آهي تہ مان اهو وساري ويٺو آهيان ...."

"ڇگو ڇگو ٺيڪ آهي، ڪو بہ فرق نہ ٿو پوي. تون سياڻي ماني کانپوءِ پنهنجي پتي جا پيسا ڏيئي سگهين ٿو. مون مرڳو ڇاڻ ٿي ڇاهيو .... سائين! مهرباني ڪري منهنجي ڳالهہ دل ۾ نہ ڪجانءِ ...."

سمونوف تڪڙو ڪيڏانهن وڃڻ جي واجهہ ۾ ٿي لڳو ۽ بي چيني منجهان ڪمري ۾ وکون پرڻ لڳو هو. هو جيئن ئي هن پير ٿي کنيا تہ سندس ڪڙين زور زور سان فرش تي ٿي گهليون.

"ڇا تو کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي،" مون ہن منڻن جي خاموشي کانپوءِ پڇيو.

"اوهہ!" هو چوڻ لڳو، "ها ڪيڏانهن نڪرڻو آهي ... جي سچي ڳالهہ ڪجي .... ائين ئي آهي. مون کي ڪنهن سان ملڻ جي لاءِ نڪرڻو آهي ... سو بہ هتان گهڻو پري نہ آهي،" من معذرتاڻي آواز سان چيو، جو هن جي مونجهہ جو ڏس ڏيئي رهيو هو. "تو اهو مون کي ڇو نہ ٻڌايو؟" مون هٿ ۾ پڪڙيندي، رڙ ڪئي هئي. مون پنهنجو پاڻ کي آزاد هوا ۾ پر ڦهلائيندي آزاد محسوس ڪيو هو.

"ڪٿي دور وڃڻو آهي ... ہن وکن کان وڌيڪ پري نہ وڃڻو آهي،" سمونوف مون سان ٻاهرين دروازي تائين ايندي پنهنجي ڳالهہ ورجائي، هو ايڏا تائين مون کي الجهيل لڳو هو.

"ٺيڪ آهي نہ، سياڻي پنجين بجي، وقت جو ڌيان رکڻ سيني ڳالهين کان مٿانهون آهي،" منهنجي ڊاڪٽ تان هيٺ لهندي، هن پنهنجي ڳالهہ ڪئي هئي. هو مون منجهان جان ڇڏائي گهڻو

سرهو ٿيو هو. مان ڏاڍي ڪاوڙ ۾ پرجي ويو هئس.

"مون تي ڪهڙو پوت سوار ٿيو هو، مون کي ڪهڙي نانگ ڪاڏو هو، جو مون پنهنجو پاڻ کي هنن مٿان ٽاڪيو هو؟" مون جيئن ئي ڳلي ۾ پير پاتو ته پنهنجي ڪچي ڪي ڳاري ۾ ڏيڻ جي سبب ڇاڻ لاءِ مون پنهنجا ڏند ڪرٽيندي، پنهنجي مٿان سوالن جي پرمار ڪئي. "هڪڙي ڪميني، اهو به زورڪوف جهڙي سوئر لاءِ! مون ائين ڇو پنهنجو پاڻ کي جنجال ۾ وڌو هو؟ پڪ اٿم ته منهنجي لاءِ اهو ئي بهتر ٻي آهي ته مون کي ان ڏنر لاءِ نه وڃڻ گهرجي. يقينن مون کي پنهنجا ننهن انهن جي جسم مان رانيونڊا ڏيئي، لنگهائي چڏڻ گهرجن. منهنجو هنن سان ڪو به ويجهڙائي وارو رشتو نه هو. مان سمونوف کي سياڻي واري ٽپال ۾ هڪ چٺي لکي موڪلي چڏيندس ..... ڪيس پنهنجي شامل نه ٿيڻ جو ٻڌائي چڏيندس."

پر جنهن شيءِ مون کي انتهائي چيڙائي وڌو هو، سا هئي منهنجي پڪ ته مون کي ڏنر لاءِ وڃڻو هو. تنهنڪري مون کي وڃڻ جو ئي سوچڻ گهربو هو: ۽ سڀ کان وڌيڪ ٻئي جيءُ جهوريندڙ ڳالهه اها هئي ته اتي منهنجو وڃڻ غير ضروري پئي لڳو. تنهن هوندي به مون وڃڻ جو فيصلو ڪري ورتو هو.

۽ مون وٽ پنهنجو پاڻ کي وڃڻ کان روڪڻ لاءِ هڪ گهربل سبب به هو: سو اهو ته مون وٽ پيسا نه هئا. مون وٽ جيترا به پيسا هئا، سي فقط نو روبل هئا. جنهن مان ست روبل مون کي پنهنجي ملازم اپولون کي سندس مهيني جي پگهار جا ڏيڻا هئا. مان کيس ايتري ئي مهيني جي پگهار ڏيننڈو هئس ... جنهن مان هو پنهنجي زندگيءَ جو گذارو ڪندو هو.

اپولون جي حالت کي جي ذهن ۾ رکجي ته هن کي سندس پگهار نه ڏيڻ منهنجي لاءِ ناممڪن هو. پر مون سوچيو ته مان

هن جي پگهار جو ڪو نہ ڪو بلو ڪري وڃندس، مان پنهنجي پگهار ڏيڻ واري ٻوجھ کي هلڪو ڪرڻ جو ڪنهن ٻئي ويلي بلو ڪري وڃندس.

مون چاتو ٿي تہ ڪجھ بہ ٿئي مون کي وڃڻو آهي ۽ پنهنجي ملازم کي سندس پگهار پوءِ ڏيندس.

اها پوري رات مان پوائتا خواب ڏسندو رهيس. اوهان جي لاءِ ڏندين آگريون اچيو وڃڻ جھڙي ڪا بہ ڳالھ نہ آهي؛ منهنجي پوري شام اسڪول جي ڏهاڙن جي من گهائيندڙ دل کي پيڙهيندڙ يادن سان گذري، منهنجي دل تي مگ ڏرندا رهيا. منهنجي پري جي مائٽن، مون کي اسڪول ۾ داخل ڪرايو هو، انهن ئي مٽن جي سهاري مون ٿي جيون گهاريو. اسڪول ۾ گهڙڻ کانپوءِ مون انهن جي باري ۾ ڪجھ بہ ٻڌو هو ... هنن اسڪول ۾ هڪ مايوس، خاموش، اڳ ئي پنهنجي چٽرن هيٺ پيڙهيل، اڳ ئي شڪ جي ور چڙهيل ۽ هر ڪنهن تي گهائيندڙ نظر وجهندڙ کي اسڪول پيڙو ڪيو هو. مون سان اسڪولي چورن ڏڪائيندڙ ۽ اوپرائپ وارين ٽئولين جو ورتاءُ رکيو، جو تہ مان انهن مان ڪنهن بہ هڪ جيان پوئواري وارو نہ هئس. مان انهن جا ڏنب سهي نہ سگهندو هئس؛ مان هنن کي ڪا بہ هيٹائيءَ واري ڏڪا نہ ٿي ڏيئي سگهيس جو ان ٿهيي ٽڪيي گهير منجهاران هو مون تي ڪاهہ ڪندا اچن. مان پهرئين ئي ڏهاڙي کان انهن کان نفرت ٿي ڪئي ۽ انهن کان ڊجندو ڊجندو ڪتي جيان پڇ لڪائي پنهنجي زخمي ٽيل ۽ لتاڙيل انا جو بچاءُ ڪندو رهيم. انهن جي ٽئولين منهنجي اندر ۾ آندڻ مانڊ کي جنم ڏنو هو. اهي مون کي منهنجي منهن تي منهنجي چوري ڏيڪ تي گاريون ڏيئي کلندا رهندا هئا؛ ۽ ائين چئجي تہ تنهن هوندي بہ انهن جا پنهنجا منهن ويتر بيوقوفاٽو ڏيڪ ڏيندا هئا. اسان جي اسڪول ۾ چوڪرن جي منهن تان بيوقوفي جي چلڪ ۽ ڪنهن اٻوجھ

ڏيڪ ويڪ تي ڪا به جهل پل نه هوندي هئي. ڪيترائي معصوم ڇهرن وارا ڇوڪرا اسان جي اسڪول ۾ ايندا هئا! سي وري ٿورن ئي سالن ۾ پوائتا ڏاڙهيندڙ ڪتا بنجي ويندا هئا. مان، ويندي سورهن سالن جو هوندي به انهن جي ڪل جوڳن ڇهرن هئڻ ڪري، مٿن پنهنجي گهري نظر ڊوڙائيندو هئس؛ ڪچي عمر هوندي به مون کي انهن ۾ معمولي سوچ، هوا سان پريل ذهن ڏسڻ ۾ آيا هئا. انهن جي ڪوڪلي جاکوڙ انهن جا ڪيل ڪوڏ، انهن جون ڳالهيون، سڀ ڪجهه هوائي هوندو هو. انهن ڇورن کي زندگيءَ جي سونهن ۽ سوڀيا جي سوجهه پوجهه ئي نه هوندي هئي. انهن سونهن ۽ سوڀيا جهڙن اهم دل کي ڇهندڙ شين ۾ ڪا به دلچسپي نه پئي ورتي. ائين به هو ته انهن کي پاڻ کان ڪمتر سمجهڻ کان، مان پنهنجو پاڻ کي روڪي ئي نه پئي سگهيم. ائين سوچڻ، ڪا منهنجي زخمي انا جي ڳالهه نه هئي، جنهن مون کي ائين سوچڻ تي مجبور ڪيو هو ۽ ڏٺي جي نانءَ تي اوهان کي منٽ ڪيان ٿو ته. مون تي پنهنجا ساڳيا جملا بار بار نه ڪڇيو، سي به التيون ڏيارينڊڙ جملا ته "مان رڳو ڏينهن ڏٺي جا خواب ڏسندڙ هئس." مان اوهان کي ٻڌايان ٿو ته انهن وٽ ويندي زندگي کي سمجهڻ جي به، سگهه نه هئي. انهن کي ڪنهن به شيءِ جو پتو ئي نه هو، انهن کي پرپور زندگي جو اندازو ئي نه هو ۽ مان ساک تي چوان ٿو ته اها ئي ڳالهه هئي جنهن ڪري مون هنن تي ڪهاڙيون ڪٽي سڏيون، ڪيون هيون. اسان جي سوچ جي ٽڪراءَ جي بنياد تي، سڀ کان سنئين سڏي، دل مان تير پار ڪندڙ حقيقت اها هئي ته مروج ڪاميابي کي هنن سيني وڏي للچائيندڙ بيوقوفي سان قبول ٿي ڪيو ۽ اهي رواجي سوچ جي مان کي ڏاڍو ساراهيندڙ هئا. هنن جي لاءِ زندگي جي ٻئي هر سونهن جا به هئي سا بس پيرن هيٺان لتاڙيل ۽ اڪارتي سمجهي ويندڙ هئي، تنهن تي هو دل ڪولي بي حيائي ۽ بي رحمي سان

ٿهڪ ڏيندا هئا. انهن پنهنجي ذهانت کان ٿي ڪم ورتو. سورهن سالن جي عمر ۾ به اهي ڪنهن محفوظ هنڌ تان پنهنجن ڪتن جا رسا ڇوڙي ڇڏيندا هئا. ها ائين ئي ڇئجي ته ائين ڪرڻ جي پويان به هنن جي بيوقوفي جو ئي هٿ هو. برن مثالن سان انهن جي نندپڻ ۽ چوڪرائپ ڪنهن گهروندي اندر سمايل هئي. اهي گهٽوئي اخلاقي قدرن کان وانجهيل هوندا هئا. يقينن انهيءَ اٿهوند جو بنياد پڻ ظاهري ڏيک ويک ۽ ٻين جون اوٽايون ڦلهوڙڻ ۾ هوندو هو. پڪ سان ڇئجي ته انهن جي اهڙين ئي سوچن ۾ جواني جوين جا جهلڪا ۽ تازگيءَ جا وهڪرا ويندي اجايو غرور به هوندو هو؛ پر تنهن هوندي به اها تازگي ماڻهو کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندڙ نه هوندي هئي ۽ پنهنجو پاڻ کي انهيءَ انداز ۾ وائکو ڪندي پنهنجي پت وڃائي ويهندي هئي. مان هنن سان دل جي پوري گهرائيءَ سان ڪراهت ٿي ڪئي، جيتوڻيڪ انهن مان ڪنهن به هڪ کان مان وڌيڪ بچڙي رافي ۾ قائل هوندو هئس. انهن جو رويو به مون سان ساڳيو حقارت پريو هوندو هو ۽ اهي مون ساڻ پنهنجي نفرت کي ڪڍهن به نه لڪائيندا هئا. پر تنهن ويلي مون کي هنن جي ساڻ جي گهرج جي ڪا به پرواه نه هئي: هنن جو ساڻ ڳولهڻ بدران، مون سدائين انهن جي توهين ٿيندي ڏسڻ ٿي چاهي. انهن طرفان منهنجي توهين ڪرڻ مان جند ڇڏائڻ لاءِ مون پنهنجي پڙهائيءَ سان دل لڳائي، همت ۽ محنت سان اڳتي وڌندو رهيس ۽ سڀ کان گهٽا نمبر ڪٽي وڃي پهرئين قطار جي شاگردن سان گڏ بيٺس. منهنجي ائين اڳتي وڌڻ، گهٽن ڇوڪرن کي مون ڏانهن مائل ڪري وڌو هو. وڌيڪ اهو به ڇئجي ته انهن کي گهٽو ڪري اها ڳٽتي به ورائي ويئي هئي ته مون اهي ڪتاب به چاٽيا هئا جي انهن مان ڪو هڪ به پڙهي نه سگهيو هو (سي ڪتاب اسان جي اسڪول جي نصاب جو حصو نه هوندا هئا) ۽ تن ڪتابن جو هنن اڃا سوڌي نالو ٻڌو ئي

نہ هو ۽ ائين مون شين کي بهتر انداز سان سمجهي ٿي سگهيو. هنن کي منهنجي هن سياٽپ واري، پيچري تي پير پائڻ گهائي وڌو هو ۽ هنن کي منهنجي هن سوجهري جي سفر چڪ پائڻ شروع ڪيا هئا پر اخلاقي طور منهنجي انهيءَ ساڃاهه جي سوپ جا قائل ٿي چڪا هئا. جڏهن خاص طور استادن منهنجي ان واڌ کي ڏسي، منهنجي سياٽپ جي واڌ جي واکاڻ ڪرڻ لڳا تہ منهنجي توهين ٿيڻ پنهنجا پساه پورا ڪري مري چڪي هئي پر تنهن هوندي بہ انهن چورن سان منهنجي دشمني پنهنجي پيرن تي ڪر ڪنيو بيٺي رهي ۽ اسان جي وچ ۾ ٻيائيءَ ۽ دشمنيءَ وارا لاڳاپا ٽڪر جي ٽاڻءَ جيان پچي پختا ٿي ويا هئا. مان ويڑهه واري هن ميدان ۾ آخر تائين پير جمايو بيهي نہ سگهيس: سالن تائين سماج لاءِ، يارن لاءِ پاڻ پتوڙيندي ڪي خال مون ۾ پنهنجو گهر ڪري ويا. مون پنهنجي ڪجهه اسڪولي ساٿين سان ياراٹا جوڙڻ جا جتن ڪيا؛ پر انهن سان منهنجي ويجهڙائي ڪنهن نہ ڪنهن طرح تائيل تائيل رهي ۽ انهن سان منهنجي ياري جي تمنا پاڻمرادو پنهنجي موت پاڻ مري ويئي. ائين چئي سگهجي ٿو تہ تنهن دؤر ۾ منهنجو هڪ يار هو. پر مان اڳ ئي دل جو گهٽو پڪو ٿي چڪو هئس؛ مون هن سان لامحدود پنهنجِي ڪرڻ ٿي چاهي؛ مون پنهنجي سگهه سان هن جي چوڌاري حقارت پريو ڪڙو چاڑهڻ ٿي چاهيو؛ مون ڪي هن مان اها اميد هئي تہ هو پنهنجي ارد گرد کان انتهائي حقارت ڪندو ۽ ان سان پنهنجا پورا لاڳاپا ٽوڙي ڇڏيندو. مون هن کي پنهنجي لامحدود لڳاءَ سان ڏيڃاريو؛ مون هن جي اکين ۾ ڳوڙهن جا واهڙ وهائي ڇڏيا. هو سادو ۽ وفادار جيو هو؛ پر جيئن ئي هن پوري طرح پاڻ کي منهنجي هٿ ڏيئي ڇڏيو تہ پوءِ جلد ئي مون هن سان نفرت ڪرڻ شروع ڪري ڏني ۽ هن کي پنهنجي در تان ڏڪي، ٽيڑي ڇڏيو ... هن لاءِ جو مون چاهيو ٿي سو اهو هو تہ مان هن جي

مٽان سوپ ماڻي سگهان، هن تي پنهنجو حڪم هلايان ۽ بس ٻيو ڪجھ ٻ نہ. پر مان ٻين سيني چوڪرن کي پنهنجي مرضي هيٺ آڻي نہ سگهيس؛ منهنجو هيءُ يار ڪنهن ٻ طرح انهن سيني جيان نہ هو، حقيقت ۾ هيءُ منهنجو يار انهن ٽورن ماڻهن مان هڪ هو، جنهن تي پنهنجو پاڻ کي مڙهي سگهجي ٿو. اسڪول ڇڏيندي، سڀ کان پهريائين مون اهو ئي ڪم ڪيو، جو منهنجي جيئڻ جو ڪارڻ هو، سو سيني سان لڳ لاڳاپا لاهي، پنهنجي ماضي تي ڪڙهندي، مون پنهنجي پيرن تان ڏوڙ هٽائي ... ۽ ڏٺي ئي ڇاڻي ٿو تہ ائين ڪرڻ ڪانپوءِ ٻ مون کي ڇو پنهنجا پير ڦٻائي سمونوف ڏانهن وڃڻو پوندو هو.

سمونوف جي گهران واپس ورڻ کان ٻئي ڏينهن صبح جو ساجهر مان ننڊ مان اٿيس ۽ ٽپو ڏيئي خوشيءَ مان هنڌ مان ٻاهر ائين نڪري آيس، جڏ منهنجي لاءِ هاڻي ئي زندگي کي واپس ورڻو هو. مون کي ائين لڳو هو تہ منهنجي زندگي ۾ ڪا بنيادي تبديلي اچڻي هئي ۽ سا ڪنهن ٻ قيمت تي انهيءَ ڏينهن ئي اچڻي هئي. تمام اٽلي ئي سهي، ڪيترو ٻ ننڍو ئي سهي، ڪو نئون ٽينڊڙ واقعو، نہ هئڻ جي برابر هوندي ٻ، مون کي اهو احساس ڏياري رهيو هو تہ منهنجي زندگي ۾ ڪا خاص تبديلي اچڻ لاءِ منهنجي در جي چائنڻ چمڙ واري هئي. تنهن هوندي ٻ مان آفيس ويس، پر ٻ ڪلاڪ اڳ ئي ڊنر ڪاڻ تيار ٽيڻ لاءِ آفيس مان گهر ترڪي آيس. مون سمجهيو سڀ کان اهم ڳالھ اها نہ آهي تہ سڀ کان اڳ پهچجي يا اهي ائين سمجهن تہ مان حد کان وڌيڪ خوش هئس. پر مون کي ٻين ڪيترين ئي ننڍين وڏين ڳالهين تي ڏيان ڏرڻو هو تہ جيئن مان انهن کي پنهنجي وڏائي ڏيکاري سگهان ۽ اهڙيءَ سوچ مون ۾ جوش ٽي پريو ۽ منهنجي بي صبري کي ٽي وڌايو. مون پنهنجا بوٽ پنهنجن هٿن سان ٻيهر پالش ڪيا؛ دنيا جي ڪا ٻ سگھ اپولون کان

هڪ ڏينهن مڙ ٻه پيرا بوٽ پالش ڪرائي نه ٿي سگهي، چو ته اپولون جو خيال هو ته ائين بار بار ساڳيو ڪم ڪرڻ هن جي گهربل ذميداري کان وڌيڪ هو. ان خبرداريءَ سان ته جيئن پڪڙيو نه وڃان، مان اپولون کان لڪي برش ڪنيو، ته جيئن هن جي توهين نه ٿئي. پوءِ مون وڏي باريڪ بينيءَ سان پنهنجي پائڻ وارين شين جو جائزو ورتو ۽ مون کي اهو احساس ٿيو ته منهنجي هر شيءِ مون کي گهٽو پراڻي، گريل ۽ ڏاڳا نڪتل لڳي. مان پنهنجو پاڻ کي لٽي ڪپڙي وڙهڻ مڙ ٽڪل رهڻ ڏنو هو. منهنجو يونيفارم شايد صاف ستُرو هو، پر مان پنهنجو يونيفارم پهري ڏنر لاءِ نه ٿي وڃي سگهيس. سڀ کان بري ڳالهه اها هئي ته منهنجي پينٽ تي گوڏي وٽان هڪ وڏو ڦڪي رنگ جو چٽو هو. اهو چٽو منهنجي لاءِ سٽو سؤنڊ نه هو، ان چٽي جيڪري منهنجي ذاتي عزت تي داغ لڳي ها ۽ جي ڪوئي به ان تي نظر وجهي ته ڏهن مان نو پيرا کيس منهنجي ڪسمپرسي نظر اچي ها. مون چاتو ٿي ته ائين سوچڻ بلڪل اجايو هو. "پر هيءُ ائين سوچڻ جو ويلو نه آهي: هاڻي مان ڪنهن ضروري شيءِ ڏانهن وڪ وڌائي چڪو هئس ۽ ان کان منهن موڙي نه ٿي سگهيس،" مون سوچيو ۽ منهنجي جي هنيانءَ تي لوڻ ٻرڪجڻ لڳو هو. مون پڙ چاتو ٿي ته ويندي پوريءَ طرح چگو چوکو هڻي ڪانپوءِ به مان ڪنهن شيطان جيان پنهنجي ظاهري ڏيک ويڪ مڙ وڌاءُ ڪري رهيو هئس. پر مان ان ڳالهه مڙ ڪري به چا ٿو سگهيس؟ مان پنهنجو پاڻ کي واڳ نه وجهي سگهيس ۽ اڳ ئي تپ جيڪري ڏکي رهيو هئس. نا اميديءَ سان مون پاڻ تصوير ڪشي ڪئي ته اهو بي جان ۽ اجائي ناز و نخري وارو زورڪوف ڪيترو ته نه "ذليل" ماڻهو مون سان ملٹو هو: بيوقوف ٽروبول يو بوف مون تي ڪهڙي ته نه جاهليت واري، برداشت کان ٻاهر توهين آميز پنهنجي نظر ڏوڙائيندو، ڪهڙي نه توهين آميز سخت

رويي وارو ڪينئون فرفچڪن مون تي ڪلندو ته جيئن هو زورڪوف مان ڪو فائدو ماڻي سگهي؛ هن ساري ماجرا کي سمونوف ڪهڙي ريت سهيڑيندو ۽ هو منهنجي مرهم پٽي ڪيئن ڪندو ته جيئن مان اهڙي توهين واري رويي جي پيڙهه ۽ هار مان نڪري، ٿڏو ساه پري ڪا سرهائي ماڻي سگهان ... ۽ سڀ کان بدترين ڳالهه ته اها ڊنر منهنجي لاءِ ڪيئن نه بي ملهه، اجائي، عام جڳهه ٿي پوندي. سو پڪ سان ائين چئجي ته سڀ کان بهترين اهو ئي ٿيندو ته مون کي ڪنهن به قيمت تي ڊنر لاءِ نه وڃڻ گهرجي. پر هاڻي ڊنر لاءِ نه وڃڻ منهنجي وس نه هو: جي مان مجبوري ۾ قاسجي نه ويس ته مان گپ ۾ گوڏي تائين گچي ويندس. مان پوءِ پنهنجو پاڻ تي ڪلندو رهندس ۽ پاڻ کي پٽيندو رهندس: "پاڙي ٿي ڪري تو پنهنجا هٿ ڪپي ڇڏيا، تو پنهجي اڪلاءَ مان هٿ ڪديي ڇڏيا، تو ست نه ساري مات مجي ورتي!" ان ڪري مون پنهنجي سوچ جي ابتڙ سهپ کان ڪم وٺڻ ٿي چاهيو ته ان پوري "ماٺهن جي ميڙ" کي ڏيڪاريان ته مان ڪنهن به طرح همت هارايل ماٺهو نه هئس، جيئن مان پنهنجو پاڻ کي سدائين همت پربو ڏسڻ ۾ ٿي آيس، تيئن کين اهڙو احساس ڏيارڻ ٿي چاهيو. وڌيڪ چئجي ته پنهنجي دوري جي شدت جي پوائتي ڊپ ۾، مون هنن کان پنهنجي مٿانهين هئڻ جا خواب پئي ڏٺا، انهن تي ڪوڙو پوڻ ٿي چاهيو، انهن کي پنهنجي مرضي سان گهلي وڃي کين زندگيءَ جا رنگ ڏيکارڻ ٿي چاهيا، مون هنن کي پاڻ جهڙو بنائڻ جا ٿي خواب ڏٺا ... مون فقط پنهنجي "خيال جي اتم هئڻ ۽ ڏاهي هئڻ" لاءِ ٿي خواب ڏٺا. مون منجهه اتساه ٿي ايريو ته انهن يارن جو ڊنر دوران زورڪوف کان ناتو ٽوڙيان ۽ پوءِ زورڪوف خاموشي ۽ شرمساري سان هڪ پاسي ٿي ويهي ۽ مان ڪيس پنهنجي پيرن هيٺان چيپاٽي ڇڏيان. پوءِ، شايد! منهنجو ۽ زورڪوف جو ٽاهه ٿي پئي ۽ پوءِ اسين سدائين دائم رهڻ واري

ياري لاءِ پيئون. ائين سوچيندي بہ سڀ کان وڌيڪ لوڻياڻي ۽ توهين آميز ڳالهه منهنجي لاءِ اها هئي تہ مون ڇاتو ٿي، پوري طرح ۽ پڪ سان ڄاتو ٿي تہ سڀ مڃ مون کي زورڪوف تي سوپ ماٹڻ جي ڪا بہ گهرج نہ هئي. سڀ پڇو تہ مون حقيقت ۾ هنن سڀني کي لتاڙي پنهنجي هيڻان ڪري، پاڻ ڏانهن مائل ڪرڻ نہ ٿي چاهيو ۽ مون کي نتيجي جي ڪڪ برابر بہ پرواهہ نہ هئي، ويندي جي مون انهن مٿان سوپ ماٹي ورتي تہ بہ ڪا پرواهہ نہ هئي. اوهہ! مون ليلائي هٿ کٹي پاڏايو ٿي تہ اچوڪو ڏينهن جلدي گذري وڃي! بيان کان ٻاهر اٹ تڻ ۾ مان ڳڙڪيءَ ڏانهن هليو ويس. دريءَ جي گسڪندڙ تاڪ کي ٽيڑيم ۽ گهاٹي ڪرندڙ آلي برفباري مان گهري اونداهي ۾ نظر ڊوڙايم. آخرڪار منهنجي ننڍڙي سادڙي گهڙيال جي سين پنجن جي عدد کي چميو. مون پنهنجي هئٹ هٹ ۾ ڪنئي. اها ڪوشش ڪيم تہ منهنجي نظر اپولون سان نہ ملي، جنهن پورو ڏينهن پگهار ملڻ جي اوسيئڙي ۾ گهاري ڇڏيو هو. پر هو پنهنجي چريائي جيڪري اڳيرو ٿي پگهار گهرڻ لاءِ ڳالهائڻ کان لنوائي رهيو هو. مان هن کان پاڻ لڪائي دروازي وچان کسڪي ويس، برف ۾ گسڪندڙ بگي ۾ ٽپو ڏيئي ويٹس، جنهن جي ڪرائي ڏيڻ لاءِ مون پاڻ وٹ اڏ روبل بچائي رکيو، مان شاندار انداز سان هوٹل ڊي پئرس ڏانهن ويندڙ راهہ تي رمندو رهيس.

❑

وندڻ چوڻون

مون کي هڪ ڏينهن اڳ ئي اها پڪ هئي ته اهو مان ئي هوندس جيڪو اسان مان هوڻل ڏي پئرس تي پهچڻ وارو سڀ کان پهريون ماڻهو هوندو. پر هيءُ اتي پهرئين پهچڻ واري ماڻهو جو سوال نه هو. نه فقط اهي سڀ اتي نه پهتا هئا پر مون کي اسان لاءِ بڪ ڪرايل ڪمرو ڳولهڻ ۾ به ڏکيائي پئي ٿي. ويندي اسان جي لاءِ ميز به نه هنئي ويئي هئي. هي ڳالهيون ڪهڙو ڏس ڏئي رهيون هيون؟ ڪيترن ئي سادن سوالن جي پڇڻ کانپوءِ مون کي ويٽرن کان پتو پيو ته ڊنر جو آرڊر پنجين وڳي نه پر ڇهين وڳي جو ڏنو ويو هو. اها ساڳي ڳالهه مون کي کاڏي واري ميز تي پڻ ٻڌائي ويئي هئي. ويٽرن کان سوالن تي سوال پڇندي مون ڏاڍي شرمساري محسوس ٿي هئي. هاڻي ته فقط پنج لڳي پنجويهه منٽ ٿيا هئا. انهن يارن، جي ڊنر جو وقت بدلايو هو ته گهٽ ۾ گهٽ مون کي پڻ اها ڄاڻڻ ڏيڻ گهرجي ها ... انهيءَ ڄاڻ ڏيڻ لاءِ ته پوسٽ آفيس آهي ۽ انهن کي مون کي منهنجين ئي نظرن ۾ ڪيرائي نه ڇڏڻ گهرجي ها ... مون کي ويٽرن جي اڳيان به ائين شرمسار ٿيڻ نه ڏنو وڃي ها. مان هوڻل ڏي پئرس ۾ ويهي انهن جو اوسيئڙو ڪرڻ لڳس: هاڻي هوڻل جي ملازمن ڊنر لاءِ ميزون لڳائڻ شروع ڪري ڏنيون هيون؛ مون ويٽرن جي موجودگي ۾ اڃا به وڌيڪ پنهنجي تذليل محسوس ٿي ڪئي. ڇهين وڳي جي ويجهو ٿيڻ تي ويٽر ميڙ بتيون ٻاري ڪني آيا. جيتوڻيڪ اتي

اڳ ئي بتيون ٻري رهيون هيون. جڏهن زورڪوف وارا پهتا تہ انهن کي آٽڻ ۾ ويٽر کي گهٽي ڏکيائي کي منهن نہ ڏيڻو پيو. پر وري ڪمري ۾ ٻہ اجهاڻل چهرا، ڪاوڙ سان ٻريل اکين سان ٻن ڏار ڏار ميزن تي خاموشي سان پنهنجي پنهنجي ڊنر کائي رهيا هئا. هوٽل ڊي پئرس ۾ ڏاڍو گوڙ هو، ڪمري ۾ ٽورو پريرو کان ماڻهن جا راڙا ۽ ٺهڪ هر ڪنهن کي ٻڌڻ ۾ ٿي آيا ۽ فرانسيسي ۾ هلڪڙي رڙ ٻڌڻ ۾ آئي: راڙي هنڌ مايون ڊنر ۾ رڌل هيون. حقيقت ۾ هي سمورو ماحول ڪنهن کي ٻہ بيمار ڪري ڇڏيندڙ هو. مون اهڙا ڏکائيندڙ پل زندگي ۾ گهٽ ئي گهاريا آهن. مان ائين چوندس تہ زورڪوف وارا سڀ گڏجي جڏهن پوري ڇهين وڳي پهتا تہ انهن کي ڏسي مان خوشي ۾ نہ ٿي ماپيس. جيتوڻيڪ اهي مون کي اڪيلائي مان ڪڍڻ وارا هئا ۽ ويندي مان اهو ٻہ وساري ويٺم تہ اها منهنجي ذميداري هئي تہ مان ڪين پنهنجي ناراضگي ڏيکاريان. زورڪوف سيني يارن جي اڳيان اڳيان هلي رهيو هو، ائين ٿي لڳو جڻ هو اڳواڻي ڪندڙ ماڻهو هو. زورڪوف ۽ ٻيا سڀ ٺهڪن ۾ گم هئا، مون کي ڏسندي ئي، زورڪوف ٻہ وڪون اڳتي وڌيو، مون ڏانهن ڪراهت جي لڪا سان پير ڪنيو هئائين، ڪيس چگا چوڪا ڪپڙا پهريل هئا. هن مون سان ياراڻي واري انداز جنهن ۾ پنهنجائپ وارو ياراڻو نہ هو، سان هٿ ملايو، هن جي انداز ۾ پرگهور لهٽ جهڙي پنهنجائپ هئي، جا ڪنهن جنرل جي وڏائي واري انداز سان پنهنجي هيٺئين آفيسر سان ملڻ واري پنهنجائپ جو ڏس ڏيئي رهي هئي (بس پنهنجائپ جو هڪ ڏيکاءُ هو)، جيتوڻيڪ مون کي هٿ ڏيندي هو ڪنهن شيءِ کان پاڻ بچائي رهيو هو. هن جو انداز مون کي پنهنجي سوچ جي ابتڙ لڳو، جو مون سوچيو هو تہ اندر گهڙندي ئي هو هڪدم ئي پنهنجي عادت موجب هلڪڙائپ، ڪرکر جي ڪلڪٽي ۾ ڪاهي پوندو ۽ پنهنجي ڪوڪلن يوگن جي ٻر مار

لاهي ڏيندو. ڪالهوڪي ڏينهن کان مان پاڻ کي هن جي اهڙي حرڪتن کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ڪري رهيو هئس، پر مون کي هن جي اهڙي ورتاءَ، جنهن ۾ منهنجو هن جي اڳيان معمولي هئڻ ۽ هن جي ڪنهن وڏي آفيسر جيان شفقت واري ورتاءَ جي، توقع نہ هئي. مون کي لڳو تہ اهڙيءَ انداز سان هن پنهنجو پاڻ کي هر ڪڙ ڪوت ۾ مون کان مٿانهون پئي پانيو! جي هن جو مطلب چڙو ائين ڪنهن وڏي آفيسر جي انداز جي ڏيک سان منهنجي بيعزتي ڪرڻ هجي ها تہ ائين منهنجي بي عزتي ڪرڻ سان منهنجي لاءِ ڪهڙو فرق پوي ها، مون سوچيو هو ... مان بہ هن جي ساڻئي انداز يا ہئي ڪنهن ورتاءَ سان کل لاهيان ها. پر حقيقت ۾ مان ڪجھ بہ نہ پئي ڪري سگھيس، وار ڪرڻ جي گھٽ ۾ گھٽ خواهش رکڻ منهنجو حق هو، اهڙيءَ ردِ جهڙي سوچ سان تہ هو مون کان وڏو ماڻهو آهي ۽ هو مون تي فقط شفقت واري نظر وجهي منهنجي پلي لاءِ ڪجھ سوچي سگھي ٿو؟ هن جي اهڙي انداز مون کي ہوسائي وڏن وڏن ساهن کڻڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو.

"مون کي اهو ہڏي حيرت ٿي هئي تہ تو بہ اسان سان هن ٽاجي ۾ شامل ٿيڻ ٿي چاهيو." زورڪوف ڳالهائڻ جي هڪ نئين انداز سان ڪن اکرن کي پچندي پوريندي ۽ ننڍيو وڏو ڪندي، پنهنجي ڳالھ شروع ڪئي، جا منهنجي لاءِ هڪ نئين شيءِ هئي. "تو ۽ مان هڪہئي سان ناتو ٽوڙي ڇڏيو هو، تون اسان کان لنوائيندو هئين، تو کي ائين لنوائڻ نہ گھرجي ها. اسان اهڙا پوائتا ماڻهو نہ آهيون جيئن تون اسان کي سمجهين ٿو. چگو! ڪجھ بہ هجي، مون کي اسان جي پنهنجائپ کي نئين سر جيارڻ تي سرهائي ٿي آهي."

۽ هو بي نيازي سان مون کان منهن موڙي دريءَ تي پنهنجي هٿ رکڻ لاءِ اڳتي وڌي ويو.

"چا تون ڏگهي ويلي کان اسان جو انتظار ڪري رهيو آهين؟" ٽروڊول يوبوف جاڻڻ لاءِ مون کان پڇي ورتو.

"مان توهان جي ڪالهوڪي ڏنل وقت موجب پنجين بجي ئي هتي پهچي ويو هئس،" مون وڏي واڪ خار منجهان ترڇ جواب ڏنو. منهنجي هن ئي انداز منهنجي ڳالهائڻ جو ڪين پئو ڏياريو.

"چا تو هن کي نه ٻڌايو هو ته اسان ڏنر جو وقت تبديل ڪري ڇڏيو هو؟" ٽروڊول يوبوف، سمونوف تي ڇوهه ڇنڊيو.

"نه، مان هن کي نه ٻڌائي سگهيو هئس،" سمونوف، پيٽاءَ جي ڪنهن به اهڃاڻ سواءِ ئي جواب ڏنو. هو مون کان معافي وٺڻ کان سواءِ هورس ڊي اوئور (بک وڏائيندڙ سوپ) جي آرڊر ڏيڻ لاءِ هليو ويو.

"اوهه! تون پوري هڪ ڪلاڪ کان هتي اڪيلو ويٺو آهين؟ اوهه! تون ڏاڍو نماڻو آهين!" زورڪوف توقع جي خلاف رڙ ڪئي. زورڪوف پنهنجي ورتاءَ موجب ڏاڍو عجيب هو. شيطان فرفچڪن نئين ڇاول اکيون بند ڪلر جيان ڪوڪاٽ ڪندي شرارتي طنزيه انداز ۾ ڪليو. منهنجي حالت ڪيس پڻ ٻاجهه جوڳي، يوڳ پري ۽ ذلت آميز آئڙي هئي.

"هيءَ ڪنهن به طرح مذاق جي ڳالهه نه آهي!" مون وڏ ڪان وڏ چڙندي فرفچڪن تي پنهنجي ناراضگي ظاهر ڪئي.

"هيءَ منهنجي نه پر ٻئي ڪنهن جي غلطي آهي. مون کي نظر انداز ڪندي، مون کي ڏنر جي نئين وقت جو نه ٻڌايو ويو هو. اها هئي ... اها هئي ... بس مورڳو ئي لاپرواهي."

"اها مورڳو لا پرواهي نه پر ٻيو ڪجهه به آهي،" ٽروڊول يوبوف پٽڪندي سادگيءَ مان منهنجو پاسو ورتو هو. "ان ڳالهه تي تپي باهه ٽيڻ ۾ ڪا به برائي نه آهي. ائين ڪرڻ فقط ڪنهن

جي توهين ڪرڻ برابر آهي ... ٿي سگهي ٿو غير ارادي طور ئي ائين ٿيو هجي. ۽ سمونوف کان ائين لاپرواهي ڪيئن ٿي سگهي ٿي ... هونهن!"

"جي مون سان اهڙي شرارت ڪئي وجي ها،" فرفچڪن پنهنجي ڏاهپ ڏيکاري، "مان کي ....."

"پر تو پنهنجي لاءِ ڪنهن شيءِ جو آرڊر ته ڏنو هوندو،" زورڪوف وارو وٺندي چيو، "مرڪو ائين نه هجي جو اسان جو اوسيئڙو ڪرڻ سواءِ ئي سنئون ستو ڊنر لاءِ چئي ڇڏيو اٿئي ....."

"مون کي ڳالهائڻ ڏيو .... جي مون کي ائين ئي آرڊر ڏيڻو هجي ها ته پوءِ مان اوهان کان اجازت وٺڻ سواءِ ئي ائين ڪري ٿي سگهيس،" مون زور سان کين پنهنجي ترڇ لفظن سان منهن ۾ چماٽ وهائي ڪڍي. جي مون انتظار ڪيو آهي ته اهو ....."

"يار! هاڻي ڪٽي ويهو به سهي،" سمونوف واپس ورندي رڙ ڪئي. "هر شيءِ تيار آهي؛ شيمپين جي لاءِ مان اوهان کي ٻڌايان ته اها پوري طرح جمي برف ٿيل آهي ... اوهان ئي هٿ لائي ڏسو. مون کي تنهنجي گهر جو پتو ئي نه هو، مان تو کي ڪاڏي ڳولينڊو وتان ها؟" هن اوچتو پنهنجو منهن مون ڏانهن ڦيريو، پر مون کي ٻيهار ائين لڳو هو جڻ هو مون سان پنهنجيون اکيون ملائڻ کان ڪترائيندو هجي. صاف ظاهر هو ته هن جي دل ۾ منهنجي لاءِ ڪا ٻاهه ٻريل هئي. اها ٻاهه شايد ڪالهه جو ڪجهه هن جي گهر ۾ ٿيو هو انڪري هن جي دل ۾ ٻري هجي.

سڀ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ويهي رهيا؛ مان به ويهي رهيس. ٽروبول يوبوف منهنجي ڪاپي، سمونوف ساڄي ۽ زورڪوف منهنجي سامهون ۽ ان جي ئي پر ۾ فرفچڪن، زورڪوف ۽ ٽروبول يوبوف جي وچ ۾ ويٺو.

"مون کي ٻڌاءِ، چا تون ... گورنمينٽ آفيس ۾ ڪم ڪندو

آهين؟" زورڪوف مون تي ڏيان ڏرندي مون کان پڇيو. هن منهنجي ويڳاٽ ڏسندي، اهو محسوس ڪيو هو ته مون سان زيادتي ٿي هئي ۽ هن پنهنجائپ ۾ منهنجي ڦٽن تي پهه رکڻ چاهيا. هن پانيو ٿي ته مون سان ڳالهيون ڪري هو مون کي خوش ڪري ٿي سگهيو.

"چا زورڪوف جي مرضي آهي ته مان بوتل سندس مٿي ۾ وهائي ڪيان؟" مون ڪاوڙ منجهه، دل ئي دل ۾ سوچيو. مان پنهنجي چوڌار جي هن عجيب و غريب ماحول ۾ غير فطري طور چٽرجي چيڙائجڻ لاءِ تيار ٿي چڪو هئس.

"آ ... آفيس ۾ ... " مون چرڪ پريندي، پنهنجي پليٽ ۾ اکيون ڇمائيندي جواب ڏنو هو.

"چا تنهنجي نو..وڪري پ..لي آهي؟ منهنجو مطلب آهي، چ...ا جي..ڪري تو پنهن..جي پهرئين نوڪري چ..ڏي ڏ..ني؟"

"مون پنهنجي پهه..رئي...ن نوڪري ان ڪري چڏي هئي جو اها مر..ون کي چڏٽي ئي هئي." مان کانئس وڌيڪ لفظن کي اينگهائيندي لفظن تي زور ڏنو. منهنجي لاءِ پنهنجو پاڻ کي سوگهو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو هو. سمونوف وات ڦاڙي مون کي ڏسندو رهيو. ٽروبول يوبوف ماني مان هٿ ڪڍي حيرت سان مون کي ڏسڻ لڳو.

زورڪوف مون کي پانپي وڃو هو پر هن جاکوڙيو ٿي ته منهنجي ڳالهه کي اڻ سمجهيو ڪري چڏي.

"۽ پگهار؟"

"ڪهڙي پگهار؟"

"منهنجو مطلب آهي تنهنجي پ..گهار؟"

"تون منهنجو امتحان چو وڌي رهيو آهين؟" جيئن تيئن

ڪري، مان يڪ زبان ڪيس پنهنجي پگهار ٻڌائي ڇڏي. مان پوائتي حد تائين ڳاڙهو ٿي چڪو هئس.

"اها ڪا خاص پگهار نہ آهي." زورڪوف وڏائيءَ مان وراڻيو.

"هائو، ان پگهار سان ماڻهو هوٽلن تي چانهه بہ نہ ٿو پي سگهي." فرفچڪن ڪراهت مان ڳالهه جو ڳالهوڙو بنايو.

"منهنجي خيال ۾ اها پگهار زندگي گهارڻ لاءِ متي برابر بہ نہ آهي." ٽروبول يوبوف سنجيدگيءَ مان چيو.

"ءِ يار تون گهٽو ئي سڪي سوڙهو ٿي ويو آهين! تون ڪيترو تہ نہ بدلجي ويو آهين!" زورڪوف ڳالهه ڳنڍيندي چيو، سندس آواز ۾ زهر پريل هو، هن مون تي ءِ منهنجي ڪپڙن تي ڪراهت مان نظر وڌي.

"اوهه! شرم کان ڳاڙهي ٿي ويل هن ويچاري جي جان ڇڏيو." هن کچڪو ڪندي رڙ ڪئي.

"منهنجا پيارا سائين! مون کي اجازت ڏيو تہ مان اوهان کي ٻڌايان تہ مان ڪو شرم کان ڳاڙهسرو ڪو نہ پيو ٿيان." آخرڪار مون قات کاڌو، "چا منهنجي ڳالهه اوهان جي ڪنين پئي؟ مان هتي ڊنر کائي رهيو آهيان، مان پنهنجا ئي پيسا پري هيءُ کاڌو کائي رهيو آهيان، نہ ڪي ڪنهن ٻئي جي پيسن تي ... مسٽر فرفچڪن، تو کي ڳالهه سمجهه ۾ آئي."

"چ..ا؟ ائين نہ آهي تہ هتي هرڪو پنهن...جي ئي پيسن تي کائي..ي رهيو آهي؟ ائين ئي آهي، تون ..." فرفچڪن مون تي گوگئي مرچ جيان ڳاڙهو ٿيندي ءِ ڪاوڙ مان منهنجي منهن ۾ تڪيندي پنهنجا ڏند ڪرٽيندي چيو.

"اه...و تہ" مون جواب ڏنو، اهو سوچيندي تہ مان هاڻي گهٽو اڳتي نڪري چڪو هئس، "مان سمجهان ٿو، بهتر اهو آهي تہ

هاڻي اجائي بڪ بڪ ڇڏي ڪي ڏاهپ پريون ڳالهيون ڪجن."

"لڳي ٿو ته تون اسان کي پنهنجي ذهانت ڏيکارڻ چاهين ٿو؟"

"پنهنجو پاڻ کي اجايو نہ الجهاءِ، اهي ڏاهپ پريون ڳالهيون هتي اجايون ٿي پونديون."

"چو تون ائين اجائي ڪچ ڪچ ڪري رهيو آهين، منهنجا پيارا سائين! اوهه؟ چا تون پنهنجي آفيس ۾ ڪم جي گهٽائي ڪري پنهنجي سياٽپ وڃائي ويٺو آهين؟"

"گهٽو ٿيو، منهنجا يار هاڻي گهٽو ٿيو!" زورڪوف ڏاڍر ڪندي رڙ ڪئي.

"ڪيتري نہ بيوقوفي جي ڳالهه آهي!" سمونوف ٻڌڪيو.

"هيءَ واقعي بيوقوفي واري ڳالهه آهي. اسان هتي سڀئي يار ان لاءِ گڏ ٿيا آهيون ته پنهنجي هڪ يار کي الوداعي ڏنر ڏيون ۽ اوهان سڀ هتي اجائي جهيڙي ۾ الجهي پيا آهيو." ٽرو دول يوبوف ڪاوڙ مان مون اڪيلي کي مخاطب ٿيندي چيو. "تو پنهنجو پاڻ کي گهلي آڻي اسان سان ڳنييو آهي، تنهنڪري هاڻي چگي پلي ماحول کي اجايو خراب نہ ڪر."

"گهٽو ٿيو ... هاڻي گهٽو ٿيو." زورڪوف رڙ ڪئي. "هاڻي ان ڳالهه جي پچر ڇڏيو، منهنجا سائين! اهڙي بڪواس ڪرڻ بلڪل اجائي آهي. بهتر اهو آهي ته مان توهان کي ٻڌايان ته ٽيون ڏينهن مون پنهنجي شادي ڪيئن ڪئي هئي ..."

۽ پوءِ زورڪوف جي کل جوگي ڳالهه ٻڌائڻ جو نئون انداز رڙهي پيو ته ٻ ڏينهن اڳ هن سياڻي جي شادي تر بتر ڪيئن ٿي هئي. هن جي پوري قصي ۾ شادي جي ذڪر جو هڪ لفظ ب شامل نہ هو، تنهن ڪهاڻي ۾ جنرلن، ڪرنلن سان لاڳاپن ۽

فوجي ساز و سامان جي ذڪر جو ڇيهه ئي نه هو، جڏهن ته ان ذڪر ۾ هر هنڌ زورڪوف پاڻ اڳيان اڳيان پئي هليو. ٽنهي هن جي اهڙين ڳالهين جي ٽهڪن جي گونج سان ڪلي ڪيڪار ٿي ڪئي؛ فرفچڪن انهن ڳالهين جي سچي هئڻ جي بار بار تائيد ٿي ڪئي.

هنن مان ڪنهن مون ڏانهن اک ڪٽي نهاريو ۽ نه ئي مان ڏهي ذرا پرزا ٿي، پنهنجو ماڻ وڃائي ويهي رهيس.

"اوهه! هي ماڻهو سڏرائڻ جي لائق نه آهن!" مون سوچيو. "مان پنهنجو پاڻ ڪي اجايو انهن جي اڳيان بيوقوف بنايو آهي! جيتوڻيڪ مون پاڻ فرفچڪن ڪي ڪنڌي اورانگهڻ ڏني هئي. ڪوئي ڪميٽو ئي مون ڪي ٻڌائي ته هنن جانورن مون ڪي پنهنجو پاڻ سان گڏ ويهاري ڪهڑي عزت ٿي ڏني. انهن ڪي پتو ئي نه هو ته اها منهنجي لاءِ نه پر انهن جي لاءِ عزت جي ڳالهه هئي ته مان انهن سان گڏ ويٺو هئس! مان انهن جي وچ ۾ اڪيلو ٿي سڪي سوڙهو ٿي ويو هئس! منهنجا ڪپڙا! اوهه! منهنجي گندي پينٽ، منهنجو جيءُ جلائڻ لڳي. زورڪوف جيئن ئي اندر گهڙيو هو ته هن منهنجي پينٽ جي گوڏي واري پيلي گندي چٽي ڪي ڏسي ورتو هو .... پر هاڻي چا هڙ حاصل ٿيٽو هو! مون سوچيو ته مون ڪي يڪدم ئي اٿڻ گهرجي، هن ئي پل، پنهنجي هٽ ڪڻان ۽ بس ڪنهن به لفظ چوڻ بنان هتان هليو وڃان ... پنهنجي بي عزتي پنهنجو پاڻ ساڻ سهيڙي هتان نڪري وڃان! ۽ پوءِ سياڻي مان عزت ورائڻ ڪاڻ زورڪوف ڪي **ڊيوئل ويڙهه** جو پيغام ڏياري موڪليان. هي شيطان! منهنجي هتي ويهڻ سان جيتوڻيڪ سمجهندا ته مون ڪي ستن روبلن جي پرواه آهي ... مون ڪي تن جي ڪا پرواه ناهي. مون ڪي ستن روبلن جي پرواه ئي نه آهي. مان هن ئي ويلي هتان هليو ويندس!"

اهڙين سوچن جي باوجود مان اتي ٽنگيو ئي رهيس. مان

پنهنجي بي عزتي جيڪري ڪاوڙ ۾ اچي، وائين جو پريل گلاس ڊوڪي ويم. جهٽ ڊوڪڻ ڪري، پهريون پيرو مون تي تڪڙو ئي وائين پنهنجو اثر ڪيو. جيئن ئي وائين جو اثر منهنجي متي ۾ گهڙيو ته ان منهنجي ڪاوڙ کي تهائين وڌائي ڇڏيو. مون تي پوت سوار ٿيو ته مان هاڻي انهن جي بي عزتي ڪري پوءِ هتان هليو وڃان. موقعي جو فائدو وٺي کين اهو ڏيکاريان ته مان گهٽو ڪجهه ڪري سگهان ٿو. جيئن اهي چئي ڏين، "جيتوٽيڪ هي ماڻهو واهيات آهي پر تنهن هوندي به هيءُ گهٽو ذهين آهي." ۽ ... ۽ ... منهنجي لاءِ سڄ مڄ اهي سيئي وڃي ڪڏ ۾ پون ها!

مان پنهنجي نندڪڙن نيٽن سان انهن سيني جي توهين آميز انداز سان جاچ ڪئي پر مون پسيو ته اهي سيئي مون کي پوريءَ طرح وساري ويٺا هئا. اهي هل هنگامي ۾ ڪن ڦاڙيندڙ آوازن سان ڳالهيون ڪندي ڏاڍو خوش هئا. انهن مان رڳو زورڪوف گهٽو ٽي ڳالهايو. مان ڪن لائي ڪيس ٻڌڻ لڳس. زورڪوف ڪنهن ڀهڪندڙ مائي جي ڳالهه ٽي ڪئي، جنهن جون ڳالهيون ڪندي، پوءِ هن تنهن مائي کي پنهنجو پيار ڪوٺيو (يقينن هن گهوڙي جي اجاين چالن جيان ڪوڙ ٽي بڪيو) ۽ ان نينهن جي ناتي ۾ هن پنهنجي هڪ ويجهي يار جي مدد ڪرڻ جو ذڪر ڪيو، جيڪو هڪ شهزادو هو ۽ ان جو نانءُ ڪوليا هو، ڪوليا آرمر (Armour) آفيسر هو ۽ انهيءَ جا ٽي هزار هاري غلام هئا.

"۽ تنهن هوندي به هي ڪوليا، جنهن جا ٽي هزار هاري غلام آهن، اهو اڄ رات هتي اوهان سان ملڻ لاءِ نه اچي سگهيو آهي،" مون اوچتو ئي هن جي ڳالهه ٽوڙيندي ٽوڪ ڪئي.

هڪ منٽ جي لاءِ سيني تي سانت چانئجي ويئي. "تون اڳي ئي گهٽو پي چڪو آهين." آخرڪار ٽروبول يوبوف پنهنجي ڪوڙي انا جي خول مان نڪري، اڪيون ڦاڙيندي، ڪراهت مان

منهنجي طرف اکيون ڦيرائيندي، مون تي نظر وجهندي چيو. زورڪوف ڪنهن لفظ ڪڍڻ سواءِ ٻي منهنجو ائين جائزو ورتو هو جڏ مان ڪنهن گندي نالي جو ڪيڙو هئس. مون پنهنجيون اکيون جهڪائي ڇڏيون. سمونوف شيمپين سان گلاسن کي پرڻ ۾ اڀهرائي ڪرڻ لڳو.

ٽروبول يوبوف پنهنجي گلاس کي هٿ ۾ جهلي ايو ڪيو، سواءِ منهنجي هرهڪ گلاس هٿ ۾ ڪئي، اکين سان اکيون ملائيندي گلاس مٿي ڪيا.

"سفر دوران تنهنجي سٿي تندرستي ۽ پلي پاڻ جي نانءِ!" ٽروبول يوبوف، زورڪوف کي تڪيندي رڙ ڪئي. "پراڻين يادن جي نانءِ اسان جي مستقبل جي نانءِ اچو ته گلاس خالي ٿي وڃن!"

انهن سيني پنهنجا گلاس گلاسن سان ٽڪرايا ۽ سڀ زورڪوف کان مٿي وٽڻ لاءِ هن جي چوڌاري گڏ ٿي ويا. مان پنهنجي هنڌ ئي ڇميو ويٺو رهيس، منهنجو پورو پريل گلاس منهنجي اڳيان اڻ ڇهيو ئي رهيو.

"چو؟ چا جي ڪري تون نه ٿو پيئين؟" ٽروبول يوبوف پنهنجو صبر وڃائيندي، مون کي ڪچو ڪائي وڃڻ واري انداز سان گجيو.

"مان ڪا ٻئي ڳالهه ڪرڻ ٿو چاهيان، منهنجي پنهنجي ڳالهه ... ۽ تهان پوءِ مان پيئندس، جناب ٽروبول يوبوف."

"ڪروڌ سان پريل زهر اوڳاڇيندين!" سمونوف پٽڪيو. مان ڪرسي تان اٿي بيهي رهيس، پريل گلاس منهنجي هٿ ۾ پڪڙيل هو، مان ڪنهن به غير معمولي واقعي جي ٿيڻ لاءِ پاڻ کي تيار ڪري ورتو هو، جيتوڻيڪ مون کي ڪو به پتو نه هو ته مان چا ٿي چوڻ چاهيو.

زورڪوف ڏاڍي بي چيني سان منهنجي وات کولڻ جو

انتظار ٿي ڪيو. اهو ڄاڻندي ته ڪو ممڻ مڇڻ وارو هو.

"مسٽر ليفٽيننٽ زورڪوف،" مون ڳالهه شروع ڪئي، "مون کي اجازت هجي ته تو کي ٻڌايان ته مان پهاڪن، پهاڪن جي ڇانو ۾ لڪندڙ ۽ عورتن جي لباس ۾ لڪندڙ مردن سان حقارت ڪريان ٿو ... اها سڀ کان پهرئين ڳالهه آهي ۽ ان کانپوءِ ٻي ڳالهه جو ذڪر ڪندس."

سيني تي سانت ڇانڻجي ويئي.

"ٻي ڳالهه: مان لٻاڙ ۽ لٻاڙين سان نفرت ڪندو آهيان. خاص طور لٻاڙين سان! ٽئين ڳالهه: مان انصاف، سچ ۽ ايمانداري تي ساهه ڏيندو آهيان." مون گهٽو ٽٽو مڪينيڪل انداز سان ڳالهيون ٿي ڪيون، ڳالهه شروع ڪرڻ لاءِ مان ڪنهن اڃاتي خوف کان ڏڪي رهيو هئس ۽ مون کي اندازو ئي نه ٿيو ته مون هيئن ڳالهيون ڪيئن ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون هيون. "مان سچ جو قدردان آهيان، جناب زورڪوف؛ مان سچي ياري تي ساهه ڏيئي ويساهه ڏيڻ وارو ماڻهو آهيان، اهڙي ياري جا برابري تي جڙيل هجي ۽ جنهن ۾ چاپلوسي جون نانءُ ۽ نشان نه هجي ... اونهن! ... مان ياري تي ساهه ڏيئي سگهان ٿو ... پر تنهن هوندي .... ياري لاءِ چو نه ساهه ڏجي؟ منهنجا سائين زورڪوف! تنهنجي چگي پلي لاءِ، تنهنجي هٿان ڪاڪيشيائي (ڪوهه ڪاف) مسلمان چوڪرين کي جنسي حوس جي پورائي لاءِ قاسڻ لاءِ، پنهنجي وطن ڪارڻ دشمنن کي گوليون هڻڻ لاءِ ۽ ... ۽ تنهنجي تندرستي لاءِ، مان پڻ جام خالي ڪري سگهان ٿو."

زورڪوف پنهنجي سيٽ تان اڌي بيهي رهيو، مون ڏانهن جهڪيو ۽ چيائين: "مان تنهنجو تمام گهٽو ٿورائتو آهيان." زورڪوف پوري طور گهائل ٿي پيلو ٿي ويو هو.

"اسان وارو هي يار وڃي جهنم ۾ پوي." ٽروبول يوبوف، مون

ڏانهن اشارو ڪندي، ميز تي پنهنجي مڪ هٿندي گونجيو.

"ٺيڪ ٿو چئين، هن کي ان حرڪت جيڪري منهن ۾ مڪن جي گهرج آهي،" فرفچڪن وڏي واڪ چيو.

"اسان کي گهرجي ته هن کي هتان ڏکي ٻاهر ڦٽو ڪريون،" سمونوف مڙ مڙ ڪئي. "وڌيڪ ٻيو ڪو بہ لفظ نہ ... منهنجا سائين! ٿورو ترسو!" ڪنهن جنرل جو سپاءُ ڏيندي، زورڪوف وڏي شان سان رڙ ڪئي. "اوهان سڀني جا مون تي ٿورا ٿيا، پر مان اوهان کي ٻڌائي ڇڏيان ته هن جي لفظن کي مان ڪا بہ اهميت نہ ٿو ڏيان."

"مسٽر فرفچڪن، تون سڀاڻي پنهنجن هاٿوڪي ڳالهايل لفظن جو جواب ڏجانءِ!" مان فرفچڪن ڏانهن منهن موڙيندي ڏاڍيان چيو.

"تنهنجي مراد آهي مرڻ مارڻ واري ويڙهه؟ يقينن وڙهبي،" هن جواب ڏنو. مان ايترو ته گهٽو اپهرو ٿي چڪو هئس ۽ ايترو ته اڇيو ٿي پيو هئس جو منهنجا لفظ منهنجي ڏيک ويک جو ساٿ نہ ڏئي سگهيا هئا. فرفچڪن سميت هو سڀ ڪل ۾ ٻڏي ويا.

"ائين ئي، هن کي اڪيلو ڇڏي ڏيو، مٿس نشا چڙهي ويا آهن،" ٽروبول يوبوف ٽوڪ مان چيو.

"مان پنهنجو پاڻ کي، هن کي اسان سان شامل ٿيڻ جي اجازت ڏيڻ ڪري ڪڏهن بہ معاف نہ ڪري سگهندس،" سمونوف وري پڙ پڙ ڪئي.

"هاڻي اهو وقت اچي ويو آهي ته مان سندن مٿن ۾ بوتلون وهائي ڪيان،" مون پنهنجو پاڻ ئي، ائين سوچيو. مون بوتل هٿ ۾ کنئي ... ۽ پنهنجو گلاس پريو ... "اهو ئي بهتر آهي ته مان هاڻي ويهي رهان،" منهنجي ذهن ۾ هڪ لهر ايري؛ "منهنجا يارو! اوهان کي خوشي ٿيندي، جي مان هتان هليو وڃان. مون کي ڪا بہ

سگھ هتان ٹيڑي نہ ٹي سگھي. مان هتي ئي ويٹو رهندس ۽ آخر تائين پيئندو رهندس، ڪنهن مقصد جي پورائي ڪاڻ ... ان علامت طور تہ مان اوهان کان ننهن برابر بہ نہ ٹو ڊجان. مان هت ويٹو هوندس ۽ پيئندو رهندس، ڇاڪاڻ تہ هيءَ جڳھ ڪنهن جي بہ ملڪيت نہ آهي ۽ مون هتي ويهڻ جا پنهنجا پيسا پريا آهن. مان هتي ئي ويٹو هوندس ۽ پيئندو رهندس، مان اوهان تي ائين نظر ڦيرائيندس، جيئن عقابي نظرون رڻ جو جائزو وٺنديون آهن، ڇڻ وشال آسمان مان اوهان تي نظر رکڻ لاءِ مون کي عقابي لامارا ڏيڻا آهن. مان هتي ئي ويٹو رهندس ۽ پيئندو رهندس ... ۽ جي مون چاهيو تہ ڳائيندس بہ، ها! ... ڳائيندو رهندس، ان لاءِ تہ ڳائڻ جو مون کي حق آهي ... ڳائڻ ... هونهن!"

پر مون نہ ڳاتو. بس! مون ايترو ڪيو جو انهن مان ڪنهن بہ هڪ تي نظر نہ وڌي. مون انهن سان انتهائي لاپرواهي وارو رويو ڏاريو ۽ وڌي بي صبريءَ سان انهن جي ڳالهائڻ جي اڳرائي جو اوسيئڙو ڪيو. ڪاش! اهي مون کي مخاطب ٿين هان. اهي مون کي مخاطب ئي نہ ٿيا! اوهہ مون انهن مان اهڙي اميد ڪيئن ٿي رکي، مون انهيءَ ويلي ڪيئن ٿي چاهيو تہ انهن سان منهنجو ٽاهہ ٿئي. هوٹل ڊي پئرس ۾ اٹ ٿيا ۽ پوءِ نو. اهي ڪرسين تان اٿي وڃي صوفن تي ويٹا. زورڪوف لائونج ۾ پنهنجو پاڻ کي آهلي ڇڏيو ۽ پنهنجو هڪ پير گول ميز تي رکي ڇڏيو. اتي وائين آندو ويو. زورڪوف اتي پنهنجي ڪاتي ۾ ٽن بوتلن جو آردر ڏنو. مون کي انهن پاڻ سان شامل ڪرڻ جي نيندِ نہ ڏني. اهي سڀ زورڪوف جي چوڌاري صوفي تي ويٹا. اهي ڪن لائي، ائين چئجي تہ ڪنڌ جهڪائي ڪيس ٻڌندا رهيا. ائين پئي لڳو جڻ اهي سڀ هن جا ديوانا هئا. "هي ڇا جي لاءِ زورڪوف جا ديوانا هئا؟ ڇا جي لاءِ؟" مان حيران هئس. وقت بوقت اهي نشي ۾ مهو ٿي لڏندا لمندا ٹهلندا رهيا ۽ هڪ ٻئي کي چمينڊا رهيا. انهن

ڪوھ ڪاف جون ڳالھيون ڪيون، قدرتي سھڻي ڏيک جون ڳالھيون ڪيون، نوڪري ۾ بھترين مقام ماڻڻ جون ڳالھيون ڪيون، آرمر جنھن کي پوڏارزيوسڪي چئبو آھي، ان جي آمدني جون ڳالھيون ڪيون، آرمر جي انھن مان ڪنھن ھڪ کي بہ ڄاڻ نہ ھئي، شھزادي ڊي جي غير معمولي وڏائي جون ڳالھيون ڪيون، جنھن کي انھن مان ڪنھن ھڪ بہ نہ ڏٺو ھو، پوءِ شيڪسپيئر جي لازوال ھئڻ جون ڳالھيون ڪيون.

مان ان ئي ڪمري ۾ ھنن جي صوفن جي مخالف ڏسا ۾، حقارت مان مسڪرائيندي ھيڏي ھوڏي ٽھلندو رھيس، ميز کان چمني تائين ۽ وري واپس. مون پنھنجي ننھن چوٽيءَ جو پورو زور لڳايو تہ انھن کي اھو احساس ڏياريان تہ مان انھن سواءِ بہ جي سگھان ٿو ۽ تنھن ھوندي بہ پنھنجي ڪڙين کي رڳڙيندي مون ڄاڻي واڻي پنھنجي بوٽن سان آواز ٿي ڪيو. پر منھنجا سڀ جتن رائگان ٿي ويا. انھن مون ڏانھن ڏيان ئي نہ ڏريو. مون انھن جي ڀ ۽ھون ساڳئي ھنڌ، ميز کان چمني تائين، اٽين کان يارھين تائين ٽھلندي وڏي ھمت جو مظاھرو ڪيو. "مان ھيڏانھن ھوڏانھن ٽھلندي پنھنجو پاڻ کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ائين ڪرڻ کان مون کي ڪوئي روڪي نہ پئي سگھيو." بيرو، جيڪو ڪمري جي اندر ٿي آيو ۽ ويو، سو بار بار رڪي مون تي پنھنجي نظر وجھندو ٿي رھيو. مون بار بار ائين ٽھلڻ ڪري، ڪنھن حد تائين اڪثر لوڏا ٿي کاڌا. ڪڏھن ڪڏھن مون کي ائين ٿي لڳو تہ جڻ مان ڏاڍو تپجي پيو ھئس. انھن ٽن ڪلاڪن جي دوران مان ٿي پيرا پگھر ۾ شل ٿي ويس ۽ وري ٻيھر خشڪ ٿي ويس. ڪڏھن ڪڏھن ان سوچ سان تہ ھتي وقت اينگھجي. ڏھ سال، ويھ سال، چاليھ سال ٿي پوندو ۽ پوءِ بہ چاليھ سالن لاءِ مان شدت سان انھن ڪيرن، سڀ کان وڌيڪ تہ مشڪرن ھٿان ٽيل پنھنجي توھين ۽ پنھنجي زندگي جا سڀ کان وڌيڪ

تڙپائيندڙ پل وساري نہ سگھندس ۽ بيعزتي جي احساس جيڪري شديد چيندڙ سور منهنجي دل تي بر بار وار ڪندي، پنهنجا ويڙهيا ٽي وسايا.

ڪو بہ ماڻهو پنهنجي وت کان وڌي پنهنجو پاڻ کي بي حيائيءَ سان کاهي ۾ هيٺ ڪيرائڻ جي لاءِ ايترو اڳتي نہ ٽو وڃي سگھي ۽ ان جي پوري ڪٽ هوندي بہ ميز کان چمني تائين ٽهلندي، مون ائين ئي ڪيو. "ڪاش! جي اوهان فقط اهو ڄاڻي سگھو تہ مان ڪهڙين سوچن ۽ احساسن جي ماڻڻ جي قابل آهيان، مان ڪيترو نہ مهذب ماڻهو آهيان!" گهٽن ئي پلن ۾ صوفن سان مخاطب ٿيندي جن تي منهنجا ويري ويٺا هئا، مون اهو ئي سوچيو. منهنجي ويرين مون سان اهڙو ورتاءُ ڪيو، جڙ مان هنن جي لاءِ ڪمري ۾ هئس ئي نہ. بس هڪ پيرو ... جڙو هڪ پيرو ... انهن مون ڏانهن پنهنجا منهن موڙيا، بلڪل انهيءَ ويلي، جنهن ويلي زورڪوف شيڪسپيئر جون ڳالهيون ٽي ڪيون ۽ مان اوچتو زورڪوف تي طنزيہ ٽهڪ ڏنو هو. مان اهڙي تہ اثرائتي ۽ توهين آميز انداز سان ٽهڪ ڏنو هو جو انهن سڀني جي ڳالهين جو سلسلو ٽٽي پيو هو ۽ پوءِ اهي خاموشيءَ ۽ گهرائيءَ سان مون کي هڪ ٻن منٽن لاءِ ميز کان چمني ڏانهن ٽهلندي ڏسندا رهيا، انهن ڏانهن ڪو بہ ڌيان نہ ڏرندي، مان ٽهلندو رهيس. پر ان مان بہ مون کي ڪو لاڀ نہ مليو: انهن ڪجهہ بہ نہ ڪيو ۽ ٻن منٽن اندر ئي مون تي ٻيهر پنهنجو ڌيان ڏرڻ ئي ڇڏي ڏنو. وقت گذرندو رهيو ... پوءِ يارهن ٽيا.

"يارو!" زورڪوف صوفي تان اٿندي چيو، "اچو تہ هاڻي جو هاڻي اسان سڀئي پنهنجي پنهنجي گهر جي راهہ وٺون!"

"ائين ئي ڪجي سائين! اهوئي ٺيڪ آهي،" سيني راضپو ڏيڪاريو. مون تيزي سان زورڪوف ڏانهن لوهہ پاتي. مان ايترو تہ هيسيل، ايترو تہ ٽڪل هئس جو مون چاهيو تہ پنهنجو ڳلو

ڪٽي پنهنجي زندگي جي پڇاڙي ڪري ڇڏيان. مان تپجي پيو هئس؛ منهجا وار پگهر سان پرجي پڇي پيا هئا ۽ منهنجي نرڙ ۽ لونڊڙي سان چنبڙي پيا هئا.

"زورڪوف! مون کي معاف ڪجانءِ" مون اوچتو ۽ پختگيءَ سان چيو.

"فرفچڪن، تو کان پڻ ۽ ٻئي هر ڪنهن کان، هر ڪنهن کان معافي گهران ٿو: مان اوهان سيني جي توهين ڪئي آهي، مون کي معاف ڪجو!"

"آها .... اوهه! ... عزت لاءِ ڊيوئل ويڑهه تنهنجي زندگي جو حصو ئي نه آهي، اي نپاٽا ماڻهو." فرفچڪن ويچارا ڪيندي زهر اوڳاڇيو.

مون پنهنجي دل ۾ سور جي ڏاڍ کي چيت جيان چيندي محسوس ڪيو.

"نه، اها ڳالهه نه آهي جو مان ويڑهه کان ڊنل آهيان، فرفچڪن! مان تو سان سياڻي اسان ٻنهي جي سهمت ٿيڻ کانپوءِ ڊيوئل ويڑهه وڙهڻ لاءِ تيار آهيان، مان ڊيوئل ويڑهه لاءِ چوان ٿو ۽ تون ان کان انڪار نه ٿو ڪري سگهين. مان اوهان کي اهو ڏيکارڻ چاهيان ٿون ته مان ڊيوئل ويڑهه کان ڊنل نه آهيان. تون پهريائين فائر ڪجانءِ ۽ مان هوا ۾ فائر ڪري ڇڏيندس."

"هيءُ پنهنجو پاڻ کي آڏت ڏئي خوش ڪري رهيو آهي،" سمونوف چيو.

"هي چڙو هوائي ڳالهيون ڪري رهيو آهي،" ٽروبول يوبوف چيو.

"پر اسان کي هاڻي وڃڻ جو رستو ڏي. تو اسان جو رستو ڇو روڪيو آهي؟ تون چا ٿو چاهين؟" زورڪوف نازءِ نخري سان سان چيو.

اهي سڀ نشي ۾ ٻڏاٽا هئا، انهن جو اکيون ٻري رهيون هيون: انهن تمام گهڻو پيتو هو.

"مان تو کان پنهنجي ياري جيڪري معافي گهران ٿو، زورڪوف، مان تنهنجي توهين ڪئي آهي، پر ..."

" تو توهين ڪئي آهي؟ تو منهنجي توهين ڪئي آهي؟ سمجهيئي! تون ڪڏهن بہ، ڪنهن بہ حالت ۾، ڪجهہ بہ ڪري منهنجي توهين نہ ٿو ڪري سگهين."

"ءِ اهو ئي تنهنجي لاءِ گهٽو آهي. رستي کان هٽي پري ٽيءُ!" ٽروبول يوبوف ڳالهين جي پڇاڻي ڪئي.

"دوستو اولمپيا منهنجي آهي، ان تي اسان سڀ سهمت آهيون." زورڪوف رڙ ڪئي.

"اسان تنهنجي حق تي اعتراض ڪرڻ وارا ڪير آهيون، اسان تنهنجي حق تي اعتراض ڪري ئي نہ ٿا سگهون،" ہين ٽهڪ ڏيندي جواب ڏنو.

مان مينهن ڦڙي جيان بيٺو رهيس. هو سڀ ڳالهيون ڪندا ڪمري مان نڪري ويا. ٽروبول يوبوف ڪوئي واهيات گانو ڳائي رهيو هو. سمونوف بيرن کي ٽپ ڏيڻ لاءِ ڪي پل اتي بيٺو رهيو. مان اچانڪ هن ڏانهن وڌي ويس.

"سمونوف! مون کي چهہ روبل موٽائي ڏي!" مون وڌي کهرائيءَ سان چيو.

سمونوف انتهائي اچرج مان، ڪليل اکين سان مون تي نظر دوڙائي. هو پڻ نشي ۾ ہڏل هو.

"چا؟ تنهنجي مراد آهي تہ تون اسان سان نہ ٿو هلين؟"

"جي هائو، منهنجا اوهان سان ڪي ہنڌڻ تہ ہڏل نہ آهن."

"مون وٽ ڪي بہ پيسا نہ آهن." هن ڪاوڙ مان وراڻيو ءِ ٽئولينڊرن ٽهڪ ڏيندي ڪمري مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ پير کنيو.

مان رانيوٽي ڏيئي، هن کي اوورڪوٽ کان پڪڙي ورتو. منهنجو

کيس ائين جهڙپ ڏيئي پکڙڻ هن جي لاءِ هڪ پوائتو خواب هو.

"سمونوف، مون کي پروڙ آهي ته تو وٽ پيسا آهن. تون مون کي پيسا ڏيڻ کان چو ٿو انڪار ڪرين؟ چا مان ڪو بچڙو ماڻهو آهيان؟ مون سان انڪار ڪرڻ جي پروڙ اٿئي: جي تو ڄاڻين ٿو، جي تون ڄاڻين ٿو، مان چا جي لاءِ پيسا گهري رهيو آهيان! منهنجو پورو مستقبل، منهنجو جياپو ان پيسن ساڻ جڙيل آهن!"

سمونوف کيسي مان پيسا ڪڍيا ۽ اڇلائي منهنجي منهن ۾ هنيا.

"اچي هي ڪڻ، جي تو وٽ شرم جو احساس ئي نه آهي ته پوءِ چا ٿو ڪري سگهجي!" هن وڏي بي رحميءَ سان چيو ۽ ٻين يارن کي پکڙڻ لاءِ ڏڪيو.

مان ٿوري وقت لاءِ اڪيلو رهجي ويو هئس. اتي ڪمري جي بي ترتيبي، ڊنر جون رهجي ويل شيون، فرش تي وائن جا ڀڳل گلاس، هاريل وائن، سگريٽن جا ٽوٽا، شراب جي بوءِ، منهنجي دماغ ۾ گهري ويل ڪاوڙ دل کي ڇيڻي پورا ڪندڙ خلش ۽ باقي هڪ بيرو رهجي ويا هئا. هن بيري سڀ ڪجهه ڏٺو ۽ ٻڌو هو ۽ سوالیہ نظرن سان منهنجي منهن ۾ تڪي رهيو هو.

"مان انهن جي پويان وڃي رهيو آهيان!" مون رڙ ڪئي. "يا ته اهي سيئي پنهنجي گوڏن ڀر جهڪي مون کان معافي وٺي ياري جي گهر ڪندا نه ته مان زورڪوف جي منهن ۾ ٿڦ وهائي ڪڍندس!"

❑

وندِ پنجون

"تنهن ڪري چئجي تہ اهڙي ئي آهي، بس اهڙي ئي آهي ـ سچي پچي زندگيءَ جيئڻ جي ويڙهہ جيئن ئي مان ڏاکڻ ڪان هيٺ لهڻ لاءِ لوهہ پائيندي پير ٽي ڪنيا، مون پڻڪيو. "هي ائين هيٺ لهڻ، پوپ جي روم ڇڏي برازيل ڏانهن وڃڻ ڪان گهٽو مختلف هو، لوڪو ڏيڊ تي ميلي لاءِ گڏ ٿيڻ ڪان گهٽو مختلف هو!"

"تون شيطان آهين،" اهڙي ئي سوچ منهنجي ذهن ۾ پڙڪو ڪاڌو، "جيڪڏهن ان ڳالهہ تي تو هاڻي ڏند ڪڍيا تہ."

"ڪهڙو فرق پوندو!" مون پنهنجو پاڻ ڪي جواب ڏيندي ڳوڙها ڳاڙيا. "هاڻي ويل هٿان وڃائجي ويئي آهي!"

زورڪوف وارن جي وڃڻ جا پيرا منجي چڪا هئا، پر ان ساڻ ڪو بہ فرق نہ ٽي پيو ـ مون کي پتو هو تہ اهي ڪيڏانهن ويا هوندا.

دروازي پرسان برفاني بگي هلائيندڙ ڪنهن هاري جي گهنجيل ڪوٽ ۾ اکيلو بيٺو هو، برف جي آلي پُر پُر اڃا سوڌو ڪري رهي هئي ۽ چٽڪ اها ڪوسي برف هئي.

برف ڪوسي ۽ ہاڻ واري هئي. مون کي اهو چگيءَ طرح ياد آهي تہ برفاني بگي جو بندرو گهاٽي وارن وارو چتڪمرو گهوڙو پڻ برف ۾ ڏيکيو پيو هو ۽ ڪنگهي رهيو هو. مون پڳل ٽٽل

برفاني بگي ڏانهن ڪئي ڊوڙ پاتي؛ جيئن مان ان ۾ چڙهڻ لاءِ پير مٿي ڪيو تہ سمونوف کان ڇهہ روبل ڪيئن هٿ ڪرڻ جي ڳالهہ جي تري ايندي ئي مون پنهنجو پاڻ کي بگي ۾ هوريءَ جيان اڇلائي ڇڏيو.

"نہ، مون کي پلاند وٽ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏڻ گهرجي،" مون رڙ ڪئي. "پلاند وٽ لاءِ اڄ ئي مون کي ڪجهہ ڪرڻو آهي جي ائين نہ ڪري سگهيس تہ پنهنجو پاڻ کي هن ئي رات ۾ سچ مچ سڙي ڳري وڃڻ ڏيندس. بگي کي ٽورو تيز هلاءِ."

بگي واري گهوڙي کي هٽڪاريو ۽ اسان جي بگي رڙهي پئي. منهنجي ذهن ۾ ڏاڍي آنڊ مانڊ هئي.

"اهي منهنجي دوستي جي طلب لاءِ گوڏن پر جهڪي آزيون نہ ڪندا. اها منهنجي غلط فهمي آهي، اجائي غلط فهمي، انتهائي نہ چاهڻ واري، رومانوي، ۽ دل لياڻيندڙ. اها لوڪو ڏينڊ تي هڪ ميلي مچائڻ جيان آهي ۽ تنهن ڪري اهو طئي آهي تہ مان زورڪوف کي منهن ۾ ٿڦ هڻندس! ڪيس ائين ٿڦ هڻڻ منهنجي ذميواري آهي. تنهنڪري ٿڦ هڻڻ طئي ٿيل آهي: مان ڪيس منهن ۾ ٿڦ هڻڻ لاءِ هوا سان ڳالهيون ڪندو وڃان ٿو جڏ ڪو مانجهي درياءَ پار پوڻ لاءِ تيز تيز ونجهہ هلائيندو هجي!"

هڪ ڀيرو وري بگي واري، گهوڙي جي رڍن کي چڪيو ۽ گهوڙو تيز تيز ڊوڙڻ لڳو.

"مان جيئن ئي اتي پهچندس تہ زورڪوف کي ٿڦ وهائي ڪيندس. ڪاش! مون پهريان تو کي ٿڦ هڻئي هجي ها، اهڙا ڪي لفظ ڳالهہ ٻاهڻ لاءِ ڪيس چوان ها؟ نہ. بس مان سڌو اتي ئي ويندس ۽ ڪيس ٿڦ وهائي ڪيندم. اهي سيئي ڊرائينگ روم ۾ ويٺا هوندا ۽ هو اولمپيا سان صوفي تي ويٺل هوندو. اها ڪميٽي اولمپيا! جنهن هڪ دفعي منهنجو ڏيڪ ويڪ ڏسي

مون تي ڪلي پئي هئي ۽ مون سان هلڻ کان انڪار ڪيو هئائين. مان اولمپيا جا وار پٽيندس، زورڪوف جا ڪن چڪيندس! چگو اهو ٿيندو ته زورڪوف کي هڪ ڪن کان پڪڙي ڪيس گهليندو رهان ۽ ڪيس پوري ڪمري ۾ ڦيرايان. ٿي سگهي ٿو ته اهي سڀ گڏجي منهنجي ڪل لاهي چڏين ۽ مون کي ٽڏا هٽي ٻاهر ڦٽو ڪن. حقيقت ۾ مون کي ٻاهر ڦٽو ڪرڻ گهٽي حد تائين ممڪن آهي. چا ٻ ٿي پوي! ڪنهن ٻ طرح، مان سڀ کان پهريان زورڪوف کي ٽڦ وهائي ڪيندس؛ جهيڙي جي شروعات مان ئي ڪندس؛ ۽ پنهنجي عزت وقار رماڻ جي اصول موجب مون کي ائين ئي ڪرڻو آهي: هن کي منهن ۾ چماٽ وهائي ڪيڻ، ويندي ۽ هو پنهنجي پوري ڪوشش ڪرڻ کانپوءِ ٻ منهنجي چماٽ کان بچي نه سگهندو، وٽس مرڻ مارڻ جي ويڙهه سواءِ ٻيو ڪو ٻ چارو نه هوندو. مان زورڪوف کي مجبور ڪندس نه هو مون سان عزت جي ويڙهه وڙهي. هاڻي پلي اهي مون کي ڪٽين. انهن کي اجازت ڏني وڃي، اهي سڀ ناشڪرا شيطان آهن. ڏروڊول يوبوف مون کي سڀ کان سخت ماريندو، هو طاقتور آهي؛ اورفچڪن پورو زور هٽندو ته هو مون کي سوگهو پڪڙي ۽ منهنجا وار پٽي. پر مون کي ڪا پرواه ناهي، مون کي ڪا پرواه ناهي! ان ويڙهه لاءِ ئي ته مان وڃان ٿو. انهن ڪيرن کي مجبور ڪندس ته اهي سڀ پنهنجي اکين سان منهنجا ساڻن سگ ازائٽ ڏسن! جڏهن اهي مون کي گهلي در تائين ڪڍي ويندا ته انهن کي رڙيون ڪري ٻڌائيندس ته اهي منهنجي چيچ جي برابر ٻ نه آهن. ٿورو ڏين بگي وارا ٿورو تيز گهوڙي کي هڪل!" مون بانهيندي بگي واري کي چيو. هن گهوڙي کي تيز ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پنهنجي چهبڪ کي هوا ۾ گهمايو، مون کان ڪنهن جانور جيان رڙ نڪري ويئي.

"اسان هڪ ڏينهن کانپوءِ وڙهنداسون، ائين ئي طئي ڪرڻو

آهي. مون کي آفيس مان واندو ٿيٽو آهي. فرفچڪن آفيس مان واندي ٽين واري ڳالهه تي ٽورو اڳ ئي طنز ڪئي هئي. مان پستل ڪٽان هٽ ڪندس؟ پستل هٽ ڪرڻ جو سوچڻ ڪهڙي نه بيوقوفي جي ڳالهه آهي! مان پنهنجي پگهار اڳواٽ اڌاري ونڊندس ۽ ان مان پستل خريد ڪندس. بارود ۽ گولين جو چا ٿيندو؟ اها پوءِ جي ڳالهه آهي. اهي سڀ شيون هڪ ڏينهن جي وقفي اندر ڪيئن هٽ ڪري ونبيون؟ مان بارود ۽ گوليون ڪنهن کان هٽ ڪندس؟ منهنجو ڪوئي يار ئي نه آهي جو هنن ڪمن ۾ منهنجو هٽ وندائي. ڪهڙيون نه بيوقوفي واريون منهنجون سوچون آهن!" پنهنجي پٽ کوه ڪندي، منهنجي اندر مان رڙ نڪتي. "منهنجي سوچن جي ڪا به پچاڻي نه ٿيٽي آهي! پهريون ماڻهو جنهن سان مان گهٽي ۾ ملندس اهو منهنجي پوئواري ڪندڙ ٻيو ويڙهاڪ هوندو. بس ائين ئي هو مون کي ٻوڙيندڙ پاڻي مان چڪي ٻاهر ڪيندو. ڪا به ترڪي ڳالهه ٽي سگهي ٽي. ويندي سپاڻي جي ڊائريڪٽر کي مان چوندس ته هو منهنجو پوئواري ڪندڙ ماڻهو ٽئي، پوئواري ڪندڙ جي لاءِ اهو ضروري آهي ته هو پنهنجي آمادگي ظاهر ڪري. جي فقط عورت جيان عزت جي محسوس ڪرڻ جي ڳالهه هجي ها ۽ راز رکڻ جي ڳالهه هجي ها! انتون انتونچ ...."

پوءِ انهيءَ ئي پل منهنجي ستاءَ جي جان جلائيندڙ بيوقوفي نڪري نروار ٿي ۽ سوال جو هڪ ٻيو رخ بلڪل چٽو ۽ منهنجي تصور جي تازگي سان سج جيان ايري آيو هو. پر ...

"تيز بگي هلاءِ، ڪجهه ته ڪر ڪميٽا! گهوڙي جي ٽوري وک وڌاءِ!"

"اوهه! سائين! ٽورو ٽڏا ٽيو." مزدور جو قر بگيءَ وارو بکيو.

ٽڏ جي هڪ سيسراٽي منهنجي جسم مان پار لنگهي ويئي. چا اهو بهتر نه ٿيندو ... جو سڏو گهر وڃجي؟ منهنجا مولا،

منهنجا مولىٰ! مون ڪالھ پنھنجو پاڻ کي گھلي ھن دنر ۾ شامل ٿيڻ جي لاءِ سڳ چو اڙايا؟ نہ، ھاڻي اھو منھنجي لاءِ اھو ناممڪن آھي جو مان پوئتي پير ھٽايان. منھنجو تن ڪلاڪن جي لاءِ ميز کان چمني تائين ٿھلڻ ۽ پوڳڻ جو حساب ڪتاب ڪير ڏيندو؟ نہ، مان پوئتي پير نہ ڪندس، انھن ... انھن ڪتن کي ئي، نہ ڪي ڪنھن ٻئي کي منھنجي ٿھلڻ جي قيمت ادا ڪرڻي آھي! انھن کي منھنجي ھيئن بي عزتي ڪرڻ جو چٽو ڏوئٽو آھي! ٽورو تيز بگي کي ھلاءِ.

۽ پوءِ چا ٿيندو جي اھي مون کي پوليس حوالي ڪري ڇڏين؟ اھي اھڙي جرئت نہ ڪري سگھندا! اھي مون کي پوليس حوالي ڪرڻ جي بدنامي کان ڊجندا. ۽ پوءِ چا ڪبو جي زورڪوف مون کي ايترو حقير سمجھي جو ديول ويڙھ وڙھڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏي؟ ھو ائين ڪري سگھي ٿو؛ پر تنھن ھوندي بہ مان انھن کي ديول ويڙھ وڙھي ڏيکاريندس ... مان زورڪوف جي پوستنگ واري ھنڌ ھليو ويندس، جڏھن ھو سياڻي اوڏانھن ھلي پوندو، مان ھن کي ڇنگھ کان پکڙي وٺندس، جڏھن ھو بگي ۾ چڙھندو تہ مان ھن جو ڪوٽ ڇڪي لاھي ڇڏيندس. مان ڪيس ڇڪي ھٽي، پنھنجا ڏند ھن جي ھٽ ۾ ڪپائي ڇڏيندس. "ڏس تون بي چين روح کي ڇاگري ھير جي ڪنڌاون رستن تي پيرين اگھاڙي ھلڻ لاءِ مجبور ڪري سگھين ٿو!" مان گڏ ويٺل ھنن سيني کي ڪرڙيون اکيون ڏيکاريندس: "ھن جوان ڪتي زورڪوف کي ڏسو، جو منھنجي ٽڪ پنھنجي منھن ۾ جھلڻ کانپوءِ، ڪوھ ڪاف جي چورين کي نہائڻ لاءِ پنڌ پيو آھي."

ائين ئي جي ھنن مون کي پوليس حوالي ڪيو تہ منھنجي لاءِ ھر شيءِ ختم ٿي ويندي! منھنجي لاءِ آفيس ڏرتي جي سيني تان مٽجي ويندي. مون کي گرفتار ڪيو ويندو، منھنجو ڪيس

هلندو، منهنجي نوڪري ختم ڪئي ويندي، مون کي جيل ۾ وڌو ويندو، سائبيريا اماٽيو ويندو. ڪهڙو فرق ٿو پوي! پندرهن سالن کان پوءِ ئي سهي، جڏهن سرڪاري ڪارندا مون کي جيل مان نڪرڻ ڏيندا، مان زورڪوف ڏانهن پيرين پنڌ پئجي ويندس، قاتل ڪپڙن ۾ هڪ پينوءَ جيان. مان زورڪوف کي ڪنهن صوبائي شهر ۾ ڳولهي لهندس. هن جي شادي ٿيل هوندي ۽ خوش زندگي گذاريندو هوندو. هن جي وڏي وڏي ٿيل ڌيءَ هوندي ... مان زورڪوف کي چوندس: "بد بخت، منهنجي ڳلن جي سڪي کل ٿيل ۽ ليڙون ليڙون ڪپڙن ڏانهن نهار! تنهنجي ڪري مون کان هر شيءِ کسجي ويئي آهي ... منهنجو ڪيريئر، منهنجيون خوشيون، فن، سائنس، اها عورت ۽ جنهن سان مون پيار ٿي ڪيو ۽ زندگيءَ جو هيو سڀ ڪجهه مون کان کسجي ويو آهي. هي پستل آهن. مان پنهنجو پستل خالي ڪرڻ آيو آهيان ۽ ... ۽ مون ... تو کي معاف ڪري ڇڏيو. پوءِ مان هوا ۾ فائر ڪندس ۽ پوءِ هو منهنجي باري ۾ ڪجهه ۽ ڪڏي نه سگهندو ..."

منهنجيون اکيون پرجي آيون ۽ مان ڳوڙها ڳاڙڻ وارو ٿي ويو هئس، جيتوڻيڪ مون ان ويلي ئي چاتو ٿي ته ديول ويڙهه جو سوچڻ پشڪن جي ڪهاڻي جي هيرو سلويو ۽ لرمونتوف جي ڊرامي مسقريد جي هيرو کان الڳ هئي. ۽ پوءِ اوچتو ئي يڪدم مان پنهنجو پاڻ کي شرمساري جي منهن چڙهندي ڏٺو، ايتري شرمساري محسوس ٿي جو مون بگي کي روڪرائي ان مان لهي وڃي گهٽي ۾ پيل برف ۾ سن ٿي بيهي رهيم. برفاني بگيءَ واري ڏڏو ساهه پرينديءَ، حيرت مان مون تي نظر وڌي.

"مون کي چا ڪرڻ گهرجي؟ مون کي ڪجهه ۽ سمجهه ۾ نه ٿي آيو ... ظاهر آهي ته فيصلو نه ڪري سگهڻ بيوقوفي ئي هئي ۽ مان جنهن راه تي هلي پيو هيس، پوءِ جو ڪجهه جيئن ڪرٽو هو ان کي تيئن اڏ ۾ نه پئي ڇڏي سگهيس، چاڪاڻ ته

ان مان ائين لڳي ها ... خدا ئي ٿو ڄاڻي! مان شين کي انين کيئن اڏورو ٿي ڇڏي سگھيس! ۽ سو بہ ايترين بيعزتين بعد! "نہ! ائين نہ ٿو ٿي سگھي." مون پنھنجو پاڻ کي ٻيھر برفاني بگي ۾ ڌڪو ڪندي رڙ ڪئي. "مون کي انھن جي سامھون ئي ٽيٽو آھي! اھوئي منھنجو پاڻ آھي! بگي ھلاءِ، بگي ھلائيندو رھ!"

۽ مان بي صبري مان بگي واري کي ڪنڌ جي پٺئين پاسي کان مڪ وھائي ڪيي.

"تو سان ڪھڙو مسئلو آھي؟ تون ڇا جي لاءِ مون کي مارين ٿو؟" غريب بگيءَ واري دانھيو ۽ ڪاوڙ مان پنھنجي گھوڙي کي پوري زور سان چھبڪ وھائي ڪيڻ لڳو. تان جو گھوڙي ايٽيون ھٽڻ شروع ڪيون.

پناڻي برف وڏن وڏن ٻُورن ۾ ڪري رھي ھئي؛ مون پنھنجا بٽڻ برف جي ڪرڻ باوجود کولي ڇڏيا ھئا. مان ٻيو سڀ ڪجھ وساري ويٺو ھئس، نيٺ مون زورڪوف کي ڌڪ ھٽڻ وارو فيصلو ڪري ورتو ۽ ڦوٽ پئي لڳو تہ مون کي ھاڻي ئي ڌڪ ھٽڻ وارو ڪم ڪرٽو ھو، ھاڻي جو ھاڻي ھڪدم ۽ دنيا جي ڪا بہ طاقت ائين ڪرڻ کان مون کي روڪي نہ ٿي سگھي. ويران گلي جون بتيون ائين اجھاٽيون اجھاٽيون ٻري رھيون ھيون جيئن ڪنھن ميت سان ڏيارا ٻرندا آھن. برف گسڪي منھنجي ڪوٽ جي اندران ٿي، منھنجي ڇڇي جي رومال ھيٺان پھتي ۽ اتي رجي ويئي. پوءِ بہ مون پنھنجو پاڻ کي نہ ڏيکيو ... ڪجھ بہ ھجي، منھنجي لاءِ سڀ شيون وڃائجي ويون ھيون.

نيٺ اسين پنھنجي منزل تي پھچي وياسين. مان ٽپو ڏيئي بگي مان ھيٺ لٿم. سچ مچ بيھوشي واري حالت ۾. ڏاڪڻ تي ٽڙندي ٽاٻڙجندي چڙھڻ لڳم ۽ دروازي کي ڪڙڪائڻ ۽ ڏڏا ھٽڻ شروع ڪيم. مون پاڻ کي انتھائي ھيٺو محسوس ڪيو، ھيٺائيءَ ڪري منھنجي ڏنگن ۽ گوڏن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو

هو. دروازو جلدي کوليو ويو، جڻ هنن ڇاتو ٿي ته مون کي هتي اڇٽو هو. لڳو ٿي جڻ سمونوف انهن کي ٻڌائي ڇڏيو هو ته ائين ٿي سگهي ٿو ته هتي هڪ ٻيو ماڻهو ٻ پير پائي.

ڀ هيءُ ئي هنڌ هو جتي مون کي پاڻ سهيڙي، ڪي تدبيرون ڪري ڀ احتياط کان ڪم وٺٽو هو. هن هنڌ کي پوليس گهٽو عرصو اڳ خالي ڪري ڇڏيو هو ڀ هاڻي هيءُ ماڳ فوجي اداري جي هٿ وس هو. هتي ڏينهن جو ائين لڳندو هو جڻ خريداري جو ڪو مرڪز هجي؛ جڏهن ته رات جو، جو ڪجهه هتي ٿيندو هو، جي ڪنهن کي ان جو پتو پوي ته ماڻهو ڪنهن ٻئي مقصد جي لاءِ هيڏانهن پنڌ پوندو. مان هڪ اونداهي دڪان مان ٿيندي، هڪ ڇاتل سيمينٽ ڊرائينگ روم ڏانهن پير وڌايو هو، اتي ڇڙو هڪ ئي ميڙ بتي ٻري رهي هئي ڀ مان حيرت ۾ پٿر بنجي بيهجي ويس: اتي زورڪوف وارن مان ڪو هڪ ٻ نه هو. "اهي ڪيڏانهن لڪي ويا هوندا؟" مون پنهنجو پاڻ کان پڇيو. پر هاڻي ته ايترو وقت لنگهي ويو هو جو اهي هڪٻئي کان الڳ ٿي چڪا هوندا. مون کي پنهنجي اڳيان واهيات مسڪراهٽ سان هڪ ماڻهو بيٺل ڏسڻ ۾ آيو. هڪ منٽ ڪانپوءِ وري ٻيهر دروازو کليو ڀ هڪ ٻيو ماڻهو اندر گهڙي آيو. مان انهن ٻنهي ماڻهن تي ڪو ٻ ڌيان نه ڏريو ڀ لڳ واري ڪمري ڏانهن هرانگهون پريون. مون کي ياد پيو اڇي ته تنهن ويلي مون پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو هو. مون کي انهيءَ ويلي ائين لڳو هو جڻ مان موت جي وات مان واپس وريو هئس ڀ مون کي موت جي واتان ورڻ جي پروڙ هئي، موت واتان ورڻ ڪري هر ڏسا منهنجي لاءِ سرهائي ڦهليل هئي: جي اهي اتي هجن ها ته مان زورڪوف کي ٿڦ هنئي هجي ها، پڪ سان مون کيس ٿڦ هنئي هجي ها، مان ڪنهن ٻ ملهه تي زورڪوف کي ٿڦ هنئي هجي ها! پر هاڻي زورڪوف وارا اتي موجود نه هئا ڀ ... منهنجي ڪاوڙ ڏڌي ٿي ڀ ختم ٿي چڪي

هئي! مان چوڌاري نظر ڊوڙائي. اڃا سوڌو مان پنهنجي حالت جو اندازو لڳائي نه پئي سگهيس. مون مڪينيڪل انداز ۾ پير کنيو. سامهون ايندڙ چوڪري تي نظر ڦيرائي، جا ڪمري ۾ اندر گهڙي آئي هئي: ۽ مون کي هن جي هڪ جهلڪ پاڻ ڏانهن گهلي ويئي ... تازي، ڳيرو بلڪ، پيلي منهن واري چوڪري، گهاٽيون ڪاريون پرمون، سڌو ڪنيل اکيون ۽ خوف ۾ ورتل اکيون. اکيون! جڙ ڪجهه ڳولهي رهيون هيون، اکيون! جن مون کي پڪڙي هڪدم ڏاوڻ وجهي ڇڏيا هئا؛ مان ڪائنس نفرت ڪري، منهن ڦيري ڇڏيان ها .جي هوءَ مسڪرائيندي هجي ها. مان وڌيڪ ڏيان سان ڪيس ڏسڻ لڳس ۽ ائين ئي ڏسندو رهيس جيئن ڪوئي ڪوشش ڪري ننهن کان چونيءَ تائين ڏسندو آهي. مان پنهنجي سوچن کي ونگ وجهي نه سگهيو هئس. سندس منهن تي سادگي ۽ سڌو سپاڻ هو پر هن جي من ۾ ڪا عجيب ڏکوئيندڙ شيءِ هئي. منهنجو خيال آهي ته ڪمينائپ هن جي درد جو ڪارڻ هئي ۽ زورڪوف وارن چرين مان ڪنهن هڪ به هن چوڪري جي ان اڻ تڻ کي نه پانپيو هو. هن کي ڪنهن به طرح سونهن جي راڻي ته نه پئي چئي سگهجيو، جيتوڻيڪ هوءَ سگهي ڏيک ۽ سهڻي هائي واري هئي. هن کي تمام سادا ڪپڙا پهريل هئا. ڪنهن گهائيندڙ شيءِ منهنجي مٿي ۾ پنوانٽيون ڪاڌيون. مان سڌو هن ڏانهن وڌي ويس.

هن ڏانهن وڌندي مون کي آرسي ۾ پاڻ کي ڏسڻ جو موقعو ملي ويو هو. منهنجو ڏناڻو چهرو مون کي انتهائي نا اميد، هيڏو، ڪاوڙ سان پريل، منجهيل ڏسڻ ۾ آيو هو ۽ منهنجي منهن تي وار پکڙيل هئا. "چا به هجي، مان پنهنجو پاڻ مان خوش آهيان،" مون سوچيو، "مان ان لاءِ خوش هئس چو ته هن چوڪري کي مان موهي نه ٿي سگهيس؛ مون اهڙ ئي ٿي چاهيو."



وندڻ ڇهون

... پردي جي پويان ڪنهن ڪنڌ مان گهڙيال سيٽي وڄائڻ شروع ڪئي، ائين لڳو جڻ ڪنهن شيءِ جي بار هيٺ اچي ويو هجي، جڻ ڪوئي ان کي گهٽو ڏيندو هجي. گهٽي ڏکڻي عجيب سيٽي وڄڻ کانپوءِ گهنڌ جو آواز آيو، پوائتو ۽ غير متوقع جو بار بار ڇڻ ڇڻ جو ايندڙ آواز هو ... اهڙو ئي آواز هو جيئن اوچتو ڪي ماٿهواڳتي وڌن لاءِ ٽپا ڏيندا ٽپ ٽپ جو آواز پيدا ڪندا آهن. رات جا ٻ ٽي چڪا هئا. مان ننڌ مان جاڳي پيس، جيتوٽيڪ مان پوريءَ طرح ستل نہ هئس پر اڌوگابري جاڳ ۾ ليٽيو پيو هئس.

ننڊڙو، سوڙهو ڪمرو، سانت سان اونڌاهي ۾ وکوڙيل هو، پائڻ جي ڪيترن ئي ڪپڙن، تاش جي پتن جي دٻن ۽ هر قسم جي گند جي ڍير ۽ بيڪار شين سان ڪمرو ستيو پيو هو. اتي هرندڙ ميڙ بتي پجاڻي تي اچي پهتي هئي ۽ ان جو آخري ڇيڙو سڙي رهيو هو ۽ ان جو شعلو هرڻ ٻجهڻ ۽ ٻجهڻ هرڻ جو ڏيک ڏيئي رهيو هو. ٽورن ئي پلن اندر ڪمري ۾ پوري اوندهه ڦهلجي وڃڻي هئي.

مان پنهنجو پاڻ ۾ واپس وري چڪو هئس؛ هر شيءِ منهنجي ذهن ۾ واپس وري ٽانئيڪي ٽي چڪي هئي. پوءِ

هڪدم، سواءِ ڪنهن جاکوڙ جي جڙ ڪنهن مون تي اوچتو وار ڪري مون کي ٻيهر ڪوڙڪي ۾ ڦاسائي وڌو هو. ۽ ائين ئي هو ته مان پوريءَ طرح پنهنجي حواس ۾ نه هوندي به ڏنر وارو سارو مامرو پنهنجي ذهن جي يادن ۾ وساري نه سگهيو هئس ۽ ان واقعي جي ارد گرد منهنجا خواب اجهاٽا پٽڪندا رهيا هئا. پر اهو چوڻ عجيب آهي ته مون سان جو ڪجهه به ڏينهن جو ٿيو هو، هاڻي منهنجي جاڳڻ کانپوءِ مون کي ائين ٿي لڳو ته اها ڪنهن دور گهٽو اڳ ماضي جي دور جي ڳالهه هئي، جڏڪ گهٽو گهٽو اڳ مون هڪ ڏينهن ائين گهاريو هجي.

منهنجو ميڇالو داڦ سان ڀريو پيو هو. ڪا شيءِ منهنجي چوڌاري گڏ ٿي، مون کي جوش ڏيارينديءِ جذبا جوان ڪندي، ۽ منهنجي من ۾ اڻ تڻ پيدا ڪندي، ڦيرا پائي رهي هئي. اياڳ ۽ ڪروڌ مون منجهه ٻيهر ڪڌ ڪٽي رهيو هو ۽ ٻاهر ٻاڦ لاءِ ڪا راهه ڳولهي رهيو هو. مون کي پنهنجي پرسان اوچتو ٻه پورو ڦاڙيل اکيون ڏسڻ ۾ اچي ويون، جي حيراني ۾ مون کي تڪي توري رهيون هيون. انهن اکين جو ڏسڻ انتهائي الڳ، ڪڪرن سمان ڏيڪ ڏيندڙ هو، ائين ئي ٿي لڳو جيئن اهي ٻئي اکيون پوري طرح هڪٻئي کان الڳ هجن، اهي اکيون مون کي توري تڪي رهيون هيون.

هڪ عجيب خيال منهنجي ذهن ۾ ايريو ۽ پوري جسم ۾ ڪنهن پوائتي خواب جيان ڦهلجي ويو، ائين جيئن ڪو چيڪي متيءَ جيان ڳوهيل ۽ ڪنير جي هٿن جو پنوڙو محسوس ڪندو هجي. انهن ٻنهي اکين ۾ ڪانن ۾ پيل ڪي تير هئا، جي فقط مون کي هٽڻ لاءِ ڪمان ۾ ڪڇيا ويا هئا. مون پڻ ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته انهن ٻن ڪلاڪن جي دوران مون هن گهائيندڙ اکين واري مخلوق سان هڪ لفظ به نه اکاريو هو ۽ حقيقت ۾ هن مخلوق کي پوري ريت مافوق

الفطرت سمجهيو هو، ائين چئجي ته خاموشي مون کي ڪنهن حد تائين مائيٽو ڪري ڇڏيو هو. هاڻي اوچتو ئي ذهن جي تازگي ۽ ابهام جي خاتمي جيڪري هڪ گهائيندڙ خيال منهنجي ذهن ۾ اپريو ... اهو خيال منهنجي پنهنجي اخلاقي ڪمزوريء جو هو، جنهن اهو ڏس ڏنو ته ڪنهن به پيار سواءِ، بچڙائي ۽ بيحيائي تنهن ويلي شروع ٿئي ٿي جڏهن ڪنهن شادي جو جنسي عمل سان پچاڻو ٿئي ٿو. گهڻي ويلي لاءِ اسان هڪ ٻئي ۾ اکيون کپايو هڪٻئي کي ائين ڏسندا رهياسين، پر هن پنهنجيون اکيون منهنجي اکين اڳيان نه جهڪايون ۽ هن جي اظهار جو انداز نه بدليو هو، تنهنڪري آخر ڪار مون کي پنهنجو ساهه پوساڻجندي محسوس ٿيو.

"تنهنجو نالو ڇا آهي؟" چوڏس جي ماڻ کي ٽوڙڻ لاءِ مون اوچتو کانئس پڇي ورتو.

"ليزا." هن انتهائي هلڪي آواز ۾ ٻڌڪيو، پر سندس آواز ۾ ڪا به وڏائي نه هئي ۽ هن پنهنجيون اکيون مون تان هٽائي ڇڏيون.

مان اهڙو چپ جهڙي پٿ.

"ڪيتري نه سونهن پري موسم آهي! برفباري ... تنگ ڪري رهي آهي!" جڏ مون پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو هجي، مون بيچينيءَ مان پنهنجا هٿ مٿي جي هيٺان ڏيئي ڇڏيا ۽ ڇت ۾ تڪيندو رهيس.

هن ڪوئي جواب نه ڏنو. سندس جواب نه ڏيڻ دل ڏکوئيندڙ هو.

"ڇا تون نندپڻ کان پيٽرسبرگ ۾ رهندي آئي آهين؟" هڪ پل پوءِ مون ڪوسو ٽيندي، هن ڏانهن پنهنجو هلڪو منهن موڙيندي پڇي ورتو.

"نہ."

"تون ڪٿان آئي آهين؟"

"ريگا کان." هن هيڪندي جواب ڏنو.

"چا تون جرمن آهين؟"

"نہ! ... روسي."

"چا تون ڏڳهي عرصي کان هتي آهين؟"

"ڪاٽي؟"

"هن گهر ۾."

"ڪوئي ٻن هفتن کان."

هوءَ ويتر ۽ سان هيڪندي ڳالهائي رهي هئي. ميڙ بتي وسامي ويئي؛ پوءِ مان وڌيڪ هن جي منهن کي ڏسي نہ ٿي سگهيس.

"چا تنهنجا ماءُ پيءُ جيئرا آهن؟"

"جي هائو ... نہ ... مون کي ماءُ پيءُ آهن."

"اهي ڪاٽي رهن ٿا."

"اتي ئي ... ريگا ۾."

"اهي چا ڪندا آهن؟"

"اوهه! ڪجهه به نہ."

"ڪجهه به نہ؟ چو؟ اهي ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهن؟"

"واپاري."

"چا تون همميشه انهن سان رهندي هئين؟"

"جي، هائو."

"تنهنجي عمر ڪيتري آهي؟"

"ويهه سال."

"تو انهن کي ڇو ڇڏي ڏنو؟"

"اوهه! انهن کي ڇڏي ڏيڻ جو مون وٽ ڪو به سبب نه هو."

هن جي ائين جواب ڏيڻ مان لڳو، جڻ چوندي هجي، "مون کي اڪيلو ڇڏي ڏي، مان پاڻ کي بيمار ۽ اداس محسوس ڪري رهي آهيان."

اسان ٻئي خاموش ٿي ويا سين.

خدا ئي ڄاڻي ٿو ته مان ڇا جي ڪري هتان نه هليو ويو هئس. مون پنهنجو پاڻ کي ڏاڍو بيمار ۽ مئل پايو. گذريل ڏينهن جا گهاريل پل پاڻمرادو منهنجي خواهش سواءِ ئي ذهن جي پردي تي ترڻ لڳا، منهنجي ذهني مونجهاري جيڪري اهي پل ترورن جيان روشن ٿيا. پوءِ اوچتو ان ڏينهن صبح جو جڏهن مان جوش سان ڀرپور خيالن ۾ گم آفيس پهچڻ لاءِ تيز وکون کڻي رهيو هئس، تنهن ويلي ڪجهه ڏٺل مون کي ياد اچي ويو.

"مون ماڻهن کي هڪ ميت کنيو ويندي ڏٺو هو، جنهن کي هنن پنهنجي لاپرواهي سبب هيٺ ڪيرائي وڌو هو." اوچتو زور سان مون کان رڙ نڪري ويئي، ان لاءِ نه ته ڪو مون هن سان گهالهيون ڪرڻ ٿي چاهيون، پر اها رڙ پاڻمرادو ئي منهنجي واتان نڪري وئي هئي.

"هڪ ميت؟"

"هائو، هن مارڪيٽ ۾، جنهن کي ماڻهو قبر مان کنيو پئي آيا."

"قبر مان؟"

"قبر مان نه، پر ته هه خاني مان کنيو پئي آيا. اوهه، تو کي پتو

آهي ... گهر جي هيٺانهين ڪمري منجهان ... بدنامي واري گهر مان. هر هنڌ گند ڦهليو پيو هو ... آڻن جا چلڙ ... ڪچرو ... بدبوءِ. اهو سارو ماحول ڪراهت ڏيارينڌڙ هو."

سانت.

"هڪ اياڳو ڏينهن ماڻهوءَ جو متي جي مٽن هيٺان پورجڻ جو آهي،" بس! سانت مان جان چاڻائڻ لاءِ مون ڳالهه جاري رکي.

"اياڳو! سو وري ڪيئن؟"

"برفباري ۾ سابه پنل پنل هوندي،" (مون اوپاسي ڏني).

"ان سان ڪهڙو فرق ٿو پوي،" ٿورڙي سانت کانپوءِ هن اوچتو چيو.

"نه، ائين ٿيڻ انتهائي خراب آهي." (مون ٻيهر اوپاسي ڏني). "ٿي سگهي ٿو ته گورڪنن برفباري ۾ پڃڻ جي ساک ڪئي هجي. ۽ قبر ۾ پڻ پاڻي پريل هوندو."

"قبر ۾ ڇا جي لاءِ پاڻي هوندو؟" هن ڪنهن حيرانگي جي ريکا مان پڇي ورتو پر سندس انداز پهريان کان وڌيڪ سخت لهجي ۽ وڌي وات وارو هو.

مون اوچتو محسوس ڪيو ته هن مون کي چيڙائي وڌو آهي.

"چو؟ قبر جي تري ۾ گهٽ ۾ گهٽ فوٽ جيڏو پاڻي ٻيڙل هوندو. ڪو به ماڻهو برفباري ۾ وولڪووو قبرستان ۾ سڪل قبر نه ٿو کوٽي سگهي."

"ڇا جي ڪري؟ پاڻي وري ڪٿان ايندو؟"

"ڇا جي ڪري؟ ان ڪري جو اهو قبرستان سمر وارو آهي، اتي سدائين ڏهڙ هوندي آهي. تنهنڪري ماڻهو ميت کي پاڻي ۾ پورندا آهن. ڪيترائي ڀيرا مون پنهنجي اکين سان ائين ٿيندي

ڏنو آهي ....“ (مون ائين ٿيندي هڪ پيرو ۾ نہ ڏنو هو پر سچ مچ وولڪووو قبرستان جي باري ۾ ڪيئي پيرا اهڙيون ڪهاڻيون ٻڌيون آهن).

“چا تنهنجي چوڻ مان مراد آهي تہ تو کي ان جي پرواه ئي نہ آهي تہ تون ڪيئن ٿي مرين؟”

“پر مان چو مرندس؟” هن جواب ڏنو، ائين لڳو جڻ پنهنجو بچاءُ ڪندي هجي.

“چو مرندينءَ؟ ڪنهن ڏينهن تہ تو کي مرڻو آهي ۽ تون ان مئل عورت جيان ئي مري ويندينءَ. هوءَ تو جيان ... هڪ چوڪري هوندي هئي. پر پوءِ هوءَ سلهہ ۾ لوڙيندي لوڙيندي مري ويئي هئي.”

“هن رنڊي کي اسپتال ۾ مرڻ گهرجي ها ...“ (ليزا کي اڳ ئي ان جي مرڻ جو پتو هو: هن “رنڊي” چيو ۽ “چوڪري” نہ چيو).

“هن تي پنهنجي مالڪياڻي (ڙوي) جو قرض هو،” مون طنزيہ جواب ڏنو، هن جي اجائي بحث مون کي حد کان وڌ چيڙايو پئي؛ “۽ ساه جي آخري گهڙيءَ تائين پنهنجي مالڪياڻي جي لاءِ پيسا سهيڙڻ لاءِ جاکوڙيندي رهي، جيتوٽيڪ هوءَ سلهہ ۾ ورتل هئي. اتي بيٺي ڪي برفاني بگي وارا هن جي باري ۾ فوجين سان گالهيون ڪري رهيا هئا ۽ انهن کي اها ئي گالهہ ٿي ٻڌايائون. ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ بگي وارن کيس سڃاتو ٿي. اهي ٽهڪ ڏيئي رهيا هئا. اهي مئہ خاني وڃي سندس ياد ۾ پيئڻ جون تياريون ڪري رهيا هئا.”

اهڙي گالهہ جوڙي ڪرڻ منهنجي ذهن جي ايجاد هئي، ۽ سانت چاڻجي ويئي، گهري سانت، هن ٻڙڪ ٻاهر نہ ڪڍي.

“چا اسپتال ۾ مرڻ بهتر آهي؟

"چا اسپتال ۾ مرڻ ۽ ساڳيو مرڻ نہ آهي؟ تنهن هوندي ۽ مان چو مران؟" هن بيزاريت مان چپ چوريا هئا.

"جي هاڻي نہ ته، ٿورو پوءِ ئي سهي."

"چو ٿورو پوءِ."

"چو؟ حقيقت ٻڌا! هاڻي تون جوان، سونهن پري، گهر سان، گهٽا پيسا ڪمائي ڏيندڙ آهين. پر اهڙي زندگي جي هڪ سال گذارڻ کان پوءِ تون گهٽو بدلجي چڪي هوندينءَ ... تون بيڪار بنجي وئي هوندينءَ."

"هڪ سال ۾؟"

"تون پوءِ هتان ڪنهن گهٽ درجي واري ڪوٽي ۾ هلي ويندينءَ، هڪ ٻيو ڪوٽو، هڪ ٻئي سال ڪانپوءِ ... ٽئين درجي جو ڪوٽو ۽ پوءِ هيٺئين درجي جا ڪوٽا، نہ ڄاڻ ڪيترا ڪوٽا ۽ ستن سالن جي اندر تون هن مارڪيٽ جي تهہ خاني تائين پهچي ويندينءَ. پر ائين تڏهن ٿيندو جي تون پاڻ پري هوندينءَ پر جي تنهنجي قسمت خراب هوندي ته ان کان ۽ وڌيڪ بچڻو تو سان ورتاءُ ٿيندو ۽ تون ڪنهن بيماريءَ جي ور چڙهي ويندينءَ، تنهن بيماري کي سلهہ چئجي ته بهتر ... ۽ تو کي ٽڏ لڳي ويندي يا ڪا ٻئي شيءِ يا ٻيو ڪجهہ تو سان ٿي سگهي ٿو. تنهنجي جيئري رهڻ جي انداز سان بيماري کان بچڻ ڏاڍو اوکو آهي. اگر تو کي ڪا ۽ بيماري لڳي ته تون ان مان جند نہ ڇڏائي سگهندينءَ ۽ ائين تون ان بيماريءَ ۾ مري ويندينءَ."

"اوهہ، چگو ته پوءِ مان مري ويندس." هن منهنجي کل لاهڻ واري انداز ۾ جواب ڏنو ۽ هن تڪڙي چرپر ڪئي.

"پر ڪنهن کي ته ان جو افسوس آهي."

"ڪنهن جي لاءِ افسوس؟"

سانت.

"چا تون شادي ڪندينءَ؟ چا تنهنجي مڱڻي ٽيل آهي؟ اوهو! مان بہ عجيب ماڻهو آهيان؟"

"منهنجي مڱڻي، تنهنجي لاءِ ڪهڙي معنيٰ ٿي رکي؟"

"اوهہ مان تو کان پڇا ڳاڇا نہ ڪري رهيو آهيان. هيءَ ڳالھ منهنجي لاءِ بي معنيٰ آهي. تون ايترو بي چين چو آهين؟ يقينن تو کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجا مسئلا هوندا. منهنجي لاءِ تنهنجا مسئلا ڪا بہ اهميت نہ ٿا رکن؟ بس ايترو ئي آهي جو مون کي افسوس پيو ٿئي."

"ڪنهن جي لاءِ افسوس پيو ٿيئي؟"

"تنهنجي لاءِ افسوس ۽ ڏک پيو ٿئي."

"منهنجي لاءِ تو کي افسوس ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي،" هن چپن ۾ پٽڪيو. هن جو پٽڪڻ ڏکيائيءَ سان مون کي ہڏڻ ۾ آيو هو ۽ هن ہيهر نہاڻي ڪوشش ڪئي هئي. ان ڳالھ هڪدم مون کي چيڑائي وڌو. چا! مان هن سان گهٽو پنهنجو ٿي رهيو هئس ۽ هوءَ ...

"چا جي لاءِ؟ چا تون سمجهين ٿي تہ تون سهي دڳ تي هلي رهي آهين؟"

"مان ڪجهہ بہ نہ ٿي سوچيان."

"پنهنجي باري ۾ ڪجهہ بہ نہ سوچڻ ئي تہ تنهنجي غلطي ڪرڻ جو بنياد آهي. سوچ! تو وٽ اڃا بہ وقت آهي. اڃا بہ وقت تو هٿان نہ ويو آهي. تون اڃا تائين جوان، سونهن پري آهين؛ تون شايد پيار ڪرڻ چاهين، پرٽجڻ چاهين، خوش رهڻ چاهين ...."

"سڀ پرٽيل مايون سرهيون نہ هونديون آهن،" هن تلخ لهجي ۾ منهنجي سيني ۾ تير هڻي ڪيو هو، هن پهريون پيرو مون سان اهڙو رويو ڏاريو هو.

"يقينن سڀ مايون پرٿي ۾ خوش نہ هونديون آهن، پر تنهن هوندي بہ شادي ڪري جيئڻ، سينئن جيئڻ کان گهٽو پلو آهي. زندگي جو ڪو چيڙو نہ هئڻ بهتر آهي. ائين چئجي تہ ويندي خوشين نہ هوندي بہ پيار سان ماڻهو جيئي سگهي ٿو. ائين ئي سور بہ زندگي جي سونهن هوندا آهن؛ زندگي سونهن پري آهي، ماڻهو زندگي کي ڪيئن بہ گهاري. پر هيئن وئشيا بٹجي زندگي گهارڻ ۾ چا رکيو آهي؟ پر ... هيءَ منهنجي چريائپ آهي؟ منهنجوساه پيو منجهي!"

مان بيزاريت جيڪري هن ڪان ٹورو پري هٽي ويس؛ پوءِ مان هن سان گرم جوشيءَ سان دليل ڏيڻ ڇڏي ڏنا. مان جو ڪجهه ڪيس ٻڌائي ۽ موضوع ۾ گرمي پيدا ڪري رهيو هئس، سو پنهنجي اندر محسوس ڪرڻ شروع ڪيو. مون اڳ ئي چاهيو ٿي تہ اهڙن رت گرمائيندڙ خيالن جي وضاحت ڪريان. مان پنهنجي هرڙ گهري، پنهنجي دنيا ۾ گم ٿي ويندو هئس. هڪدم منهنجي اندر ۾ ڪنهن ينيٽ ٻيڙ ڪاڏو. منهنجي اڳيان ڪا شيءِ نڪري نروار ٿي.

"منهنجي هٽي هئڻ کي دل ۾ نہ ڪجاءِ، مان تنهنجي زندگي لاءِ ڪو سٹو مثال نہ آهيان. جيئن تون آهين، شايد! مان ان کان بہ وڌيڪ بچڙو آهيان. ويندي، مان جڏهن هٽي آيس تہ نشي ۾ ٻڏل هئس،" مون ڪنهن بہ طرح پنهنجي بچاءَ ڪرڻ ۾ تڪڙ ٿي ڪئي. "ان سان گڏ، ڪ بي ڳالهه ٻڌ تہ مرد عورت جي لاءِ ڪو بہ مثال ٿي نہ ٿو سگهي. اهي ٻئي ڌار ڌار پاڻيءَ جا گهڑا آهن. مان پنهنجي توهين ڪري پنهنجو پاڻ کي ڪيرائي سگهان ٿو پر مان ڪنهن جو غلام نہ ٿو ٿي سگهان. مان جاڏي بہ گهران آزاديءَ سان اچي وڃي سگهان ٿو ۽ اهائي منهنجي مرضي آهي. مان ڪنا لاهي قٽي ڪري سگهان ٿو ۽ مان الڳ قسم جو ماڻهو آهيان. پر تون ننهن کان چوٽيءَ تائين باندي آهين.

ها، باندي! تو هر شيءِ هٿان وڃائي ڇڏي آهي، ويندي پنهنجي پوري آزادي بہ. جي پوءِ تون پنهنجا زنجير ٽوڙڻ چاهين تہ بہ انهن کي ٽوڙڻ جي قابل نہ رهندينءَ؛ تون جيئن پوءِ تيئن گهٽو ٻيڙين ۾ قاسندي ويندينءَ. تنهنجو زندگي سان هڪ اياڳو لاڳاپو آهي. مون کي ان جي پوري پروڙ آهي. مان ٻئي ڪنهن بہ شيءِ جو ذڪر نہ ڪندس، ممڪن آهي ٻي ڳالهہ تو کي سمجهہ ۾ نہ اچي، پر مون کي ٻڌاءِ: ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ تون پنهنجي مالڪياڻي جي قرض ۾ قائل هوندينءَ؟ تون ئي ٻڌاءِ" مون پنهنجي ڳالهہ وڌائي، جيتوڻيڪ هن ڪو بہ جواب نہ ڏنو پر سانت سان مون کي ٻڌندي رهي، منهنجي ڳالهين ۾ پوري طرح گم ٿي چڪي هئي، "اهو بہ تہ تون پنهنجي مالڪياڻي جي پٽ باندي آهين. تون پنهنجي آزادي ڪڏهن بہ خريد ڪري نہ ٿي سگهين. اهي تنهنجي زندگي ۾ پنگ وجهندا. اهڙي زندگي گذارڻ شيطان کي پنهنجو روح وڪڻي ڏيڻ برابر آهي ... ۽ ان سان گڏوگڏ ... شايد! مان پڻ تو جيان اياڳو آهيان ... تو کي چا ٿيو لڳي ... هڪ مرد ڪنهن مقصد ڪارڻ مٽي ۾ ٻيوت ٻٽيل، بدقسمتي کان بچيل هوندو آهي؟ تون ڄاڻين ٿي مرد ڳٽتيءَ ڪري پيئندا آهن؛ چگو ٻڌ! ٿي سگهي ٿو تہ مان ڪنهن تڪليف جيڪري هتي هن جهڙي هنڌ آيو هجان. اڇ! مون کي تون ئي ٻڌاءِ، هتي تو کي چا چگو پيو لڳي؟ هتي تون ۽ مان ... گڏ آياسين، هڪ ئي وقت پهتاسين ... ٻئي وقت اڳ ئي ۽ پورو وقت هڪ ٻئي سان هڪ اکر بہ نہ اکليوسين ۽ ڳالهہ ٻولهہ تڏهن شروع ٿي جڏهن تو مون ۾ جهنگلي جانور جيان نظرون وڌيون ۽ مان تو کي ساڳيءَ نظرن سان گهوريو. چا اهو پيار آهي؟ چا اهو پيار جو ڪو ڇهاءُ آهي؟ چا اهوئي ڪو پيار پريو پنهنجائپ جو انداز آهي، چا هڪ ماڻهوءَ کي ٻئي سان ائين ملڻ کپي؟ ائين ملڻ ماڻهپي جي قدرن جي بلڪل ابتڙ آهي ۽ تنهنجو هيئن جيئڻ،

اهڙو ئي جيئڻ آهي!"

"هائو! مان ب ائين سمجهان ٿي،" هن تيزيءَ ۾ ذهانت سان هاڪار ڪئي.

مان هن جي تڪڙي "هائو" جي جواب سان سرشار ٿي ويو هئس. تنهنڪري مون سوچيو، ممڪن آهي ته منهنجي سوچ جهڙي زندگي جي چاهت، هن جي ذهن ۾ ساهه ڪڻ لاءِ هٿوراڙيون هنيون هجن. جڏهن هوءَ ٿورو اڳ مون تي نظر ڊوڙائي رهي هئي، ن مان لڳو ٿي ته هوءَ پڻ مون جهڙن خيالن رکڻ جي اهل هئي؟ "هيو سڀ وڃي جهنم ۾ پوي، ڪا ته اسان ۾ دلچسپي جي هڪجهڙائي هئي!" پنهنجا هٿ مهٽيندي مون ائين ئي سوچيو ۽ ائين ئي ڪنهن نوجوان روح کي زنده رهڻ لاءِ قائل ڪري سگهجي ٿو!

ٻين کي قائل ڪري سگهن ئي منهنجي سگهه هئي، جا مون کي سڀ کان وڌيڪ موهيندي هئي.

هن پنهنجو منهن منهنجي ويجهو آندو ۽ مون کي اوندهه ۾ ائين ڏسڻ ۾ آيو جڙ هن پنهنجو پاڻ کي پنهنجي ٻانهن سهاري ڏاري جهليو هجي. يقينن هوء منهنجي تور تڪ ڪري رهي هئي. مون کي هن جو ٿڏو ساهه پرڻ محسوس ٿيو.

"تو هتي ڇو پير پاتو آهي؟" مون پنهنجي آواز جي ڪهرائي ۾، جا اڳ ئي مون وٽ هئي، ڪانئس پڇي ورتو.

"اوهه! مون کي پتو نه آهي."

"پر جي ائين آهي ته پوءِ اهو گهٽو بهتر هجي ها جو تون پنهنجي پيءُ جي گهر ۾ رهين ها! اتي رهڻ رت گرمائيندڙ ۽ پگهر وهائڻ سواءِ هوندو آهي؛ پيءُ جو گهر ماٺهوءِ جو پنهنجو گهر هوندو آهي."

"پوءِ چا ڪجي جو اهو گهر هن هنڌ کان ب وڌيڪ خراب هجي؟"

"مون کي ڳالهائڻ جو نرم رويو اختيار ڪرڻ گهرجي." منهنجي ذهن ۾ هڪ لهر ايري. "مون کي جذباتي ٿي گهٽو اڳتي وڌي وڃڻ نه گهرجي." پر اها هڪ پل جي سوچ هئي. مان ساڪ تي چوان ٿو ته ان مهل مان گهٽو ٽڪاٽو ۽ احساسن جي لاهن چاڙهن ور چڙهيل هئس، تنهن هوندي ب هوءَ مون کي ڏاڍو دلچسپ لڳي هئي. ۽ منهنجي هوشيارپ گهٽي سولائيءَ سان پنهنجو پاڻ ريڙهيون پائي پنهنجائپ جي احساس سان هٿ ۾ هٿ ڏيئي پيرين پنڌ پئجي وئي هئي.

"ڪير ان کان انڪار ڪري سگهي ٿو!" مون جواب ڏيڻ ۾ تڪڙ ڪئي. "ڪجهه ب ٿي سگهي ٿو. مان ان ڳالهه جو قائل آهيان ته ڪنهن تو سان ڏاڍائي ڪئي هوندي ۽ تون ڏوهه ڪرڻ جي خلاف هئڻ کان وڌيڪ ڏوهارڻ آهين. جيتوڻيڪ، مون کي تنهنجي ڪهاڻي جو پتو نه آهي، پر ائين نه هئڻ گهرجي ته تو جهڙي چوڪري پنهنجي مرضي سان هتي هن گندي جڳهه تي پير پائي ..."

"مون جهڙي هڪ چوڪري؟" هن مشڪل سان ٻڌڻ ۾ ايندڙ آواز سان پڇيو، پر مون ڪيس ٻڌي ورتو هو.

سڀ ڪجهه وڃي ڪڏ ۾ پوي، مان هن سان چڱائي جون ڳالهيون ڪري رهيو هئس. هن سان ائين اندر اورڻ انتهائي اجايو هو. پر شايد ائين ڪرڻ بهتر هو ... هوءَ خاموش هئي.

"ليزا ڏس! مان تو کي پنهنجي باري ۾ ٻڌايان ٿو. جي مون کي نديڻ کان پنهنجو گهر هجي ها، مان اهڙو نه هجان ها، جهڙو مان هاڻي آهيان. مان اڪثر ائين ئي سوچيندو آهيان. گهر ۾ ماڻهو ڪيترو ب اوکو چو نه هجي ، پوءِ ب اهي سندس ماءُ پيءُ آهن، نه

ڪي دشمن يا ڏاريا. سال ۾ هڪ پيرو ئي سهي اهي ماڻهو ڪي پنهنجو پيار پسائيندا آهن. ڪجھ به هجي ماڻهو ڪي خبر هوندي آهي ته هو پنهنجي گهر ۾ آهي. مان پنهنجي گهر سواءِ وڌي وڻ ٽيو آهيان؛ ۽ شايد ان ڪري ئي مان پٽڪي رهيو آهيان ... مئل احساس منهنجي اندر پنهنجو گهر ڪري ويا آهن."

مون ٻيهر هن جي چپ چورڻ جي لاءَ واجهايو. "شايد ڪيس منهنجي ڳالھ ئي سمجھ ۾ نه آئي هجي،" مون سوچيو، "۽ جيتوڻيڪ منهنجيون ڳالھيون غير منطقي آهن ... منهنجيون ڳالھيون ڪيس ڇگو چوڻ آهي."

"جي مان پيءُ هجان ها ۽ مون کي ڏيءَ هجي ها، مون کي پڪ آهي ته مان ساڻس پنهنجن پٽن کان وڌيڪ دل لاهي ويهان ها، سچ ٽو چوان،" مون اڻ سڌيءَ طرح ڳالھ ڇيڙي، ائين جيئن هن جي ڏيان هٽائڻ لاءِ ڪنهن ٻئي ڳالھ جو ذڪر ڪندو هجان. مون کي اهو مڃڻ ڪپي ته مان شرم کان ڳاڙهو ٿي ويو هئس.

"ڇا جي ڪري ڏيءَ سان وڌيڪ پيار ڪرين ها؟" هن پڇي ورتو هو.

آها! ان مان مراد آهي ته هوءَ منهنجيون ڳالھيون ٻڌي رهي هئي!

"ليزا! مون کي اهو پتو نه آهي ته مان ساڻس ڇو پٽن کان ٻه وڌ پيار ڪريان ها. مان هڪ پيءِ کي سڃاڻان ٿو جو انتهائي سخت، خارباز ماڻهو هو پر پنهنجي ڏيءُ آڏو گوڏن ڀر جهڪي پوندو هو، سندس هٿ چمندو هو، سندس پير چمندو هو، هو پنهنجي ڏيءُ جي لاءِ گهٽو ڪجھ نه ڪري سگهيو، سچ ٽو چوانءِ. جڏهن سندس نياڻي پارٽي ميڙن ۾ جهمر کيڏندي هئي، هو پنهنجي ننڍڙي ڏيءُ کي ڏسندي، لڳاتار پنج پنج ڪلاڪ

بيٺو هوندو هو. هو پنهنجي ڏيءُ جو ديوانو هو: مان اها ديوانگي سمجهي سگهان ٿو! هن جي ڏيءَ رات جو ٽڪجي هارجي سمهندي هئي ۽ هو ڪيس ننڊ مان جاڳائي، ڪانئس چمي وٺندو هو ۽ مٿس صليب جو نشان ٺاهيندو هو. هن کي پنهنجي گندي پراڻي ڪوٽ جي پرواھ نہ هوندي هئي، اهو ماڻهو ٻئي هر ڪنهن سان ڪنجوس هو، پر پنهنجي ڏيءُ لاءِ پاڻ وٽ بچيل هڪ پيسو بہ خرچي ڇڏيندو هو، ڪيس مهانگا تحفا ڏيندو هو ۽ اهائي سڀ ڪان وڌي خوشي هئي تہ هو جڏهن پنهنجي ڏيءُ کي ڪجھ ڏيندو هو تہ هوءَ ڏاڍو خوش ٿي پوندي هئي. پيئر سدائين پنهنجي ڏيئرن سان مائن کان گهٽو پيار ڪندا آهن. کي چوڪريون گهرن ۾ خوشي سان رهنديون آهن! ۽ منهنجو پختو يقين آهي تہ مان پنهنجين ڏيئرن کي شاديون ڪرڻ نہ ڏيان ها."

"وڌيڪ ٻيو ڇا ڪرين ها؟" هن ڦڪي مرڪ مرڪندي چيو.

"ڏيءَ جي معاملي ۾ مان ڏاڍو ساڙيلو هجان ها، پڪ ڄاڻ تہ مان ساڙيلو ئي هجان ها. اهو سوچڻ تہ هوءَ ٻئي ڪنهن کي چمندي! تہ هوءَ ڪنهن ڏاڙي سان پنهنجي پيءُ کان وڌيڪ پيار ڪندي! ائين تصور ڪرڻ منهنجي لاءِ ڏنب ڏيندڙ هجي ها. جيتوڻيڪ ائين مون وانگر سوچڻ کا عقلمندي نہ آهي، پوري پروڙ سان چئجي تہ هر هڪ پيءُ آخرڪار اها ڳالھ سمجهي سگهندو آهي،"ڏيئون پرائو ڏڻ آهن." پر مون کي پڪ آهي تہ مان ڪيس ڪنهن سان شادي ڪرڻ لاءِ ڇڏڻ کان اڳ پنهنجي موت جي باري ۾ سوچيان ها، مون کي، ڪيس تسڪين ڏيندڙ سيني ماڻهن ۾ چڪون ئي چڪون نظر اچن ها. پر اها ڳالھ ان طرح پچاڻي تي پهچي ها جو مان ڪيس سندس ئي پسند جي ماڻهوءَ سان شادي ڪرڻ ڏيان ها. تو کي خبر آهي، اهو ماڻهو جيڪو ڪنهن جي ڏيءُ سان پيار ڪندو آهي سو پيءُ جي لاءِ سڀ کان

وڏيڪ خراب ماڻهو هوندو آهي. اها ڳالهه سدائين ائين ئي هوندي آهي. ڪيترن ئي ڪتنبن ۾ مسئلا ان ڳالهه جي ڪري ئي پيدا ٿيندا آهن."

"ڪي ماڻهو ڏيئرن کي عزت سان پرڻائڻ جي بدران پنهنجون ڏيئرون وڪڻي خوش ٿيندا آهن."

آها .... اوهو .... مون سمجهي ورتو، اهوئي ليزا جو مسئلو هو!

"ليزا! ڏيئرن جو وڪڻڻ، ڪيترن ئي انهن اياڳن ڪتنبن ۾ ٿيندو آهي جن ۾ نه خدا ۽ نه ئي وري پيار هوندو آهي." مون ٿهه پهه وراڻيو، "۽ اتي جتي پيار نه آهي، اتي ڏاهپ جو وجود ئي نه آهي. اهو سچ آهي ته اهڙائي ڪيترائي ڪتنب آهن، پر مان انهن جي ڳالهه نه ٿو ڪريان. جي تون اهڙي ڳالهه ڪرين ٿي ته تو پنهنجي ڪتنب ۾ بدبختيون ضرور ڏٺيون هونديون. سچ مچ تون اياڳي ٿي سگهين ٿي. هون! اهڙي بدنصيبي گهٽو تئو غريبي جي ڪري ٿيندي آهي."

"چا هوند وارن ماڻهن جا حال ڪي بهتر هوندا آهن؟ ويندي غريبن ۾، چا ڪي ايماندار ماڻهو آهن، جي خوش گذارينداهجن؟"

"اوهو، ... جي ها. شايد ائين ئي ڇنجي. هڪ ٻي ڳالهه ليزا، مرد پنهنجن ڏکيائن کي حل ڪرڻ جو شوقين هوندو آهي، پر پنهنجيون خوشيون نه ڳڻي سڳهندو آهي. جي ماڻهو پنهنجين سرهاين کي ڳڻي، جيڪي کيس ڳڻڻ ۾ ڪين ته هن کي پتو پئجي ويندو ته هر ماڻهوءَ وٽ خوش ٿيڻ لاءِ گهٽو ڪجهه آهي ۽ پوءِ ڪهڙو ٻوٽو جي ڪتنب سان هر لاڳاپو ٺيڪ هجي، جي ڏٺي جي ماڻهو مٽان ٻاجهه هجي، جي مڙس هڪ پلوڙ ماڻهو آهي، زال سان پيار ڪري ٿو، کيس خوش رکي ٿو، ڪڏهن ۾ ٻڌي نه ٿو ڏئي! ڪڏهن ڪڏهن، ويندي ڏک جي ڇانو ۾ ۽ خوشي

هوندي آهي، ڏک هر هنڌ موجود هوندو آهي. جي تون شادي ڪندين ته **پنهنجو پاڻ کي ڳولهي لهندين.** شادي جي پهرين سالن ۾، جنهن سان تون پيار ڪرين ٿي، ان ساڻ گڏ هئڻ جو سوچ: تن ڏهاڙن ۾ گهڻي خوشي، انتهائي پرپور خوشي سمايل هوندي آهي ۽ حقيقت ۾ خوشي عام شيءِ آهي. انهن ڏهاڙن ۾ ويندي پنهنجي مڙس سان خوشين جيڪري جهيڙو به نه ٿيندو آهي. ڪي مايون پنهنجن مڙسن سان جهيڙو ضرور ڪندیون آهن ڇاڪاڻ ته اهي ساڻن پيار ڪندیون آهن. **حقيقت** ۾ مان هڪ اهڙي مائي کي سڃاڻان، جا چوندي هئي ته جيئن ته هوء پنهنجي مڙس سان پيار ڪندي آهي، ان ڪري هوء ڪيس پيڙا ڏيندي آهي ۽ هن کي اهو محسوس ڪرائيندي آهي. تو کي خبر آهي ته مرد کي تون پيار جي ذريعي ڪو مزو ماڻڻ ڪارڻ پيڙا ڏيئي سگهين ٿي. اها ماڻ جي خاص خوبي آهي، اهي پنهنجي ئي باري ۾ سوچيندیون آهن،'مان هن ساڻ ڏاڍو پيار ڪريان ٿي، پوء مان ڪيس ڏينهن جا تارا ڏيکاريندیس، هاڻي ڪيس ٿوري پيڙا ڏيڻ ۾ ڪو به ڏوهه نه آهي.' ۽ ماڻ جي نظر ۾ گهر ۾ چؤڏس سرهايون ڦهليل هوندیون آهن، ۽ مايون سرهيون، مهڪيل، دلي سڪون ۽ مان سان پريل هوندیون آهن .... پوء وري ڪي ساڙيليون مايون هوندیون آهن، جي سندن مڙس ڪيڏانهن به ٿورو ڪسڪيو ته ممڻ مچائي ڏيندیون ... مان هڪ اهڙي عورت ڪي سڃاڻان، جا اڌ رات جو به پنهنجو پاڻ کي روڪي نه سگهندي هئي، پنهنجي مڙس کي ڳولهڻ لاءِ ته هو ڪٿي آهي؟ ذهن جي ڪنهن ڪنڊ مان ٽپوڙئي، ننڊ مان اٿي پوندي هئي ته ڪٿي هو ڪنهن بي مائي سان ته نه ويل آهي. مڙس جي اهڙي حالت رحم جوڳي هوندي آهي. عورت کي پنهنجو پاڻ پتو هوندو آهي ته ائين ڪرڻ غلط آهي، سندس دل بي چئي ٿي پوندي آهي ۽ ڪيس ئي پوڳٿو پوندو آهي، جيئن ته هوء پيار ۾ ٻڏاٿي هوندي

آهي ... ۽ اهو سڀ ڪجھ پيار جيڪري ئي ٿيندو آهي. ۽تا! مڙس سان جھيڙو ڪرڻ کان پوءِ ٻاھ ڪرڻ ڪيترو نہ دل کي وٺندو آهي، پنھنجي غلطي جو اعتراف ڪرڻ يا مڙس کي معاف ڪري ڇڏڻ گھڻو دل ليائيندڙ ھوندو آهي ۽ ائين، تون ڪير مان ڪير؟ ڪانپوءِ زال مڙس ۾ئي ھڪڪم ھڪ ٻئي اڳيان ھٿيار ڦٽا ڪري ڏاڍو خوش ٿي پوندا آھن ... ائين لڳندو آهي جڻ اھي ۾ئي ھاٿي ئي مليا ھجن، نئين سر شادي ڪئي ھجن؛ ائين جڻ سندن پيار نئون نئون پيچ پاتو ھجي. ۽ ڪو بہ نہ، ڪو بہ نہ ڄاڻيندو تہ زال ۽ مڙس جي وچ ۾ ڪھڙا ماکيءَ جا درياءَ وھن ٿا، جي ھو ھڪ ٻئي سان پيار ائين ڪن ٿا. زال مڙس جي وچ ۾ ڪھڙا بہ جھيڙا ٿي پون، تہ بہ انھن کي پنھنجي وڏن کي گھلي وچ ۾ آڻي، ھڪٻئي جون ڳالھيون ٻڌائي، پنھنجي وچ ۾ جج نہ ٻٽائجي. زال مڙس پنھنجا جج پاڻ آھن. پيار ڪ پنھنجائپ جو راز آهي ۽ ڇا بہ ٿئي ان راز کي ھين سيني اکيز ڪان لڪل ھئڻ گھرجي. اھو راز ئي زال مڙس جي رشتي کي وڌيڪ مٺانھون ۽ بھتر بنائي ٿو. ائين ڪرڻ سان ھو ھڪٻئي جي وڌيڪ عزت ڪندا آھن ۽ زندگي ۾ گھڻو ڪجھ ھڪٻئي جي عزت ڪرڻ سان ٻڌل ھوندو آهي. ۽ جي انھن ۾ ھڪ پيرو ئي پيار ٿيو ھوندو، جي انھن پيار خاطر شادي ڪئي ھوندي تہ پوءِ پيار ڪيئن مري ٿو سگھي؟ اسان ڄاڻون ٿا تہ ماڻھو پيار ڪندو رھي ٿو! ائين تمام گھٽ ٿيندو آهي جو ماڻھو پيار جو ويساھ نہ رکي سگھي. ۽ جي مڙس ٻاجھارو ۽ سڌو ماڻھو آهي تہ پوءِ پيار ڇا جي ڪري قائم ۽ دائم رھي نہ سگھندو؟ شادي شدھ زندگي جي پيار جو پھريون ستاءُ گذري ويندو، اھو سچ آهي، پر پوءِ پيار جو ھڪ نئون ستاءُ ايرندو آهي، جڏھن انھن کي ٻار ٿيندا آھن، سو ٻارن جو ٿيڻ پڻ اڃا وڌيڪ موھيندڙ ھوندو آهي، پوءِ ٻن روحن جو ميلاپ ٿيندو آهي، انھن جي وچ ۾ پوءِ ھر شيءِ ٻنھي لاءِ ساڳئي طرح ملھائتي

ٿي پوندي آهي، انهن جي وچ ۾ ڪي به هڪڙي کان لڪيل راز نہ رهندا آهن ۽ ايستائين جيستائين پيار ۽ همت موجود هوندا آهن، انهن لاءِ زندگي جو مشڪل ترين ويلو به خوشي ۾ بدلجي ويندو آهي. ويندي اوڪو ڪم به سرهائي ٿي پوندو آهي، ماڻهو پنهنجو پاڻ کي بکيو رکي به پنهنجن ٻچن لاءِ ماني ڳيو بچائي رکندو آهي ۽ ان ۾ به ماڻهوءَ جي لاءِ سرهائي هوندي آهي. ان جي بدلي، ٻار پچاڙي ۾ والدين سان پيار ڪندا آهن؛ تنهنڪري ماڻهو پنهنجو مستقبل اڻي رهيو هوندو آهي. جيئن جيئن ٻار وڏا ٿيندا آهن تہ والدين انهن جي لاءِ مثال هوندا آهن، اهي پنهنجن ٻچن جي پٺيرائي هوندا آهن؛ ويندي والدين جي مرڻ کانپوءِ به ٻار سدائين والدين کي پنهنجي سوچن ۽ احساسن ۾ ياد رکندا آهن، چاڪاڻ تہ اهي سوچون ۽ احساس انهن والدين کان ماڻيا هوندا آهن، اهي پنهنجي والدين جي هڪجهڙائي ۽ پسنديدگي پنهنجي لاءِ سهيڙي ڪٺندا آهن. تون ڏس، ماڻهو جو تنهنڪري هيءُ هڪ وڏو ڪارج آهي. اهو ڪارج ماءُ ۽ پيءُ کي ويجهو آڻڻ ۾ ڪيئن ڪامياب نہ ٿو ماڻي سگهي؟ ماڻهو چون ٿا، ٻارن جو هجڻ هڪ امتحان آهي. ائين چو چئجي؟ هيء هڪ آفاقي خوشي آهي! ليڪا چا تو کي ننڍڙا ٻار وٺندا آهن؟ مون کي ننڍڙا ٻار چريائي جي حد تائين وٺندا آهن. تو کي ڄاڻ هئڻ گهرجي ... هڪ گلاب جهڙو ننڍڙو ٻار جهولي ۾ هجي ۽ مڙس جي دل، زال جي پنهنجائپ کي چهي نہ سگهي، اهو ڏسندي تہ سندس زال هن جي ٻار جي سار سنيال لهي رهي آهي! هڪ صحتمند گلاب جهڙو ٻار، هٿ پير ڦهلايو ۽ بانبڑا ڏيو، گر وارن هٿ ۽ پيرن ساڻ، صاف ننڍڙا نرم ننهن، ايترا ننڍڙا جو ماڻهو انهن کي ڏسڻ سان خوشي مان کلي کيرو نہ ٿئي، اهو ممڪن ئي نہ آهي جو ماڻهوءَ جي منهن تي مسڪراهٽ تري نہ اچي؛ ٻار جون اکڙيون اهڙيون جو لڳي اهي سڀ ڪجهه سمجهي سگهن ٿيون. جڏهن هو ڪير ڏائي

۽ هو پنهنجن پتڪرڻن هٿن سان ماڻ جي ڇاتي کي پڪڙي ۽ ڪيڏي. جڏهن سندس پيءُ تي نظر پوي ته هو پنهنجو پاڻ کي ڇاتي کان ڌار ڪري، هونگرڻي ڏئي، پنهنجي پيءُ تي نظر وجهي، مسڪرائي، ڇڪ ڪو مذاق جو ميڙو متو هجي ۽ ٻيهر ڇاتي تي آهلجي ڪير ڏاڙ شروع ڪري يا هو پنهنجن ننڍڙن نڪرندڙ ڏندن سان پنهنجي ماڻ جي ببي کي، چڪ هڻي، جڏهن هو ننڍڙين اکڙين جي اک ٽيٽ سان پنهنجي ماڻ کي ڏسندي چوندو هجي، 'ڏس مان تو کي چڪ پائي سگهان ٿو!' جڏهن اهي ٽئين زال، مڙس ۽ ٻار گڏ هوندا آهن، ڇا هيءَ سارو وايو منڊل خوشي نه آهي؟ ماڻهو اهڙن لمحن ماڻ لاءِ وڏا وڏا ڏوهه معاف ڪري سگهي ٿو. هائو ليزا! ائين ئي آهي. هر ڪهڻ کي، ٻئي تي الزام هڻڻ کان اڳ پهريائين پنهنجو پاڻ کي جيئڙ سيکارڻ گهرجي."

"هي سڀ ڳالهيون تصوير ڪشي جون آهن، ڪوئي تو کي ڏسي ڪري اهڙي تصوير ڪشي ڪري سگهي ٿو!" مان پنهنجي دل اندر سوچيو، جيتوڻيڪ مون پنهنجي دل جي احساس جي ڳالهه ڪئي هئي ۽ تڏهن به مان هڪدم ڳاڙهو ٿي ويو هئس. "پوءِ ڇا ٽيندو جي هوءَ اچانڪ ٽهڪن ۾ ٻڏي وڃي ته پوءِ مان ڇا ڪري سگهندس؟" اهڙي خيال مون کي بي چين ڪري ڇڏيو. مان پنهنجي ڳالهين جي پهاڻي سان پوري طرح جذباتي ٿي ويو هئس ۽ هاڻي منهنجو تڪبر ڪنهن حد تائين گهائجي چڪو هو. سانت چانئجي ويئي هئي. هاڻي مان هن جي وار وار کي ڏونڊاڙي چڪو هئس.

"ڇا جي لاءِ تون ..." هن ڳالهه شروع ڪئي ۽ اڌ ۾ ڪٽي ڇڏي پر مان سمجهي ويس: سندس آواز ۾ ڪا خاص لرزش هئي، سندس آواز پهريان جيان تڙ نه هو، هن جي آواز ۾ ڪا به سختي نه هئي ۽ ان ۾ اڳ جيان ڪا به بي مقصديت نه هئي. هاڻي ليزا جو لهجو نرم ۽ منهن تي ڪا شرمساري هئي، ان

ڪري اوچتو مون پنهنجو پاڻ کي شرمسار ۽ ڏوهي پائيو.

"چا؟" مون نرم لهجي ۾ حيرت مان پڇيو.

"چا جي لاءِ ... تون ...."

"چا؟"

"چو، تون ... ڪنهن ڪتاب جيان ڳالهيون ڪري رهيو آهين،" هن چيو ۽ ٻيهر هن جي آواز مان ڏڪار بکي رهيو هو.

هن جي انهيءَ طنز منهنجي هنئين ۾ جهير وجهي ڇڏيو. هن جو ردعمل اهڙو نه هو جنهن جي مون توقع رکي هئي. مان نه سمجهي سگهيس ته هو ۽ پنهنجي احساسن کي چو بدقسمتي جي چادر اوڙهي رهي هئي، گهٽو ڪري ائين ڪرڻ سان ته سادا ۽ صاف دل وارا ماڻهو فرار ڳولهيندا آهن، جڏهن انهن جي روح جي ڳجهه کي ڏاڍائيءَ ۽ ٽنگ اٽڪائڻ سان فتح ڪيو ويندو آهي ته انهن جو تڪبر انهن کي پاڻ اڀرڻ کان آخري پل تائين روڪيندو آهي ۽ اهي پنهنجي احساس کي ٻين اڳيان اظهار ڪرڻ بجاءِ سڪي سوڙها ٿي ويندا آهن. مان اهڙن ماڻهن جي گيدي پٽي مان سچ ڳولهي لهندو آهيان. جنهن سچ، بار بار هن جي پنهنجي دکن کي ٿي چهيو، ان ڪري هوءَ پاڻ کي صرف ايترو چوڻ لاءِ تيار ڪري سگهي ته نيٺ ڪي ٻه چار لفظ اڪاري سگهي. پر مان کو اندازو لڳائي نه سگهيس ۽ بيمار سوچن مون کي گهيري ورتو هو.

"ٿورو انتظار ڪر" مون پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو.

❑

وندر ستون

"اوهہ! ... هش! ... ليزا! تون ڪيئن چئي سگهين ٿي تہ هي ڪتابي ڳالهيون آهن؟ هي ڳالهيون ويندي مون کي پاڻ کي ڏاريو. بيمار محسوس ڪرائن ٿيون؟ جيتوٽيڪ انهن ڳالهين تي مان ڪنهن ڏاريي جيان نظر نہ ٿو وڙايان. حقيقت ۾ اهي ڳالهيون منهنجي دل کي چهي وڃن ٿيون ... چا اهو ممڪن آهي ... چا اهو ممڪن آهي نہ اهڙين ڳالهين ۾ ماڻهو جي پنهنجي سر موجود هوندي بہ ڪيس روگ محسوس نہ ٿئي؟ صاف ظاهر آهي تہ ماڻهو جو چاهہ ڪمال ڪري ڏيکاريندیو آهي! ڪير ٿو چاڻي. ڪهڙو چاهہ ڪهڙي ماڻهوءَ سان ڪهڙو ڪمال ڪري ڏيکاري. چا تون سنجيدگيءَ سان سوچي سگهين ٿي تہ تون ڪڏهن بہ پوڙهي نہ ٿيندينءَ؟ تہ تون سدائين هاڻي جيان سونهن پري رهندينءَ ۽ تہ اهي نوسيندڙ ڪتا تو کي هميشہ جي لاءِ هتي پاڻ سان رهائيندا؟ مان هتان جي زندگيءَ جي ماحول سان حقارت جيڪري نہ پيو چوان ... جيتوٽيڪ تون مون کي چڏين تہ تو کي هتان جي ويران زندگي جي باري ۾ تو کي سڀ ڪجهہ ٻڌائي چڏيان ... منهنجو مطلب آهي. تنهنجي هاڻوڪي زندگي جي باري ۾. جيتوٽيڪ هاڻي تون گيرو. موهيندڙ زندهہ ۽ احساسن سان پرپور آهين. تنهن هوندي بہ تون سمجهي چڏ تہ جيئن ئي مون تو سان ڳالهيون ڪيڙيون تہ تيئن ئي هڪدم مون پنهنجو پاڻ کي هتي تو سان گڏ هئڻ ڪري بيمار پائنڊ لڳم! هتي ماڻهو صرف تڏهن ئي اچي سگهي ٿو. جڏهن هو نشي ۾ ڌت

هجي. پر جي تون ٻئي ڪنهن هنڌ هجين، سڻ ماڻهن جيان زندگي گهاريندي هجين، مان تو ڏانهن چڪجي اچڻ کان ٻ وڌيڪ پنهنجائپ محسوس ڪندس، تنهنجي نظر پاڻ تي پوڻ سان ڏيئي جيان هري پوندس، مون کي ڪو هڪ اڌ لفظ وڌيڪ چوڻ ڏئي، مان تنهنجي در تي تنهنجي اوسيئڑي ۾ ويهجي ويندس، تنهنجي آڏو پنهنجي گوڏن تي جهڪي پوندس، تو تي ائين نظر وجهندس، جڏ تون منهنجي مگيندي هجين ۽ اهو پنهنجي لاءِ اعزاز سمجهندس ته تو سان مون کي مگڻو ڪرڻ ڏنو وڃي. مان تنهنجي باري ۾ جنسي بک جي سوچ ذهن ۾ آڻڻ جي جرئت ئي نه ڪري سگهندس. پر هتي، تون ئي ٻڌاءِ، مان ڇاڻان ٿو ته مون کي صرف سيڻي وڃائي آهي ۽ تو کي مون سان گڏ هلڻو پوندو، پوءِ پل تون جي چاهين ٻ يا نه، تو کي مون سان هلڻو ئي پوندو. مان تنهنجي خواهش جي ڪا ٻ پرواه نه ڪندس، پر تو کي منهنجي هر خواهش جي پرواه ڪرڻي پوندي. سستو مزدور پنهنجو پاڻ کي ڪم واري مائي چوندو آهي، پر تنهن هوندي ٻ هو پنهنجو پاڻ کي ڪنهن ٻ طرح باندي نه بنائيندو آهي؛ ٻيو ته هو ڇاڻندو آهي ته هو هينئر ئي ٻيهر آزاد ٿي پوندو. پر ڇا تون ڪڏهن آزادي ماڻي سگهين ٿي؟ صرف اهوئي سوچ ته تون هتي ڇا ڇا قربان ڪري رهي آهين؟ باندي بڻجي تون ڇا هڙ حاصل ڪري سگهين ٿي؟ تنهنجو روح پڻ تنهنجي جسم سان گڏ باندي بڻيل آهي؛ تون پنهنجو روح وڪڻي رهي آهين، جنهن جي وڪڻڻ جو تو کي ڪو ٻ حق حاصل نه آهي! تون پنهنجو پيار ڏيئي نشي ۾ ڌت ماڻهن هٿان پنهنجو پاڻ کي گهٽي رهي آهين! پيار!؟ پر تنهنجي لاءِ اهوئي پنهنجو جسم ۽ روح وڪڻڻ آهي، تون ڇاڻين ٿي، پيار هڪ املهه هيرو آهي، پيار لازوال خزانو آهي. پيار ؟... ڇا جي ڪارڻ هڪ مرد موت کي منهن ڏيئي پيار ماڻڻ لاءِ. تيار هوندو آهي ته جيئن هو پنهنجو روح تو کي ڏيئي

چڏي، پر هاڻي تنهنجي پيار جو ملهه ئي ڪهڙو آهي؟ تون وڪاڻل آهين، پوري جي پوري، جسم ۽ روح سوڏو ۽ تنهنجي پنهنجي ڪري هاڻي جڏهن تو وٽ پيار سواءِ ٻيو سڀ ڪجهه آهي تہ پوءِ پيار ماڻڻ جي لاءِ تو وٽ جاکوڙڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ رهي آهي. ۽ توکي ئي پتو آهي تہ ڪنهن بہ ڇوڪري جي ان کان وڏي ٻي ڪا بہ بي عزتي نہ ٿي سگهي جو ساڻس پيار ڪرڻ وارو ڪو بہ نہ هجي، ڇا تون منهنجي ڳالهه سمجهي آهي؟ منهنجو پروسو ڪر، مان ٻڌو آهي تہ ماڻهو تو کي خوش ڪن ٿا، اها انتهائي چريائپ جي ڳالهه آهي، اهي تو کي ڪيئن تو سان پنهنجائپ مان پيار ڪرڻ جهڙا ماڻهو ڏٺي سگهندا. تون ڄاڻين ٿي تہ ائين سوچڻ فقط مذاق آهي، بس اهو تو سان ڏوڪو ڪرڻ آهي، اها تو تي ٿئول آهي ۽ تون ان ٿئول ۾ وڃائجي وئين آهين! تون، هرو پرو ائين فرض ڇو ڪرين تہ ڪو تو سان پيار ڪري ٿو، تہ تو مان جنسي اڇ اجهائيندڙن مان ڪوئي تو سان پيار ڪندڙ مان هڪ آهي؟ مان اهڙي پيار تي يقين ڪو نہ ٿو رکان. ڪو ئي ماڻهو تو سان ڪيئن پيار ڪري سگهي ٿو؟ جڏهن هو ڄاڻيندو هجي تہ تو کي ڪنهن بہ وقت هن وٽان سڏي وئي وڃي سگهجي ٿو؟ ڪو ئي بہ بيوقوف ماڻهو هوندو جي هو اهڙي پيار تي يقين رکندو هوندو! ڇا هن وٽ تنهنجي عزت جو ڪو هڪ ان ڪٽو بہ هوندو؟ تنهنجي هن سان ڪهڙي هڪجهڙائي هوندي؟ هو تو تي ڪلندو رهندو ۽ تنهنجي سون جهڙي جسم جي ڪاٽ ڪي ڪاٽ هٽندو رهندو ... ايترو ئي هن جو توسان پيار هوندو آهي! تون خوش قسمت هوندينءَ جي هو تو کي مار نہ ڏيندو. اهو گهٽي ياگي ممڪن آهي تہ تنهنجو گراهڪ تو کي پڻ مار ڏئي. پنهنجي جسم نوچيندڙن کان پڇي ڏس، انهن مان ڪو هڪ بہ تو سان شادي نہ ڪندو. هو ٿئول مان تو تي ڪلندو رهندو، هو تنهنجي منهن ۾ ٽڪ يا تنهنجي

منهن ۾ مڪ وهائي ڪيڏ لاءِ تيار هوندو ... جيتوڻيڪ اهڙو ماڻهو پاڻ هڪ پائي جي ملهه برابر به نه هوندو. ۽ تو چا جي لاءِ پنهنجي زندگي برباد ڪري ڇڏي آهي؟ جي تون پنهنجي اهڙي زندگي جي باري ۾ سوچي سگهين ته تو کي ڏکئي وٺي ويندي. تو پنهنجي زندگي، ڪافي جي ڏڪ لاءِ، جا هو تو کي پيئڻ جي لاءِ ڏين ٿا ۽ مانيءَ جي ڳيچي لاءِ، جو هو تو کي کارائين ٿا، تنهن لاءِ تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏي آهي؟ پر هو ڪهڙي مقصد ڪارڻ تو کي کارائين پيارين ٿا؟ هڪ ايماندار ڇوڪري ان سوال جو جواب سوچي، مانيِ ڳيو نڙي مان هيٺ لاهي نه سگهندي، هن کي پتو هوندو آهي ته چا جي ڪارڻ هن جو پيٽ پريو وڃي ٿو. تون هتي ٻئي ڪنهن جي احسان جي بار هيٺ دٻيل هوندينءَ ۽ يقينن تون سدائين اهڙي اجائي احسان جي قرضي هوندينءَ ۽ تون آخر تائين قرض ۾ ڊٻندي رهندينءَ، تان جو تنهنجو گراهڪ تون سان حقارت ڪرڻ لڳندو. ۽ ائين تو سان جلد ئي ٿيندو، پنهنجي جواني تي نه پاڙ ... اهو تون ڄاڻين ٿي، هتي هرشيءِ ايڪسپريس ٽرين جي رفتار سان هلي ٿي. تو کي ٽڏي ٻاهر ڦٽو ڪيو ويندو. ۽ نه صرف ٽڏي اڇلايو ويندو، ان کان گهٽو اڳ مالڪياڻي تنهنجيون غلطيون ڳولهيندي رهندي، تو کي دڙڪا ڏيندي رهندي، گاريون ڏيندي رهندي، جڏ ته تو هن جي لاءِ پنهنجي صحت قربان ئي نه ڪئي آهي، جڏ تو هن جي فائدي لاءِ پنهنجي جواني ۽ روح کي قربان نه ڪيو آهي پر جڏ تو پنهنجي مالڪياڻي کي برباد ڪيو هجي، کيس فقير بنايو هجي، کيس ڦريو هجي. مان اهو چوندس ته تون ڪنهن مان اميد نه رک ته هو ڪو تنهنجو ٻانهن ٻيلي ٿيندو: تنهنجيون ٻيون ساڻياڻيون، تنهنجي مالڪياڻي جي همدردي حاصل ڪرڻ لاءِ تو تي وار ڪنديون رهنديون، هتي هرڪو ئي غلام لڳو پيو آهي، هر ڪنهن جو ضمير مري چڪو آهي ۽ گهٽي عرصي کان اهي

سپ وٹشائون پاڻ رحم جوڳيون آهن. اهي سپ الٽي بنجي چڪيون آهن ۽ دنيا ۾ ڪا به شيءِ الٽي جي بدبوءِ کان وڌيڪ ڪراهت ڏيندڙ نه هوندي آهي، هيءُ هنڌ وڌيڪ ڪراهت آميز گهٽو عزت کي گهائيندڙ آهي. هيءُ هنڌ سپ لڳ لاڳاپا لاهي استعمال ڪري ڦٽو ڪرڻ کان وڌيڪ ڪارگر نه آهي ۽ تون پنهنجو سپ ڪجهه هتي سواءِ ڪنهن لاءِ جي قربان ڪري رهي آهين، پنهنجي جواني ۽ تندرستي، پنهنجي سونهن ۽ زندگي جي اميد. ۽ ٻاويهن سالن جي عمر ۾ تون پنجتيهه سالن جي عورت لڳندين ۽ جي تون خوش قسمت هوندين ته تون ڪنهن بيماري جي ور نه چڙهندين، پنهنجي تندرستي جي لاءِ الله کي ٻاڏاءِ! ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته هاڻي تو کي لڳي ٿو ته تون وقت خوش گذارين ٿي ۽ تو وٽ ڪرڻ لاءِ ڪو اوکو ڪم نه آهي! ائين ئي چئجي ته ماڻهو جي لاءِ دنيا ۾ ڪو به وقت مشڪل ۽ وڌيڪ پوائتو نه آهي يا ڪڏهن به ڏکيو نه رهيو آهي. ماڻهوءَ کي سوچڻ گهرجي ته دل اڪيلي سر ڳوڙهن ۾ وهي لڙهي ويندي آهي. ۽ تون هڪ لفظ به چوڻ جي جرئت نه ڪري سگهندين، جڏهن هو تو کي هتان ڪڍي ڦٽو ڪندا، تڏهن به هڪ اڌ لفظ به چئي نه سگهندين؛ تون سارا الزام پنهنجي سر تي کڻي، هتان هلي ويندين. تون هڪ ٻئي ڪوٽي تي هلي ويندين، پوءِ ٽئين، پوءِ ڪنهن ٻئي هنڌ، جيستائين تون ڦرندي گهرندي آخر ڪار هن مارڪيٽ ۾ نه پهچي وڃين. جتي تو کي هر پل مار ڏني ويندي؛ هتان جو اهو ئي اصول آهي، گراهڪن کي پنهنجي خريد ڪيل مال کي سواءِ وڙهڻ جي ٻيو پتو ئي نه آهي، اهي ياراڻو ورتاءُ ڪري ئي نه ڄاڻين. تو کي يقين ئي نه پيو اچي ته هيءُ جڳهه تمام گهٽو نفرت لائق آهي؟ هڪ ٻيري، هڪ نئين سال جي پهرئين ڏينهن، مون هڪ وٹشيا کي هتي دروازي وٽ بيٺل ڏٺو. ساٹس مذاق ڪندي ڪيس ڏکو ڏيئي

گهر کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ويو هو تہ جيئن هو ڇمائيندڙ ٿڌ جو مزو ماڻي سگهي. ڇاڪاڻ تہ هوءَ سور منجهان ڏاڍو چنگهي رهي هئي ۽ ڪوئي جي مالڪياڻي هن جي لاءِ دروازو بند ڪري ڇڏيو هو. هوءَ گهٽو ئي سج اپرڻ کان اڳ صبح جو نوين بجي نشي ۾ ڏت ٿي چڪي هئي، هوءَ وڪريل، اڌ اگهاڙي هئي، سندس جسم تي رهڻ جا نشان هئا. سندس منهن برف جي ذرڙن ۾ ڍڪيل هو. هڪ اک ڏکن جي ڪري سجيل ۽ ڪاري ٿي وئي هئي، سندس نڪ ۽ ڏندن مان رت جا ٽيپا ڳڙي رهيا هئا، ڪنهن ٽيڪسي ڊرائيور ڪيس مار ڪٽ ڪئي هئي. هوءَ پٽرن جي ڏاڪن تي ويٺي هئي، ڪا نمڪين مڇي سندس هٿ ۾ پکڙيل هئي؛ هوءَ چنگهي رهي هئي، پنهنجي قسمت کي پٽون پاراتا ڏيئي رهي هئي ۽ مڇيءَ سان فرش کي ڪٽي رهي هئي ۽ ٽيڪسي ڊرائيور ۽ نشي ۾ ٻڏاڻا فوجي دروازي جي ڏيوڙي ۾ ڪٽي ٿي مٽس طنز ڪري رهيا هئا. ڇا تو کي پڪ آهي تہ تنهنجي حالت اهڙي ڪڏهن بہ نہ ٿيندي؟ مون کي تنهنجي اهڙي حال تي يقين اچڻ ڪري افسوس پڻ ٿئي ٿو پر تون ڪيئن سمجهندينءَ؟ ٿي سگهي ٿو ڏهہ سال، اٺ سال اڳ اها لوٽيائي مڇي واري عورت ڪنهن معصوم ٻار جيان، زندهہ معصوم، پاڪ، بچڙائي کان دور، ڪنهن بہ شرمساري جيڪري ڳاڙهي ٿي ويندڙ هوندي هجي. هتي اچڻ کان اڳ سندس زندگي اهڙي ئي هجي. اڇ تہ سوچيون ٿا تہ هوءَ بہ تو وانگر ماڻ واري، پيئر تو ڏوکو هٽندڙ ٻين کان مختلف هئي؛ شايد هوءَ هڪ راڻي جيان راڄ ڪندي هئي ۽ ڪيس پتو هو تہ هن جي اندر ۾ مرد جي لاءِ ڪهڙن هيرن جي ڪاڻ پوريل آهي، هن سان ڪهڙي مرد کي نينهن لاهڻ گهرجي ۽ ڪهڙي مرد کي هوءَ ليائي، پنهنجو پاڻ سندس حوالي ڪري ڇڏي. تون سمجهي سگهين ٿي، سندس سڀ خواب ڪيئن تہ نہ ڇڪنا چور ٿيا هوندا؟ ۽ پوءِ ان ويل

سندس ملهه چا وڃي بچيو هو، جنهن مهل هوءَ مڃي ساڻ گندن ڏاڪن کي ڪٽي رهي هئي، نشي ۾ ٻڏائي، ويڳاڻي ... انهيءَ پل جو چا ملهه رهيو هو، جڏهن هوءَ پنهنجي پيءُ جي گهر گهاريل شروعاتي پويتر ڏهاڙا ياد ڪري، اهي ڏهاڙا جڏهن هوءَ اسڪول ويندي هئي ۽ پاڙيسري چورو هن جي اوسيئڙي ۾ رستي ۾ بيٺي هن جو انتظار پيو ڪندو هو، ان چوري جي دل ۾ هوندو هو ته هو ساٺس عمر پر پيار ڪندو رهندو، هو پنهنجي زندگي هن کي ارپي ڇڏيندو ۽ جڏهن انهن هڪٻئي سان سدائين جي لاءِ نينهن نيائڻ جو قسم کنيو هوندو ۽ ايترو ئي جلدي شادي ڪرڻ جو وچن ڪيو هوندو جيترو جلدي هو پاڻ پالڻ جهڙا ٽيٽا هئا! نه، ليزا نه، اهو تنهنجي لاءِ بهتر هجي ها جي تون سلهه جيڪري ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ مري وڃي هان، اڳ ذڪر ڪيل مائي جيان ڪنهن ته خاني مان تنهنجو لاش کنيو وڃي ها يا اسپتال منجهان، جيئن تو ٽي چيو، پنهنجا آخري ڏهاڙا پورا ڪرين ها؟ تون خوش قسمت هوندينءَ جي اهي تو کي (پورٽ لاءِ) ڪٽن ها، پر پوءِ چا ڪجي جو تون ايا بہ ڪوئي جي مالڪياڻي جي استعمال ٽيڻ جي قابل هجين؟ سلهه! هڪ خطرناڪ بيماري آهي، اها تپ جيان نہ آهي. مريض جيئرو رهڻ جي اميد سهاري آخري پساه تائين اميد رکي ٿو ۽ چوي ٿو: مان ٺيڪ آهيان. مريض پنهنجو پاڻ کي ٽوکو ڏيئي ٿو. ۽ اهڙو لکاءُ تنهنجي مالڪياڻي لاءِ سونهي ٿو. تو کي ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ هئڻ گهرجي، ائين ئي ٽيٽو آهي؛ تو کي پنهنجو روح وڪڻڻو آهي ۽ تون پيسا ڪمائي سگهين ٿي، ٻيو تو کي چا گهرجي؟ ان ڪري هاڻي ڪو تو سان هڪ لفظ بہ ڪيڻ جي جرئت نہ ٿو ڪري سگهي. پر جڏهن تون مرڻ ڪنڊي پهچندينءَ، سڀ تو کي مرڻ لاءِ اڪيلي سر ڇڏي ڏيندا، سڀ تو کان منهن موڙي ويندا، انهن لاءِ تو مان لاڀ ماڻڻ لاءِ ڪجهه بہ نہ بچيو هوندو. ٻيو وڌيڪ چا

چئجي، اهي تو کي هڪ هنڌ سوگهو ڪرڻ لاءِ تنهنجي بي عزتي ڪندا ته تون موت لاءِ ايتري ڊيگهه چو ٿو ڪرين. تون پاڻي جو هڪ ڊڪ به منٿن ڪرڻ باوجود. گاريون کائيندي نه وئي سگهندينءَ: 'ڪڏهن ٿي مرين، تون ڪتي ڪميني، تو اسان کي پنهنجي ڪنجهڻ ڪرڪٽ ڪري سمهڻ نه ڇڏيندينءَ، تون چگن چوکن ماڻهن کي بيمار ڪري ڇڏيندينءَ.' اهو ئي سچ آهي، مان اهڙا چيل جملا پنهنجي ڪنين ٻڌا آهن. اهي تو کي ڏکي ڏوٽي ڏار ڪري، ڪنهن گندي ته خاني جي ڪنڊ ۾ مرڻ لاءِ ڇڏي ڏيندا ... غلاظت ۽ انڌاري ۾، تنهنجون ڪهڙيون سوچون هونديون، اتي اڪيلي پئي؟ جڏهن تون مرندينءَ، ڏاريا هٿ تو کي ليٽائيندا، ماڻهن جي پڻ پڻ ۽ بي صبري نه ختم ٿيڻ واري هوندي، ڪو به تنهنجي لاءِ ڳوڙهو نه ڳاڙيندو، ڪو به تنهنجي لاءِ سسڪي نه پريندو، جيترو جلد ٿي سگهندو، اهي تو مان پنهنجي جان ڇڏائيندا، تو کي ائين قبرستان ڪني ويندا، جيئن اڄ هن مائي کي پورڻ لاءِ ڪني ويا آهن ۽ مٺ خاني ۾ ويهي تنهنجي ياد ۾ جام پيتا ويندا. قبر ۾ گرچڻ، گند، پيني برف هوندي ... انهن کي ڪا به ضرورت نه هوندي جو تنهنجي لاءِ پاڻ کي تڪليف ڏيئي ٻاهر نڪرن ...'ڪيس قبر ۾ وڃڻ ڏيو، آها، اهڙي ئي سندس قسمت هئي ... ويندي هتي، هيءَ ڪميني سڀ کان اڳ آئي آهي، ڪمينا! ٿورو رسي کي ڏلو ڪر، لاش کي هيٺ اڇڻ ڏي.' ' ٺيڪ ائين ئي ٿيندو آهي.' ڇا ائين ٿيڻ ٺيڪ آهي؟ چو، هوءَ مئل مائي جو پاسو وٺي ٿي! ڪجهه به هجي، هوء هئي ته هن سان گڏ رهڻ واري. پر دل ۾ نه ڪريو، سندس لوڙهه لٽيو' اهي تنهنجي باري ۾ جهيڙو ڪري پنهنجو وقت برباد ڪرڻ نه چاهيندا. جيترو جلد ممڪن ٿي سگهندو، اهي مٽي وجهي تنهنجو لوڙهه لٽيندا، مٺ خاني پيڙو ٿيڻ چاهيندا ... ۽ تون قبر ۾ پوڻ سان هن دنيا ۾ ويسارجي ويندينءَ؛ ٻين عورتن کي پنهنجا ٻار پيئڻ مڙس

هوندا آهن، جي سندن قبر تي پيرو پريندا آهن پر تنهنجي لاءِ ڪو بہ ڳوڙهو ڳاڙڻ وارو نہ هوندو، ڪا بہ اک تنهنجي لاءِ پنل نہ هوندي، ڪو بہ تنهنجي لاءِ ٽڏا ساه نہ پريندو، ڪو بہ تو کي ياد ڪرڻ وارو نہ هوندو؛ ڪو بہ هن پوري ڪائنات ۾ تنهنجي قبر تي نہ ايندو، تنهنجو نالو دنيا جي گولي تان مينسارجي ويندو ... ائين جڻ تنهنجو هن دنيا ۾ ڪو ئي وجود ئي نہ هو، تون بلڪل پيدا ئي نہ ٿي هئينءَ. پنهنجو تابوت ڪڙڪائيندي تو کي ڪجھ بہ نہ ملندو سواءِ گند ۽ مٽي جي. جڏهن مٿا اڏندا، تڏهن بہ تون روئندينءَ: 'مون کي باهر نڪرڻ ڏيو، مهربان انسانو، ڏينهن جي روشني ۾ ساه کٽڻ ڏيڻ لاءِ، مون کي باهر نڪرڻ ڏيو! منهنجي زندگي ڪنهن بہ نموني زندگي جي هڪ لکا بہ نہ هئي: منهنجي زندگي کي برتنن کي اڳهڻ واري ڪپڙي جيان استعمال ڪري اڇلائي ڦٽو ڪيو ويو هو، منهنجي زندگي جي رت جو ٽيپو ٽيپو هن مارڪيٽ ۾ پيتو ويو؛ مون کي باهر نڪرڻ ڏيو، مهربان انسانو، مون کي هن دنيا ۾ ٻيهر رهڻ ڏيو."

مان ايترو تہ پنهنجي آواز تي زور ڏيئي ڳالهايو هو جو منهنجي نڙي سڪي خشڪ ٿي ويئي هئي ۽ ... ۽ مان هڪدم وڌيڪ ڳالهيون ڪرڻ چاڻي ڏنيون هيون، مان همت هاري ويهي رهيس ۽ جاڻي ٻجهي جهڪي پيس، ڏڪندڙ دل سان ڪجھ ٻڌڻ چاهيم. مون وٽ پريشان ٿيڻ جو سبب هو.

مان ٿوري وقت لاءِ محسوس ڪيو تہ مان هن جي روح کي جهنجهوڙي رهيو هئس ۽ هن جي دل کي ڪپڙي جيان چيريو ٿي ۽ ... ۽ مون کي جيترو وڌيڪ پنهنجي ڳالھ جي رنگ لائڻ جو پروسو ٿيندو ٿي ويو، اوترو ئي ممڪن حد ۾ رهندي، مون تڪڙي ۽ اثرائتي انداز سان پنهنجو مقصد ماڻڻ ٿي چاهيو. هيءُ منهنجي هنرمندي جو امتحان هو، جو مون کي پاڻ ساڻ گهلي ڪنيو ٿي ويو؛ تنهن هوندي بہ ليزا سان ائين ڳالهيون ڪرڻ

ڪنهن بہ صورت ۾ ڪا راند نہ هئي .....

مون ڄاتو ٿي تہ مون کهري ۽ هٿ ٽوڪئي انداز سان ليزا سان ٿي ڳالهايو، ويندي ڪتابي ڳالهين واري انداز ۾ هن سان وچور ٿي وندياس. حقيقت ۾، مان ان "ڪتابي انداز" سواء ڳالهائي بہ نہ ٿي سگهيس. انهيءَ انداز ۾ ڳالهيون ڪرڻ سان مون کي ڪا بہ اولائي نہ پئي ٿي: مون ڄاتو ٿي، مون کي احساس هو تہ منهنجي ڳالهين کي سمجهيو ويندو ۽ نجو پجو ڪتابي انداز منهنجي لاءِ مددگار ثابت ٿيندو. پر هاڻي، پنهنجي اڳرائتي هئڻ جي سوپ کانپوءِ، مان اوچتو ئي مونجهاري جي ور چڙهي ويس. اهڙي نا اميدي جي ور مان اڳ ڪڏهن بہ نہ چڙهيو هئس! هوءَ پنهنجي منهن پر ليٽي پئي هئي، هن پنهنجي منهن کي وهاڻي ۾ زور سان دٻائي، ڄڻهي هٿن ۾ سوگهو ڪري ڇڏيو هو. سندس دل ٽٽي ٽڪر ٽڪر ٿي چڪي هئي. سندس جوان جسم ڪنهن اوچتو حملي ور چڙهي، زخمي ٿي شدت سان ڏڪي رهيو هو. هن جي دٻايل سڏڪن، سندس ڇاتي ڦاڙي وڌي ۽ هوءَ اوچتو روئڻ ۽ رانيائڻ ۾ لڳي ويئي، پوءِ هن وهاڻي کي زور ڏيئي ٻيٽو ڪيو: هن ڪنهن کي بہ پنهنجي پرسان ڏسڻ نہ ٿي چاهيو، ڪنهن بہ هڪ جيئندڙ کي نہ، جو هن جي دک درد ۽ ڳوڙهن کي ڏسي سگهي. هن وهاڻي کي چڪ هنيو، پنهنجي هٿ کي چڪ پاتو تان جو سندس هٿ مان رت وهي هلي (مون کي پوءِ رت ڏسڻ ۾ آئي هئي)، يا وري پنهنجيون آڱريون پنهنجن وڪريل وارن ۾ وجهندي، پنهنجو ساهہ روڪيندي ۽ پنهنجا ڏند پيڪوڙيندي هوءَ پنهنجي نيٽن جي نيرن کي روڪڻ ۾ جنبي وئي، منهنجي من چاهيو تہ ڪيس منٽون ڪجن تہ هوءَ پنهنجو پان سنياليو وٺي پر مون کي محسوس ٿيو تہ مان ائين ڪرڻ جي همت نہ ساري سگهندس، ۽ اوچتو ئي هڪدم ڏڍ جي هڪ سيسراٽ جي جسم مان لنگهي وڃڻ سان، بلڪل خوف واري

حالت ۾، اوندھ ۾ ٽڙندي ٽاپڙجندي، جلدي ۾ نڪري هليو وڃڻ لاءِ مون ڪپڙن پهرڻ جي ڪوشش ڪئي. هتي گهٽي اوندھ هئي؛ جيتوٽيڪ مان پنهنجي پوري ڪوشش جي باوجود جلدي جلدي ڪپڑا پهرڻ ۾ ناڪام ٿيس. اوچتو مون کي ماچيس ۽ ميڻ بتين جو ڊبو ملي ويو. ڊبو ميڻ بتين سان پريو پيو هو. جيترو جلدي مون ڪمري ۾ سوجهرو ڪيو، اوترو ئي جلدي ليزا اٿي، بستري تي ويهي رهي ۽ درد پريل اکين سان، هلڪي چريائپ واري مسڪراهٽ سان، ائين چئجي ته تقريبن هوش مان نڪرندي مون تي نظر وڌي. مان سندس ٻر ۾ ويهي رهيس ۽ سندس هٿ پنهنجن هٿن ۾ پڪڙيا؛ هوءَ پنهنجو پاڻ ۾ واپس وري آئي هئي، هوءَ ڪجھ سوچڻ سمجهڻ سواءِ ئي مون ڏانهن وڌي، مون کي پنهنجائپ مان پڪڑڻ ٿي چاهيائين پر ست نہ ساري سگهي ۽ آهستي آهستي منهنجي آڏو پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائين.

"ليزا! منهنجي پياري، مان غلط هئس ... منهنجي پياري مون کي معاف ڪر" مون ڳالهه شروع ڪئي پر هن پنهنجي آڱرين جي وچ ۾ منهنجين آڱرين کي ايترو زور سان پيڪوڙي ڇڏيو هو جو مون محسوس ڪيو ته مان ڪا غلط ڳالهه ڪري رهيو هئس ۽ تنهنڪري چپ ٿي ويس.

"هيءَ منهنجي ايڊريس اٿئي ليزا، مون ڏانهن پيرو پرجاءِ."

"مان ضرور پير پري ايندس،" هن خاطريءَ سان جواب ڏنو، سندس ڪنڌ اڃا تائين جهڪيل هو.

"چگو، هاڻي مان هلان ٿو ... جيستائين وري اسان سياڻي ملون تيستائين مالڪ اسان جو واهي."

مان اٿي بيهي رهيس؛ هوءَ پڻ اٿي بيٺي ۽ اوچتو شرم کان پوري ڳاڙهي ٿي ويئي، سيسراٽي پريائين، ست ڏيئي ڪرسي تي پيل پنهنجي شال کنيائين، شال ۾ پنهنجو پاڻ کي ڪاڏيءَ تائين

ويڑهي ڇڏيائين. هن پوري عمل دوران هن جي چپن تي هڪ پيرو ٻيهر ريشمي مرڪ تري آئي ۽ هوءَ ڳاڙهي ٿي ويئي ۽ مون تي اجنبي نظر وڌائين. منهنجي سيني ۾ سور جي ست اپري، مان ٻاهر نڪري وڃڻ جي تڪڙ ۾ هئس ... غائب ٿيڻ جي لاءِ بي چين هئس.

"هڪڙو منٽ ترس،" هن دروازي پرسان در رستي ۾ اوچتو، منهنجي اورڪوٽ مٿان پنهنجا هٿ رکي مون کي روڪيندي چيو. هن تمام گهٽي تيزي سان ميڙ بتي کي هيٺ رکيو ۽ اندر ڏکي ويئي، ائين ٿي لڳو جڻ ڪيس ڪا شيءِ مون کي ڏيکارڻي هئي يا ڪا شيءِ ياد اچي ويئي هئس. هوءَ جيئن ئي وڃڻ لاءِ ڏکي ته ويتر ڳاڙهي ٿي ويئي، سندس اکين ۾ چمڪ اچي ويئي هئي ۽ سندس چپن تي مرڪ تري آئي هئي ... مون کي روڪڻ جو مقصد ڇا هو؟ مون نہ چاهيندي بہ انتظار ڪيو: هوءَ هڪ منٽ کان پوءِ واپس وري، هن جو اهڙو انداز هئو جڻ ڪنهن شيءِ جي لاءِ معافي ٿي گهرياٿين. حقيقت ۾، هي اهو ساڳيو چهرو نہ هو، نہ ئي ڏسڻ جو ساڳيو انداز، جو ڪي پل اڳ تائين ڏسڻ ۾ ٿي آيو: جو اڳ اجهاڻو، بي اعتماد ۽ برائي لاءِ ضدي چهرو هو. سندس اکيون هاڻي التجا ڪندڙ نماڻيون ۽ ساڳئي وقت پروسو ڪندڙ پيار پريون ۽ ڏنل هيون. اهڙو پيار پريو انداز، جنهن سان ٻار پنهنجي چاهه وارن ماڻهن کي ڏسندا آهن، جنهن نظر ۾ هو ڪنهن پنهنجائپ جي اميد رکندا آهن، سندس اکيون ڏيئي جي لاڻ هيون، ڪهي ڇڏيندڙ هيون، زندگي سان پرپور پيار جي اظهار ۽ نفرت جي بيان واريون اکيون.

هن پني جو هڪ ٽڪڙو اڳتي وڌائي مون کي پکڙايو. جيتوٽيڪ پني جي منهنجي هٿ ۾ ايندي، ڪنهن بہ وضاحت ڪرڻ سواءِ، ڪنهن بہ وضاحت ٻڌڻ سواءِ ئي مان سڀ سمجهي ٿي سگهيس. سندس پورو چهرو روشني جا ڪرڻا ٻڌجي مون

ڏانهن روشني بکيري رهيو هو، هن جو چهرو سچ مچ ٻاراڻو ۽ سوڀارو بنجي چڪو هو.

مون ڪاغذ کي کوليو. اهو هن کي ميڊيڪل جي شاگرد يا ڪنهن اهڙي ٻئي ماڻهوءَ جو لکيل خط هو ... هوائن سا ڳالهيون ڪندڙ ۽ گلن جي سرهاڻ سان ڀرپور پر انتهائي احترام وارو، پيار جي اظهار جو خط. مون کي هاڻي تنهن خط جا لفظ ته ياد نه پيا اچن پر اهو چگيءَ ريت ياد آهي ته انتهائي اعليٰ چوٽين سان ان ۾ احساسات جي اصل اظهار جو ڪمال هو، اهو اظهار هٿ ٽوڪيو نه پئي ٽي سگهيو. جڏهن مون ان خط کي پڙهي پورو ڪيو، مون کي سندس چمڪندڙ اکيون سوال پڇندي نظر آيون، جي ٻاراڻي پيار ۽ اتاولائيءَ مان مون منجهه کتل هيون. هن پنهنجيون اکيون هڪ ٽڪ منهنجي منهن تي ٻڌي ڇڏيون هيون ۽ وڏي اتاولائيء مان مون منجهه واجهايائين پئي ته مان ڇا ٽو چوان. جي ٽورن لفظن ۾ ڳالهه ڪجي ته هن بي چينيءَ سان پر ڪنهن خوشي ۽ ماڻ مان وضاحت ڪندي مون کي ٻڌايو: "هوءَ ڪنهن ڊانس پارٽي تي ڪنهن جي گهر ويل هئي، تمام وڏن ماڻهن جي گهر، **جن کي هن جي اچڻ جي ڪا به ڄاڻ نه هئي**،انهن کي هن جي اچ جو ڪو به پتو نه پيو هو، جيئن ته هوءَ اتي دير سان پهتي هئي تنهنڪري هن جو ڪنهن کي به پتو ئي نه پيو هو ته ڪا هوءَ به اتي آيل آهي ... ۽ هن پنهنجو ذهن ڪنهن سان حال اورڻ لاءِ تيار ڪري ورتو هو ۽ جيترو جلد ممڪن ٿئي ها هوءَ پنهنجي قرض لاهي واپس وري وڃي ها ...." ۽ ان پارٽي ۾ ئي هن کي اهو خط لکڻ وارو شاگرد موجود هو، تنهن ساڻس پوري شام ڊانس ڪئي هئي. انهيءَ چوڪري هن سان ڳالهيون ڪيون ۽ کيس پتو پيو هو ته جڏهن اهو چوڪرو ننڍڙو ٻار هوندو هو ته ريگا ۾ ليزا سان هن پنهنجي ننڍپڻ جا ڏينهن گڏ ڪيڏندي گهاريا هئا، اهي ٻئي گڏ ڪيڏيا هئا پر اها گهٽو

عرصو اڳ جي ڳالهه هئي ... ۽ چوڪري هن جي والدين کي سڃاتو ٿي، پر هن کي ليزا جي جيئڻ جي نئين انداز جي ڪا به پروڙ نه هئي، ڪو به لکاءُ نه هو، ڪو به ڪک برابر پتو نه هو ۽ نه ئي وري ڪو اهڙو شڪ هو! ۽ ڏانس کان هڪ ڏينهن پوءِ (ٿي ڏينهن اڳ) هن پنهنجي ان سهيلي هٿان هيءُ خط ڏياري ليزا کي موڪليو هو جنهن سان گڏجي هوءَ پارٽي تي ويئي هئي ... ۽ ... ٺيڪ ائين ئي چئجي، اهائي سنڊس پوري ڪهاڻي هئي."

هن جيئن ئي پنهنجي ڳالهه پوري ڪئي ته هن پنهنجيون چمڪندڙ اکيون ڪنهن شرمساريءَ جي احساس مان جهڪائي ڇڏيون.

ويچاري ليزا، چوڪري جي خط کي ڪنهن املهه خزاني جيان پاڻ وٽ لڪائي رکيو ويئي هئي ۽ ان کي ڪئي اڇ لاءِ ڏکي ويئي هئي، اهو ئي پنهنجو پورو هٿ ڪيل خزانو ميڙي اڇ لاءِ ڏکي هئي، ڇاڪاڻ ته هن ان خزاني جي ڇاڻ ڏيڻ سواءِ، مون کي هتان وڃڻ نه ٿي ڏيڻ چاهيو. هن مون کي اهو ٻڌائڻ ٿي چاهيو ته هن سان به ڪو ايمانداريءَ ۽ پوري سچائيءَ سان پيار ڪري ٿو، ته ڪيس پڻ عزت سان مخاطب ٿيو ويو هو. ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته هن خط جي جاءِ سنڊس دل جي خزاني سان پريل ڏهي ۾ هئي، تنهنڪري هيو ڪو به اتي پير نه ٿي کوڙي سگهيو. ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي، مون کي پورو پورو پروسو هو ته هوءَ پنهنجي پوري زندگي ۾ ان خط کي ڪنهن املهه خزاني جيان ساهه سان سانڍي رکندي، جو جو هيءُ خط هن جو ماڻ ۽ مرتبو آهي ۽ هاڻي هن املهه موقعي تي هن کي خط جو خيال آيو هو ۽ تنهن کي ماڻ سان ڪئي آئي ته جيئن منهنجي اڳيان پنهنجو قد ڪاٺ ثابت ڪري سگهي ۽ مان شايد هن جي قد ڪاٺ جي بيهڪ کي پنهنجين اکين سان پسي سگهان، هيو اهو پڻ ته مان هن جي باري ۾ چگو سوچيان. مون کي لفظ نه

ڪچيو، هن جي هٿ کي پيار مان هلڪو دٻايو ۽ ٻاهر نڪري ويس. مون کي نڪرڻ لاءِ گهڻو انتظار ڪرڻو پيو هو ... مون سڏو پنهنجي گهر جي راهه ورتي، ان جي باوجود ته اڃا سوڏو گهڻو برف باري ٿي رهي هئي ۽ ان جي باوجود ته پيني برفباري پشم جهڙن ڏيرين ۾ ڪري رهي هئي، مان گهڻو ٽڪاڻو، ٽڙيل پکڙيل ۽ منجهاڻو هئس پر مونجهاري پويان سچ ڪرڻن جيان ٽمڪي رهيو هو. ڪراهت پريو سچ.

❑

وندڙ اٽون

هيءَ منهنجي سڄ کي سمجهڻ ۽ تنهن کي ماڻڻ ۾ ٽورو وقت لڳو. صبح جو انتهائي گهري نند مان جاڳڻ ۽ پوءِ جلد ئي اها تازگي محسوس ڪرڻ ته ڪيئن هڪ ڏينهن اڳ ليزا سان منهنجي رهاڻ ٿي هئي. گذريل رات جي لاحد جذباتي ڳالهين ۾ پنهنجو پاڻ کي اوتڻ مون کي ڏاڍو وٽيو هو ۽ سي "زندگي جي پؤ پولي ۽ پنهنجائپ جوڳي حال جون پڪارون" مون کي ڏاڍو وٽيون هيون. مون يادن جي جهروڪي مان اهڙي ئي تازگي ماڻي هئي. "اهڙي عورتاڻي دوري جو پوڻ، عجيب ڳالهه هئي!" ۽ پوءِ مون کي ڳٽتي ورائي وئي ته مان پنهنجي گهر جو پتو ليزا جي مٽ ۾ چو پڪڑايو هو؟ جي هوءَ مون ڏانهن هلي آئي ته پوءِ چا ٿيندو؟ ڪيس اچڻ ڏجي، پوءِ، ڏٺو ويندو ته هن جي اچڻ سان ڪهڙو فرق ٿو پوي ... پر ظاهر آهي ته هاڻي اچڻ يا نه اچڻ سڀ کان مکيه ۽ اهم معاملو نه رهيو هو: جيترو جلد ممڪن ٿئي اوترو ئي جلدي، مون کي تڪڙ ڪري پنهنجي عزت هر حال ۾ زورڪوف ۽ سمونوف جي اکين اڳيان بچائڻي هئي؛ اهو ئي منهنجي لاءِ سڀ کان اهم ڪم هو. پوءِ صبح جو مان پنهنجو مان مٽائهون رکڻ جي ويچار ۾ ايترو ته الجهي ويو هئس جو مان ليزا جي باري ۾ سڀ ڪجهه وساري ويٺو هئس. سڀ کان پهريائين ته مون کي اهو سڀ قرض موٽائي ڏيڻو هو جو مون سمونوف کان اڌارو کنيو هو. مان قرض واپس ورائڻ جو سڀ کان

بهتر بندوبست سوچي ورتو: مون سوچيو ته سنئون سڏو انتون انتونچ کان پندرهن روبل اڌارا گهري وٺان. وري منهنجو پاڻ ڏسو جو انهيءَ صبح جو انتون انتونچ جو سياڻ ڏاڍو چگو هو ۽ هن هڪ پيرو ئي قرض گهرڻ سان مون کي هڪدم ئي پندرهن روبل ڏيئي ڇڏيا. مان ڏاڍو خوش ٿيس، جيئن ئي مون تازي هوا جي جهلڪي جي احساس سان اڌار وٺڻ جي لکت تي صحيح ڪئي ته مان کيس غير ارادي طور ٻڌائي ويٺم ته ڪالهه رات، "مان پنهنجن ڪن يارن سان گڏجي هوٽل ڊي پئرس ۾ ويو هئس؛ اسان هڪ دوست کي الوداعي پارٽي ڏيئي رهيا هئاسون، حقيقت ۾، مون کي انتون انتونچ کي چوڻ گهرجي ها ته منهنجي ننڍ پڻ جي دوست کي ۽ کيس ٻڌيان ها ... منهنجو يار ٻنڌڻ کان آزاد ماڻهو آهي، انتهائي بگڙيل ماڻهو آهي ... جيتوڻيڪ، هو چگي چوکي ڪتنب منجهان آهي ۽ وٽس زندگي گهارڻ جا ڪيترائي وسيلا آهن، هڪ شاندار ڪيريئر؛ هو ڏاڍو ذهين آهي، موهيندڙ، پيار جو پڪو سڳو، تون سمجهئين؛ اسان ٿوري وڌيڪ پيتي، 'چهه بوتلون' ۽ ...."

انتون انتونچ سان اوڏر واري معاملي کي مان آساني سان اڪلايم ۽ پنهنجو پاڻ کي، مطمعن رکڻ واري ڏيک سان ڪري سگهيو هئم.

گهر پهچندي ئي مون جلدي جلدي سمونوف کي خط لکيو.

هن ويلي جڏهن مان پنهنجي خط کي ساريان پيو ته مان ان جي اٽت جي واکاڻ ڪرڻ سواءِ رهي نه ٿو سگهان، منهنجي خط جو انداز سڀي مزاح سان سنئون سڏو هو. مهارت، سڀي تربيت ۽ سڀ کان وڌيڪ ته سواءِ ڪن وڏاءَ وارن لفظن جي خط لکيو ويو هو. اسان جي وچ ۾ جيڪو ڦڏو ٿيو هو، ان جو سارو ذمو مون پنهنجي سر تي کنيو هو. مون پنهنجي بچاءَ ۾ لکيو، "اگر جي مون کي پنهنجي بچاءَ ۾ ڪجهه چوڻ جي اجازت ڏني وڃي،" پنهنجو

پاڻ تي اهو الزام هٿندي ته وائين نہ پيئندڙ هئڻ ڪري، مون تي پهرئين گلاس جي گلي کان هيٺ لهڻ سان نشا چڙهي ويا هئا، وائين جي تنهن پئڪ جي لاءِ مون کيس ٻڌايو ته اهو مون هنن جي پهچڻ کان اڳ، جڏهن ويٽي هنن جو هوٽل ڊي پئرس ۾ پنجين کان ڇهين وڳي ڌاران انتظار ڪري رهيو هئس، تڏهن پي چڪو هئس. خاص طور مون سمونوف کان معافي گهري؛ مون سمونوف کي گذارش ڪئي ته هو منهنجي ڳالهه جي وضاحت ٻين سيني جي اڳيان پيش ڪري، خاص ڪري، زورڪوف جي اڳيان، جنهن جي، "مان کي لڳي ٿو، جنهن جي مون توهين ڪئي آهي. ان تذليل جو هڪ ڏنڊلو عڪس منهنجي ذهن تي تري آيو آهي." مون وڌيڪ لکيو هو ته مان انهن سيني سان پنهنجي سر ملان ها پر مون کي مٿي ۾ ڏاڍو سور هو ۽ ٻيو ته آڻون هنن سان ملڻ جي جرئت نہ پئي ڪري سگهيس. مان انتهائي خوش هئس، سچ مچ منهنجي لاپرواهي (ڪنهن بہ طرح نهٽائيءَ جي حدن اندر جي لا پرواهي، جا ڪنهن بہ طرح منهنجي انداز منجهان هئي) ظاهر هئي ۽ ڪنهن بہ اجائي بحث مباحثي ۾ پوڻ کان بهتر انداز ۾ هڪدم انهن کي موقعو ڏنم ته اهي سمجهي سگهن ته مون "ڪالهه رات واري جهيڙي واري معاملي" تي پنهنجي آزاد راءِ رکي آهي؛ ته مان ڪنهن بہ طرح اوهان جيئان نہ ايذائيو ويو هئس، منهنجا ساٿيو! ٿورو تصور ڪريو؛ انهن سيني ڳالهين تي مان هڪ سڌي ماٺهو جيان ٽڌي دل سان نظر وڌي آهي، جيئن ڪنهن کي بہ پنهنجي عزت جو پرم رکندي اهڙين ڳالهين تي نظر رکڻ کپي. مان چاهيان ٿو ته هڪ نوجوان سرواٽ جي ماضي تي ڪو بہ گندو چٽو نہ هئڻ گهرجي."

"پر حقيقت ۾ اهڙيون ڳالهين ڪرڻ ۾ شاهاڻي خوشي ڪٽي پريل آهي." جيئن ئي مون خط پڙهيو ته مان پنهنجي واکاڻ ڪندي سوچيو، "۽ اهڙو شاندار خط صرف ان

ڪري لڪجي ويو آهي جو مان هڪ دانشور ۽ مهذب ماڻهو آهيان! منهنجي جاءِ تي جي ٻيو ڪو ماڻهو هجي ها تہ ڪيس پتو ئي نہ پوي ها تہ هن ڏهڻ مان پاڻ کي ڪيئن ٻاهر ڪڍي، پر مان پنهنجو پاڻ کي سولائيءَ سان ڏهڻ مان ڪڍي ويو آهيان ۽ ايتروئي هوڏ سان جهومي رهيو آهيان، جيترو اڳ جهومندو هئس، ائين چڑو ان ڪري ممڪن ٿيو آهي جو مان 'اڄ جو مهذب ۽ پڑهيو لکيو ماڻهو آهيان' ۽ حقيقت ۾ ڪالهه هر شيءِ شايد فقط وائين پيئڻ جي ڪري ئي ٿي هئي، هش!" ... نہ ان ڏينهن، سڀ ڪجهه وائين جي ڪري نہ ٿيو هو. پنجين ۽ ڇهين جي وچ واري ويلي ڏاران انهن جو نتظار ڪندي، مون تہ ڪجهه ب نہ پيتو هو. مون سمونوف سان ڪوڙ ڳالهايو هو، مون وڏي پي حيائيءَ سان ڪوڙ ڳالهايو هو؛ ۽ حقيقت ۾ خط لکندي ڪوڙ ڳالهائڻ تي مون کي ڪا ب شرمساري نہ ٿي هئي ... هاڻي اهي سڀ ڳالهيون وڃي جهنم ۾ پون، سڀ کان وڏي ڳالهه اها هئي تہ مون عذاب مان پنهنجي جان ڇڏائي هئي.

مون خط ۾ ڇهه روبل وڌا ان کي سيل ڪيو ۽ سمونوف کي خط پهچائڻ لاءِ اپولون کي هٿ ۾ ڏمايو. جڏهن اپولون کي خبر پئي تہ خط ۾ پيسا پيل آهن تہ هو وڌيڪ نوڙيو ۽ خط ڪٽي وڃي پهچائڻ لاءِ تيار ٿيو. شام جو مان ڏهلڻ جي لاءِ نڪري ويس. ڪالهوڪي واقعي کانپوءِ اڄا سوڌو منهنجي مٿي سور ٿي ڪيو ۽ منهنجو مٿو ڏاڍو ڳورو ڳورو هو. پر جيئن ئي شام ٿيڻ لڳي تيئن ئي منهنجو مٿو وڌ کان وڌ غير معمولي ٿيندو ۽ الجهندو ٿي ويو. منهنجي اندر ڪا شيءِ هٿوراڙيون هٽي رهي هئي، اندر جي ان اڻل پٽل منهنجي دل جي گهرائيءَ ۽ ضمير جي سڃاڻيءَ جيڪري مرڻ نہ ٿي چاهيو ۽ اندر جي جاکوڙ مون کان پنهنجي انتهائي مايوسيءَ جو اظهار ٿي ڪيو. مان گهٽو تٽو گپا گيهه پريل ڪاروباري گلين، ميسچينسڪي گلي، سدووي گلي

ءِ يسوپوف پارڪ ۾ ماڻهن کي ڏڪي مڪي پنهنجي لاءِ رستو ٺي ٺاهيو. انهن گلين ۾ خاص طور شام ڏاران رلڻ مون کي ڏاڍو وڻندو هو، بلڪل انهيءَ ويلي جڏهن اهي گليون هر قسم جي ماڻهن سان پريون پيون هوندیون هيون، جي پنهنجا ڏهاڙي جا ڪم ڪاريون ڇڏائي گهرن ڏانهن راهي ٿيندا هئا. سندن منهن لٽل ءِ ٽڪاٽا هوندا هئا. مون کي انهن جي جا ڳالهه وڻندي هئي سا فقط سندن تڪڙ هوندي هئي، سا تڪڙ نالي ماتر سندن اجهاڻو اظهار هوندو هو. هن پيري گهٽين جي ڏڪا پيهه مون کي پهريان کان وڌيڪ ٺي چيڙايو، مان نه ٺي سمجهي سگهيس ته مون سان ڪهڙو مسئلو هو، مون کي پنهنجي الجهاءَ جو ڪو به چيڙو نه ٺي ملي سگهيو ته جيئن ڪو سلجهاءُ ڳولهي سگهجي، منهنجي اندر جي ڪا ڏکويل پيڙ جا خوش ٺيڻ کان انڪاري هئي سا منهنجي روح اندر اٽي بيهي رهڻ لاءِ ڪر ساهي رهي هئي. مان پورو ڏاوان ڏول ٺي گهر واپس وريس، ائين پئي لڳو جڻ ڪنهن ڏوهه جو بار منهنجي ضمير تي ڳورو پيل هو.

ليزا جي منهنجي گهر اچڻ جي سوچ مون کي لاڳيتو پريشان ڪري رهي هئي. ليزا جي اچڻ جو پؤ منهنجي سوچ جي ابتڙ هو، ليزا سان گهاريل ڪالهوڪي پلن جي يادن جي ميڙ مون کي ڇڄي پورا ٺي ڪيو، جيئن اهي ڪي خاص يادون هجن، جيئن اهي ڪي الڳ ئي قسم جون يادون هجن. انهيءَ ڪانسواءِ ٻئي هر شيءِ کي وسارڻ ۾ مان سولائيءَ سان سوپارو ٺي چڪو هئس؛ مان سڀ ڪجهه وساري سمونوف ڏانهن پنهنجي لکيل خط مان پوري طرح مطمعن هئس. پر شام ويلي ڪنهن به طرح مان پوريءَ ريت پنهنجو پاڻ کان مطمعن نه هئس. بس ائين ئي هو ته مان صرف ليزا جي ڪري گهڻو پريشان هئس. "جي هوءَ هتي منهنجي گهر آئي ته پوءِ چا ٿيندو؟" مان لاڳيتو سوچيندو رهيس، "ٺيڪ آهي، ڪو به فرق نه پوندو، ڪيس اچڻ ڏجي! هون! اها

انتهائي نا مناسب ڳالهه آهي ته هوءَ منهنجو حال نه ڏسي سگهي، مثال جي لاءِ ته مان ڪيئن رهان ٿو. ڪالهه مان هن جي لاءِ پلي سياڻ وارو سرواڻ هئس، پر هاڻي هن اکيان منهنجو هي حال وائکو ٿيڻ پوائتو ٿي لڳو! ڪالهه مان چگي سوٽ ۾ ڊنر جي لاءِ ويو هئس! هاڻي منهنجو ڪمرو فقيراڻو ڏيک ڏئي رهيو هو ۽ منهنجي آمريڪي صوفي جا ڏاڪا ادڙي ٻاهر لڙڪي رهيا هئا ۽ منهنجو ڊريسنگ گاؤن مون کي پوري طرح ڍڪي نه ٿي سگهيو، اهڙا هيٺا حال منهنجا آهن، هوءَ منهنجو هيءُ حال ڏسندي ۽ سندس نظر اپولون تي پوندي. اپولون ڪتو سندس ضرور توهين ڪندو. هو ليزا جي تڏا ويڙهه ان لاءِ ڪندو ته جيئن مون کي پنهنجي ناراضگي ڏيکاري سگهي. پڪ ڄاڻو ته اپولون جي ائين ڪرڻ سان، مان هميشه جيان ڊڄي بيچين ٿي ويندس، مان پنهنجو هن جي اکيان سيس نوائيندس ۽ سندس اکيان ويٺو مٺو ڪنهيندس ۽ پنهنجو ڊريسنگ گاؤن پنهنجي چوڌاري ويڙهي چڏيندس، مان مسڪرائيندي ڪوڙ ڳالهائڻ شروع ڪندس. اوهه ... ڪهڙي ته نه منهنجي واهيات سوچ آهي! ڇا ليزا جي اچڻ جي خوف ڏانهن منهنجو هيءُ رويو جڏڪو نه آهي! ان کان پي ڪهڙي شيءِ وڌيڪ توهين آميز ۽ وڌيڪ ڪريل ٿي سگهي ٿي! ۽ اهوئي آهي پنهنجي مٽان بي ايماني جو ٻيهر چاپڙ چاڙهڻ! ..."

جڏهن مان ان نتيجي تي پهتس ته مان هڪدم پنهنجو سمورو ست وڃائي ويٺس. "چو بي ايماني؟ ڪهڙي بي ايماني؟ مان گذريل رات پوري ايمانداريءَ سان ڳالهائي رهيو هئس. مون کي ياد آهي ته منهنجي نس نس ۾ پڙ حقيقي احساس هو. مون اهو چاهيو ٿي ته ليزا منجهه سندس عزت جو ڪو احساس جاڳائجي ... هن جو رنيڙ سڻي ڳالهه هئي، ان سان مٽس سٽو اثر پيو هوندو." تنهن هوندي به مون کي چين نه آيو. اها پوري شام، ويندي جڏهن مان گهر واپس وريس، ويندي نوين وڳي کانپوءِ

تائين، جڏهن مون کي پڪ ٿي ويئي ته هاڻي اهو ممڪن ئي نه آهي جو ليزا منهنجي گهر اچي سگهي، تنهن هوندي به هوءَ منهنجي ذهن تي سوار هئي ۽ تنهن کان به وڌيڪ ڏکوئيندڙ ڳالهه اها هئي جو هوءَ هميشه منهنجي ذهن ۾ ساڳئي انداز سان ايري ايندي رهي. ائين جيترا به پيرا ٿيو، انهن مان هڪ پيري کالهه رات جو هوءَ منهنجي تصور ۾ ڏيئي جيان ٻرندي، منهنجي سامهون اچي بيٺي هئي؛ جنهن ويلي مان تيلي ٻاري ۽ سندس پيلو چهرو ڏٺو، جو ڏرا ڏيئي ويل هو، ڏيئي منجهه سندس چهري جو ڏيک هو. ۽ کڻڙو ته نه رحم جوڳو هن جو چهرو هو، کڻڙي نه غيرفطري مرڪ ان ويلي سندس چهري تي چانيل هئي! پر هن سان پهرئين ميل ويلي مون کي پتو نه هو ته پندرهن سال پوءِ به مان کيس پنهنجي تصور ۾ پيو ڏسندو رهندس، هوءَ سدائين رحم جوڳي حالت ۾ هوندي هئي، وکريل، نامناسب مرڪ سندس منهن تي هوندي هئي، جا مرڪ پهرئين ملاقات مهل به هن جي منهن تي وکريل هئي.

ٻئي ڏينهن ليزا جي اچڻ جي ڊپ واري پنهنجي بيوقوفي واري سوچ تي ٻيهر نظر وجهڻ لاءِ مان تيار ٿيس، منهنجي پرجوش سوچ جي ڳالهين کري ليزا مٿان پيل ٻوجهه ۽ سپ کان وڌيڪ ته انهن ڳالهين ۾ منهنجي گلن وجهڻ منهنجي ذهن کي ويتر منجهائي وڌو هو. مون کي سدائين پنهنجي کمزورين جو پتو رهيو آهي ۽ کڏهن کڏهن ته انهن کمزورين جيکري گهٽو ڏنل رهندو آهيان. مان سدائين هر شيءِ ۾ وڏاءُ کندو آهيان، اهوئي سبب آهي جو مان اکثر غلطي کري ويهندو آهيان، مون ٿوري ٿوري وقفي سان ورجائي ورجائي پنهنجو پاڻ کي سمجهايو پر تنهن هوندي به "ليزا پهريائين جيان ساڳئي انداز سان مون ساڻ پنهنجو اندر اوتيندي ئي،" منهنجي لاءِ رکاوٽ هئي، جنهن سان منهنجين سيني يادن جي پڃاڻي ٿيندي هئي. مان ايترو

ته بيچين هوندو هئس جو ڪڏهن ڪڏهن مان ڪاوڙ ۾ پرجي ويندو هئس: "هوءَ جي اڄ نه ته سياڻي ضرور ايندي؛ هوءَ مون کي ڳولهي لهندي! ... اوهه! ڪهڙي ته نه منهنجي بيوقوفي واري سوچ آهي ... اوهه! پاڻ کي لوئڻ واري منهنجي سوچ گهائيندڙ آهي، 'انهن بي چين روحن جي بيوقوفي!' چالاءِ، چو ان کي سمجهڻ ۾ مان ناڪام ٿيان پيو؟ ڪو به ماڻهو ان سچ کي سمجهڻ ۾ ڪيئن ناڪام ٿي سگهي ٿو؟ ..."

پر هاڻي مان ڳالهه کي پڄاڻي تي پهچائڻ کان اڳ بس ڪريان ٿو ۽ حقيقت ۾ هڪ وڏي مونجهاري ۾ قاسجي وڃان ٿو.

۽ ڪيترا ته نه ٿورا لفظ، ڪيترا ئي گهٽا سهي ته به ٿورا لفظ، ان مار ڏاڙ واري مامري کي بيان ڪرڻ جي لاءِ گهربل هئا، مون سوچيو؛ ڪيترو ٿوريون زندگي جون گهرجون هيون (۽ اثرائتو انداز ڪتابي انداز ئي سهي، هٿ ٽوڪيو ئي سهي پر پراثر هڻڻ ضروري هو) پوري زندگي ڪٿي هڪ پيرو ئي سهي، پر ان کي پنهنجي خواهش موجب ڊالڻ منهنجي لاءِ ڪافي هو. يقين ڪريو، خواهش پٽاندڙ زندگي ڳهاڙڻ ئي زندگي جي سونهن آهي! اهائي ماڻهپي جي تازگي آهي!

ڪيترا ئي پيرا منهنجي ذهن ۾ ليزا ڏانهن هلڻ وچ جوخيال آيو، "ته ڪيس سڀ ڪجهه پنهنجي باري ۾ ٻڌائي ڇڏيان." ۽ ڪيس عرض ڪريان ته مون ڏانهن پير نه پري. پر هن جي باري ۾ سوچڻ منهنجي ذهن ۾ ايتري ته ڪاوڙ پري ڇڏي هئي جو مون کي يقين ٿي ويو هو ته جي ڪمينو ليزا ٻيهر منهنجي ويجهو آئي ته مان ڪيس چيياٽي ڇڏيندس. منهنجي ذهن ۾ خيال آيو ته مون کي هن جي بيعزتي ڪرڻ گهرجي، هن جي منهن ۾ ٽڪ گهرجي، ڪيس ڏڪو ڏيئي در تان موڪلائي ڇڏڻ گهرجي، ڪيس ڏڪ هڻي ڪڍي ڇڏڻ گهرجي!

هڪ ڏينهن گذري ويو، پوءِ ٻيو ڏينهن ۽ ائين ٽيون ڏينهن؛ هوءَ نہ آئي ۽ هن جي نہ اچڻ ڪري، منهنجو ذهن پرسڪون ٿيندو ويو. مون کي پنهنجي اندر همت محسوس ٿي ۽ ڏاڙي نو بجي کانپوءِ هن جي نہ اچڻ ڪري مان خوشين سان سرشار ٿي ويندو هئس ۽ ويندي ڪڏهن ڪڏهن خواب ڏسڻ شروع ڪندو هئس ۽ سي بہ ڏاڍا پيارا خواب؛ مثال طور: مان، ليزا جي لاءِ روحاني آزادگي جو سبب بنجي ويو هئس، بس هن جي مون ڏانهن اچڻ ۽ منهنجيون سائس ڳالهيون ڪرڻ جي دير هئي ... مون هن جي آبياري ٿي ڪئي ۽ ڪيس زندگي جو ڏس پتو ٿي ڏنو. اهو سوچيندي سوچيندي آخرڪار مون کي ياسڻ لڳو تہ هوءَ مون سان پيار ڪري ٿي، مون تي پنهنجي دل نڇاور ڪري پيار ڪري ٿي. مان ائين ئي ٻهروپيو ٿي اهڙي لکا ٿي ڏني ڇڻ مون کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو (مان نہ ٿو ڄاڻان، ڪيئن ۽ ڇا ڪارڻ مان هن سان ٿي ٻهروپيو ٿيس، شايد هن تي پنهنجو ڪو اثر وجهڻ لاءِ). آخرڪار سڀ الجهاءُ بدلاءِ ڪنبڻ ۽ سڏڪا پري روئڻ، هن پنهنجو پاڻ کي منهنجي پيرن ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو آهي ۽ رنيي رڙي چوي ٿي تہ مان ئي ڪيس زندگي جي گس جو ڏس ڏيندڙ آهيان ۽ هوءَ مون سان سر جو سانگو لاهي هن دنيا جي هر شيءِ کان وڌيڪ پيار ڪري ٿي. مان گهٽو سرهو ٿيو آهيان، پر .... "ليزا" مان چوان ٿو "ڇا اهو تون سمجهين ٿي تہ مون کي تنهنجي پيار جو احساس ئي نہ ٿيو آهي؟ مون تنهنجي پيار کي پسيو آهي، ان کي پوڄيو آهي، پر منهنجي همت ئي نہ ٿي ٿئي تہ تو سان مان پهل ڪري پيار جو اظهار ڪريان، ڇاڪاڻ تہ منهنجو تنهنجي جذبن جي نس نس تي هٿ هو ۽ مون کي پؤ ٿي ٿيو تہ منهنجي پيار جي اظهار جيڪري، تون منهنجي ٿوري لاهڻ جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي مجبور ڪندين، منهنجي پيار جي موٽ ڏيندي، پنهنجي دل ۾ منهنجي لاءِ پيار

جي احساس کي جاڳائڻ جي کوشش ڪندينءَ جو هونئن شايد تنهنجي دل ۾ موجود ئي نہ، هجي ۽ مون اهو نہ ٿي چاهيو تہ تون ٿوري جي بار هيٺان دٻجي پنهنجو پاڻ کي منهنجي لاءِ قربان ڪري ڇڏين ... چاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ تو سان ڏاڍ ٿيندو ... تو سان ائين ڏاڍ ٿيڻ نامناسب هوندو (ٿورن لفظن ۾ مان هڪ اهڙي يورپي معيار تي پهتو آهيان جو بيان ڪرڻ کان مٿانهون وڌي وڃ وارو ۽ انتهائي نفيس آهي ... جارج سئنڊ)، پر هاڻي، هاڻي تون منهنجي تخليق آهين، تون ڏاڍي سٺي آهين، تون پاڪ آهين، تون پلي آهين، تون منهنجي موميندڙ زال آهين.

'منهنجي گهر ۾ آزاد ۽ همت ڏاري پير ڌر،

تون ئي آهين گهر ڏياڻي ڪنهن کان نہ ڊڄ!'

پوءِ اسان گڏ رهڻ شروع ڪيو، ڏورانهين ڏيهہ گهمڻ وياسين ۽ ائين اسان جي زندگي رڙهي پئي. حقيقت ۾ پچاڙي ۾ منهنجو اهو سوچڻ پنهنجو پاڻ کي واهيات لڳو ۽ مون پنهنجي وات پنهنجو پاڻ کي گاربون ڏيڻ پويان لڳي ويس.

منهنجي سوچن جو سلسلو هلندو رهيو، ان سان گڏوگڏ هڪ ٻيو خيال منهنجي ذهن ۾ اپريو، اهي ويچاري ليزا کي ٻاهر پير ڌرڻ نہ ڏيندا، "ڪيري!" مون سوچيو. اهي اهڙي ڪنهن بہ وٺشيا کي ٻاهر نڪرڻ نہ ڏيندا (مون ڪجهہ سوچي تصور ٿي ڪيو تہ هوءَ شام ڏاري منهنجي گهر پير پائيندي ۽ جي هڪ ٽڪ ٻڌي چئجي تہ ستين ڏاري، جو وقت منهنجي ذهن ۾ پنهنجو گهر ڪري ويٺو هو)، جيتوڻيڪ هوءَ انهن کي چئي ڏئي ها تہ هوءَ ڪنهن بہ صورت ۾ ايڏا تائين پوري طرح سندن خريد ڪيل غلام نہ آهي، ايڏا بہ ڪيس کي مخصوص حق حاصل آهن؛ تنهنڪري ... هون! منهنجي اهڙي سوچ وچي ڪڏ ۾ پوي، هوءَ ايندي، مون کي پڪ آهي تہ هوءَ پاڻ ڪهي ايندي!

حقيقت ۾ منهنجي لاءِ اها پلي ڳالهه هئي جو اپولون پنهنجي اڇنيي رويي جيڪري، منهنجو ڏيان ليزا جي باري ۾ سوچڻ تان هٽائي ٿي ڇڏيو. اپولون مون کي اهڙي سوچ کان پري گهلي ٿي ويو! هن جو وجود منهنجي اهڙي انداز ۾ ليزا بابت سوچڻ جي پڇاڻي هو، هن جي رون رون مون کي منهنجي پاڻي ۾ ٿي رکيو. اسان سالن کان هڪٻئي سان وڙهندا رهيا هئاسون ۽ مون کانئس نفرت ٿي ڪئي. ڏٺي جي ساک تي چوان ٿو ته مون اپولون کان ڏاڍي نفرت ٿي ڪئي! مون کي پڪ آهي ته هن جيتري مان ٻئي ڪنهن سان به نفرت نه ٿي ڪري سگهيس، ۽ هن جيڏ ڪن خاص خاص وارتائن ۾ ڪو به ڪيس مات ڏيڻ وارو نه هو. هو وڏي عمر جو عزتدار ماڻهو هو، جيڪو واندڪائي جي وقت درزڪو ڪم ڪندو هو. پر ڪنهن اڃاتل سبب جيڪري، اپولون جو وجود منهنجي لاءِ بيحد تسڪين ڏيندڙ هو ۽ اپولون پيار ۽ پنهنجائپ مان منهنجي نظرداري ڪندو هو. جيتوٽيڪ هو سچ مچ سيني جي لاءِ ٻاجهه پريو هوندو هو. اپولون رڳو ناسي وارن وارو، سهڻي نموني ڦٽي ڏنل ماڻهو هو، هو پنهنجي وارن کي سورج مکي جو تيل لڳائي، سنواري ۽ سينگاري پنهنجي نرڙ تي ڌاري ڇڏيندو هو، هو پنهنجي من موهيندڙ وات کي جهٽڪي سان بند ڪري ڇڏيندو هو، اڳئين ماڻهو کي ائين ياسندو هو جڙ هن جو اهڙي ماڻهو سان مهاڏو ٿيو آهي، جنهن جو پنهنجو پاڻ ۾ پروسو اٽل آهي. هو هر ڳالهه تي پوري توجهه ڏئي، پنهنجي ڳالهه چندبي چاڻي ڪندو هو، ائين جو ان ۾ ڪا به اوٽائي نه رهجي وڃي، هو قاعدن قانونن جي پوري پوئواري ڪندڙ ماڻهو هو، دنيا ۾ هن جهڙو ٻيو ماڻهو ملڻ ڏاڍو اوکو هو ۽ هن جي اهڙي ته انا هوندي هئي، جهڙي ميسيڊونيا جي بادشاه سڪندر ۾ ٿي سگهي ٿي. هو پنهنجي ڪوٽ جي هر ٻٽڻ سان، پنهنجي سئي ۽ سڱي سان چاهه رکندو هو ... ننڍين ننڍين

شين سان دل جو گهرو لڳاءُ هوندو هئس ۽ هو شين جي رکوالي ائين ڪندو هو جيئن ڪڪڙ پنهنجي چورن جي ڪندي آهي! هن جو مون سان انتهائي سخت رويو هوندو هو، هو پنهنجي رويي ۾ هڪ پکو پختو آمر هو، هو مون سان تمام ٿورو ڳالهائيندو هو، پر جي مون تي نظر پوڻ جو موقعو ملي ويندو هئس ته هو اهڙو ڏيک ڏيندو هو جو مون کي هو قداور، پلوڙ، خود اعتماد ۽ لوهي مجسمو لڳندو هو، سندس هيءُ انداز ڪڏهن ڪڏهن مون کي ڪاوڙائي وجهندو هو. هو پنهنجو ڪم ائين ڪندو هو جڙ منهنجي مٽان ڪو وڏو ٿورو ڪندو هجي، جيتوڻيڪ هو ڪڏهن ڪڏهن ئي منهنجي لاءِ وت کان وڌي ڪو ڪم ڪندو هو ۽ پنهنجو پاڻ کي ڪنهن بہ اجائي ڪم ڪرڻ جو پابند نہ سمجهندو هو. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي ته هو مون تي، مون کي دنيا جو سڀ کان وڌيڪ بيوقوف ماڻهو سمجهندي، پنهنجي نظر وجهندو هو ۽ اهو بہ ته، "هو مون منجهان پنهنجي جند نہ ٽي ڇڏائي سگهيو،" هو هر مهيني مون کان پنهنجي پگهار سولائيءَ سان وٺي سگهندو هو. هن اهو سوچي ڇڏيو هو ته پگهار جي ستن روبلن جي عيوض، هو منهنجي لاءِ ڪو بہ واڌو ڪم ڪار نہ ڪندو. هن جون ڪيتريون ئي اوڻايون معاف ڪري سگهجن ٿيون، هن مون کي جي ڏنب ٽي ڏنا، سي پڻ وساري سگهجن ٿا. هن مون کي ايترو ته ڪاوڙائي وڌو هو، جو هن جي هر عمل مون کي ڏکي ڪاوڙ ۾ الجهائي ٽي ڇڏيو. مان هن جي ٻاڙائي، مون کي سڀ کان گهٽو بچان ڏيارينديهئي. هن جي زبان ڪجهہ ڊگهي هئي يا اهڙي ٻئي ڪا سندس زبان جي ڦير گهير هئي، جنهن ڪري هو سدائين لفظ صحيح اچاري نہ سگهندو هو ۽ ان ڳالهہ تي ڪيس فخر هوندو هو ته ٻاڙائي سندس شان ۾ اضافو ڪري ٿي. هو آهستي آهستي، ڳٽيل ڳٽيل آواز سان، پنهنجا هٿ پويان ٻڌي ۽ پنهنجيون اکيون زمين

۾ هئي ڳالهائيندو هو. جڏهن زور سان انجيل پڙهندو هو تہ مون کي چيڙائي چريو ڪري وجهندو هو. هن جي اهڙي انداز سان انجيل پڙهڻ ڪري، ڪيترائي پيرا مون ساڻس جهيڙو ڪيو هو! پر هو تائين شام ويلي، جنون ۾ اچي، رکي رکي ويندي ڳائڻ واري انداز سان انجيل پڙهڻ جو شوقين هو، ائين لڳندو هو جڻ ڪنهن ميت مٽان دؤر ڪندو هجي. اهڙي ئي انداز سان انجيل جي دور جي پڃاڻي ڪرڻ ڏاڍي دلچسپ هوندي هئي؛ اها بہ سندس ڪرت هئي جو ڪي بہ چار ڏوڪڙ وڌي هو ميت مٽان انجيل جهونگارينڊو هو ۽ ساڳئي وقت ڪوئا مارڻ جو ڪم بہ ڪندو هو تہ وري پالش بہ ڪندو هو. پر هو منهنجي ڳچي ۾ پئجي ويو هو، مان ڪانئس جان نہ ٿي ڇڏائي سگهيس، ائين پئي لڳو جڻ ڪيس ڪيميائي انداز ۾ مون سان ڳنڍيو ويو آهي. تنهن سواءِ هي ڪا بہ اهڙي ڳالهہ نہ هئي جا ڪيس قائل ڪري سگهي ها تہ هو مون کي ڇڏي هليو نہ وڃي. مان سنواريل سينگاريل گهرن ۾ نہ ٿو رهي سگهان؛ منهنجو گهر منهنجي اڪيلائي جو منهنجي ذاتي پناہ گاہ هو، منهنجو ڪوپو هو، منهنجي غار هئي، جنهن ۾ مان پوري انسانذات کان پاڻ لڪائي جيئندو هئس ۽ ڪن سببن جيڪري اپولون مون کي ان گهر جو اڻ ٽٽ حصو لڳندو هو ۽ ستن سالن کان هو منهنجي چيلهہ سان اڳڻ جيان ٻڌل رهيو هو.

اهو ممڪن ئي نہ هو جو اپولون کي پگهار نہ ڏيڻ ۾ بہ يا ٿي ڏينهن لنگهي وڃن. هو پگهار وٺڻ جي لاءِ تمام گهٽو رولو وجهي ڇڏيندو هو، مون کي ساہ کٽڻ جو هنڊ نہ ڏيندو هو. پر تن ڏينهن ۾ منهنجو لاڳاپو هر ڪنهن سان پنهنجائپ ۽ وڏي اتساہ سان پريل هوندو هو، تنهن هوندي بہ مون ويچاري فيصلو ڪري ورتو ۽ اپولون کي سزا ڏيڻ ڪارڻ ڪيس ٻن هفتن جي لاءِ پگهار دير ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو. مان گهٽي عرصي کان ...

ڪوئي گذريل ڏن سالن کان ... اهو ارادو ڪري ويٺو هئس تہ سندس پگهار ٽورن ڏينهن لاءِ روڪي، ڪيس سبق سيکاريان تہ هو پنهنجو پاڻ کي مون سان نہ توري تڪي ۽ ڪيس اهو بہ باور ڪرايان تہ جي مان چاهيان تہ هن جي پگهار روڪي سگهان ٿو. مون پگهار روڪڻ جي فيصلي جي باري ۾ هن کي ڪجھ نہ ٻڌايو ۽ جاڻي ٻجھي مان رهيس تہ جيئن سندس انا کي ٺوڙي سگهان ۽ هو ئي پگهار گهرڻ جي لاءِ هٿ ٻڌهيري. هو جيئن ئي نوڙي، مون کان پگهار گهري تہ پوءِ مان دراز مان ست روبل ڪڍي ڪيس ڏيکاريان تہ مون وٽ سندس پگهار جا پيسا پيل آهن پر ڪيس سندس پگهار نہ ڏينندس. اهو ڏيکارڻ لاءِ تہ مان "جو چاهيان سو ڪري سگهان ٿو." چاڪاڻ تہ "مان سندس مالڪ آهيان، ان ڪري مان جو چاهيان سو ڪري سگهان ٿو،" منهنجو ائين ڪرڻ صرف ان ڪري هو جو هو سخت مزاج ماڻهو آهي ۽ سندس رويو مون سان عزت پريو نہ هو؛ پر جي هو عزت سان مون کان پگهار گهري تہ مان نرمي ۽ پنهنجي درياءَ دلي جو مظاهرو ڪري ڪيس پگهار ڏيئي سگهان ٿو، جي هن ائين نہ ڪيو تہ پوءِ ڪيس پگهار جي لاءِ ۾ هفتا وڌيڪ انتظار ڪرڻو پوندو، ممڪن آهي ٽي هفتا وڌيڪ ۽ ائين بہ ٽي سگهي ٿو تہ ڪيس پوري مهيني جي لاءِ انتظار ڪرڻو پوي .....

جيئن تہ مان اپولون جي مٿان ڪاوڙيل هئس، تنهن هوندي بہ هن مون کي جهڪائي وڌو. مان چئن ڏينهن کان وڌيڪ سندس پگهار روڪي نہ سگهيس. هن پنهنجو ساڻيو ئي هٿيار استعمال ڪيو جيڪو هو سدائين اهڙين حالتن ۾ استعمال ڪندو هو، اسان جا اهڙا جهيڙا جهڻا اڳ بہ ٽي چڪا هئا (۽ اها ڳالھ سمجهي سگهجي ٽي تہ هن جي پگهار روڪڻ جو نتيجو مون اڳ ئي جاتو ٽي). هو مون تي پنهنجيون اکيون ڪرڙيون ڪري ڪپائي چڏيندو ۽ مون منجهان نظر ڪڍهن بہ نہ

ڪيندو، لاڳيتو هن جون اکيون ڪيترن ئي منٽن لاءِ مون ۾ ڪتل رهنديون، خاص ڪري هو تڏهن ائين ڪندو، جڏهن گهر ۾ هوندي يا منهنجي گهر مان نڪرندي، هو منهنجي سامهون پوندو. مان اهو ظاهر ڪندو هئس ته مون کيس ڏٺو ئي نه آهي پر پوءِ ٻه هو خاموشيءَ سان مون کي ڏسڻ هٽندو هو. جڏهن مان ڪمري ۾ ٽهلندو هئس يا ڪو ڪتاب پڙهندو هئس ته عام ڏاڙن جيان، خاموشي سان، هڪدم ئي چپ چاپ ۽ آساني سان هو منهنجي ڪمري ۾ گهڙي ايندو هو، در وٽ هڪ هٿ پٽيءَ پويان ڏيئي ۽ هڪ پير ٻئي پير تي چاڙهي، مون منجهه پنهنجيون اکيون وجهي، پرپور ڪروڌ سان مون کي گهوريندو هو. جي مان اوچتو کانئس پڇي وٺندو هئس ته کيس ڇا گهرجي ته هو مون کي ڪو جواب نه ڏيندو هو پر مون تي پنهنجي نظر ڪجهه وڌيڪ پلن لاءِ ائين ئي ڪپيل رکندو هو پوءِ ڪنهن مخصوص انداز سان پنهنجا چپ پيڪوڙي، ڳورو ساهه ڪڍندي، ڇاڻي ٻجهي پٽي ڏئي، پنهنجي ڪمري ۾ واپس هليو ويندو هو. ٻه ڪلاڪ مس ئي گذرندا ته پوءِ هو وري پنهنجي ڪمري مان ٻاهر نڪري ايندو هو ۽ ٻيهر ساڳئي انداز سان منهنجي اڳيان اڇي بيهندو هو. اڪثر مان پنهنجي ڪاوڙ جيڪري کانئس ڪجهه نه پڇندو هئس ته کيس ڇا گهرجي، بس وڏائيءَ مان پنهنجو ڪنڌ مٽي ڪري، منجهس اکيون ڪپائي ڇڏيندو هئس. اهڙي طرح اسان ٻن منٽن لاءِ هڪٻئي ڏانهن گهورينداً رهندا هئاسون؛ پوءِ هو عزت سان پنهنجو منهن موڙي ٻن ڪلاڪن لاءِ ٻيهر پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويندو هو.

هن پوري ويڙهه مان مون کي ڪو ٻه لاڀ نه ملي سگهيو، پر منهنجي من جو ماندڻ جيئن جو تيئن جاري رهيو، هو جڏهن مون تي نظر وجهندو هو ته اندر جي ڪروڌ مان ٽڏا ٽڏا ساهه ڪڍندو هو، ايترا گهرا جو اهي منهنجي اخلاقي ڏيوالپڻي جو ڏس

ڏيڻ لڳندا هئا ۽ يقينن اهي ٽڏا ساھ سندس ڪاميابي جو سبب بڻيا ۽ مون هار مڃي ورتي؛ مون ڦاٽ ڪاڏو ۽ چٽر ڪئي پر پوءِ ۾ مون کي هن جي آڏو گوڏا ڪوڙڻا پيا ۽ سندس پگهار روڪڻ جو وڌيڪ ست ئي نہ ساري سگهيس.

ٽيو هيئن جو هن پيري ۾ سدائين جيان هن پنهنجي گهور جا جتن جاري رکيا، تان جو مان پنهنجو صبر وڃائي ويٺس ۽ هن تي ڪاوڙ مان بوڇاڙ لاهي ڏني. منهجي چيڙ برداشت جي حد کان نڪري چڪي هئي.

"اتي بيھ،" جيئن ئي هو آهستگي ۽ خاموشي سان هڪ هٽ چيلھ پويان ورائي، واپس مڙي پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃي رهيو هو تہ مون ڪاوڙ مان رڙ ڪئي. "اتي بيھ! واپس وڃ واپس ور تہ مان تو کي ٻڌايان ٿو!" مان غيرفطري انداز ۾ رڙيون ڪندي هن کي سڏي رهيو هئس، هو واپس وريو ۽ وات گودو ڪري مون تي پنهنجي نظر وڌائين. هو سدائين جيان بت بڻيو بيٺو رهيو ۽ اکر ۾ نہ اکليو ۽ سندس اهڙي انداز مون کي وڌيڪ گهائي وڌو.

"تو اها جرئت ڪيئن ڪئي جو منهنجي طرفان ڪنهن ڪم جي چوڻ سواءِ ئي مون کي ائين گهورين؟ جواب ڏي!"

ڪوئي هڪ اڌ منٽ مون کي لاپرواهي سان ڏسندي، هن وري واپس وڃڻ لاءِ منهن موڙيو.

"بيھ!" مون هن ڏانهن لوھ پائيندي گجگوڙ ڪئي، "مون کي ڪاوڙ نہ ڏيار! هاڻي جواب ڏي؛ تون چا ڏسڻ آيو هئين؟"

"مون سوچيو جي تنهنجو ڪو ۾ ڪم هجي تہ اهو ڪري وڃان ۽ تنهنجو ڪو ۾ ڪم ڪرڻ منهنجو فرض آهي،" سانت جي هڪ ٻئي پل کان پوءِ توريل تکيل اچار سان، پنهنجي پرمن کي چاڙهيندي ۽ چپ چاپ ڪنڌ کي هڪ پاسي کان ٻئي پاسي ڏوٽيندي، هن آهستي جواب ڏنو. هن جو هيءُ انداز وڏي جڙاءُ واو هو.

"اها جواب نہ آهي جو مان تو کان پڇي رهيو آهيان، تون منهنجي لاءِ مٺي جو سور آهين!" مون ڪاوڙ مان ڳاڙهو ٿيندي رڙ ڪئي. "مان تو کي ٻڌائيندس ته تو مون کي هن حال تائين ڪيئن پهچايو آهي: ڏس! مان تو کي تنهنجي پگهار نہ پيو ڏيان ۽ تو کي پنهنجو پاڻ تي ايترو ناز آهي جو تون منهنجي آڏو جهڪڻ جي لاءِ تيار ئي نہ آهين جو مون کان پنهنجي پگهار گهرين ۽ تنهن ڪري تون پنهنجي بيوقوفاڻي انداز سان، مون ۾ اکيون کپائي، مون کي سزا ڏيڻ ٿو چاهين، مون کي پريشان ڪرڻ ٿو چاهين ۽ تو کي پرواه ئي نہ آهي ته اها ڪيتري نہ بيوقوفي جي ڳالهه آهي ... بيوقوف، بيوقوف، بيوقوف، بيوقوف! ..."

اپولون هاڻي پڻ ڪو بہ اڪر اڪلڻ سواءِ واپس مڙڻ ٿي چاهيو پر مون کيس هٿ کان پڪڑي ورتو.

"ٻڌ!" مون رڙ ڪئي. "هي آهن پيسا، تون ڏسين ٿو، هي پيسا پيا آهن." (مون ميز جي دراز مان پيسا ڪڍيا) "هي اٺئي پورا ست روبل، پر اهي تو کي نہ ملندا، تو ... کي ... نہ ... ملندا، ايستائين تو کي نہ ڏينداس جيستائين تون عزت سان ڪنڌ جهڪائي مون کان معافي نہ وٺندين. منهنجي ڳالهه سمجهه ۾ آيئي؟"

"اهو ممڪن ئي نہ آهي،" هن انتهائي خود اعتماديءَ سان وراڻيو.

"تو کي ائين ئي ڪرڻو پوندو،" مون چيو، "مان تو کي ٻڌائي ٿو ڇڏيان ته تو کي ائين ئي ڪرڻو پوندو!"

"مون ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي جو تو کان معافي وٺان،" هن پنهنجي ڳالهه جاري رکي، جڏهن منهنجي ڪاوڙ جو مٺس اثر ئي نہ ٿيو هو. "تو مون کي ڇو عذاب ڏيندڙ چيو، تنهنجي ان بي عزتي واري رويي جي ڪري مان تو کي ڪنهن بہ وقت پوليس اسٽيشن سڏرائي وٺندس."

"وڃ! مون کي پوليس اسٽيشن سڏرائي وٺجاءِ" مون گجگوڙ ڪئي، "هڪدم هليو وڃ، هاڻي جو هاڻي، هن ئي پل ۾! تون ساڳيو ئي عذاب ڏيندڙ آهين! عذاب ڏيندڙ هڪ ماڻهو!"

هن شايد ئي مون تي نظر وڌي، هو پوئتي مڙيو، منهنجي زور زور سان سڏڻ جي باوجود، ڪيڏانهن ٻ نظر ڊوڙائڻ سواءِ، هلڪا پير کڻندي، پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو.

"جي ليزا جو بار منهنجي ڪلهن تي نہ هجي ها تہ ائين اپولون جو نخرو ڪرڻ ممڪن نہ هجي ها، مان سندس ڏند پيچي چڏيان ها" اهڙو فيصلو مون پنهنجي اندر ڪري ورتو هو. پوءِ، هڪ منٽ جي اوسيئڙي ڪانپوءِ مان هن جي پويان، سندس مان ۽ شان واري ڪمري ۾ هليو ويس، جيتوڻيڪ منهنجي دل جو دهڪو ڊلو ۽ ٻڏتر وارو هو.

"اپولون" مون آرام سان، سواءِ ڪنهن آڏي پچا جي ڪيس سڏ ڪيو، مان اڃا سوڏو تڪڙ تڪڙ ساهه ڪڍي رهيو هئس، "سواءِ ويل وڃائڻ جي هتان اٿي وڃي پوليس آفيسر کي وٺي اچ."

هو منهنجي پهچڻ کان اڳ ئي پنهنجي ميز پرسان پيل ڪرسي تي سانت سان ويهي چڪو هو، هو پنهنجي عينڪ چاڙهي ۽ ڪجهہ سبڻ ۾ لڳي ويو هو. پر منهنجو حڪم ٻڌندي کل ۾ ٻڌي ويو هو.

"هڪدم، هن ئي پل هليو وڃ! هليو وڃ يا تو سان اهڙي ٽيندي جنهن جو تون سوچي ٻ نہ ٿو سگهين."

"پڪ اٿم تہ تون پنهنجو عقل وڃائي ويٺو آهين" هن سدائين جيان بردباريءَ سان وراڻيو، هن پنهنجو ڪنڌ ڪٽي مون ڏانهن ڏٺو ٻ ڪو نہ ۽ سئيءَ ۾ ڏاڪو وجهڻ ۾ جنبيل رهيو.

"ڪڏهن ڪو اهڙو ماڻهو ڏٺو اٿئي جو ٻئي ڪنهن کي موڪلي پنهنجي خلاف شڪايت ڪرائي، پوليس کي گهرائي؟

۽ جيتري قدر دنل هئڻ جو لاڳاپو آهي ... تون پنهنجو پاڻ کي پريشان ڪرڻ سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ ڪري رهيو آهين، ان مان ڪجھ بہ نہ ورٽو آهي."

"وڃ!" مون کيس ڪلهن مان پکڙيندي ڪاوڙ مان رڙ ڪئي. مون کي لڳو تہ مان هڪ منٽ اندر ئي کيس ڏڪ هٽي ڪيندس.

پر مان ان ويلي وساري ويٺو هئم تہ در تي نظر رکان هان. ان ويلي ئي دروازو هلڪي آواز سان آهستگيءَ سان کليو ۽ ڪو اندر لنگهي اچي، منهنجي پرسان رکيو ۽ اسان ٻنهي تي ڏاڍي حيرانگيءَ مان نظر وڌائين هئائين. ائين ڪنهن جي چپ چاپ گھر اندر گھڙي اچڻ ڪري مان شرم کان پنڌ پهڻ ٿي ويس ۽ پنهنجي ڪمري ڏانهن ڪٽي ڊوڙ پاتم. ڪمري ۾ پهچي ٻنهي هٿن سان پنهنجا وار پٽڻ لڳم. مان پنهنجو ڪنڌ پت تي ڏاري ڇڏيو هو ۽ ان حالت ۾ سڪتي ۾ اچي ويو هئس.

ٻہ منٽ پوءِ مون اپولون جي هلڪن قدمن جو آواز پنهنجي ڪمري ۾ ايندي ٻڌو. "ڪا عورت آئي آهي جا تنهنجو پڇي رهي آهي،" هن پنهنجي خاص انداز سان مون تي نظر وجهندي چيو. پوءِ هن ٿورڙو رستي مان هٽي، ليزا کي ڪمري ۾ گھڙڻ لاءِ رستو ڏنو. اپولون جميو بيٺو رهيو ۽ اسان کي عجيب نگاھ سان ڏسندو رهيو.

"هليو وڃ، هتان هليو وڃ،" مان بي چينيءَ مان اپولون کي حڪم ڏنو. تنهن ويلي منهنجي گھڙيال سيٺون هٽي ۽ گھنڊ وڄائي ستين وڳي جو اعلان ڪيو.

❑

وندِ نائون

'منهنجي گهر ۾ آزاد ۽ همت ڏاري پير ڏر

تون ئي آهين ئي گهر ڏياڻ ۽ تنهنجو آ گهر!

مان ليزا جي اڳيان ڪنهن اوچائي تان ڪري ذرا پرزا ٿي، مونجهاري ۾ الجهي پيو هئس ۽ مون کي ياد پيو اچي ته تنهن وقت مون ڪوشش ڪري مسڪرايو هو. جيترو مون کان ٿي سگهيو مان پنهنجي ڊريسنگ گائون ۾ پاڻ کي ويڙهڻ جا جتن ڪيا ... بلڪل ائين ئي محسوس ٿي ڪيو، جيئن ٿورو عرصو اڳ مايوسي ۾ ليزا جي اچڻ ۽ پنهنجي لاچارگي جو مون تصور ڪيو هو. اپولون اسان سان گڏ ٿورا پل بيٺو رهڻ کانپوءِ هليو ويو، پر هن جي وڃڻ باوجود به مون کي چين نه آيو. ليزا به اڃا سوڌو مونجهاري ۾ ورتل هئي، جنهن ٻرندڙ تي تيل جو ڪم ٿي ڪيو. وڌيڪ اهو ته سچ پچ ان ويلي جو بگاڙ منهنجي توقع کان وڌيڪ هو. ليزا جي پير پائڻ ويلي جو ڪجهه هن جي اکين اڳيان ٿيو هو، سو منهنجي برداشت کان ٻاهر هو.

"ويهه،" مون ڪرسي کي سوريندي ميز جي پرسان ڪندي مشيني انداز ۾ ليزا کي ويهڻ لاءِ چوندي، مان پاڻ صوفي تي ويهي رهيس. هوءَ فرمانبرداريءَ سان هڪدم ڪرسيءَ تي ويهي رهي ۽ مون کي ڪليل اکين سان نظرون وجهي ڏسي رهي هئي. ظاهر آهي ته هن هڪدم مون منجهان ڪنهن شيءِ جي اميد ٿي رکي. ليزا

جي اڻ چئيءَ اميد مون کي ڪاوڙائي وڌو هو پر مون پنهنجو پاڻ کي ٺڌو ڪري ورتو هو.

ليزا ڪوشش ٿي ڪئي ڏ هن جو ڪجھ پنهنجي اکين سان ڏنو هو تنهن کي وساري ويهي، هن اهو ڏيڪ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هتي جڻ سڀ ڪجھ عام رواجي نموني وهيو واپريو ٿي، جڏهن تہ ان جي بدران، هن ... ءِ مون محسوس ڪيو تہ اويلي اچڻ جي بدلي ڪيس ڳوري قيمت ادا ڪرڻي پوندي.

"ليزا، تو مون کي عجيب حال ۾ ڏنو آهي،" مون هيڪندي ءِ اهو چائڻدي ڳالھ شروع ڪئي تہ ائين ڳالھ شروع ڪرڻ جو هي انداز غلط هو. "نہ... نہ... ڪا اجائي ڳالھ نہ سوچ،" مون اهو ڏنو تہ شرمساري کان هوءَ پيلي پئجي ويئي آهي. "مون کي پنهنجي غريبي تي ڪا بہ شرمساري نہ آهي ... شرمساري بدران، مان پنهنجي غريبي تي ناز ڪندو آهيان. مان غريب ضرور پر عزتدار آهيان ... ڪو بہ ماڻهو غريب ءِ عزتدار ٿي سگهي ٿو،" مون ٻڌ ٻڌ ڪئي. "ڪجھ بہ هجي ... چا تون چانھ پيئڻ چاهيندينءَ؟ ...."

"نہ، چانھ کي چڏي ڏ ي،" هوءَ منٽون ڪرڻ لڳي هئي.

"هڪڙو منٽ ترس."

مان ٽپو ڏيئي اٽيس ءِ ڊوڙندو اپولون ڏانهن ويس. مون کي ڪجھ بہ ڪري ڪمري مان ٻاهر نڪرڻو هو. "اپولون،" اپولون اڳيان ست روبل اڇلائيندي، جي اڃا تائين منهنجي مٺ ۾ پيڪوڙيل هئا، جڻ تپ مان ڏڪندي مون تڪڙو اپولون کي آواز ڏنو. "اڇي! هيءَ وٺ پنهنجي پگهار ڏس مون تو کي تنهنجي پگهار ڏني آهي؛ پر هاڻي تو کي منهنجي مدد ڪرڻي پوندي. اسان جي لاءِ ريسٽورنٽ مان چانھ ءِ هڪ ڊزن رس ڪيڪ وڃي

وٽي آڻ. جي تون نہ ويندي تہ مون کي وڌيڪ مصيبت ۾ ڦاسائي ڇڏيندين! تو کي کھڙو پتو تہ هوءَ کھڙي قسم جي چوکري آهي ... هيءَ آهي ... هيءَ چوکري سڀ کجھ آهي! تون ٻيو کجھ سوچي رهيو هوندين ... تو کي کھڙي خبر تہ هوءَ کھڙي قسم جي چوکري آهي! ....“

اپولون، جيڪو اڳ ئي پنهنجي کم ۾ جنبي ويو هو ۽ عينڪ کڻي اکين تي چاڙهي هئائين، پيسن کي نظر انداز ڪندي، پنهنجي سئي هيٺ رکندي، پهريائين مون تي سوالیہ نظر وڌائين؛ پوءِ مون تي کو بہ ڏيان ڏرڻ سواءِ ئي يا کو بہ جواب ڏيڻ بدران، هن پنهنجو پاڻ کي سئي جي کم ۾ لڳائي ڇڏيو. ايا تائين هو سئي ۾ ڏاڳو وجهي نہ سگهيو هو. مان ڻ منڻن تائين سندس اڳيان هٽ ٻڌيو بيٺو رهيس. منهنجيون لوندڙيون پگهر سان آليون ٽي چڪيون هيون. مون کي ائين لڳو جڻ مان پيلو پٽجي چڪو هئس. پر الله جو شڪر آهي جو اپولون مون تي نظرون وجهندي، مون تي رحم کائي اڇيو. سئي ۾ ڏاڳي وجهڻ کانپوءِ، هن پنهنجي مرضي سان، آهستگي سان، هلڪو زور ڏئي پنهنجي ڪرسي پوئتي ڪندي، مزي سان پنهنجي عينڪ لاٿي، چپ چاپ پيسا گڻيا ۽ آخر ۾ پنهنجي کلهي تي ڪنڌ لاڙي پڇيائين: “چا مان هي سڀ پيسا کڻان؟” پنهنجو اهو جملو پورو ڪرڻ کانپوءِ، مزي سان ڪمري مان نڪري ويو.

مان جيئن ئي ليزا ڏانهن واپس وريس تہ منهنجي ذهن ۾ هڪ سوال ايريو: بهتر آهي تہ مان هتان دريسنگ گائون ۾ هوندي بہ پاڻي نڪري وڃان، ڪپڙن جو کھڙو فرق پوي ٿو، ڪيڏانهن بہ هليو وڃان ۽ پوءِ هتي جو کجھ ٿئي، تنهن جي پرواھ نہ ڪجي.

“مان ڪيس ماري ڇڏيندس،” مہ ن اوچتو ڪاوڙ مان، ميز کي ايترو زور سان مڪ وهائيندي چيو، جو ميز تي پيل مس جاڏي

ڪاڏي پڪڙجي ويئي.

"تون ڇا ڇئي رهيو آهين!" ليزا رڙڪئي.

"مان اپولون کي ماري ڇڏيندس! هن کي ماري ڇڏيندس!" مون ڪاوڙ مان رڙيون ڪنديءِ اوچتو جذباتي ٿيءِ ميز کي ڏڪو ڏيندي چيوءِ ساڳئي وقت اهو به ڄاڻندي ته مان هي سڀ ڪجهه ڪاوڙ ۾ ڪندي ڪيتري نه بيوقوفي ڪري رهيو آهيان. "تو کي ڪهڙي خبر ليزا، اپولون مون کي ڪرب ۾ وجهندڙ ڏاڍو ڪمينو ماڻهو آهي، هو مون کي ڏنب ڏيندڙ آهي ... هاڻي هو ڪجهه رس ڪيڪ وڻڻ ويو آهي، هو ..."

ءِ اوچتو ئي مون ڳوڙهن جا واهڙ وهائي ڇڏيا. مون کي دورو پيو هو. مان پنهنجي سڏڪن ۾ شرمساري محسوس ڪئي، پر تنهن هوندي به مان پنهنجن ڳوڙهن کي روڪي نه سگهيو هيس.

هوءَ ڏاڍو دڃي وئي هئي.

"ڇا ڳالهه آهي؟ ڪهڙي مسئلي ۾ ڦاسي پيو آهين؟" هوءَ منهنجي لاءِ پريشان ٿيندي روئي ويئي.

"پاڻي، مون کي پاڻي ڏي، او هو سامهون پيو اٿئي!" مون ٻڏاڻي آواز ۾ چيو، جيتوڻيڪ مون ڄاتو ٿي ته پاڻي سواءِ به مان گذارو ڪري ٿي سگهيس ءِ مون کي نهاڻي آواز ۾ مڙ مڙ ڪرڻ جي ڪابه گهرج نه هئي. پر مان پنهنجي کل بچائڻ پويان پڄي ويو هئس، پنهنجي ظاهر کي بچائڻ لاءِ مون ڏرن ٿي ڪيو. ائين به هو ته مون تي دوري جو حملي سچو پچو هو.

ليزا هن ساري ماجرا کي سمجهي سگهڻ سواءِ ئي مون کي ڏسندي، پاڻي ڏنو. ساڳئي وقت اپولون به چانهه ڪٽي پهتو هو. مون کي اوچتو احساس ٿيو ته هتي ايترو ڪجهه ٿيڻ ڪانپوءِ، منهنجو هيءُ گهر، رواجي چانهه جو انتظام انتهائي نامناسب ءِ گهربل معيار کان ڪريل حرڪت هو ءِ مان ڳاڙهو پيلو ٿي وس. ليزا

اپولون کي پنهنجائپ واري نظرن سان پئي ڏٺو. اپولون اسان ٻنهي تي نظر وجهڻ بنان ئي ٻاهر هليو ويو.

"ليزا، چا تون مون کان حقرت ڪرين ٿي؟" مون ڏڪندي ۽ بي صبري مان اهو چاڻڻ لاءِ ته هوءَ منهنجي باري ۾ چا ٿي سوچي، منجهس اکيون ڪپائي کانئس پڇيو.

هوءَ منجهيل هئي ۽ اهو نه ٿي چاتائين ته ڪهڙو جواب ڏئي.

"پنهنجي چانهه پيءُ،" مون کيس ڪاوڙ مان چيو. مان پنهنجو پاڻ سان ناراض هئس، تنهن هوندي ٻ يقينن هوءَ ئي هئي جنهن کي منهنجي ڪاوڙ جو خميازو پوڳٽو هو. ليزا جي خلاف هڪ پوائتو ڪروڌ منهنجي دل اندر پرجي آيو؛ مون کي پڪ هئي ته مان کيس ماري ٿي سگهيس. هن جي خلاف پاڻ کان .لو وڃڻ جي لاءِ مون پورو وقت هن سان هڪ ٻ لفظ نه ڳالهائڻ جو فيصلو ڪري ورتو هو. "هن ساري ڏڪيڙ جي ٿيڻ جي هوءَ ئي ذميدار هئي،" مون سوچيو.

اسان جي ماڻ پنجن منٽن لاءِ هلندي رهي. چانهه ميز تي پيل رهي؛ اسان مان ڪنهن هڪ ان کي چهيو ئي نه هو. مان شعوري طور پنهنجو پاڻ کي ڳالهائڻ کان روڪڻ جو سوچي ڇڏيو هو ته جيئن سندس وڌيڪ توهين ڪري سگهان؛ هن جي لاءِ اهو ڏاڍو اوکو هو ته هوءَ پنهنجي سر ڳالهه جي شروعات ڪري. هن ڪيترائي ڀيرا ماتمي مونجهاري سان ڀرپور نظر مون تي ڦيرائي. مان خاموشي جي هوڏ تي قائم رهيس. يقينن ائين ڪرڻ سان مون کي ئي سڀ کان وڌيڪ پوڳٽو هو. چاڪاڻ ته مون کي پليءَ ريت، پنهنجي ڪروڌ ڀري بيوقوفي جي ڪمينگي جي گهائي وجهڻ جو پتو هو ۽ تنهن هوندي ٻ مان پنهنجو پاڻ کي اهڙي حرڪت کان نه ٿي روڪي سگهيس.

"مان ان گندي ... جاءِ مان ... پوري طرح پنهنجي جان ڇڏائڻ

چاهيان ٿي،" ليزا ڪنهن نموني مان ٽوڙيندي چيو. اي نمائي چوڪري، اهائي ڳالهه هئي، جنهن جو تو کي هن واهيات موقعي تي، مون جهڙي واهيات ماڻهو سان ذڪر ئي نه ڪرڻ کپي ها. هن جي من ۾ مير نه هئڻ ۽ ڪو به رک رکاءَ نه ڪرڻ ڪري، منهنجو هنيانءُ هڃي پيو. پر ڪنهن اڻ ڇهي احساس هڪدم مون ۾ هن جي لاءِ همدردي جاڳائي وڌي؛ ڪنهن شيءِ منهنجي اندر کي جهنجهوڙي، ان ۾ وڌيڪ زهر پري ڇڏيو. مون کي ان جي پرواه ئي نه رهي ته. هاڻي هتي چا ٿيو هو. پوءِ ائين وڌيڪ ٻيا پنج منٽ گذري ويا.

"شايد! مان تنهنجي راه جي رڪاوٽ بني آهيان،" هن ڏڪندي، جهيڻي آواز سان وڃڻ لاءِ اٿندي چيو.

پر جيئن ئي منهنجي نظر هن جي زخمن سان چور چور انا تي پئي، مان ڪروڌ مان ڏڪڻ لڳس ۽ هڪدم ڦاٽ کاڌو.

"مهرباني ڪري مون کي ٻڌاءِ ته تو ڪهڙي آس سان مون ڏانهن پير پريو آهي؟" مون ساهه کڻڻ لاءِ هٿوراڙيون هڻندي، پنهنجو وات کوليو ۽ پنهنجي لفظن جي اٿاءَ جي ڪوٽ جي پرواه ئي نه ڪئي.

مون چاهيو ٿي ته سڀ ڪجهه هڪ ئي ساهه ۾ هڪدم چئي ڏيان؛ مون ان جي پرواه ئي نه ڪئي ته ڳالهه ڪٽان شروع ڪجي. "تون چو آئي آهين؟ جواب ڏي، جواب ڏي،" مان اهو وساري ويٺم ته مان چا چئي رهيو آهيان، مون هن کان ڪاوڙ ۾ پڇيو.

"منهنجي پياري! مان تو کي ٻڌائيندس ته تون هتي چو آئي آهين؟ تون مون وٽ ان ڪري آئي آهين جو مون تو آڏو ان رات گهڻو جذباتي تقرير ڪئي هئي. تنهنڪري هاڻي تون من اندران ميڙ وانگر نرم ٿي پئي آهين ۽ چاهين ٿي ته ڪو ٻيهر تنهنجي

اڳيان جذباتي تقرير ڪري. تو کي اهو ب جاڻڻ گهرجي ت ان وقت مان تو تي ڏند ٽيڑي رهيو هئس ۽ هاڻي پڻ ڏند ڪڍي رهيو آهيان. تنهنجو ساهه سڪي سوڙهو چو ٿيو آهي؟ هائو ائين ئي آهي ت مان تو تي ڏند شيڪي رهيو هئس. منهنجي ان رات تو سان ملڻ کان ٿورو اڳ ئي ڊنر تي بي عزتي ڪئي ويئي هئي، انهن ئي ساڻين ڪئي هئي جو ان رات مون کان ٿورو ئي اڳ تو وٽ پهتا هئا. مان تو وٽ انهن مان هڪ آفيسر کي سبق سيکارڻ آيو هئس؛ پر مان کيس سبق سيکارڻ ۾ ڪامياب نه ماڻي سگهيس، مان هن کي ڳولهي لهي نه سگهيس؛ منهنجي لاءِ انهن مان ڪنهن جي ب توهين ڪرڻ ضروري هو، جو ائين ڪرڻ سان، مان پنهنجي گهايل انا کي تسڪين ڏيئي سگهان ها؛ تون منهنجي منهن پئجي وئينءَ، مون پنهنجي ڪاوڙ تو مٿان ڪڍي ۽ پنهنجي دل ئي دل ۾ تو تي ٽهڪ ڏنا هئا. منهنجي توهين ڪئي وئي هئي، تنهنڪري مون ب ڪنهن جي توهين ڪرڻ ٿي چاهي؛ مون سان ڪيڑي جي ليڑن جهڙو ورتاءُ ڪيو ويو هو، تنهن ڪري مون پنهنجي سڳهه ڏيکارڻ ٿي چاهي ... ائين ئي ان رات ٿيو هو ۽ تو سمجهيو ت مان اتي تو کي بچائڻ لاءِ آيو هئس. جي ها؟ تو ائين ئي سمجهيو هو؟ تو اهو ئي تصور ڪيو هو؟"

مون جاتو ٿي ت هوءَ سچ مچ ذهني الجهاءَ جو شڪار ٿي پوندي ۽ مون جو ڪجهه ٿي چيو، تنهن کي پوريءَ طرح هوءَ سمجهي نه سگهندي پر مون کي اهو ب پتو هو ت هوءَ انهن ڳالهين جي بنيادي اٽت چگيءَ طرح سان ڪٿي وڃندي. ۽ حقيقت ۾ ٿيو ب ائين، هن کي گهٽو ڪجهه پلئه پيو هو. هوءِ رومال جيان اڇي ٿي چڪي هئي، ڪجهه چوڻ جي ڪوشش ڪيائين ۽ هن جا چپ گهٽي درد مان چريا؛ پر هوءَ ڪرسيءَ ۾ ڏهجي ويئي، جڏ ت کيس ڪنهن ڪهاڙي وهائي ڪڍي هجي ۽ پوءِ پورو وقت هوءَ وات گودو ڪري ۽ اکيون ڦاڙي مون کي

ٻڌندي رهي ۽ هڪ اڻ چاتي خوف ۾ ڏڪندي رهي. نااميدي! منهنجي لفظن جي نااميدي مٿس ڪوري پئجي ويئي هئي ...

"تو کي بچائڻ!" مان پنهنجي ڪرسي مان ٽپو ڏيئي اٿندي ۽ ڪمري ۾ ٽهلندي ڳالهه جاري رکي. "تو کي ڪهڙي بلا کان بچايان؟" شايد! منهنجي زندگي تنهنجي زندگيءَ کان وڌيڪ ڪوجهي آهي. منهنجا ڏند تو تڏهن چو نه ٽي ڀچي چڊيا، جڏهن مان تو کي هدايتون ڪري رهيو هئس؛ 'پر تون پنهنجو پاڻ هتي چا وٺ آئي آهين؟ چا اسان ٻنهي جي بهتري جي لاءِ تو کي ڪا ڳالهه ڪرڻي آهي؟' انساني سگهه، سگهه جا پوءِ مان ماڻڻ گهري هئي، تو کي تورڻ تڪڻ ئي مون کي گهربل هو، مون تنهنجا ڳوڙها اگهڻ ٽي چاهيا، تنهنجي بي عزتي، تنهنجي هسٽريا جي دوري کي ختم ڪرڻ ٽي چاهيو ... ان ويلي مون اهوئي ڪرڻ ٽي چاهيو! پوءِ سچ پچ مان ائين ڪري نه سگهيس، چاڪاڻ ته مان پاڻ اياڳن ور چڙهيل ماڻهو آهيان. ان ويلي مان دنل هئس ۽ مون کي ڪهڙي نانگ ڪاڏو هو جو بيوقوفي ۾ مون پنهنجي ايڊريس تو کي ڏني. تو سان ڪوڙ ڳالهائڻ جي ڪري، مون تو کان نفرت ٽي ڪئي. چاڪاڻ ته مان صرف لفظن سان کيڏي چاڻان، فقط خواب ڏسي چاڻان، پر، چا تو کي خبر آهي، مان حقيقت ۾ جيڪو چاهيان ٿو سو اهو ته منهنجي لاءِ اوهان سڀ وڃي جهنم ۾ پئو. مان اهوئي چاهيان ٿو. مون کي امن گهرجي؛ مان هڪ ٽڪي جي لاءِ پوري دنيا وڪڻي سگهان ٿو، بس ايستائين هڪ ٽڪي ۾ وڪٽندو رهندس، جيستائين مون کي امن سان رهڻ ڏنو وڃي. دنيا وڃي ڏوڙ ۾ پوي، منهنجي چانهه پيئڻ سواءِ رهجي وڃڻ ڪري ڪهڙو فرق ٿو پوي؟ مان چوندس ته منهنجي لاءِ دنيا تيستائين وڃي ڏوڙ ۾ پوي، جيستائين مون کي چانهه ملندي رهي. چا تو کي اها ڳالهه سمجهه ۾ آئي يا نه؟ ٺيڪ آهي، ڪجهه به هجي مون کي خبر آهي ته مان کل جوڳو،

بچڑو، انا پرست ۽ بيڪار ماڻهو آهيان. مان هتي گذريل ڏڻ ڏهاڙن کان تنهنجي پير پائڻ جي پؤ ۾ ڏڪي رهيو آهيان. ۽ تو کي خبر آهي ته انهن ڏينهن ۾ ڪهڙي خاص ڳالهه هئي، جنهن مون کي پريشان ڪيو ٿي؟ ٻڌ! سا اها هئي ته مون تنهنجي اڇيان پنهنجو پاڻ کي هڪ ماڻهپي واري ماڻهو جي ڊيڪارٽ جي جاکوڙ ڪئي هئي، هاڻي تون مون کي هڪ گهنجيل دربسنگ گائون ۾ هڪ پينو، هڪ ڪريل انسان جيان ڏٺو آهي. مون تو کي هاڻي ئي ٻڌايو آهي ته مون کي پنهنجي غريبي تي ڪا به شرمساري نه آهي؛ تنهنجو اڇي، مون کي هن حال ۾ ڏسڻ جي شرمساري ڪنهن به ٻي ڳالهه کان وڌيڪ اهم آهي، مون کي ان ڳالهه جو ٻؤ وڌيڪ هو ته ڪٿي مون کي هڪ چور جيان پڪڑيو نه وڃي، چاڪاڻ ته مان اهڙي ئي اجائي انا جو شڪار آهيان، جڙ ته منهنجي ڪل رهڙيل هجي ۽ ٿورو به هوا جو جهلڪو مون کي ايذائيندو هجي. پڪ اٿم ته هاڻي تو کي احساس ٿيو هوندو ته مان تو کي ڪڏهن به معاف نه ڪري سگهندس، ڇو جو تو مون کي هن گهنجيل دربسنگ گائون ۾ ڏسي ورتو آهي، سو به ان وقت جڏهن مون اپولون تي زهر ٻريا چوهه ٿي چنديا. تنهنجي جان بچائيندڙ اڇوٽو هيرو، ردين جي ڏڻ جي نگهباني ڪندڙ وڪريل وارن واري ڪتي جيان پنهنجي نوڪر اڇيان، ليڙن ۾ ٿي ليٽڙيو ۽ نوڪر ساٿس گٽا لفظ بڪي رهيو هو! ۽ مان تو کي انهن ڳاڙيل ڳوڙهن لاءِ ڪڏهن به معاف نه ڪندس، جي هينئر ئي مون تنهنجي اڇيان ڳاڙيا آهن، جي ڳوڙها منهنجي اکين مان پاڻمرادو ڪنهن چري مائي جي شرم ڏيارڻ ڪري ڪريا آهن! ۽ جنهن ڪري اڄ مان تنهنجي آڏو پنهنجي هيٺائيءَ جو اعتراف ڪري رهيو آهيان، مان تو کي ڪنهن به نموني معاف نه ڪندس! هائو ... انهن سيني ڳالهين جو تو کي جواب ڏيڻو آهي، چاڪاڻ ته تو هيئن اوچتو پير پاتو آهي، چا

ڪاڻ ته مان ڪل جوڳو ٿي پيو آهيان، چاڪاڻ ته مان ڪمينو ترين، بيوقوف ترين، منجهاٽو ترين ۽ سڀ کان وڌيڪ ته هن ڌرتي جي گولي تي موجود ڪمينن ۾ سڀ کان وڌ ساڙيلو آهيان، ٻئي سڀ ڪمينا مون کان وڌيڪ گهائيندڙ ڏنگ نه ٿا هڻي سگهن، پر الله ئي ڄاڻي ٿو ته اهي ڪڏهن به مونجهاري جو شڪار چو نه ٿا ٿين؛ جڏهن ته هر چڙ سدائين منهنجي بي عزتي ڪندو رهندو آهي، اهو ئي منهنجو مقدر آهي ته منهنجي بيعزتي ٿيندي رهي! ۽ مون کي اها ڳالهه گهائي رهي آهي ته منهنجي ڳالهه جو اکر به تنهنجي پلؤ نه ٿو پوي! ۽ مان تنهنجي ڪيتري پرواه ڪريان ٿو، مان تنهنجي ڪيتري پرواه ڪريان ٿو ته ڇا تي تباه ۽ برباد ٿئين ٿي يا نه؟ چا تو کي منهنجي ڳالهه سمجهه ۾ آئي؟ تنهنجي هتي هجڻ ۽ منهنجي بکواس ٻڌڻ ڪانپوءِ ۽ منهنجي ايتري چوڻ ڪانپوءِ مان تو سان ڪيتري نفرت ڪري سگهان ٿو. چو ته زندگي ۾ هڪڙو پيرو ئي ته ماڻهو هيئن مون جيان ڳالهيون ڪندو آهي ۽ پوءِ دورن جي ور چڙهي ويندو آهي!... تو کي ٻيو چا گهرجي؟ هيتري هڻ جي باوجود، تون چو منهنجي اکيان مون سان مهاڏو اڏڪايو بيٺي آهين؟ تون مون کي چو پريشان ڪري رهي آهين؟ تون هتان چو نه ٿي هلي وڃين؟"

پر هن هاڻي ته هڪ عجيب ڳالهه ٿي پئي. مان هر شيءِ ڪتابي انداز سان تصور ڪرڻ ۽ سوچڻ جو عادي هوندو هئس ۽ جيئن مون اڳ ئي پنهنجن خيالن ۾ سوچي ڇڏيو هو ته دنيا جي هر شيءِ کي ڏسڻ لاءِ مان ڪنهن به طرح اهڙي ڏکين حالتن کي تڪڙو سلجهائي نه سگهندس. هاڻي چا ٿيو هو؛ ليزا، منهنجي توهين ڪئي هئي ۽ هن مون کي ڇڏي پورا ڪري ڇڏيو هو، منهنجي پهچ کان گهڻو مٿانهين مون مان اميد رکي هئائين. منهنجي ڳالهين مان اهوئي تت ڪڍيو هئائين، جيئن ڪنهن به عورت کي سڀ کان پهريائين ڪڍڻ گهرجي. ليزا کي جي سڃو

پچو پيار لڳو هو، سو ته نه هو پر اهو ڪيس پتو پيو هو ته مان پاڻ بہ هڪ اداس انسان هئس.

دنل ۽ گهايل اظهار هن جي چهري تي ڦهلجي ويو هو، تنهنڪري هن جي چهري مان اداسي ۽ الجهاءَ ڇلڪي رهيو هو. جڏهن مون پنهنجو پاڻ کي بچڑو ۽ بدبخت ٿي ڪوٽيو ۽ منهنجا ڳوڙها وهي هليا (منهنجي پوري تقرير ڳوڙهن وهندي جاري رهي هئي)، تڏهن سندس منهن ۾ سوند پوندو رهيو. هوءَ جذبات جي ان حد تي اچي پهتي هئي جو اٿي بيهي ۽ مون کي ڳالهائڻ کان روڪي؛ جڏهن مون پنهنجي ڳالهه پوري ڪئي ته هن منهنجي رڙين جو ڪو بہ تاثر نه ورتو: "تون هتي چا ٿي ڪرين؟ تون هتان چو نه ٿي هلي وڃين؟" پر مون کي احساس ٿيو ته هن کي ائين لوئڻ سان صرف مون کي ئي تڪليف ٿي پهتي. ٻيو ته هوءَ ويچاري ايترو ته پيڙهجي چڪي هئي، جو هن پاڻ کي منهنجي پيرن ۾ ليٽڙيون پائيندي ڏٺو؛ هوءَ مون سان ڪهڙي ڪاوڙ ڪري پئي سگهي؟ هوءَ اوچتو چال ڏيئي پنهنجي ڪرسي مان اٿي بيٺي ۽ پنهنجا هٿ پيار مان مون ڏانهن ڦهلائي ڇڏيائين، جيتوڻيڪ هوءَ اڃا بہ دنل هئي ۽ اڳتي وڌڻ جي همت نه ڪري سگهي هئي ... تڏهن منهنجي دل ۾ هن جي لاءِ ڪراهت ويتر وڌي وئي. پوءِ اوچتو هوءَ مون ڏانهن وڌي، مون کي پنهنجي پاڪر ۾ ٻيڪوڙي ورتائين ۽ هنجون هارڻ لڳي.. مان پڻ پنهنجو پاڻ کي روڪي نه سگهيس ۽ ائين سڏڪن ۾ پئجي ويس، جيئن پهريائين ڪڏهن بہ اهڙا سڏڪا نه ٻريا هجن.

"اهي مون کي اتان ڪڏهن بہ باهر نڪرڻ نه ڏيندا ... مان ماڻهپو نه ٿي ماڻي سگهان!" مان ڪيس لفظن ۾ ڊالڻ ۾ سوپارو ٿي چڪو هئس؛ پوءِ مان صوفي ڏانهن وڌي ويس، ان تي منهن ڀر ڪري پيس ۽ مني ڪلاڪ تائين سڏڪن ۾ سچي پچي دوري ۾ پئجي ويو هئس. هوءَ منهنجي ڀر ۾ آئي، پنهنجا هٿ منهنجي

چوڏاري ڦهلائي ڇڏيائين ۽ انهيءَ حالت ۾ سواءِ ڪنهن ڇڙپر جي ساڪن ٿي پئي رهي. پر مسئلو اهو هو ته دورو سدائين لاءِ نه رهندو آهي ۽ (مان گهائيندڙ سچ لکي رهيو آهيان) صوفي تي منهن پر ڪري پئي هئي ۽ پنهنجو منهن چمڙي جي وهاڻي ۾ لڪائي ڇڏيو هئائين. هاڻي مون کي پوري طرح جهوريندڙ احساس ٿيو هو ته هاڻي منهنجي لاءِ اهو ممڪن ئي نه هو ته مان پنهنجو ڪنڌ ڪٽي. ليڪا جي اکين سان اکيون ملائي ڪيس ڏسان. مون کي ڪهڙي ڳالهه جيڪري شرم ٿي آيو؟ اهو مون نه ٿي ڄاتو پر مان شرمسار هئس. اهائي سوچ منهنجي روئنهارڪي دماغ ۾ پڻ آئي ته هاڻي اسان ٻنهي جا ڪردار بلڪل بدلجي چڪا هئا. هاڻي هوءَ منهنجو سهارو هئي ۽ جڏهن ته مان بيعزتو ٿيل ۽ پيرن ۾ لتاڙيل ماڻهو هئس. ائين ئي جيئن ڪي راتيون اڳ هوءَ منهنجي سامهون هئي ... ها! اها چار راتيون اڳ جي ڳالهه آهي ... ۽ اهڙو احساس منهنجي دل ۾ ان ئي ويلي ايريو هو جڏهن مان منهن پر صوفي تي ليٽجي پيو هئس.

الا! مون ته هن جي بيوسي واري جڳهه نه ٿي والاڙڻ چاهي.

تنهن ويلي مون نه ٿي سمجهي سگهيو. جيترو مان هاڻي سمجهي سگهان ٿو. تنهن هوندي به اڃوڪي ڏينهن مان فيصلو نه ٿو ڪري سگهان ۽ يقينن ان وقت به مان بلڪل سمجهڻ جي قابل ئي نه هئس ته چو مان ڪنهن به ماڻهو تي پنهنجي مرضي مڙهڻ ۽ ان تي حڪم هلائڻ سواءِ نه ٿي جي سگهيس. پر ... ڪنهن به شيءِ جي وضاحت ڪنهن به سبب گهڙڻ سان ڪرڻ ناممڪن آهي. تنهنڪري هينئر ڪوئي به سبب ڏيڻ اجايو آهي.

ٿوري دير ۾ ئي مون پنهنجو پاڻ تي سوپ ماڻي ورتي ۽ خوشي مان پنهنجو ڳاٽ اوچو ڪيو. مون کي اوير يا سوير ائين ڪرڻو هو. جيئن ڪرڻ جو مون هاڻي سوچي ورتو هو ... ۽ مان

اچوڪي ڏينهن ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ ائين ڪرڻ، ان ڪري ممڪن ٿيو هو جو ان هن تي نظر وجهڻ جي لاءِ شرمسار هئس، هڪ ٻيو احساس منهنجي دل ۾ جاڳيو ۽ ان احساس منهنجي اندر ۾ پنيٽ ٻاري ڇڏيو ... سو احساس هو ليزا جي مالڪي جو ۽ ڪيس پنهنجي ڪرڻ جو. منهنجيون اکيون پنهنجائپ ۾ چمڪي اٿيون ۽ مون ليزا جا هٿ زور سان پڪڙي ورتا. مون هن سان ٿورو اڳ ڪيئن هن سان نفرت ٿي ڪئي ۽ هاڻي ڪيئن پل پر ۾ هن سان پنهنجائپ جي ناتي سان ڳنڍجي ويو هئس! هڪ احساس ٻئي احساس جي سگهه کي ٻيٽو ڪري ٿي ڇڏيو. هيءُ احساس سچ مچ پنهنجي بيعزتي جي بدلي وٺڻ جي احساس جي برابر هو. ويندي ليز جي منهن تي خوف جي طاري هوندي ٻہ پهرئين نظر ۾ منهنجي لاءِ هيءَ خوشي جو احساس هو، جيتوڻيڪ اهو احساس فقط هڪ لمحي جي لاءِ ئي هو. ليزا مون کي پيار ۽ پنهنجائپ مان پنهنجو ڪري ورتو هو.

❑

وند ڏهون

مان منو ڪلاڪ گذرڻ کانپوءِ به بي صبريءَ سان ڪمري ۾ تيز تيز هلندو رهيس ۽ ٿوري ٿوري ويلي کان پوءِ مان پردي پويان اچي، وٽيءَ مان ليزا تي جهاتي ٿي پاتي. هوءَ آهلجي بستري تي پنهنجو ڪنڌ ڌاري، زمين تي ويٺل هئي ۽ يقينن ڳوڙها ڳاڙي رهي هئي. ليزا اتي ئي ويٺي رهي هئي ۽ هوءَ هلي نه ويئي هئي ۽ مون کي ان ڳالهه بي چين ڪري ڇڏيو هو. هاڻي هوءَ منهنجي باري ۾ سڀ سمجهي چڪي هئي. آخر مون هن جي بي عزتي ڪري وڌي، پر ... تنهن بي عزتي کي هتي بيان ڪرڻ اجايو آهي. هن کي احساس ٿيو ته منهنجي جذبات جو ائين قاتل ڪائنڊ، منهنجو هن کان پنهنجي بيعزتي ٿيڻ جو صرف پلاند وٺڻ هو. نئين سر ٿيل بيعزتي ۽ سا به پنهنجي پهرئين ٿيل بيعزتي کان به هٽ اڪٽي هئي، بي مقصد نفرت ۾ هاڻي منهنجي ذاتي نفرت شامل ٿي چڪي هئي، ائين ساڻ جو پيدا ٿيڻ ... جيتوڻيڪ مان اهو نه ٿو چئي سگهان ته هوءَ ڪيترو سولائيءَ سان مون کي سمجهي چڪي هئي؛ پر هوءِ سمجهي چڪي هئي ته مان هڪ بيڙو ماڻهو هئس ۽ سائس منهنجي پيار ڪرڻ جي اڻ هوند، هن جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ بري ڳالهه هئي.

مان ڄاڻان ٿو ته مون کي چيو ويندو ته تنهنجي هيءَ ساري ڪهاڻي سمجهڻ کان ٻاهر آهي ... پر مون جيان زهر اوگاڇيندڙ ۽ بيوقوف هڻڻ به سمجهه کان ٻاهر آهي؛ اها ڳالهه به چئجي ته مان عجيب ماڻهو هئس، تنهنڪري مون کي ليزا سان پيار نه ڪرڻ گهرجي ها يا ڪنهن به طرح هن جي پيار جي ساراه نه ڪرڻ

گهرجي ها. هيءَ ساري وارتا عجيب آهي؟ سڀ کان پهريون تہ مان تنهن ويلي پيار ڪرڻ جي قابل نہ هئس، مان دهرايان ٿو، مون سان پيار ڪرڻ جو مطلب هو. پرين تي پنهنجو حڪم هلائڻ ۽ ان مٿان پنهنجي اخلاقي برتري ڏيکارڻ. مان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ٻئي قسم جو پيار نہ ٿي ڪري سگهيس ۽ اڇڪلهہ اهو سمجهي چڪو آهيان تہ پيار سچ مچ پنهنجو اختيار ٿي رکيو ... پوري آزاديءَ سان، پرين جي طرفان پورو اختيار ڏنل ... مون کي ليزا جي مٿان پنهنجي آمريت، مڙهڻ جو اختيار مليو هو.

ويندي پنهنجي باغي خوابن ۾ بہ مان پيار جو تصور جدوجهد سواءِ نہ ٿو ڪري سگهان. مان سدائين پنهنجو پيار نفرت جي ڪيڏ سان شروع ڪندو هئس ۽ پنهنجي نفرت کي اخلاقي فتح سان پڄاڻي تي پهچائيندو هئس ۽ پوءِ ڪجهہ بہ نہ ڄاڻي سگهندو هئس تہ سوپ ماڻي حاصل ڪيل شيءِ جو ڇا ڪريان. ۽ ان ۾ حيران ڪندڙ ڳالهہ اها آهي تہ ائين مون پنهنجو پاڻ کي غيراخلاقي عمل جو مرتڪب ٿي ڪيو، جڏهن تہ "سچي پچي زندگي جي گهرجن" کان ڪوهين ڏور هئس. جيئن مون ليزا جي زندگيءَ تي ڇوهہ چنديا ۽ ڪيس شرمساري جي واڇوڙي ور چاڙهي ڇڏيو هو تہ جيئن هوءَ منهنجيون "سٹيون من گهڙت ڪهاڻيون" ٻڌڻ اچي؛ ۽ اهو بہ اندازو نہ لڳائي سگهيس تہ حقيقت ۾ هوءَ منهنجا خيال ٻڌڻ نہ ايندي، پر پيار ماڻڻ ڪارڻ پير پريندي، چاڪاڻ تہ ڪنهن بہ عورت جي لاءِ سندس بهتري، براين کان بچڻ، روحاني تسڪين، ۽ اخلاقي قدرن جو نئين سر جياپو پيار منجهہ پويل هوندو آهي ۽ پيار ۾ ئي ڪوئي ماڻهو، ماڻهپي جي بهتري، ذهني سڪون، اخلاقي قدر ماڻي سگهي ٿو.

جڏهن مان ڪمري ۾ لوهون پائي رهيو هئس ۽ پردي جي وٽي مان جهاتي پائي رهيو هئس، تڏهن بہ مون ليزا سان گهٽي نفرت نہ ٿي ڪئي. مان فقط هن جي هتي هئڻ جيڪري گهٽي

ذهني دہاءَ ۾ هئس. مون چاهيو ٿي تہ هوءَ هتان غائب ٿي وڃي. مون پنهنجي کول واري دنيا ۾ "امن" سان اڪيلي سر رهڻ چاهيو ٿي. حقيقي زندگي مون کي پنهنجي تازگي سان ايترو تہ تنگ ڪيو هو جو مان ساه نہ ٿي کڻي سگهيس.

ڪيترائي منٽ لنگهي ويا پر پوءِ بہ هوءَ سواءِ ڪنهن چر پر جي ويٺي رهي، ائين پئي لڳو جڻ هوءَ بيهوش ٿي چڪي هئي. مون کي پردي جي وٽي بند ڪرڻ ۾ بي حيائي لڳي، جيتوٽيڪ ائين ڪرڻ، ڪيس واپس وڃڻ جي يادگيري ڪرائڻ هو .... گهٽو پوءِ هوءَ اٿي بيٺي، ڪر ڀڳائين، پنهنجو رومال، پنهنجي هٽ، پنهنجو ڪوٽ هٽ ڪري، جڻ تہ هن مون کان پڄي وڃڻ ٿي چاهيو .... ان کان بہ منٽ پوءِ، هوءَ پردي جي پويان نڪري آئي ۽ مون تي ڳورين اکين سان نظر وڌائين. مون زهر پريو مسڪرايو، تنهن مسڪراهٽ کي روڪڻ منهنجي وس کان ٻاهر هو، تنهن هوندي بہ مون ڏيکاءُ رکيو ۽ هن جي اکين اڳيان ڏري ويس.

"موڪلاڻي ناهي،" هن در ڏانهن ويندي چيو.

مان ڊڪي هن ڏانهن وڌي ويس، سندس هٽ پڪڙيم، هٽ کي کولي ڪا شيءِ ان ۾ وجهي، سندس مٽ بند ڪري چڏيم. پوءِ مان واپس مڙيس ۽ ڪنڌ ڪٽي تڪڙو ڪمري ۾ ٻئي پاسي وڌي ويس تہ جيئن ڪجهہ بہ ٽئي پر ساڻس اکيون نہ ملائي سگهان ....

منهنجي دل ۾ هڪ لمحي لاءِ بہ نہ آيو تہ مان ڪوڙ ڳالهايان ... هتي اهو لکان تہ ليزا سان اهڙو ورتاءَ مون غير ارادي طور ڪيو هو، ان ورتاءَ ۾ منهنجي چريائي جو ڪو بہ هٽ نہ هو، ان وقت مون نہ ٿي ڄاتو تہ مان ڇا ڪري رهيو آهيان، مان پنهنجو ذهني توازن وڃائي ويٺو هئس. پر مان ڪوڙ ڳالهائڻ نہ ٿو چاهيان، تنهنڪري مان سڏو سنئون اهو ئي چوندس تہ مون

ليزا جو هٿ کولي، هن جي مٿ ۾ پيسا رکي چڏيا هئم ... مون پنهنجي اندر جي ڪروڌ سبب ائين ڪيو هو. مان اهو يقين سان چئي سگهان ٿو، ائين ڪرڻ جو خيال منهنجي ذهن ۾ تڏهن آيو هو، جڏهن مان ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن ٽهلي رهيو هئس ۽ هوءَ پردي جي پويان ويٺي ڳوڙها ڳاڙي رهي هئي: جيتوٽيڪ مون ڄاڻيندي ٻجهندي ڪيس مٿ ۾ پيسن پکڙائڻ وارو ظلم ڪيو هو، ائين ڪرڻ منهنجي دل مان اڻيل اڇل جي بنياد تي نہ پر منهنجي شيطاني ذهن جي پيداوار هو. هيءَ ورتاءُ اهڙو تہ اڻرائتو هو جو مون مڪمل طور پنهنجي ذهن جي پيداوار جو سهارو وٺندي ڪتاباڻي ڳالهہ تي عمل ڪري ڏيکاريو. پنهنجي ڳالهہ تي مان پاڻ هڪ منٽ بہ نہ ٿو بيهي سگهان، تنهن بنياد تي اهڙو ئي فيصلو ڪيو هئم ... پهريائين مان تڪڙيون وکون پري ڪمري مان نڪري ويو هئس تہ جيئن ساڻس اکيون نہ ملي سگهن ۽ پوءِ شرم ۽ نااميدي مان ليزا جي پويان ڪاهي پيس. مون گهر جي گيلري جو دروازو کوليو ۽ کيس سڏڻ شروع ڪيو.

"ليزا! ليزا!" هلڪي آواز سان ڏاڪن تي مون کيس پڪاريو. مان ڪنهن بہ طرح همت پريو نہ رهيو هئس.

مون کي ڪو بہ جواب نہ مليو، پر ڏاڪڻ تان لهندي، مون کي لڳو تہ مان هن جي پيرن جا آهٽ ٻڌي آهي.

"ليزا!" مون کيس وڌيڪ زور سان آواز ڏنو.

مون کي وري بہ ڪو جواب نہ مليو. پر تنهن ويلي ئي مون دروازي جي ٻاهرئين شيشي جي گسڪٽ ۽ دروازي جي زوردار چيڪٽ ۽ تاڪ جي ڪلڻ جو آواز ٻڌو؛ آواز جو پڙاڏو ڏاڪڻ مٿي مون کي ٻڌڻ ۾ آيو. هوءَ وڃي چڪي هئي. مان ڊڄندي پنهنجي ڪمري ۾ واپس هليو ويس. مون کي لڳو جڻ ڪا

چپ مون تي ڪري پئي آهي.

مان ميز پرسان ماڻ سان ٻيٺو رهيس، پر ۾ اها ئي ڪرسي پيل هئي، جنهن تي هوءَ منهنجي اڳيان بي مقصد ويٺي مون کي ڏسندي رهي هئي. هڪ منٽ گذري چڪو هو، اوچتو ئي منهنجو ذهن بانبڑا پائڻ لڳو؛ منهنجي پنهنجي اڳيان پيل ميز تي نظر پئي ... ٿورن لفظن ۾ چئجي تہ ان ئي ميز تي مون ٻيٽيل سيٽيل پنجن روپلن جو بلو نوٽ ڏٺو. هيءُ اهوئي نوٽ هو جو هڪ منٽ اڳ مون کيس مٽ ۾ پکڙايو هو. هيءُ اهو ئي ساڳيو نوٽ هو؛ هيءُ ٻيو نوٽ ٿي ئي نہ ٿو سگهي، فليٽ ۾ اسان سواءِ ٻيو ڪو هتي هيو ئي نہ. تنهنڪري ائين چئجي تہ ليزا پنهنجي مٽ مان نوٽ ڪڍي هتي ميز تي ڦٽو ڪرڻ ۾ ان وقت ڪامياب ٿي چڪي هئي، جڏهن مان ڪمري اندر ٻئي پاسي ڏانهن ڪسڪي ويو هئس.

ٺيڪ آهي، ليزا مان اهائي اميد هئي تہ هوءَ ائين ئي ڪندي. چا اهو ممڪن آهي ٿ مون اها اميد رکي هجي؟ نہ، مان تہ اهڙي انا جو ماريل هئس، جنهنڪري مون پاڻ سان سلهاڙيل ماڻهن جي عزت جو خيال ئي نہ ٿي ڪري سگهيس، مان ويندي اهو تصور ئي نہ ٿي ڪري سگهيس تہ ڪو هوءَ ائين ڪندي. مون کان ليزا جو اهڙو ورتاءُ برداشت نہ ٿيو. هڪ منٽ اندر ئي مان چرين جيان تيزي سان ڪپڑا پهريا، جيڪا شيءِ منهنجي سامهون ٿي آئي، تنهن کي کٽي ڪاوڙ مان ٿي اڇلايو ۽ ڪيس هٽ ڪرڻ لاءِ سندس پويان گهٽي ۾ ڊوڙ پري.

اڃا رات ويلا هئي ۽ گهٽي گهري برفباري جڙ سڏو آسمان مان هيٺ ڪرندي پوري گهٽي، پيادن جي رستي کي اڇي وهاڻي جيان ڍڪي رهي هئي. گهٽي ۾ ڪو بہ نظر نہ ٿي آيو، نہ ئي وري ڪو آواز ٻڌڻ ۾ ٿي آيو. گهٽيءَ جي بتين اداس ۽ بيڪار اجهاڻو ڏيک ٿي ڏنو. مان ڪي بہ سو گامون چوراهي ڏانهن

ڊوڙيس ۽ چوراهي کان اڳ ئي بيهجي ويس.

هوءَ ڪيڏانهن ويئي هوندي؟ ۽ مان هن جي پويان ڇو ڊڪي رهيو هئس؟

مون ڇو ٿي لوهون پاتيون؟ منهنجي اندر ۾ اٽ تڻ هئي ته هن جي پيرن ۾ ڪري پوان، پچتاءَ ۾ سڏڪا پريان، سندس پير چمان ته جيئن کانئس معافي وٺي سگهان! منهنجو پورو سينو پرزا پرزا ٿي رهيو هو ۽ نه، ڪڏهن ب نه ان ويلي کي مان ٻئي ڪنهن انداز سان ياد ڪري سگهان ٿو. پر ... ڇا جي لاءِ مون ائين ڪرڻ ٿي چاهيو؟ مون سوچيو هو ته ڇا مون کي هن سان نفرت نه ڪرڻ گهرجي، شايد! سياڻي ب نفرت نه ڪري سگهان، ضرف ان لاءِ ته مون هن جا پير چميا هئا؟ ڇا مان ڪيس خوشي ڏيئي سگهان ٿو؟ ڇا مون کي ان ڏينهن سوين ڀيرا ان ڳالهه جو احساس نه ٿيو هو ته منهنجو ملهه ڇا آهي؟ ڇا هن کي ائين تنگ نه ڪرڻ گهرجي ها؟

مان برف ۾ بيٺي، گهري اونداهي ۾ نظر وجهيو، اهو ئي سوچيندو رهيس.

"ليزا جي پويان وڃڻ بهتر نه ٿيندو؟" مان گهٽي گهرائيءَ مان سوچيو، "پوءِ گهر واپس وري آيس، مون پنهنجي دل ۾ سور جي ايرندڙ ٽاڪ کي، پنهنجي گهرن خوابن ۾ دفنائي ڇڏيو." ڇا اهو بهتر نه ٿيندو ته ليزا عمر ڀر پنهنجي بيعزتي جو سور سيني ۾ سانڍي، جيئندي مرندي رهي؟ سور ... ڇو سانڍي رکي؛ سور ته گناهن جو ڪفارو آهي؛ من جو سور ته تمام گهٽو ڏنگ هٽندڙ ڏک ڏيندڙ ڏاهپ آهي! بعد ۾ جي مان هن جو روح رنجايو هجي ها ۽ هنئين تي مگ ڏريا هجن ها، پوءِ هوءَ ساهه کٽڻ جي قابل نه هجي ها، جڏهن ته هينئر ڪيل بيعزتي جو احساس هن جي دل اندر ڪڏهن نه مرڻو آهي، ڪيترو ب توهين آميز ڇو نه هجي پر

ڪوئي جو گند هن جو انتظار ڪري رهيو آهي ... بي عزتي جو احساس هن جي اتساه کي جاڳائيندو رهندو ۽ هن جي من کي ڏوئي، کيس اڇو اجرو ڪندو ... هن جي پنهنجو پاڻ کان نفرت ڪرڻ ... هون! ... شايد! پاڻ کي معاف ڪرڻ پڻ هجي ... ڇا پاڻ کان نفرت ۽ معاف ڪرڻ جو ورتاءُ، هن جي زندگيءَ ۾ اپرندڙ رڪاوٽن کي آسان ڪري ڇڏيندو؟ ..."

حقيقت ۾، مان هتي پنهنجي انداز سان هڪ اجايو سوال پڇندس؛ ڇا بهتر آهي ... سستي خوشي يا پلي پيتا جا درد؟ اوهان ئي ٻڌايو، ٻنهي مان ڇا پلو آهي؟

پوءِ انهيءَ ڏينهن شام جو گهر ويڻي، سچ پچ پنهنجي دل ۾ سور سانڊي، مان مئل حالت ۾ خواب ڏسندو رهيس. ان کان اڳ مون ڪڏهن به اهڙو سور ۽ پچتاءُ نه سٹو هو، تنهن هوندي به منهنجي ان حال ۾ هڪ اجهاٽو شڪ ٿي سگهيو ٿي؛ جڏهن مان پنهنجي وٽاڻ مان نڪري زندگي ڏانهن ڊوڙندس ته اڏ رستي تان واپس وري ايندس؟ ليزا سان وري منهنجو ٻيهر ملڻ نه ٿيو ۽ نه ئي وري مون ان جي باري ۾ ڪجهه ٻڌو آهي. مان اهو پڻ چوندس ته مان ڏگهي عرصي تائين، ان چوٽي سان خوش رهيس ته پچتاءَ ۽ نفرت جا پنهنجا فائدا آهن، تنهن هوندي به مان بدنصيبي ڪري بيمار ٿي پيو هئس.

.....

ويندي هاڻي، سالن جي گڏڻ کانپوءِ به، ڪيترن ئي سالن جي گڏڻ کان پوءِ به هيءَ سموري ياد ڏنيندڙ آهي، پر اهو بهتر نه ٿيندو ته مان پنهنجي "يادن" جي پڇاڻي هتي ڪريان؟ شروع ۾ مون انهن يادن کي لکندي هڪ غلطي ڪئي آهي، ڪجهه به هجي مون کي پنهنجي پوري ڪهاڻي جي لکندي شرمساري محسوس ٿي آهي؛ تنهنڪري منهنجي ڪهاڻي مشڪل سان


ادب آهي ۽ ائين مون کي سڏي راھ تي وڃي اڇڻ واري سزا ٻہ آهي. ڇو ڏکھيون ڳالھيون ٻڌائجن تہ سورن ۾ ڳرندي مون پنھنجي زندگي ڪيئن برباد ڪئي. ھڪ ڪنڊ ۾ پئي، ڪڙھندي ۽ اخلاقي ڪردار جي سڙندي، نامناسب حالات جيڪري، حقيقي زندگي کان منھن موڙڻ جيڪري ۽ پنھنجي خول جي دنيا ۾ ڪاوڙ پريو رھندي، مون پنھنجو پاڻ کي بار بار گھٽيو آهي. يقينن منھنجي ھيءَ ڪھاڻي ڪا دلچسپ ڪھاڻي نہ ھوندي؛ ناول ۾ ھڪ مٽيادار ڪردار جي گھرج ھوندي آهي ۽ ھتي مٽيادار ڪردار جي ابتڙ منھنجا سڀ ئي اقدار سھيڑيا ويا آھن ۽ جا ڳالھ سڀ کان اھم آهي تہ منھنجي ھيءَ ڪٿا ھڪ برو اثر پيدا ڪري ٿي، اسان سڀ زندگي کان دٻل ۽ ڀڳل آھيون، اسان سڀ بيڪار آھيون، اسان مان ھر ھڪ ٿورو گھٽ يا وڌ ائين ئي زندگي گھاري ٿو. اسان زندگي کان ايترو پري آھيون، جو اسان کي سچي پچي زندگي کان ھڪدم ڪراھت ٿيو وڃي ٿي ۽ تنھنڪري اھو برداشت نہ ٿا ڪري سگھون تہ ڪوئي اسان کي زندگي جي يادگيري ڏياري. ان لاءِ تہ اسان جيئڻ واري زندگي کي ھڪ ھلندڙ جاکوڙ سمجھون ٿا، بلڪل پکھر وھرائيندڙ ڪم جيان ۽ اسان سڀ ان ڳالھ جا قائل آھيون تہ زندگي ڪتابن ۾ وڌيڪ سونھن پري آهي. ڇو اسان ڪڌھن ڪڌھن ھاجايو پريشان ۽ جذباتي ٿي ويندا آھيون؟ ڇو اسان چڙواڪ ھوندا آھيون ۽ ڪنھن ٻئي شيءِ جا ڳولھائو ھوندا آھيون؟ اسان اھو نہ ڄاڻيندا آھيون تہ اسان پاڻ ڪير آھيون؟ اھو اسان جي لاءِ انتھائي برو سؤ ٿي پوندو جي اسان کي اسان جي عبادتن جو جواب ڏنو وڃي. اڇو، ڪوشش ڪريو، ٿورو وڌيڪ آزادي سان جيئون، اسان کي دل کولي اھو ڪجھ ڪرڻ گھرجي جو اسان جون دليون جوڙي، اسان جي جيئڻ جا گس سنڌوءَ جيان ويڪرا ھجن، پابندين ۾ بدل ٻيڙين کي آزاد ڇوڙي ڇڏجي ... ھائو، مان اوھان کي

پروسو ڏياريان ٿو ... اسان وري ٻيهر پيار جي ٻنڌجڻ ۾ ٻڌجي ويندا سون. مون کي پتو آهي ته گهڻو ڪري اهو ئي ممڪن آهي ته اوهان منهنجي هن ڳالهه تي مون سان ناراض ٿي پوندا ۽ الزام ۽ تهمتون هڻندا. اوهان چوندا: تون پنهنجي ڳالهه ڪر ۽ پنهنجي خول ۾ گهاريل پنهنجين بدنصيبين جي ڳالهه ڪر ۽ اسان سڀني جي ذڪر ڪرڻ جي همت نه ڪر ... منهنجا سائين! مون کي معاف ڪجو. مان پنهنجو پاڻ کي ان "اسان سڀني" جي اٽاءَ سان ڪو سهارو نه ڏيئي رهيو آهيان. مون کي خاص ڪري جا ڳٻتي وڪوڙي وئي آهي، سا اها آهي ته مون پنهنجي زندگي ۾ هر شيءِ کي ان جي ان انتها تائين ڪٽي ويندو آهيان، جنهن جي اڌ تائين پهچڻ جو اوهان تصور ب نه ٿا ڪري سگهو ۽ ٻيو اهو ته اوهان پنهنجي بزدلي کي پلي سمجهه جو ڪلهو ڏنو آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي ڏوکو ڏيڻ ۾ آساني ماڻي اٿو. شايد! ان ڪري ئي منهنجي اندر اوهان کان وڌيڪ زندگي آهي. ان تي ٿوري گهري نظر وجهو! ڇو اسان ويندي اهو ب نه ٿا ڇاڻون ته هاڻي جيئري رهڻ مان ڪهڙو هڙ حاصل آهي؟ اهڙي زندگي ڇا آهي ۽ ان کي ڪهڙو نانءُ ڏنو وڃي؟ اسان کي ڪتابن سواءِ اڪيلو ڇڏيو وڃي ۽ اسان جلد ئي مونجهاري ۾ ڦاسي ويندا سون. اسان کي خبر ئي نه پوندي ته اسان کي ڇا ۾ ۽ ڪيئن شامل ٿجي، ڇا کي چنبڙي پئجي، ڇا سان نينهن جو ناتو لائجي ۽ ڇا سان حقارت ڪجي، ڇا جو احترام ڪجي ۽ ڇا سان نفرت ڪجي. مرد هوندي اسان جو استحصال ڪيو وڃي ٿو ... مرد هڪ سچو پچو انفرادي جسم ۽ رت آهي، مرد کان اسان شرمسار آهيون، اسان ان کي پنهنجي توهين ٿا سمجهون ۽ جاکوڙيون ٿا ۽ ڪو ستاءُ ستيون ٿا ته ڪو ناممڪن قسم جو رواجي ماڻهو ٻڌجي سگهون. اسان بي جان ڇاول ٻار آهيون ۽ نسلن کان پيدا ڪيا ويا آهيون، زندهه اباڻن سان نه ۽ اهوئي اسان جي لاءِ بهتر ۽ گهڻو بهتر

آهي. اسان ان جي لاءِ پنهنجي پسند تيار ڪريون پيا. جلد ئي اسان ڪنهن خيال مان ڇٽيا وينداسون. هاڻي گهڻو ٿيو؛ مان پنهنجي خول مان وڌيڪ لکڻ نه ٿو چاهيان."

[تنهن هوندي بہ هي اڻتون، پنهنجو پاڻ نفي ڪندڙ ماڻهو جون ڳالهيون هتي نہ ٿيون ڪٽن. هيءُ انهن ڳالهين ۾ گم ٿي جيئڻ کان پنهنجو پاڻ کي نہ ٿو روڪي سگهي پر اسان کي لڳي ٿو تہ اسان کي هتي بس ڪرڻ گهرجي]

❑



اصغر شهداد ڪوٽ جي ڳوٺ محمد چتل ۾، هن ڏرتي تي پير پاتو. سندس چواٽي ننڍپڻ ڪان ئي ادب سان سڌي ۽ اڻ سڌي طرح واڪيل رهيو. گل ڦل ۾ ڇپيو. اخبارن ۾ سندس مضمون پڻ ڇپيا. مهراڻ يونيورسٽي ۾ پڙهڻ دوران ڪي مهينا عبرت اخبار ۾ ترجميڪار طور به ڪم ڪيائين.

پوءِ جو ٽپي هنيائين تہ اسان کي وري نظر نہ آيو. پاڻ مڪينيڪل انجنيئر آهي. سندس ادب سان چاهه ايڏا به پيو پساه ڪٽي. اميد تہ ننڍ مان جاڳي، اسان کي پنهنجي ويچارن جي هنج ۾ لولين ڏيندو رهندو.

منگل سنگهه جي همٿاڻي

هن ڳڙ ڳوت واري ڌائري جي لکاري جهڙا ماڻهو نہ ڇڙو هن دنيا ۾ ٽي سگهن ٿا پر جي اسان پنهنجي حالات، جن اسان جي سماج کي جوڙيو آهي، تي نظر ڊوڙايون تہ پوءِ پوريءَ پروڙ ۽ پروسي سان اسان اهو چئي سگهون ٿا تہ اسان جي سماج ۾ اهڙا ماڻهو پنهنجو وجود رکن ٿا. مون جاکوڙي پنهنجي سماج جي ويجهي ماضيءَ مان هڪ اهڙي ماڻهو جي خيالن جي تاجي پيٽي کي اٽي اوهان اڳيان آندو آهي.

فيودور دوستوئيفسڪي

دوستوفسڪي جي هن ناول جو ڪردار پڙ پنهنجي ذات بابت ڳالهائي ٿو. مثال طور هو چوي ٿو: "منهنجا سائين! جي اوهان کان پڇجي تہ کو سڌريل ماڻهو سرهائي سان ڪهڙيون ڳالهيون ڪري سگهي ٿو؟

اوهان جو جواب هوندو. پنهنجون ئي. سو اوهان ٻُڌي ڇڏيو. مان اوهان اڳيان پنهنجون ئي ڳالهيون ڪندس." هو به وجودي مفڪرن جيان مروج خيالن ۽ ڏاهپ جي گسن کي ڏتڪاري ٿو: "ڏاهپ هڪ ڏڳهي ۽ من گهائيندڙ بيماري آهي. ماڻهو جي زندگي جي ڏهاڙي جي واهپي جي گهرجن جي پورائي لاءِ عام ڏاهپ ئي ڪافي آهي."

"هوند منهنجي ڏاهپ به اڄ جي سڃاڻ ۽ باعمل زندگي گهاريندڙ ماڻهن جي ڏاهپ جيتري هجي ها."

هن ناول بابت اسان جو اهو خيال رهيو آهي تہ جيڪڏهن انهي کي ڪنهن جي هٿ يا ڪمري جي ڪٻٽ ۾ ڏسو تہ انهي شخص بابت پنهنجي راءِ بهتر ڪيو. جيڪڏهن کو انهي ڪتاب کي پڙهي، ان تي ڳالهائي ٿو تہ ڪيس ڏيان سان ٻُڌو ڇاڪاڻ تہ هي ناول تاريخ جي اُنهن چند ڪِتابن مان آهي، جيڪي انسان جي شعور/لاشعور جي انهن اونداهن حصن کي گهرائي سان اظهاري ٿو. جِن حِصن ۾ جهانڪڻ ڪان اسان اڪثر ونڊون ويندا آهيون.

ساقي راجپوت

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.